ساليانو رسالو

1995 - 1996



رهاڻ

راجستان سنڌي آڪادمي، جئپور

رهاڻ

١٩٩٥ - ١٩٩٦ع

مکيہ سمپادڪ : نولراءِ ٻڇاڻي
سمپادڪ : موهن اُداسي
ڊاڪٽر واسديو ڪيسواڻي

راجستان سنڌي اَڪادمي، ڄئپور

राजस्थान सिन्धी अकादमी, जयपुर

साधारण सभा सदस्य जून 1994 से

راجستان سنڌي اڪادمي، جئپور

جنرل ڪاميٽي ميمبر جوُن 1994 کان



से पहली पंक्ति: सर्व श्री मोहन उदासी, हरीश वरियानी, ज्ञानचन्द सुखनानी, तुलसी मंगनानी (कोषाध्यक्ष), सुश्री पदमा हुकमानी, नवलराय बचानी (अध्यक्ष), डॉ. वासुदेव केसवानी (उपाध्यक्ष), सेवकराम सोनी, ओमप्रकाश, किशचन्द केसवानी।

से पीछे दूसरी पंक्ति: भगवान टिलवानी, भगवान अटलानी, डॉ. गोबिन्दराम सोनी, लक्ष्मण लालवानी, सुन्दर अगनानी, नानक कुन्दनानी, प्रभुदास पाहूजा, सतीश गोपलानी, परमानन्द लाडकानी, किशनचन्द सुखनानी।

ساڄي کان هيٺ: سرو شري موهن اُداسي، هريش رياڻي، گيانچند سکناڻي، تلسي منگناڻي (خزانچي
سُشري پدما حڪماڻي، نوَلراءِ بچاڻي (اڌيکش)، ڊاڪٽر واسديو ڪيسواڻي (اُپاڌيکش
شيوڪرام سوني، اوم پرڪاش، ڪشنچند ڪيسواڻي.

پٺيان ٻي لائين: ڀڳوان اٽلاڻي، ڀڳوان ٽلواڻي، گوبندرام سوني، لڇمڻ لعلواڻي، سندر اگناڻي
ناڪ ڪندناڻي، پربوداس پاهوجا، ستيش گوپالاڻي، پرمانند لاڙڪاڻي، ڪشنچند سکناڻي

رهاڻ

سرگرميون

اڪادميءَ جا عهديدار:

نولراءِ ٻچاڻي (چيئرمئن)

ڊاڪٽر واسديو ڪيسواڻي (وائيس چيئرمئن)

تلسيداس منگناڻي (خزانچي)

اين. ٻيلاڻي (سيڪريٽري)

ڪاروباري ڪاميٽيءَ جا ميمبر:

ڀڳوان ٽلواڻي، پرمانند لاڏڪاڻي، پريداس پهوجا، سندر اگناڻي، اوم پرڪاش ٻبلاڻي.

جنرل باڊيءَ جا ميمبر:

ڊپٽي سيڪريٽري تعليمي کاتو، ڊپٽي سيڪريٽري وت (مالي) کاتو، ڀڳوان اٽلاڻي، هريش ورياڻي، گيانچند سڪناڻي، لڪشمڻ لعلواڻي، شيوڪرام سوني، مهيشوري گوسوامي، ڊاڪٽر پدما جڪماڻي، ڪشنچند ڪيسواڻي، ڪشنچند سڪناڻي، ڊاڪٽر گوبند سوني، موهن اُداسي، ستيش گوپالاڻي، نانڪ ڪندناڻي، ديارام ميناڻي.

ٻه اکر — اسان پاران

هر سال وانگر راجستان سنڌِي اڪادمِي توهان پاڻ اڳيان سال ۹۷-۱۹۹۶ع جي ''رهاڻ'' پيش ڪري رهي آهي. سڄي هندستان ۾ اهڙِيءَ معيار وارِي ساليانِي مغزن هيءَ اڪادمِي ئِي پيش ڪندِي آهي، جنهنجو اِنتظار ليکڪ ۽ ساهتيڪار بي صبرِيءَ سان ڪندا رهندا آهن.

هڪ ته ''رهاڻ'' ۾ سڄي هندستان ته ڇا پر دنيا جي هرڪنهن سنڌِي ليکڪ جِي ڪويتا، ناٽڪ، ڪهاڻِي ۽ مضمون وغيره کي جاءِ ڏنِي ويندِي آهي ۽ اڪادمِيءَ جو سمپادڪ منڊل اُنهِيءَ سامگرِيءَ کي ڏاڍو گنڀيرتا سان ڇاڻيندو آهي، جيئن نوَن ۽ پراڻن اديبن کي جوڳِي جاءِ ملي. ٻيو ته هن ''رهاڻ'' ۾ اسانجي ڪيل سال ڀر جي سرگرمين جو احوال هوندو آهي ۽ ايندڙ ڪاريه ڪرمن ۽ يوجنائن جو به ذڪر ڪيل هوندو آهي، جنهنڪري اُنکي به ساهتيه ۾ دلچسپي رکندڙ پاٺڪ پڙهڻ ۽ پنهنجن ڪيترن ۾ اُنهن مان ڪٽڻ ۽ پرائڻ لاءِ اهڙِي ڳالهه ڳولهيندا آهن. اِنڪري به ڪيترين دلين سان اسانجي هيءَ پتريڪا ''رهاڻ'' ڪندِي آهي.

جيئن ته هن اڪادمِيءَ جو ڪم آهي سنڌِي ٻولِي، ساهتيه، ڪلا ۽ سنسڪرتِيءَ جو بچاءُ ۽ وڪاس ڪرڻ، اِنڪري ڪاريه ڪارڻِي ۽ ساڌارڻ سڀا جا ميمبر وقت به وقت ملِي ڪري چئنِي شاخن طرف ڏيان ڏيئِي بجيٽ جي ورهاست ڪندا آهيون، جيئن سينِي طرف پورو پورو وڪاس ۽ ترقِي ٿِي سگهي. پنهنجين سرگرمين جي ڪري راجستان جي ڳوٺن، وڏن شهرن ۽ سرڪارِي دفترن ۾ ته اڪادمِيءَ پنهنجو نالو روشن ڪيو آهي، پر ٿورِيءَ بجيٽ هوندي به هندستان ۽ ٻاهر رهندڙ سنڌين جي دلين تي سٺو اثر وهاريو آهي.

اسانجي ميمبر ساٿين سنڪلپ ڪيو آهي ته سنڌِي سنسڪرتِيءَ کي وڌيڪ ۾ وڌيڪ سنڌين جي دلين تائين پهچايون، جيئن اسان شرڻارٿين مان پرشارٿِي ۽ پرمارٿِي چوائي سينِي سماجن ۾ عزت سان ڏٺا ٿا وڃون ته اسان قديمِي ويدن ۽ سنڌو گهاٽي موئن جي دڙي جا وارث سنڌِي سنسڪرتِيءَ جِي به سينِي سماجن تي سٺِي ڇاپ ڇڏڻ لاءِ يتن ڪري رهيا آهيون.

جيڪڏهن اسانکي اڃا به سرڪارِي بجيٽ ملي ته اسان شلپ گرامن ۾ جهوپڙِي نهرائي، سنڌِي تهذيب جون شيون رکائي، دنيا ڀر جي پريٽڪن جو ڌيان ڇڪائي سگهون ٿا. ٻيو سنڌِي ٻولِي وغيره لاءِ شوڌ ڪرائڻ ۽ وديارٿين کي وڌيڪ پروتساهن رقم ڏيئِي سنڌِي ٻولِي، ساهتيه ۽ ڪلا کي وڌيڪ پيارو ڪرائي سگهون ٿا. اڪادمِي سينِي ليکڪن، پاٺڪن، راءِ ڏيندڙ ۽ هرڪنهن قسم جو سهيوگ ڏيندڙن جو سواگت ٿِي ڪري ۽ قدرشناسِي ٿِي ڪري.

— نولراءِ ٻچاڻِي

چيئرمن - راجستان سنڌِي اڪادمِي، جئپور.

صفح ١ کان— اسان پاران ٻه اکر

صفح ٢ کان— سرگرميون

(۴) ۲۴ سيپٽمبر کان ۳ آڪٽوبر ۱۹۹۵ع تائين سنڌي سانسڪرتڪ رٿ- ياترا پهريون دفعو سانسڪرتڪ جاڳرتا آڻڻ لاءِ اڪاڊميءَ ڪڍي. هڪ بس ۾ اڳيان شري جهوليلعل جو چِٽر ۽ اڪاڊميءَ جو پڙدو لڳايو ويو. پوچ پور (ڪيرالا) جا سنڌي شهنائي ۽ دهلاري پنج، ناٽڪ، سنگيت، نرتيہ ڊينڊز فنڪار، هارمونيم، ردم جا هوشيار ڪلاڪار، مووي، ڪئميرامئن، اڪاڊمي ميمبر، ڪرمچاري، ڊرائيور ۽ سهايڪ ڪل ۲۷ ڄڻن جو قافلو ڏهن ڏينهن تائين هليو.

امراپور آشرم جئپور مان روانا ٿي پالي، آبو روڊ، سميرپور، ناگور، بيڪانير، شري گنگانگر، هنومان ڳڙهہ، نوهر ۽ چروءَ ۾ ڪاريہ ڪرم ڏنو ويو. هرڪنهن پئنچات کي ويڊيو ڪئسيٽ موڪلي ويئي. سيني هنڌ اڪاڊميءَ ڪيسريا پٽيون پارائي، ڇيڄ هٽي جلوس ڪڍيو ويو. رات جو سانسڪرتڪ سنڌيا ۾ ميونسپل چيئرمن، وڌايڪ، منتري مهوديہ بہ آيا. پئنچات عهديدارن ۽ ڪاريہ ڪرتائن کي اڪاڊميءَ جا مومينٽا بہ ڏنا ويا.

(۵) اڪاڊميءَ پاران هڪ پراڻي سرڳواسي ليکڪ ۽ پترڪار جي وڌوا ۽ ٻن ڪمزور آمدنيءَ جي ليکڪن يعني ڪل ٽن ڄڻن کي پنج هزار روپين جي مالي مدد ڪئي ويئي.

(٦) ۱۹ نومبر کان ۲٦ نومبر ۱۹۹۵ع تائين پشڪر ۾ اِتهاسڪ سنڌي سنگيت، نرتيہ، ڀڳت جي ڪاريہ شالا ۾ ۳۰ شڪشارٿين حصو ورتو، جن ۾ اجمير، جئپور، جوڌپور ۽ اُديپور جا فنڪار تيار ٿيا. گهڻيون ڇوڪريون ۽ ماسترياڻيون هيون ۽ ڪجهہ نوجوان ڇوڪرا. سنگيت، نرتيہ، ڀڳت، سيني جون جدا جدا پاليون ۽ سيڪاريندڙ رهبر هئا. صبوح کان رات تائين ڀڄن، آرتي، سکيا، آڊيو، ويڊيو ڪئسيٽن ٻڌڻ، ڏسڻ ۽ وندر جو بہ اندر ئي بندوبست هو. پشڪر آشرمن ۽ برهما مندر جو بہ درشن ڪرايو ويو. آڊيو ڪئسيٽن جو پرڻ اندر ڪري، جنتا سمرپڻ ڪاريہ ڪرم پريم پرڪاش آشرم، دهلي گيٽ اجمير ۾ رکيو ويو ۽ ۵۰ ڪئسيٽون پرائي، اڪاڊمي ميمبرن، ڪن ڪلاڪارن ۽ رهبرن کي ڏنيون ويون. اڪاڊميءَ تہ سِمرتي نشانيون ڏنيون پر سوامي برهمانند مهراج بہ سيني نديشڪن، رهبرن ۽ شڪشارٿين کي مومينٽا ڏنا. اُنهن مان پرتيڀاشالي ڪلاڪارن جا نالا دوردرشن ۽ آڪاشوائيءَ ڏانهن موڪليا ويا، جيئن وڏن ڪلاڪارن جي جاءِ اهڙا نوان فنڪار پري سگهن. شڪشارٿي ۲۴ ئي ڪلاڪ اُتي ئي رهندا ۽ ڪائيندا هئا.

راجستان سنڌي اڪادميءَ طرفان اڏيڪش نولراءِ ٻڇاڻيءَ جي صدارت ۾ سيني ميمبرن، پوڄ سنڌي پئنچايتن ۽ پارٽيه سنڌو سڀا جي سهيوگ سان سال ۱۹۹۵ع کان ۱۹۹۶ع تائين ٿيل ڪاريه ڪرمن ۽ سرگرمين جو مختصر بيان

(۱) ۵ جون ۱۹۹۵ع کان ۱۵ جون ۱۹۹۵ع تائين ڏهن ڏينهن ۾ سنڌي سيکارڻ جي ڪاريه شالا امراپور آشرم، جئپور ۾ لڳائي ويئي، جنهن ۾ ۲۲۵ شڪشارٿين حصو ورتو. ۷۰ سيکڙو ڇوڪرين ۽ عورتون هيون. هيءَ ورڪشاپ انوٺي هئي. اڪادميءَ ان موقعي تي ان سرشتي سان پڙهائڻ وارا ۵ شڪشڪ تيار ڪرايا. امراپور دربار ۽ اڪادميءَ سمرتي چنهه، انعام ۽ سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ۽ سماپن سماروهه ڏينهن اُنهن داخلا ورتل شڪشارٿين نندو ناٽڪ ۽ سانسڪرتڪ ڪاريه ڪرم پڻ ڏنو، سنڌي پڙهڻ ۽ لکڻ جي لهر چالو ٿي.

(۲) ۹ جون کان ۱۲ جون ۱۹۹۵ع تائين ڪيرٿل ۾ ڇيڇ سيکارڻ جي ڏونڪن ڪانسواءِ ڏونڪا کٽي شهنائي ۽ رِدم جي تال تي اُتان جي بستين جي سهيوگ سان بهترين راجستان جي ستن حصن مان آيل پائرن کي ٽريننگ ڏني ويئي. ۱۲ جون سماپن ڏينهن ڀراڻو صاحب ڪدائي اڪادميءَ جون ڪيسريا پٽيون جٽئي وانگر سيني کي ڀرائي شهنائي ۽ سنڌي دهلارين جي تال تي نچندي ٽپندي جلوس ڪڍايو ويو. مووي ڪئسيٽ تيار ٿي مکيه مهمانن ۽ معزز مهمانن پنهنجا ويچار رکيا، اڪادميءَ پاران يادگيري نشانيون ٻه ڏنيون ويون.

(۳) ۱۴ آگسٽ ۱۹۹۵ع تي ڪوٽا ۾ ''سنڌي سمرتي ڏينهن'' ''ورهاڱي جو درد'' تي ڪوي سميلن رکيو ويو، جنهن ۾ راجستان جي ويهن ۽ پارت مان آيل چئن ڪوين ڀرو ورتو. ڏينهن جو صحت تي گوشٽي، تندرستيءَ جي چارٽن جو نمائُ، ورهاڱي تي گوشٽي رکي ويئي. رات جو ورهاڱي ۽ سنڌ جي مهما تي ڪويتا پاٺ ٿيو، هال پائرن ۽ پينرن سان ڪچاڪچ ڀريل رهيو. ان موقعي تي اُچ شڪشا منتري شري للت ڪشور چترويدي، ون وياگ منتري شري رگهوبرسنگهه ڪوشل، ايم. پي. دائوديال جوشي، معزز مهمان شري حڪماڻيءَ ويچار رکيا. اڏيڪش نولراءِ ٻڇاڻيءَ اڪادميءَ جون سرگرميون ٻڌايون. ڪاريه ڪرم جو سنچالن ۽ سنيوجڪ ناتي پرمانند لاڏڪاڻيءَ بندوبست ڪيو. سيني کي اڪادميءَ جا مومينٽا پيٽ ڪيا ويا.

شري ڪي. آر. ملڪاڻي وائيس چيئرمن دهلي سنڌي اڪادميءَ جي صدارت ۾ ٿي. هرڪنهن اڪادميءَ ۽ سنسٿائن جي بانيڪارن پنهنجيون پنهنجيون سرگرميون ۽ ڏقتون ٻڌايون ۽ ڪجهہ ٺهراءَ پاس ڪيا تہ ڀين هند جهڙوڪ اُتر پرديش، ڪلڪتہ، بئنگلور، مدراس ۽ حيدرآباد وغيرهہ هنڌن ۾ سنڌي اڪادميز کولرائجن. درسي ڪتابن، سنڌي سکڻ لاءِ ٻال پوٿ، ننڍا فولڊر- نئين ٿهيءَ لاءِ اِتهاس تي تيار ڪرائڻ، ويڊيو، آڊيو ڪئسيٽون تيار ڪرائڻ، ڪوآپريٽو سنڌي بئنڪون کولڻ، سستا گهر غريب پائرن کي ڏيارڻ، وڏين نياڻين کي اُٿارڻ لاءِ مدد ڏيڻ، مئريج بيورو کولڻ، پرتيڀاشالي سنڌي پائرن جو هر کيتر ۾ سنمان ڪرڻ، سمنويہ سمتي ٺاهي جدا جدا هنڌن تي وقت بہ وقت گڏجڻ وغيرهہ. هن بئنڪ ۾ راجستان سنڌي اڪادمي اڌيڪش نولراءِ ٻڇاڻيءَ بہ ويچار رکيا ۽ هڪ ڏينهن جي سانسڪرتڪ ڪاريہ ڪرم ۾ پڻ ڀهرو ورتو.

(١٣) سنڌيت لاءِ اڪادمين ۽ ٻين ڪلچرل سنسٿائن جو سهيوگ وشيہ تي دهليءَ ۾ سنڌي چمن ۽ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت پرچار سڀا جي سعيي هيٺ ''سنڌو پون'' ۾ ٢٨ ۽ ٢٩ مارچ ١٩٩٦ع چيٽي چنڊ پکواڙي ۾ ليکڪ سيمينار ۽ مشاعري جو آيوجن ڪيو ويو. هن بئنڪ جو مکيہ مهمان هو راجستان سنڌي اڪادمي چيئرمن نولراءِ ٻڇاڻي. ان موقعي تي دير رات تائين سينڌي کي دهلي درشن پڻ ڪرايو ويو.

(١٤) پائيہ پستڪ سنڌي اِسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ وقت سر ميسر ڪرايا وڃن، ان لاءِ چيئرمن جي صدارت ۾ پائيہ پستڪ منڊل جئپور، ماڌيمڪ شڪشا بورڊ اجمير جي چيئرمن ۽ اجمير يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر اڳيان ڏقتون رکيون ويون. اِسڪولن ۾ سنڌي چالو ڪرائڻ، اِسڪولن کي ڪِرمونت ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتيون ويون.

(١٥) سنڌي ڪاريہ ڪِرمن کي آڪاشواڻي ۽ دوردرشن تي وڌيڪ وقت ملي، نين پرتيڀائن کي بہ موقعو ڏنو وڃي. اڌڪارين سان، صدر سان گڏجي، سڇيو ۽ اڪادمي ميمبر مليا.

ساليانو جلسو

(١٦) آرتوار ٢١-١-٩٦ع شام جو ٣ ٻجي کان رويندر منچ جئپور ۾ ملهايو ويو. سڀ کان پهريائين ديپ، اُپ مکيہ منتري مانيہ شري هري شنڪر ڀاڀڙا

(۷) بني پارڪ جئپور ۾ سنڌي راتري پاٺشالا پارتيه سنڌو سڀا جي سهيوگ سان شري امرلعل ٽرسٽ پون ۾ مفت ڪمرو ۽ بجلي ڏيڻ تي سنڌو رتن شري ٺاڪرداس ٽنڊن مکيه مهمان هئا. اڪاڊمي چيئرمن شري نولراءِ بڇاڻيءَ تاريخ ۳۰-۱۱-۹۵ تي اُدگهاٽن ڪيو. سنڌو سڀا اڌيڪش وڪيل مولچند چندناڻيءَ سيني جو سواگت ڪيو. مهانگر منتري هيرالعل آهوجا ۽ ٻين عهديدارن سيني شاگردن کي واڌايون ڏنيون. ۳۵ وديارٿين ۾ وڪيل، ڊاڪٽر، نوڪريءَ ۽ ڌنڌي وارا هئا. ۳ مهنن پورن ٿيڻ تي شڪشارٿين کي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. پڙهائيندڙ اجمير جو جئپور مان بجلي بورڊ جو رٽائرڊ پاءُ هو.

(۸) راجستان جي ۱۳ سنڌي ليکڪن کي ڪتابن ڇپائڻ لاءِ مالي مدد — راجستان سنڌي اڪاڊميءَ ڪتابن ڇپائڻ لاءِ ۷۵ هزار **ايڏي وڏي** مالي مدد پهريون دفعو هرهڪ کي ڇهه ڇهه هزار روپيه جي حساب سان ڏني.

(۹) آدرش ڊگري ڪاليج جي ڇوڪرين ۽ گورنمينٽ ڪاليج اجمير جي بي. اي. جي ۽ راجڪيه ڪاليج اجمير جي ايم. اي. جي سنڌي وديارٿين ۾ ڏهه هزار چار سو روپيه روڪڙا اُتساهه وڌائڻ لاءِ ورهايا.

(۱۰) **پارهون وشوَ پستڪ ميلو** ۳ فبروريءَ کان ۱۱ فبروري ۱۹۹۶ع تائين پرگتي مئدان دهليءَ ۾ لڳو. راجستان سنڌي اڪاڊميءَ پهل ڪري ڪتابن جي وڪري جو اِستال لڳايو، جنهنکي هر پرڳٽي جي ليکڪن ۽ ساهتيڪارن ساراهيو ۽ لکت ۾ ۴۰ کان به مٿي پاٺڪن راءِ ڏني ته ساهت پڙهڻ لاءِ پاٺڪن ۾ جاڳرتا آڻڻ ۽ دلچسپي پئدا ڪرڻ لاءِ ڪتاب، چارٽ، آڊيو، ويڊيو ڪئسيٽن ۽ سنڌي سيکارڻ جا ڪتاب ميسر ڪرائڻ گهرجن.

(۱۱) **''ايڪويهين صديءَ ۾ سنڌي''** هن وشيه تي ۲، ۳ مارچ ۱۹۹۶ع تي هردوار ۾ اکل پارت سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت پرچار سڀا، اُلهاس نگر ليکڪ سيمينار رکايو، ۴۴ ليکڪ پارت ڀر مان حاضر ٿيا. ارجن ''حاسد'' جون سنڌي ادب ۽ ڪويتا ۾ جي شيوائون آهن، اُنهن تي به پيپر پڙهيا ويا. چيف گيسٽ راجستان سنڌي اڪاڊميءَ جو چيئرمن نولراءِ بڇاڻي هو. ڪاريه ڪرم جو سنچالن شري ٽيڪچند ''مست'' ڪيو.

دهليءَ ۾ سيني اڪاڊميز جي بئٺڪ

(۱۲) دهلي سنڌي اڪاڊميءَ جي نيند تي هندستان جي سيني اڪاڊميز ۽ ڪجهه مکيه سنڌي سنستائن جي سرڪردن جي بئٺڪ ۱۷، ۱۸ مارچ ۱۹۹۶ع تي

شري ڀانوُ ڪمار شاستريءَ چيو تہ اسانکي سنڌي ٻولي گھر ۽ ٻاهر ڳالهائڻ گھرجي. اِها اسانجي سڃاڻپ آهي. ڪجھہ سنڌي دوستن جو مثال ڏيندي ٻڌايائون تہ هو چوائڻ ۾ سنڌي ٿا اچن، پر گھر ۽ ٻاهر هنن جي ڪٽنب جو ڪو ڀاتي سنڌي نہ ڳالهائي سگھندو آهي. اهڙا سنڌي آئيندهہ پنهنجي ڄاڻ وڃائي وهندا.

شري گوبندرام حڪماڻيءَ چيو تہ اسانجي سنڌي ٻولي گھٽبي پيئي وڃي، اسانکي سڃاڳ ٿيڻ کپي. ان ڀاشا کي بچائڻ لاءِ اولھہ راجستان جي ٻاڙميڙ، جوڌپور، جيسلمير ۽ ڪڇ ۾ سنڌي اِسڪول ڪاليج کولائي. سرڪاري طرح سنڌيءَ کي مانيتا ڏياري، ان کيتر کي سنڌي روشن مينار وانگر پکڙيل سنڌي سماج کي پريرڻا جو مرڪز بنائڻ گھرجي. ٻوليوار پرانت سنڌين کي بچائي سگھندو. هن ڪاريہ ڪرم جو سنچالن پارشد ۽ اڪادمي وائيس چيئرمن شري ڊاڪٽر واسديو ڪيسواڻيءَ ڪيو.

پرسڪارن، اواردن ڏيڻ، مکيہ ۽ معزز مهمانن جي ويچارن رکڻ بعد ٻن ڪلاڪن تائين سانسڪرتڪ رنگارنگي ڪاريہ ڪرم ڏنو ويو، جنهن ۾ سنيوجڪ هو شري شيوڪرام، ڪاريہ ڪرم جو سنچالن ڪيو شري مرچومل سونيءَ. مکيہ هدايتڪار هئا موهن ''ساگر''، نٽنراج سوني. ايڪل نرتيہ جئپور جي ۵ سالن جي ٻالڪا رکيو. شريمتي نينا ملتاني، شريمتي سُڌا چيناڻي، ڪماري پنڪي، اُديپور جي ٻالڪا شلپا ڀاهوجا، اجمير جي ڪماري چندرا ايسراڻيءَ ايڪل نرتيہ ڏيکاريا. شريمتي گايتري، شريمتي مايا، ڪماري گيتا چيلاڻي، جئپور ايڪل گيت ۽ ڪلام ڳايا. اجمير جي ڪماري ڪوشليا ڪندناڻي، ديوي ورياڻي، ديوکي بچاڻي، پنڪي، درڳا، هيما، نيها ساگر گيت، ڪلام، ڀڄن، غزلون، ساموهڪ لاڏا، نرتيہ، لوليون ڳايون. جوڌپور جي ٻال سنگيتڪار ايڪل ڪلام هريش سونيءَ ٻڌائي، سڀني کي جھومايو. هدايتڪار موهن ''ساگر'' شاستريہ گيت، جئپور جي نٽنراج اونچي آلاپ ۾ ڪلام ڳائي سنڌ جون سِڪون لاٿيون. شري شيوڪرام ۽ مرچومل جي مشهور جوڙيءَ بہ سڀني کي وندرايو. ردم تي هو اجمير جو اشوڪ.

آخر ۾ سڀني ڪلاڪارن گڏجي درشڪن کي بيهاري پلئہ پارائي، پوچ جھوليلعل، امرلعل جا نارا لڳائي آنند وٺايو. اڪادمي چيئرمن شري نولراءِ بچاڻيءَ سڀني ڪلاڪارن ۽ درشڪن کي ڌنيواد ڏني.

جلائيندي، پوج جهوليلعل ۽ شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي مورتين تي مالهائون چاڙهي ڪاريه ڪرم جو اُدگهاٽن ڪيو. ڪالاڻيءَ کي شرڌانجلي ڏني ويئي.

ضلع، پرانت ۽ راشٽريه ۽ انتر راشٽريه چٽاپيٽين ۾ ڪيترا روڪڙا، سونا ۽ چانديءَ جا ٻلا اِنعام کٽندڙ، رنگين ۽ سفيد چٽرن جي ڇاپاڪار شري جي. آر. آسناڻيءَ جي چٽر نمائش جو مانئيه اُپ مکيه منتريءَ ڦيٿو ڪاٽي اُدگهاٽن ڪيو.

منچ تي براجمان مانئيه شري هري شنڪر ڀاڀڙا، سوايت شاسن منتري شري ڀنورلعل شرما، شري ڀانوُ ڪمار شاستري (اڌيڪش راجسٿان کاڌي ۽ گرام اُديوگ بورڊ)، شري گوبندرام حڪماڻي (اڳيون اڌيڪش راجسٿان آواس بورڊ)، سنگهه پرچارڪ، سنڌو رتن شري ناڪرداس ٽنڊن جن، هرهڪ جو اڪاڊمي اڌيڪش شري نولراءِ ٻڇاڻيءَ مالها ۽ پکر پارائي ۽ اڪاڊميءَ پاران موئن جي دڙي، سنت جو سِمرتي چنهه (نشاني) ڀيٽ ڪري سنمان ڪيو.

ساليانى جلسي ۾ سامي پرسڪار، ۱۱ هزار، سنمان پتر، پکر، اڪاڊمي مومينٽو مائيناز ساهتيڪار شري هري همٿاڻيءَ کي اُپ مکيه منتريءَ جي هٿان ڀيٽ ڪرايو ويو. ڪنور پرسڪار ۾ ۵ هزار، پکر، سنمان پتر مشهور منڙي گائڪا شريمتي ڪلان هزاريءَ کي شري ڀانوُ ڪمار شاستريءَ جي هٿان ڏياريو ويو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ پرسڪار ۾ پنج هزار، پکر، سنمان پتر، مومينٽو مشهور ڪلاڪار ۽ ناٽڪ ڪار شري ڀڳوان ٽلواڻيءَ کي شري گوبندرام حڪماڻيءَ جي هٿان ڏياريو ويو. ۹۵-۱۹۹۴ع ۾ ايم. اي. فائينل سنڌيءَ ۾ پهرئين نمبر ۾ آيل ڪماري گنگا ڀرياڻيءَ کي اڍائي هزار روپيه پرسڪار، پکر ۽ مومينٽو، اڪاڊمي اڌيڪش شري نولراءِ ٻڇاڻيءَ ڏنو. ان موقعي تي شري ساڌ موتيرام پرسناڻيءَ ”سائل“ پنهنجن ڪلامن، گيتن، غزلن جي ڪتاب ”گل ڪڙيا گلاب جا“ جو ووچن شري هري همٿاڻيءَ جي هٿان ڪرائي، ڪتاب جون ڪاپيون وراهيون.

ان موقعي تي شري هري شنڪر ڀاڀڙا سنڌي سماج جي پرشارٿ ۽ پرمارٿ جي ساراهه ڪندي ايندڙ ٽهيءَ کي آگاهه ڪيو ته سنڌ سان لڳاءُ رکو، اُنجي دل ۾ ياد سنجوئي رکو. جيئن ويتنام، ڪوريا، جرمن ملي هڪ ٿي ويا، اِزرائيلي پنهنجي ديش ۾ وڃي ٽانئيڪا ٿيا، تيئن سنڌ جون حالتون پڪاري رهيون آهن.

شري ڀنورلعل شرما چيو ته ويدن ۾ سنڌو نديءَ جو بيان، موئن جو دڙو ۽ سنڌ جو اِتهاس مايه ناز آهي. سنڌي سماج جا ماڻهو دنيا ڀر ۾ هن ڏس ۾ سٺي ڇاپ ٻڌائي ويٺا آهن. ڀارت جي سيني سماجين کي پريرنا ڏني ويئي آهي. توهان سٺو آدرش کڙو ڪيو آهي.

کي ڪجھ مالي مدد ڪئي ويئي. مکيہ مهمان سانسد شري گرڌاري لعل پارگو، وِڌايڪ شريمتي اُجالا اروڙا، معزز مهمان شري گوبندرام حڪماڻي هئا. اڪادمي اڌيڪش شري نولراءِ ٻڇاڻيءَ ان موقعي تي ايندڙ ڪاريہ ڪرمن جي جانڪاري ڏني. ناٽڪ سماروھ آيوجن جو سنيوجڪ شري سندر اگناڻي هو.

(٢٠) اکل ڀارتييہ سنڌي ڪوي سميلن، اُديپور- جلا وطنيءَ جي ياد تازي رکڻ لاءِ ''سنڌي سِمرتي ڏينهن'' ملهائڻ لاءِ ١٤ آگسٽ ١٩٩٦ع تي اُديپور ۾ ڏينهن جو گوشٽي رکي ويئي. رات جو سڪاڙيا هال ۾ راجستان جي ٢١ ۽ ٻين پرانتن جي چئن ڪوين سنڌ جي مهما ۽ ورهاڱي تي ڪويتائون ٻڌايون. مکيہ مهمان تعليم منتري شري گلابچند ڪٽاريا هو. سيني ڪوين، مکيہ مهمانن ۽ ڀارتييہ سنڌو سڀا جي عهديدارن ۽ سنيوجڪ شري پريوداس پاهوجا کي سنڌ جو نقشو اڪادمي سِمرتي چنھ ڀيٽ ڪيو ويو.

(٢١) شکشڪ سنمان، ليکڪ سيمينار ۽ سانسڪرتڪ ڪاريہ ڪرم بياور ۾- ٨ آڪٽوبر ١٩٩٦ع تي بياور جو اِتهاسڪ ڪاريہ ڪرم ٿيو. راجستان جي ٢١ ۽ ٻين پرانتن جي ٩ ليکڪن سرگواسي ڊاڪٽر يوُ. ٽي. ٺڪر جي ويچارن ۾ سنڌيت جي سچاٽپ قائم دائم رکڻ ۽ ٻيو پيپر ''ايڪويهين صديءَ ۾ سنڌيت'' تي گوشٽي، اوڪ ڊوڪ ٿي. ان موقعي تي ١٣ شکشڪن کي سنمانت ڪيو ويو. رات جو ٩ ٻجي کان ٢ ٻجي تائين زوردار سانسڪرتڪ ڪاريہ ڪرم ٿيو. اڪادميءَ جا سِمرتي چنھ ۽ ميڊل ليکڪن، شکشڪن، سانسڪرتڪ ڪاريہ ڪرم جي رهبرن، ڀارتييہ سنڌو سڀا جي عهديدارن، مکيہ اتٿي سوامي برهمانند جي شاستري، سنيوجڪ شري ارجنداس باباڻيءَ کي اڪادمي چيئرمن ٻڇاڻيءَ ڏيارايا. ڦوٽا، آڊيو ۽ ويڊيو ڪئسيٽ تيار ڪرائي ڏنيون.

(٢٢) سنڌي سانسڪرتڪ هفتو ياترا - اڳئين سال وانگر هن سال اڪادميءَ پاران ١٥ نومبر کان ٢١ نومبر ١٩٩٦ع تائين سانسڪرتڪ ياترا جو آيوجن ڪيو ويو. بس ۾ ڪيرتل جا شهنائي، دهلاري، جوڌپور ۽ اجمير جا نرتيہ - سنگيت - ناٽڪ ڪلاڪار، ڦوٽو ۽ مووي ڪلاڪار گڏ وٺي، ١٥ نومبر صبوح جو امراپور آشرم مان سوامي راجورام مهاراج کان آشيرواد وٺي، اجمير ۾ پاربرهم مندر جو پرساد آشيرواد وٺي، رات جو رائپور، ١٦ نومبر جوڌپور، ١٧ نومبر ٻاڙميڙ، ١٨ نومبر بالوترا، ١٩ نومبر جالور، ٢٠ نومبر مارواڙ، ٢١ نومبر جئپور سماپن ڪيو ويو. سيني

راجستان سنڌي اڪادميءَ وديارٿين ۾ پروتساهن روڪڙ ورهائي

(١٧) چيتي چند پڪواڙي ملهائيندي سنڌو ستڪار سمتي اجمير، آرتوار ٢٤ مارچ ١٩٩٦ع تي گورنمينٽ ڪاليج سپاگار ۾ سنڌي سانسڪرتڪ سنڌيا جي ڪاريه ڪرم ۾ ايڪل، دويه نرتيه، لگهو ناٽڪ، ڪلام، ڀڄن پيش ڪري حاضرينن کي وندرايو.

صدارت اڪادمي چيئرمن شري نولراءِ ٻڇاڻيءَ ڪئي. گورنمينٽ ڪاليج جي بي. اي. ٽئين سال، ايم. اي. پهرئين ۽ ٻئي سال جي ٢٧ شاگردن ۽ آدرش ڏگري گرلس ڪاليج جي بي. اي. جي آخري سال جي ٢٥ ڇوڪرين کي ٻه ٻه سوَ روپيه ڏيندي ڪل ڏهه هزار چار سوَ روپيه پروتساهن رقم ورهائي.

ٻڇاڻيءَ اڪادميءَ جون سرگرميون ۽ ڀاوي يوجنائون ٻڌائيندي اعلان ڪيو ته ايندڙ سال —

بي. اي. ۾ سنڌي وشيه پهرئين سال ۾ وڌ ۾ وڌ مارڪن کي -/١٠٠١ روپيه
بي. اي. ٻئي سال ۾ وڌ ۾ وڌ مارڪون ڪڍندڙ وديارٿيءَ کي -/١٥٠١ روپيه
بي. اي. ٽئين سال ۾ وڌ ۾ وڌ مارڪون ڪڍندڙ وديارٿيءَ کي -/٢٠٠١ روپيه
ايم. اي. پهرئين سال ۾ سنڌيءَ ۾ وڌ ۾ وڌ مارڪون ڪڍندڙ کي -/٢٠٠١ روپيه
ايم. اي. فائينل ۾ سنڌيءَ ۾ وڌ ۾ وڌ مارڪون ڪڍندڙ کي -/٢٥٠١ روپيه
گڏوگڏ شال ۽ اڪادمي سمرتي چنهه ساليانيءَ جلسي جي موقعي تي ڏنا ويندا.

(١٨) ڏهن ڏينهن ۾ سنڌي سکڻ جي ڪاريه شالا — ٻارن جي دلچسپي

ڏسي هن دفعي ٢٥ جون کان ٢ جولاءِ ١٩٩٦ع تائين آبو روڊ ۾ سنڌي سيکارڻ جي ورڪشاپ لڳائي ويئي، جنهن ۾ آبو روڊ جي ٤٠ وديارٿين ۽ پين ضلعن جي ٣٠ شڪشارٿين ۽ ڇهن شڪشڪن ان سرشتي سان سکيا ورتي. وديارٿين کي ڪتاب، ڪاپيون، پينون، سرٽيفڪيٽ مفت ڏنا ويا. آخر ۾ شري شيوڪرام سونيءَ اُنهن ئي وديارٿين کي تيار ڪيو، جن سانسڪرتڪ ڪاريه ڪرم ۾ نرتيه، لاڏا، لوليون، ڪلام ۽ ننڍو ناٽڪ ڏيئي سيني جو منورنجن ڪيو. اڌيڪش نولراءِ ٻڇاڻيءَ اڪادميءَ جون سرگرميون ٻڌايون ۽ مکيه مهمانن ۽ پوچ پئنچات جي عهديدارن کي سمرتي چنهه ڏنا ڦوٽا ۽ ويڊيو ڪئسيٽ اِن ڪاريه ڪرم جي تيار ٿيل موڪلي.

(١٩) جئپور ۾ ناٽڪ سمارُوهه — ٢٤ ۽ ٢٥ جون ١٩٩٦ع تي روينڊر منچ جئپور ۾ ٻن ڏينهن جي ناٽڪن جو آيوجن ڪيو ويو. جئپور جي پنجن سنسٿائن

جوڌپور مان سنڌي پڙهائڻ جي جانڪاري ملي

(٢٦) ٢٦ ميءِ ١٩٩٥ع تي جوڌپور ۾ سنڌي يوٿ اِنٽرنئشنل پاران **ماڊرن اِسڪول جوڌپور ۾ هلندڙ سنڌي سيکارڻ جي پاٺشالا ۾ اڪاڊمي چيئرمن شري نولراءِ بچاڻيءَ جو سواڳت** سنستا سچيو شري راڌاڪرشن مولچنداڻيءَ ۽ پڙهائيندڙ ماستر صاحب جو سنمان مالها پارائي شري پرمانند جانواڻيءَ ڪيو. ڪاريه ڪرم جو سنچالن شري اشوڪ مولچنداڻيءَ ڪيو. بچاڻيءَ اپيل ڪئي ته ٽي. وي. وغيره جي ڪُپرچار کان ٻارن کي پري رکي، هنن ڏينهن ۾ سماج جي پائرن کي سنڌي سيکارڻ گهرجي.

(٢٧) پاٺيه پستڪ سنڌي اِسڪولن، ڪاليجن ۾ وقت سر پهچائڻ لاءِ پرياري پاٺيه پستڪ منڊل، ماڌيمڪ شڪشا بورڊ جي چيئرمن ۽ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر سان ۽ اِسڪولن جي پون، ماسترن جي مقررين، اِسڪولن کي وڌائڻ ۽ ٻين ننڍين وڏين تڪليفن کي دور ڪرائڻ لاءِ چيئرمن جي صدارت ۾ اڌڪارين سان شِشت منڊل ملندو رهيو.

(٢٨) سنڌي ڪاريه ڪرمن کي آڪاشواڻيءَ ۽ دوردرشن تي وڌيڪ وقت ملي، ان لاءِ به اُنهن جي بانيڪارن سان اڪاڊمي چيئرمن جي صدارت ۾ سچيو ۽ ميمبرن جو ملڻ ٿيو آهي.

(٢٩) لڪپڙهه ڪري سرڪاري ماڌيمڪ اِسڪول، اشوڪ نگر بياور ۾ درجي ڇهين ۾ ٽين ڀاشا سنڌي وشيه پڙهائڻ چالو ڪرائي وئي آهي. اُميد ته ايندڙ سال کان وديارٿي ٦، ٧ ۽ ٨ درجي ۾ وڏندا.

بچاڻي ۽ بيلاڻي دوردرشن تي

(٣٠) راجستان سنڌي اڪاڊمي اڌيڪش- شري نولراءِ بچاڻي ۽ سچيو- اين. بيلاڻيءَ جي ڀيٽ جو سنڌي اڪاڊميءَ جي اُديشن ۽ سرگرمين جي ڄاڻ آگسٽ ١٩٩٦ع تي شام جو ٣٠-٥ بجي سنڌي سترنگي ڪاريه ڪرم ۾ پرسارت ٿي.

(٣١) سنڌو سنسڪرتي پرسار سنستا کي ٣ هزار روپيه پستڪ ميلي ۾ ڏنا ويا. راجستان سنڌي اڪاڊميءَ جو اهو پستڪ ميلو امراپور آشرم جئپور ۾ ١١ آڪٽوبر ١٩٩٦ع کان ١٣ آڪٽوبر ١٩٩٦ع تائين لڳايو ويو.

(٣٢) جئپور جي جيوتي ڪلا سنستا کي ناٽڪ منچن لاءِ راجستان سنڌي اڪاڊميءَ پاران مالي مدد ڪئي وئي.

هند اڪادميءَ جون ڪيسريا پٽيون پائي اڏيڪش نولراءِ ٻڇاڻيءَ ڇيچ ۾ جوانن ۽ بزرگن جو سهيوگ ڏنو. اڪادميءَ جون سرگرميون ٻڌايون. پوچ سنڌي پئنچاتين ۽ پارتيہ سنڌو سيا جي بانيڪارن، معزز مهمانن کي اڪادميءَ سِمرتي چنهہ، ميڊل ۽ سنڌو دوت نالي خبرنامو ڏنو. ويڊيو ڪئسيٽ هرڪنهن شهر جي تيار ڪرائي ۽ ڦوٽا پڻ موڪليا ويا. سيني پائرن چيو تہ خالص سنڌي ڪاريہ ڪرم ڏسڻ جو پهريون دفعو اهڙو موقعو مليو آهي ۽ واقع سنڌين ۾ اهڙن ڪاريہ ڪرمن سان سانسڪرتڪ جاڳرتا ايندي. پائرن دل کولي مهمان نوازي ڪئي. سانسڪرتڪ ڪاريہ ڪرم جا سنيوجڪ شري شيوڪرام ۽ مرچومل سوني هئا.

(٢٣) سنڌي وديارٿين جو گهٽ سيڪڙو مارڪون ڪٽڻ تي داخلا بابت – سرڪاري ڪاليج اجمير ۾ سنڌي وديارٿين کي گهٽ مارڪن ڪٽڻ تي داخلا کان محروم رهڻو ٿي پيو. وقت سر خبر ملڻ تي راجستان سنڌي اڪادمي چيئرمن شري نولراءِ ٻڇاڻيءَ شڪشا منتريءَ کي لکيو – الپ ڀاشائيءَ ناتي ڪافي سنڌي وديارٿين کي داخلا ملي.

(٢٤) جئپور ۾ سنڌي شڪشڪن جو سنمان – راجستان سنڌي شڪشڪ سنگهہ پاران ڇهن اڌياپڪن جو جهوليلعل مندر ڌرمشالا، آدرش نگر جئپور ۾ آرتوار ١٠ سيپٽمبر ١٩٩٥ع تي سنمان ڪيو ويو. مکيہ مهمان هئا شري ايم. ڊي. ڪوراڻي، خاص مهمان شري سليمان – ضلع شڪشا اڌڪاري ۽ معزز مهمان هوندي اڪادمي چيئرمن شري نولراءِ ٻڇاڻيءَ چيو تہ اهڙين سرڪاري ۽ غير سرڪاري سنستائن کي سنڌي ٻولي، ساهتيہ ۽ سنسڪرتيءَ لاءِ ڪاريہ ڪرم ڪري نئين ٿهيءَ جو مارگ درشن ڪري سنڌيت لاءِ فخر پئدا ڪرڻ گهرجي.

(٢٥) آر. اي. ايس. اِمتحان ۾ سنڌي سبجيڪٽ ڪٽي سگهبو – راجستان سنڌي اڪادميءَ جي لڳاتار ڪوشش سان راجستان لوڪ سيوا آيوگ (اجمير)، آر. اي. ايس. اِمتحان لاءِ مقرر ڪيل ١٩٩٦ع جي ڪورس واري ڪتاب ۾ سنڌي سبجيڪٽ کي پڻ جڳهہ ڏني آهي.

هاڻي سنڌي وديارٿي آر. اي. ايس. اِمتحان ۾ سنڌي وشيہ جا ٻہ پيپر ڪٽي سگهندا.

ڪورس لاءِ ڇپيل پاتيہ پستڪ ٻارهن روپين ۾ اجمير ۽ جئپور جي هرهڪ بوڪ سيلر وٽان ملي سگهندو. وڌيڪ ڄاڻ شري تلسي منگهناڻي، پلاٽ نمبر ١٠، ڪي. ڪي. ڪالوني، ملوسر روڊ، اجمير وٽان حاصل ڪري سگهو ٿا.

رہاط

غزل، نظم
گوتا

(۳۳) سنڌي سيکارڻ لاءِ راتري پاٺشالا سنڌو سنسڪرتي پرسار سنستا مانسروور جئپور ۽ پنت پبلڪ اِسڪول مانسروور جئپور کي مالي سهيوگ ۽ مفت ڪتاب وغيره ڏنا ويا.

(۳۴) هنديِ ڀاشائي پريچيہ گزيٽ ۾ اڪادمي – هنديِ نديشاليہ، جئپور مان هندي ڀاشائي پريچيہ پتريڪا ۾ ٻين اڪادمين جي سرگرمين سان گڏوگڏ راجستان سنڌي اڪادميءَ جي سرگرمين جو ڀريون دفعو اينرو وڏو بيان ۸ صفحن ۾ سنہ ۱۹۷۹ع کان ۱۹۹۵ع تائين ڏنو ويو آهي.

سيٽنگ: **آلفا ڪمپيوٽرس،**
آمر پارٽ پريس،
سنڌي گلي، هاٿي ڀاٽا،
اجمير - ۳۰۵۰۰۱.

غزل

ـ آمل آهوُجا ''رحمي''
۱۷-ايل، جهوُلي لعل سوسائٽي،
نيوُ دهلي-۱۱۰۰۳۴.



لکڻيون وکڻي پيٽ پريان ٿو،
خود کي آء اديب سڏيان ٿو!
هِن جو هُن جو سارو لکيل،
نالي پنهنجي هيٺ ڇپيان ٿو!
اديب جو فن سکڻ ڏکيو آ،
تڏهن تہ قيمت ڏيئي چڙيان ٿو!
بابو ٻُڌوُ پل چونہ هجان مان،
ناٽي-بل ڪاميٽين تي اچان ٿو!
ڊگريون ڏوُڙ ۾ ٻُڪ اَدائي،
ڪئن بہ تن کي وس ۾ ڪريان ٿو!
ڇا سچ سان ڪنهن حاصل ڪيو آ،
ڪوُڙ جي هرهنڌ فتح ڏسان ٿو!
نَڪ چَپ هاٽي چڙيم ڪَپائي،
بي حيائيءَ جو ناچ نچان ٿو!
آهہ موهہ کي هڙپڻ جو هٿ،
جڳ جا ريتي حق، مان ميڙيان ٿو!
ڏس تہ رحمِي! سياسِي سگهہ سان،
سينو پنهنجو ڇتيهہ اِنچ ڪريان ٿو!

(مرڪزي ساهت اَڪادمِي، سنڌِي اَڪادمِي دهلِي ۾
سنڌِي چمن جي گڏيل پروگرام مشاعري ۾
تاريخ ۱۸ فيبروري ۱۹۹۶ تي پڙهيل)

غزل


- سچل جئسنگهاڻي
دڪان نمبر ۲۳۳ب، مين بزار، اُلهاس نگر-۴۲۱۰۰۲.

۱. پنهنجي غلطين جا لهڻو ناهي!
ڪيئن تو چوين ڏنڊ ڏيڻو ناهي!
۲. اڄا ٻه پيو گهرجيئي ته چئه،
جا هي وقت جو مهڻو ناهي!
۳. ڪُوڙ سان جڙيل آهي سينگار سارو،
جا سچ پچ ''سچ'' ڳهڻو ناهي!
۴. سوچو جا پيا هلندا هلو سڀ،
وقت جي وَهه ۾ جا وَهڻو ناهي!
۵. ڪنهن ڪي چاهي ڪنهن ڪي چاهيون،
مُرڪ ۽ مهڻو جا سهڻو ناهي!
۶. ورائي ڏس نظر جا پيو ٿئي جهان ۾،
واريءَ تي اَجايو محل اَڏڻو ناهي!
۷. نڇ سون ۾ اُها چمڪ ڪٿي آ،
ڪوٽ بنا ''سچل'' ڳهڻو نهڻو ناهي!

وائي

- پهلاج مسافر، رائپور

شرڌا ڦُول وَسائج
منهنجي موُت جي خبر ٻُڌي، تون آنسوُن ڪين وَهائج
شرڌا ڦُول وَسائج
پنهنجي من کي آٿت ڏيئي، لُڙڪ اکين ۾ لِڪائج
شرڌا ڦُول وَسائج
بس اَنتم اَرداس ۾، مڙهه تي سُکمني پاٺ پڙهائج
شرڌا ڦُول وَسائج
هي جڳ فاني آهه مسافر، هينئين ساڻ هندائج
شرڌا ڦُول وَسائج



غزل

- هوتوُ سنڌوُ پياسي
اي-٣٠٣، شنڪر نگر، جئپور

ورهاڱي جو درد يارو، نہ آکرن ۾ بيان ٿيندو
ڏسو ماتم هي روحن جو، بہ نيڻن مان عيان ٿيندو

صدين کان سنڌ ۾ پنهنجن، اَبن ڏاڏن ڪيون رانديون
اُنهن جي سار جو سڏڪو، اَندر ۾ آروان ٿيندو

اسان کي وقت جي مارن، ڪيو بيوَس جهان ۾ آ
اسان جي حال تي شِشدر، بہ ٿيندو آسمان ٿيندو

نہ اهڙِي ڏي سزا ڪنهن کي، خدا ڪنهن ملڪ وارن کي
اسين ڪاٿيون جلا وطني، عقل آ بدگمان ٿيندو

سنياريون ٿا سدا سنڌ کي، نندين مان ٿي وڏا يارو
اسان جي موت جو هِتِ ئي، نيارو ڪاروان ٿيندو

ڏسو چهرا اسان جا اڄ بہ، ٽِڙندا ٿا رهن گل جان
اسان جي سنڌڙِيءَ جو جل، اسان ۾ آروان ٿيندو

ڪريون ڪهڙِي ڳِلا شِڪوا، سِياست خود خوارن جي
اسان جهڙن ڏکويلن تي، بہ ڇا ڪو مهربان ٿيندو؟

اسان سنڌ کي ڏسڻ جِي چاهہ، آ باقِي رکِي دل ۾
اسان جي موهہ جو هند ۾، نڪو نالو نشان ٿيندو

جلايون ٿا لهوُ خود جو، ڏسِي خود کي بہ خود ڪاهل
ٻڌايو مدبرو هند جا، هتي ڪو پاسبان ٿيندو؟

ڏنيسين چال سياسين جِي، ۽ شطرنج چالبازن جِي
سڄي سنڌ کي ڏنوسين پاڪ جو پڻ آستان ٿيندو

اَلا اڳوان ڪو سنڌ کي، نہ هندوُ ڪو مليو جبرو
ويو جيئڻ ملڪ سنڌين کان، ڏنو آهي توهان ٿيندو؟

اسين اولاد پنهنجي کي، فخر جو ڪيئن ڏيون احساس
خبر آ خوُب ڳاندو هت، اسانجو داستان ٿيندو

سنڀالي ڪيئن رکون پنهنجي، سنڌوءَ جي ساک کي هند ۾
اسان جو تهذيبي وَرثو، وڃي ٿو هت زيان ٿيندو.

دوها



– ازقلم: ڊاڪٽر لڪميچند ”پريم“
بڙودا.

۱. ساجن جي سِڪ سَرس سوائي، پر سڄڻيءَ جي سار؛
ڏسي سندس ڪو دل جو درپن، جنهن ۾ پيار اَپار.

۲. ساجن جي سِڪ سَرس سوائي، پر سڄڻيءَ جي پريت؛
پل پل پنبڙين سان سمجهائي، پيار جي پياري ريت؛

۳. ساجن جي سِڪ سَرس سوائي، پر سڄڻيءَ جو موهه؛
شيشي جهڙي دل تي ڏاري، رکي نه اُن ۾ ڊوهه.

۴. ساجن جي سِڪ سَرس سوائي، پر سڄڻي بي‌تاب؛
گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ ڇُلي ڇُهري تي، اکڙيون اوتين آب.

۵. ساجن جي سِڪ سَرس سوائي، پر سڄڻي تڙقي؛
راتيان ڏينهن اوسيڙي ۾، ننڊ نه نيڻن کي.

۶. ساجن جي سِڪ سَرس سوائي، پر سڄڻيءَ کي پوُر؛
پوُرن کي پرچائي ويٺي، سهسائي تي سوُر.

۷. ساجن جي سِڪ سَرس سوائي، پر سڄڻي اَڻ چاڻ؛
سمجهي تي هوُ منهنجو آهي، ته به من ۾ ڇڪتاڻ.

۸. ساجن جي سِڪ سَرس سوائي، پر سڄڻيءَ جو ساهه.
دروازي جي چپرن ۾ ئي، اَتڪيل اٿس ويساهه.

۹. ساجن جي سِڪ سَرس سوائي، پر سڄڻيءَ جو سيٺ؛
”پريم“ پڪو وشواس اٿس جو، هڪ ڏينهن ايندو نيٺ.

❊❊❊

”اَنمول رتن“

(دوها)

— ازقلم: رتن ايسراڻي
فلئٽ نمبر- ٣٣٢ سي، دلشاد گارڊن،
پاڪيٽ- جي. ۽ ڪي.، دهلي - ١١٠٠٩٥.

صاف پنهنجي اَندر جهڙي، ناهہ ٻي ڪا آرسي؛
پائي جهاتي پائي پس پرينءَ کي، هُوبهوُ ۽ دم بدم.

هيءَ جان توکي ڪيئن ڏيان، هيءَ جان تو بخشي مون کي؛
مال تنهنجو توکي اَرپي، سُرخرُوُ ”رتن“ ڪيئن ٿيان.

موت کان پوءِ جا هلي ٿي ساڻ سا دولت سچي؛
ڪر ڪمائي اُن جي بندا، ٻيو مڙيئي ڪوُڙ اَٿئي.

لنبي عمر توکان گُهري، توبهہ وڏي غلطي ڪئي؛
ٻُڌڻ ڏسڻ ڪائڻ مشڪل، ناهہ بدن ۾ طاقت رهي.


آهي تَنُ متيءَ جو، ڇو ٿو ڪَرين اَيمان؛
جيئي وَٽ ٻِگوان، ڇڏي موهہ متيءَ جو.

چُپ آهي مِصري، ٻولڻ وڏو وڻاءُ؛
جَپ نام هَر پساهہ، سدا رهي چُپ ۾.

جيسين جان جسم ۾، هوش رهي قائم؛
شل قائم رهي ۽ دائم، ديدار پنهنجي دوست جو.

ناهي ڊپ مون کي دنيا جي دشمنن کان،
بچاءِ رام مون کي، اَندر جي دشمنن کان.

سنڌو، سنڌ ۽ سنڌيت



مورومل چيتنداس ڏانڌا، ''بيوطن'' برهم ڪتري رتن،
549/11، مالويه نگر، جئپور- 302017 (راجستان).

1- هلي ڪشمير مان سنڌو، ولر جي ڍنڍ مان نڪري،
سچو پنجاب اورانگهي، لنگهي سنڌ ۾ وهي پڌري.

2- اُتر کان سير سنڌوءَ جي، ڏکڻ ۾ سنڌ جي وچ مان،
وهي آباد ڪري سنڌ کي، رکي سرسبز ساوڪ سان.

3- جبل نديون ملڪ سائو، چوپائي مال جو تاڻو،
سيني ذاتين ۽ ملڪن جا، وسيل سنڌ ۾ هئا ماڻهو.

4- رشين منين ڪئي تپسيا، رهي سنڌوءَ ڪناري تي،
برهما پي ويد هٿ لکيا، مُکن چئني اُچاري سي.

5- رهيو هت واس يوگين جو، ندي پوتر پياري آ،
سنڌ جي ڳالهه هر خاصي، وري حالت نياري آ.

6- مندر مڙهيون تڪاڻا پي، لکي تيرٿ ساڌ ٻيلو،
منگهو تيرٿ ڪراچيءَ ۾، اُڏيري لعل جو ميلو.

7- قلندر پرتري سيوهڻ، ۾ شاهي آستانو آ،
ننئي ۾ پير پٺو آهي، سو گوپيچند سانو آ.

8- ۽ راڄاوير، راماپير، پٿوري پير جا مندر،
هتي سنسنگ جا استان، ڪُتيائون، سئيون سندر.

9- وسڻ شاهه گهوٽ، پاروشاهه، ڀڳت ڪنور ڪلامي آ،
سنت دربار هالاڻي، ۽ ليلاشاهه سوامي آ.

10- سنت ڏپ جو تہ لٺ وارو، ٽيئون رام پريم پرڪاشي،
سوائي سنڌ سڌيءَ وارا، سنت ڀوڏراج چداڪاشي.

11- ڪلي ڪامل سچو درويش، ساڌو واسواڻي آ،
ڏيارام، ڏيالداس، ٽلهي وارن جي واڻي آ.

12- هٿونگي ساڌ پُرش پي، ۽ ڪيشوداس ويدانتي،
تياڳي ماسترِ ٽيو سنت، نيڀراج السّتي.

برهڙيءَ جا بيت

- ڊاڪٽر ارجن سڪايل
اي-٧٠٠، هيراپُري چونڪ، اُلهاس نگر-٥.



١. ڪارا ڪارا بادلو! گهڙِي گهڙِي گهائي،
هيءَ نماڻي دير ڪان، وينِي واجهائي.
نيڻن ۾ آنسوُن پري، پانڌ ڳچيءَ ۾ پائي،
حجت ڪين هلي تہ پوءِ وينِي ٻاڏائي،
”آڻيو موٽائي، پرديسيءَ کي پار ڪان.“

٢. پرديسيءَ جي ياد ۾، هاريم لڙڪ هزار،
هوُ نہ اچي، هُن جي اچي، ياد پيئي هر وار،
ننڊ وئِي، دل ٿي وئِي، بيحد مان بيمار،
واڳون وار پٽار، نينهن نوازيل نار ڏي.

٣. نينهن نوازيل نار جي، دل تي بار رهي،
ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن ۾ نيڻن نير وَهي،
ساهہ نہ ماپي ساهہ ۾، پوءِ ڪيئن لوچ لهي؟
ڪيسين سوُر سهي ولهي درد فراق جا.

٤. ولهي درد فراق ۾، گهاريم چيٽ ڪتِي،
تُلسيءَ ۾ پاڻي وجهان، ٻاريان عوُد بتِي،
ورِي ورِي چوسول ۾ هاريم تيل رتي،
منهنجي گهوٽ! گتِي، تنهنجي شايد ڪا نہ ڪا.

٥. تنهنجي شايد ڪا نہ ڪا، منهنجِي توڏي چاهہ،
يا تہ لڳئہ ڪا اوچتو، ٻي ڪا خاص نگاهہ،
دوُر رهي پرديس ۾، نئين بڻايئہ راهہ،
سپرين منهنجا ساهہ، موتِي اچ تون ماڳ تي.

٦. موتِي اچ تون ماڳ تي، پلا پلائي پال،
منا نہ من کي تو بنا، محل مڏيون ۽ مال،
عرض اگهائج هن دفعي منهنجا دوُلهہ لعل،
ملندم اچ احوال، ”ايندم آڏيءَ رات جو!“

غزل

– نانک چوٽراڻي ”بيرس“،
آئڊووڪيٽ، پلازا سئنيما روڊ، اجمير.



عڪس ۾ نقش ڪلا جو آهي ڪاغذ جي تصويرن ۾،
بولي تي تاثير زبان جي هرڪنهن جي تقريرن ۾.
آجو ناهي ڪوئي پِي هت خواهشن جي تڪرارن کان،
قاتو شخص هتي آهه ڪو چاهت جي زنجيرن ۾.
ڪونه لِڪائي سگهندو ڪوئي اندر جي ارمانن کي،
حال چِٽو ٿو ڏسجي دل جو چهرن جي تحريرن ۾.
آشائن جي هار ڏسي سپ اِڇائون ٿيون چڪناچُور،
ناهي خبر ڪاتب ڇا لکيو آهي ڏس تقديرن ۾؟
پڙهندي پڙهندي ڪيڏو پڙهندي مطلب آخر هڪڙو آ،
مقصد حل ٿيندو نه ڪوئي طلبن جي تفسيرن ۾.
خيال جي گهرائيءَ سان سوچي سمجهي هردم ڪار ڪئي،
حاصل ”بيرس“ ٿيو نه ڪجهه پِي طاقت جي تدبيرن ۾.

رچنا

– ازقلم- **هري مستانا،**
٣٩، مهارٿي سوسائٽي، سردارنگر،
احمدآباد (گجرات) - ٣٨٢٤٧٥.



هاءِ هي دُونهون ڇاجو - سڄو آسمان ڪارو آ،
ڇا باهه لڳي يان بم قاتو - ڀيانڪ هي نظارو آ.
١- هي ڪِڪوُن ريهون ۽ رڙيون - آيون کهڙيون قهر جون گهڙيون،
وچ رستي ۾ لاش جا ٽڪرا - هي ٻه ته ڪنهنجو ڏُلارو آ.
٢- هستين هزارين ڪيس ڪرايا - پنهنجي هٿ سان ڪونجهر کهايا،
ڪٽمبين جا ڪيئي پاتي مري ويا - بچيو ٻالڪ هڪ ويچارو آ.
٣- جهڳڙو ڪن ٿا رام جي نالي - مال لُٽي ڪن پنهنجي حوالي،
مندر ۽ مسجد ۾ جن جو - ڏنڊو ڪفن جو سارو آ.
٤- هرڪو هتي هو پائي پائي - ديش دروهن ڪئي آ لڙائي،
جيڪي رهيا ٿي پائر ٻڏجي - تن جو ڪيو ڪنارو آ.
٥- هند ڪي بچاءِ اڇي هاڪارا - جهولڻ جندا او جوتين وارا،
مهر ڪيو مستانه تي پنهنجي - سدان تنهنجو سهارو آ.

١٣- ٻري ٿي جوت پاربرهم، ڪِريڙن ۾ ڪَندن ۾،
پڳت چچلو سنت صوفي، پيو آسورام سنتن ۾.

١٤- سچل، بيدل، ڪريم ٻلڙي، عبداللطيف پٽ وارو،
هنس نرواڻ، ليکورام، دوارڪاپوري جَڳَ وارو.

١٥- رتن، سامي، ڪشن ”بيوس“، ڪوي پهلاج ناميارو،
۽ هاسانند جادوگر، سڄي دنيا ۾ هاڪارو.

١٦- شهيدن، هيمون ڪالاڻي، نٿوُ شرما، گدوُمل آ،
سڄي اِتهاس جا چاڙهو، تہ پيروُ ۽ چيتمل آ.

١٧- حڪيم ويدطب چاڙهو، سنڌ ورقي تہ واپارِي،
هنر هر ۾ حرفن موليِ، هئي ناموس چوڌارِي.

١٨- نٽي لونگيون، نصرپوري کيس، گربيون، کيرپڙا، ڪانسي،
مٽاريون، ڳوٺ راڃي جو، هتي گربيون تَلَ فراسِي.

١٩- رنگاوت ماتلِي تندو، الهيار، هوسڙِي، مانجهو،
اچي کپڙو ڪراچيءَ مان، حلوو، ميسو، ڪتل، رانجهوُ.

٢٠- ٿهي ٿو نير رياست ۾، جنڊِي خانوٽ ۽ هالا،
انب ٿيا لاڙ جا، نرنگيون، تہ ناروشاهہ جون اعليِ.

٢١- اَچا چانور تہ دادو، لاڙڪاڻو ۽ ڊورو نارو،
۽ ڳاڙها لاڙ ۾ پئدا، ڪڻڪ، باجهر ملڪ سارو.

٢٢- ونئڻ ڏاڍا، ڦٽيون جنهن مان، ورِي تنهن مان ڪپہ نڪري،
ڊِنڊِ ڪينجهر مان بهہ، لوڙهہ، ڪُمَ، پاٻوڙا، ڪوُٽِي اُپري.

٢٣- آهڙو اِتهاس لاثاني، قديمن کان سنڌ جو آ،
وساري سڀ تہ ڇڏيو آهي، دنيا ۾ پرسڌ جو آ.

٢٤- وساري سنڌ جي ٻوليِ، مَٽايو ويس ۽ ڪاڇو،
مڪانِي ڀاشا ڳالهايون، ڇڏي سنڌيت، چوڻ ساڌو!

٢٥- اَڄي اِتهاس ڏُهرايو، ورِي سنڌ ۾ هلنداسين،
ڪيترو ”بيوَطن“ ٿيندا، وطن موٽي ونداسين.

امر شهيد هيمون ڪالاڻي

- ''ڪيمن'' سانگانيري، گوڪلاڻي ڪلنڪ،
مالپورا دروازي اندر، سانگانير، جئپور



١- ويساري نہ وسري — اَمر هيءَ ڪهاڻي
وطن لاءِ ڏيو قربان — هيمون ڪالاڻي
٢- عمر هئي اجا جوان — تنهنجي ٽڙڻ جي
مگر ملڪ خاطر — تو جواني نہ ماڻي
٣- جڏهن راڄ هند تي — هئو ظالمن جو
شڪنجي ۾ تنهنجي بہ — هئي سنڌ سهاڻي
٤- بغاوت جو تڏهن — تو نعرو لڳايو
فرنگين جي دل ۾ — هئي ڏڪ ڏڪاڻي
٥- تنهنجي شير، گجگوڙ — سان ويئي دهلجي
وديشي حڪومت — وياڪل ويڳاڻي
٦- ڪنبي قئد ڪانئر — ڪيو جوان جوڌو
اِرادي جي شمع نہ — تنهنجي اُجهاڻي
٧- عدالت ۾ آواز — تنهنجو بلند هئو
تنهنجي دل ۾ ڪيهر — تہ دهشت سماڻي
٨- قاسيءَ جي فتواع — ڪرائي ڪميٽن
بيدرد انگريز — وحشي مساڻي
٩- چڙهيو وِيرُ سوليءَ تي — مُرڪي ۽ مُشڪي
رُني سنڌ سارِي ۽ — جيجل نماڻي
١٠- ڀڳت، بوس جيان ڪنڌ — ڪونڌر ڪپايو
شهادت تنهنجي ڪين — ٿيندي پراڻي
١١- ڪندا ياد توکي — سدا سنڌ واسي
اڄ بہ ياد تنهنجي — آ، صورت شهاڻي
١٢- ڪٽي آب اکڙين ۾ — شرڌا سان هيمون
جهڪائي تو سِرڙو — ''ڪيمن'' گوڪلاڻي.

صبح — !

— نشچل چاندواڻي،
رٽايرڊ ايڊ. آفيسر، سيڪر



پيچ پني پارٽي، ڪڪڙن ڪڪڙوُ ڪوُ - دس هنيون
کُتين ڪر موڙيا، پريات پر ڪنيون
پنيراڪو ٿيو، باک ڦٽي، پرندن گگن گونجايو
سورج باڪون ڪڍيون، سويري پاڻ جڳايو!
سونو سورج ڪر موڙي اکيون مهڻي اُٿيو،
ست رنگي رٿ تي سهڻو سوار ٿيو،
ننڊ ڀڄي، جڳ جاڳيو، انڌيرو دور ڀڳو
سستي ڀڄي، چستي چمڪي، سورج سنسار سڄيو!

سياسي سوداءُ عرف سٽا لئه چاهه

— بقلم- موهن ''الاحد''،
جنڪ راج ٽي. وي. سروس،
ڪيماڻي روڊ، اُلهاس نگر-٤٢١٠٠٢.



جن خيال حال افعال الڳ - تن ڪرسيءَ لئه نهراءُ ٿيو آ.
١- ٻگهلا ٻٽيا وشنو تنجو - هنس سان پرچاءُ ٿيو آ،
دشمن جي هر چال قدم ۾ - نوڙ نانگ جو ناهه ٿيو آ.
٢- سيهڙ هليا ٽي عشق ڳنڍڻ - تن ٻگهڙن تي ويساهه ٿيو آ،
بود ۾ پرجي ويا ڪبوتر - باز اُنهن جو پاءُ ٿيو آ.
٣- رت چوُسڪ ٿيا سماج شيوَڪ - شيوا لئه تن چاهه ٿيو آ،
نس نس نفرت، پر تن اکري - اُلفت ۽ اُتساهه ٿيو آ.
٤- ٻلي ٻٽي آ ماسي ناني - ڪوُئن سان تن رياءُ ٿيو آ،
بُلبل مئنائن جو - چهرن سان سرچاءُ ٿيو آ.
٥- شانت شرافت، سياست ٻولي - طاقت جو تن تاءُ ٿيو آ،
ڪوڙن ڪپتين ڪُڪرمين ڪان - جنتا ۾ ڍهڪاءُ ٿيو آ.
٦- سج چنڊ، گرهڻ ڳنڍجي پيا ڳيئن - ملڪ جو مُنهن ۾ ساهه ٿيو آ،
راهو ڪيتوُ، شني، منگل - ڏسو هڪ ٻئي جو همراهه ٿيو آ.
٧- مطلبين جي منصوبن سان - عوام اَلڙ گمراهه ٿيو آ،
''الاحد'' ڪنهي نرڪ ڏج تن - جن سان مون ملڪ تباهه ٿيو آ.

نقشن ۾ نديون
ليڪا ٻڌجي ڏسڻ ۾ اينديون آهن
مون وٽ بہ چيرون سِبجي
ليڪا ٻڌجي پيئون آهن
ڏکڻ هندستان جي ڪاويريءَ ۽ ڪرشنا جيان
کي اوپر ڪان اولهہ
يا اولهہ ڪان اوپر پيئون وڃن
تہ کي گنگا ۽ سنڌوءَ جيان
اُتر ڪان ڏکڻ
پيئون اچن!

پر
نقشن واريون نديون
مئدانن کي سرسبز بڻائينديون آهن
۽ مون وارين ندين
اُبتڙ ڪم ڪري
منهنجي بدن مان
رت ڪڍي
مون کي سُڪائي ڇڏيو آهي!

پوءِ بہ مان
گهڻو خوش آهيان
ڇاڪاڻ تہ مان ٻيءَ طرح
اصل مالامال آهيان!
دنيا جي جاگرافي
اِنسان جي بدن جو اِتهاس
سنسار جي ڪڻ پنگرتا
هر چيز ۾ آيل بدل سدل
اُهو گيان ۽ اُها سمجهہ
جنهن گوتم کي ٻڌ بڻايو
جنهن سڪندر کي خالي هٿ
قبر ڪان ٻاهر ڪڍارايو
هاٿوڪي ٻگ جي ڪوجنائن
جو چمتڪار ۽
ڊاڪٽرن جي هوشياريءَ
جو جادو
جنهن ڪري
ايترن نقشن ۽ ندين جي
باوجود
مان زندهہ رهي هلان پيئي
سڀ ڪجهہ مون وٽ آهي
تہ پوءِ
مان پاڻ کي مالامال ڪيئن نہ سمجهان؟

غزل

ازقلم- بسنت ڪمار ”تياڳي“،
اي-نئون ۲۵-۲۶، ڪوي ڪُنج،
سنت هردارام نگر، بيراڳڙهہ

پل-پل يارو سوُر سهان ٿو،
پوءِ بہ جلوي سان ٻان جيئان ٿو.
۱- اڇن ٿيون آنڌيون تيز طوفاني،
مرد ٻڻي تن سان مُنهن ڏيان ٿو.
۲- سلوڪ منهنجو آهہ سڄڻ سان،
ڪوڙن سان مان ڪين نهان ٿو.
۳- محنت کي ٿو پانيان جيوَن،
محنت ڪش کي مانُ ڏيان ٿو.
۴- فخر آ مون کي پنهنجو پاڻ تي،
ڀارت جي ڀوميءَ تي رهان ٿو.
۵- ڪيڏو نہ مان خوش نصيب آهيان،
گنگا جو سيتل جل پيئان ٿو.
۶- ڏکن پليان سک ايندا ”تياڳي“،
جڳ کي اِهو سنديش ڏيان ٿو.

مان ته مالامال آهيان

– پوپٽي هيراننداڻي

مُڪڙيءَ مان ڦُٽي گل پئي ٿيس
ته پنهنجي بدن مان
مون ڪي
انب جي ٻُور جهڙي
مَهڪ اچڻ لڳي
اُها مَهڪ منهنجن ڇپن تي
هر وقت مُرڪ آڻڻ لڳي

سنان ڪندي هيس
ته منهنجي ڪومل ۽ لسي
شرير تي پاڻي گسڪندو ترڪندو
۽ مشڪندو وَهندو هلندو هو

ڪمان تي چڙهيل ڏور جهڙيون
سخت ٻڌيون ۽ مضبوط منهنجون رڳون
تندرست ۽ سون ورقي منهنجي چمڙي
اُپريل ۽ تازي منهنجي جواني
ڪشيل ۽ سيٽيل منهنجا انگ
منهنجيءَ دل ۾
فخر ۽ ناز
لبالب ڀري ڇڏيندا هئا

وقت گذرندو ته ڇا
اصل ٻوڙندو پچندو هليو
بدن جي خوشبوءِ
اُڏامي گم ٿي ويئي

نسون سڏيون هئڻ بدران
ڍلـگيون لڏيون ٿي
مضبوطي وڃائي
ڍليون ۽ ڪمزور ٿي ويئون!
چمڙيءَ جو سونو رنگ ڦٽي ويو
۽ اوءَ هڏن ڪي ڇنبڙڻ بدران
لڙڪڻ لڳي هرهنڌان!

بيمارين ۽ تڪليفن
نه رڳو پنهنجن زبردستن ڪي ساڻ آندو
پر پنهنجن پريوار جي سيني ڀاتين
کي گڏ ڪري
اُنهن جي هٿن ۾ هٿيار ڏيئي
مون مٿان حملن پٺيان
حملا ڪيا!

منهنجي بدن جي ايتري ۽ اهڙي
چيرڦاڙ تي
جو اُتي سيني ملڪن جا
نقشا ٺهي ويا!
ٻُوٽ جي ڪُڙيءَ جهڙو ٻرتن مُلڪ
پپيتي جهڙو پاڪستان
ٽڪندي اِٽلي
چوڪندو برما
گدري جهڙي گول لنڪا
ڊگهو ۽ ويڪرو هندستان
اصل سڀ نقشا ڏسڻ ۾ پيا اچن!



پرديسي

ڪرشن ”مسروم“،
۳۸/اي، پلسيڪر ڪالوني، اِندور

مان
هت پرديسي آهيان
ن کي
هن ملڪ جي
چڱين/مِٺين ڳالهين
تي
سوچڻ/لِکڻ/چوڻ
جو اڌڪار ڪونهي
ناحق/نااِنصافيءَ
تي
اعتراض ڪرڻ
جو حق
اِنٽرنيشنل قانون
مون کان
کسي ورتو آ
ظالمن/حاڪمن
جي
بيزد نگريءَ
خلاف
لڙڻ جو اڌڪار ڪونهي
ڇو تہ
پرديسي آهيان
مون پنهنجا
حق/واسطا
ناٽي جي بازار
۾
وڪٽي ڇڏيا آهن
مان
هڪ مشين جو پرزو آهيان
جو
پنهنجي محوَر تي
گهمڻ جو عادي آهيان

ڪويتا

نسخو



– هريش ڪرمچنداڻي،
۷۹/۱۰، مالويہ نگر، جئپور

ڪَندا ڪونہ ڇڏيندا ڇُپڻ
پلي تہ ڪين گلي لڳايون

تاندا ساڙيندا ئي
بيشڪ پيار سان هٿڙا گهمايون


آري چيرڻ ڪان نہ ڪيبائيندي
پل تہ هجي صندل جي لڪڙي

پٿر پڇندو ئي مٿو
بال سمجهي راند ڪيوس تہ بہ

جنهنجو جهڙو سياءُ آهي
هلندو اهڙي ئي هلت

اِهو سوچي ڇڏي ڏيندا
تہ اَڌوري رهجي ويندي توهانجي زندگي

ماتر ڀاشا نہ ڀلاءِ



– موتي مسڪين، سنڌونگر-٤٢١٠٠٥،

پنهنجي ماتر ڀاشا کي - سنڌي پاڻ نہ تون ڀلاءِ.

١- هڪ ناںءَ تي ايڏا نالا - پنهنجو پاڻ ئي تون سُڻاءِ،
امڙ آيل جيجل مٺي ماتا - ماءُ ٻي ڀاشا ۾ ٻڌاءِ،
پنهنجي ماتر ڀاشا کي - سنڌي پاڻ نہ تون ڀلاءِ.


٢- اِنگلش ماڊيم پڙهڻ وارا - گهٽ ڪٺن مارڪون لهہ سڌ سماءُ،
پنهنجي ماتر ڀاشا پڙهڻ وارا - هميشهہ هوشيار پاڻ ئي ٻڌاءِ،
پنهنجي ماتر ڀاشا کي - سنڌي پاڻ نہ تون ڀلاءِ.

٣- سنڌي تي سنڌين کي چئون - سنڌيءَ ۾ ڳالهاءِ،
اِنگلش ڳالهائن پاڻ ۾ - ٻي ڪا اهڙي جاتي ٻڌاءِ،
پنهنجي ماتر ڀاشا کي - سنڌي پاڻ نہ تون ڀلاءِ.

٤- پهلاج دڪايل چندر ضيا آزاد - ڪنوَر جا گيت تون سُڻاءِ،
شاهہ سچل ساميءَ بيوَس-هاسل جا ”موتِي“ مسڪين گرنٿ نہ مٽاءِ،
پنهنجي ماتر ڀاشا کي - سنڌي پاڻ نہ تون ڀلاءِ.

ترائيل

– ڪشن خوبچنداڻي ”رنجايل“،
ايف-١٣٧، ڪبيرنگر، احمدآباد



ڏسون ٿا انڌيرا انڌيرا ئي چؤڏس،
الا سچ جو سورج تہ لٿجي ويو آ!
وطن کي لٽيندڙ لٽيرا ئي چؤڏس،
ڏسون ٿا انڌيرا انڌيرا ئي چؤڏس،
ڪکن نانگ جي، تن جا ڏيرا ئي چؤڏس،
لڳي ماڻهو هرڪو بہ دهلجي ويو آ،
ڏسون ٿا انڌيرا انڌيرا ئي چؤڏس،
الا سچ جو سورج تہ لٿجي ويو آ!

ڪِريو سو وڃي گٽر اَندر - هٿ ۾ هوس پڪو لغڙ
ڏنو ڪنهن ڪين لعل کي - پر ڏنو ترندو نياڳو لغڙ
٨- تڏهن ڪان وٺي ورهائيندو - وتان ٿو ٻارن کي لغڙ
پر ۾ هڪ ٻارڙو تڪيندو رهيو - اُهو دلفريب لغڙ
وٺي سو ڀڳو سَٽ هڻي - اسانجي هٿ وارو لغڙ
ڏنو ٺهڪ گڏجي ٻنهي - ويو هٿ مان ڪسڪي لڦڙي وارو لغڙ

گيت



- ساڌ موتيرام ''سائل''،
۴-ت-٢٧، هائوسنگ بورڊ،
جواهر نگر، جئپور-۴.

دوست تنهنجي دوستيءَ تي، مونکي ڏاڍو ناز آ،
تنهنجو مون تي، منهنجو توتي، هر هميشھ راز آ.

(١) مان اَگر آهيان ڏيئو، تون روشنائِي وات جِي،
تون آهين گنگا جِي ڌارا، مان تہ مِٽِي گهاٽ جِي،
گڏن جو پندار آهين، ڪيڏو تو ۾ ناز آ،
دوست تنهنجي دوستيءَ تي، مونکي ڏاڍو ناز آ.

(٢) مان اَگر آهيان جي خوشبوُ، تون گلابِي گل آهين،
تو تراشيو آهي مونکي، مون ۾ تون شامل آهين،
جسم ٻئِي آهن جدا، پر دل جو هڪ آواز آ،
دوست تنهنجي دوستيءَ تي، مونکي ڏاڍو ناز آ.

(٣) مان آهيان سنگيت جو سُر، تنهنجو مُکڙو گيت آ،
پر ٻنهين جي ملڻ سان ئِي، ٿيو مڌر سنگيت آ،
تنهنجي صحبت جو اَثر آ، ٻيو نہ ڪوئِي رياض آ،
دوست تنهنجي دوستيءَ تي، مونکي ڏاڍو ناز آ.

(۴) فرش تان مونکي کڻِي، تو آندو آ آڪاش تي،
چنڊ چوڏس جو ٻڌي، ''سائل'' اِنهيءَ وشواس تي،
فرشتو آهين تون مون لاءِ، ڇا تنهنجو اَنداز آ،
دوست تنهنجي دوستيءَ تي، مونکي ڏاڍو ناز آ.

لقڙي وارو لغڙ



هندوُجا نند ''آنند''،
۴۰۴، نالندا پئليس، سنڌونگر-۱

۱- پئسي هڪ جڏهن - ملندو هو لغڙ
ڳنهڻ تڏهن پڻ هو - مشڪل مون لاءِ لغڙ
ڏسي اُپ ۾ اُڏامندو - هين جو پٽاپٽي لغڙ
پرسن ڪندو هوس - پنهنجي من جو لغڙ

۲- ڳڌم ملي مُفت ٿو - هر ٻار کي هڪ لغڙ
ٽپي ڪُڏ تان نڪتس - وٺڻ فِريءَ جو لغڙ
مليِ ويو مونکي ڀائيءَ کان - مفت هڪ مست لغڙ
امڙ جو چورائي ڌاڳو - ڪٽي اُڏايم اُهو لغڙ

۳- تند هئي سا ڪچڙي - ڪاٽائي ويو ڪمزور لغڙ
ڀڳس ڇوُٽ مان هٿ ڪرڻ - ڪاٽايل پنهنجو لغڙ
ٻارڙن جي ٽوليءَ هو هٿ ڪيو - سلامت سو منهنجو لغڙ
چيائون حق ناهي تنهنجو - اسانجو آ هاٽي هي لغڙ

۴- ڏماچو اچي متو ڌاڙو - ڦاٽي پيو ويچارو لغڙ
لتن ۾ لتاڙجي ويو - سو منهنجو پيارو لغڙ
اچي پهتو اُهو ڀائي - ڏنائين هرهڪ کي هڪ لغڙ
ختم ٿيو اِئين لقڙو - وٺي هليو هرڪو خود جو لغڙ


۵- وڏو ٿيس ته ٻه نه وِسريو - هوا ۾ اُڏائڻ لغڙ
ڀڳهار پهرينءَ مان ورتم - ڦريائين هڪ ڀاري لغڙ
اُڏائيندي اچي ڦاٽو - پيچ ۾ سو ندورو لغڙ
ڪاٽا وري ٻه ٽي ويو - منهنجو ئي بدقسمت لغڙ

۶- ڀڳس هٿ ڪرڻ لاءِ - پنهنجيءَ ڪمائيءَ وارو لغڙ
ڏٺم ڪراڙي جي هٿ ۾ - اُهو پنهنجو نئون لغڙ
مُسڪرائيندي موٽائي ڏنو - سو مونکي بي زبان لغڙ
سچاتم اُهوئي هو ڀائي - ڏنو هو اڳ جنهن فِري لغڙ

۷- ٻڌائي ڀائيءَ وارتا عجيب - اِئين ئي هٿ ڪرڻ لاءِ لغڙ
ڀڳو هو سندس سڪيلڌو - ڪٽي پرائو لغڙ

ڪويتا

ڏيءُ



– جيوت ڪيسواڻي،
ڊيڪن ڪاليج، پونہ-٦.

ڏيءُ
تہ سڳنڌ ٿيندي آهي
هر حصو مهڪندو آهي
گهر جو
ڏيءُ سان
ڪڏهن ڪنهنجي هنج ۾
ڪڏهن ڪنهنجي
تتليءَ وانگر
اُڏامندي رهي ٿي ڏيءُ
هنجي
ننڍي وڏي ضد اڳيان
ڪير ٽِڪجي سگهي ٿو
پلا
گهر ۾ سڀني جون نظرون
هميشه
ڳولها ۾ رهنديون آهن
ڏيءُ جي

''ماتا''
خوشيءَ ۾ نہ ماپندي آهي
جڏهن توتلائيندي ڏيءُ
ماتا سان چنبڙي ويندي آهي
''پاپا''
ٻڌندي ئي
ڏيءُ جي زبان مان
اُڇلندو آهي
پيءُ جو هرديہ
ڏيءُ تہ هڪ ڪَلي ٿيندي آهي
جا ڪوليندي آهي
پنهنجي پنکڙي
گهر جي باغيچي ۾
ڏيءُ تہ سڳنڌ ٿيندي آهي
ڏيءُ سان
مَهڪندو آهي
گهر جو ڪونو ڪونو.

گيت

ساجن جي ياد

– شريمتي مينا جڳديش شهدادپوري،
٧٠٠/٣، آمباواڙي، سردارنگر، احمدآباد

(١) ساجن توکي پل پل ساريان،
ياد ۾ ويٺي هنجون هاريان،
درد ڏنائي دل ۾ سڄڻ،
جيءُ جلائي اونده ٺاريان.
(٢) ياد اچي ٿي جڏهن سڄڻ جي،
گهڙي قاتل آهہ سا مرڻ جي،
شال مليم وڇڙيل محبوب،
وات نهاريان ويٺي اچڻ جي.



(٣) نات منهنجو آ جڳ کان نيارو،
پراڻن کان بہ مونکي پيارو،
پل نہ ٿئي پلڪن کان ڌار،
سواس سواس کي ملي سهارو.
(٤) نينهن نگوڙي مونکي رلايو،
ساجن تو چو مونکي پلايو،
عشق منهنجو اڄ ٿيو رسوا،
پاڪ دامن تي ڪيچڙ اُڇلايو.



❀ تنها ❀

– گهنشيام ساگر،
٣٩٥، سردارنگر، احمدآباد

❀ سمو جيت ٻڌي ڪتي عمر جو اُپ،
❀ ڳجهارت سڄي، آ دنيا ’ڪاڪ‘ طلسم.
❀ زهر کي زهر ماري، پوءِ پِي زهر بد!
❀ڏکون تون مان ڊپ ۾، ڏلو ڪڏي ڪنهن وقت؟
❀ ڪرڻ ڪان ڪانه آهي علامت علت جي،
❀ مٿي گهرائي من جي ساگر ته تانگهو.
❀ ’اَگر‘ اَنت ’مگر‘ ايندا، هل تِڪو هل،
❀ نه تارون هٽي ته به لالچِي من تبِي هيٺ.
❀ وٺي سڀ کي جي حد خوشامند آ خورش،
❀ ٿين خاڪ ڌُک سي، مٿي جن جي جئچند.

❀ ❀ ❀

غزل

– اَزقلم- بهرو ’’بيوطن‘‘، رائپور



(١) هِتي نوٽ وارا چريا سياڻا لڳن تا،
بنا نوٽ وارا سياڻا نماڻا لڳن تا.
(٢) نه ڄاڻان اُتڻ ۽ ويهڻ جو ڪڏهن ڏانءُ ڪوئِي،
هلن اِئين ڄڻڪ ديش جا هو راڻا لڳن تا.
(٣) سِتم تي جن ڏنو سِتم هر گهڙِيءَ پڻ گهٽو آ،
پيارا مگر تن جا من کي الائي ڇو ماڻا لڳن تا.
(٤) هئِي جاءِ جيڪا گهٽِي پڻ عبادت ڪرڻ جيئن،
اُهي هاڻ ناپاڪ مسجد مندر ۽ ٽِڪاڻا لڳن تا.
(٥) ڪيو جن وطن لئه سدا سڀ ته پنهنجو نِڇاوَر،
اُنهن سوُرمن جا ٻچا ٻار گهر سڀ ويڳاڻا لڳن تا.
(٦) روئي مارئِي ڇونه پنهنجي ڦُڪن تن پراڻن لئه،
پيارا هميشه سيني کي پنهنجا ئي اَباڻا لڳن تا.

غزل

– رچيندڙ- شرد ديوانا ”شرد“ (شردجي)،
١٣٩-بي، سنڌي ڪالوني، راجا پارڪ، جئپور-٤.

وساري ڪين ٿي وسري، مٺي ۽ ماءُ موچاري،
اچي ٿي ياد پل پل مون، سلوڻي سنڌ سونهاري.
سنڌ جا سُورما ڏاهر، ڪلاڻي شير ۽ هوشو،
ڏنائون جان تن گهوري، وڃان صدقي مان بلهاري.
سنت صوفي ڪنوَر منڙو، مِٺي ڪويل سَندي بولي،
ڪري آلاپ ڏٺيءَ جو نانءُ، سُريلي تان تنواري.
سچل سر مست جي ڌرتي، شاهه ساميءَ سندا درويش،
سچائيءَ جي سندن آواز سان، ٿي سنڌ سوپاري.
عمر مارئيءَ جو قصو، سسئيءَ سندو پُنهل پيارو،
پريل اِتهاس جا صفحا، لکيل هر ڳالهه آ ساري.
ويو گذري سمو سارو، ۽ بڻجي ويو سچو سپنو،
ستائي ياد ٿي هردم، اکين ۾ نير آ زاري.
سدائين ناز ئي رهندو، اُنهن سُهڻن سپوُتن تي،
بڻيا سي شان سنڌڙيءَ جا، ”شرد“ جند جان جن واري.

عجب آهن اَکيون

– پريمچند جينواڻي،
٤، اَرجن پوَن، شاهه جهاناباد، ڀوپال

اُگهاڙا نظارا ڏسڻ لاءِ،
بيتاب اَکيون!


جوان، پديون،
هرهڪ عمر جون اَکيون!

لڄ، شرم، حياو،
کهڙو ڏسڻ لاءِ
مالڪ ڏنيون آهن اَکيون!

بيپرواهه سچائيءَ کان
مُنهن لِڪائي
هلنداسين ڪيستائين،
دل جو آئينو آهن اَکيون!

بي-نوُر آهي جن جي دنيا
تن کان پڇي ڏسو
ڇا؟ ڏينديون آهن اَکيون!

اِنسانيت!!!




ـ سڀاش شرما ”سڄاڳ“،
۵۲، سردار نگر، احمدآباد

اِنسانيت اڄ روئي ويئي،
آنسن جا موتي کوهي ويئي!!

۱. اُف! ڌرم ۽ ڀاشا جا جهڳڙا،
آتنڪوادي روڙا ۽ خطرا،
وناش وطن جو آڻن ٿا،
هستي ملڪ جي مِٽائين وينا،
آتما بہ هاڻي لوئي ويئي،

اِنسانيت اڄ روئي ويئي،
آنسن جا موتي کوهي ويئي!!

۲. رشوت جا رنگين نظارا،
ڀانت ڀانت جا ڪن ٿا اِشارا،
روز وطن کي کات لڳي ٿو،
گويا ملڪ جو ڀاڳ روئي ٿو،
بار سچائي ڍوئي ويئي،

اِنسانيت اڄ روئي ويئي،
آنسن جا موتي کوهي ويئي!!

۳. ڪاش! ’سڄاڳ‘ ڪو ديش کي ٺاهي،
ماتر ڀوميءَ جا ٿورا لاهي،
اڳتي اڳتي ڀارت آڻي،
چوندس سڀ جو سينو تاڻي،
آنسن جا گل پوئي ويئي،

اِنسانيت اڄ روئي ويئي،
آنسن جا موتي کوهي ويئي!!

قدرت جو ڪتاب

– ليلارام 'پريم'
429/1، مالويه نگر، جئپور

ڪليل آهه سامهون هي قدرت جو ڪتاب،
پڙهي وٺ سِکي وٺ سگهو تون جناب.

(١)

اُشا لعل جوري ۾ نچندي اچي،
دشائن کي هڪدم رنگيلو رچي.
چوي ٿي اُٿو ۽ ڇڏي هيءُ آلس،
پري ڀاڳ جهولي توهان لئه مان آيس.
وَڏو لعل منهنجا نه ٿيو مون پري،
ڇڏينديس اوهانجي مان جهولي پري.

(٢)

سندر ۽ سُنهري رٿ تي چڙهي،
دنيا کي ڏيڻ لئه ڇڏي هوُ مڙهي.
چمڪدار ڪرڻن جا گهوڙا سجي،
اچي پاڻ سورج ٿو آلس تجي.
ڏسو مان دنيا جي لهان سار ٿو،
ڪريان سڀ کي ساڳيو سچو پيار ٿو.
سدا نيم پورو نباهيان پيو،
نه سستيءَ ۾ دم ڪو گنوايان پيو.
نه هڙتال موڪل ڪڏهن ٻي ڪريان،
اٺئي پهر سانده ٿو وهندو رهان.
جلي پاڻ روشن ٿو جڳ کي ڪريان،
ڏري نانءُ ديوتا ڏيان ۽ ڏيان.
سک کي سدورا سدا مون منجهان،
ڏيان پيو خوشيءَ سان نه موزان ڪِنجهان.

(٣)


مرحبا لئه سڄ جي هوا راڳ ڳايا،
ڏسي تو دلاور ٿيا لايا سجايا.
سڄي راهه تنهنجي مشڪ سان پري،
اُٿاريون گلن کي هري ۽ هري.
مُکڙين مُنهن اُگهاڙيو گهڻي ناز سان،
سڙس ٿيس ڪيائون وڏي راز سان.
سڳنڌيءَ سان سُرهي ڪيو ڪائنات،
دِشا هر ۾ گهلي اسان جي جمات.
مشڪڻ جو جڳ کي ڏيون ٿيون سنديش،
ٽهڪن سان مَهڪي سڄو شال ديش.

(٤)

گهرڙ گهرڙ رٿ جي ٻُڌي جيئن پکين،
روا ڪين ڄاتو رهڻ منجهه گهرن.
چُون چُون ڪري ۽ ٻٽائي سي ٽولا،
ڇڏي گهونسلا سي هليا ڪاچ ڳولا.
ٻچن کي چُڳائڻ سندي تات ۾،
پريل فرض ورتي مُهين لات ۾.
رکي 'پريم' ايڪو اُڏاڻا آڪاس،
ٻچن کي نپائڻ سندي سا پياس.
پري ڇهنب جل سان يا چوڳو ڪٽي،
ٻچن جي گذاري جي اُڻ تڻ گهٽي.
پسي سانجهه ويلا وريا سڀ پکي،
ٽولا اُهي ٿي، اُها سک سچي.

پاکنڊ


– موتيرام رامچنداڻي ”باغي“،
۱۴/۱، اي وارڊ، سهجپور بوگها، احمدآباد




ڏشالي لئہ سر جو، جلو ڪندو ڏسان ٿو،
اُصولن جي اُبتڙ سو، هلندو ڏسان ٿو.
ڏين نصيحت جي، سنڌي سکڻ جي،
سندن ٻار اِنگلش ۾، پڙهندو ڏسان ٿو.
وڏا وعظ ڪن جي، تہ سنڌيت بچايو،
ڇڱو چاهہ مان تن ڪي، ڪٽيندو ڏسان ٿو.
عجب آ دنيا جو، هيءُ اِسرار يارو،
هتي نار اُلٽو مان، وهندو ڏسان ٿو.
رڳو عيب پنهنجا، ڇپائڻ جي خاطر،
سچن تي بہ اِلزام، لڳندو ڏسان ٿو.
ڪڏهن ختم ٿيندو، هيءُ پاکنڊ ”باغيِ“،
ڪَبر ڪي بہ ڪرسيءَ تي، وِهندو ڏسان ٿو.

ترائيل

– ڪشن خوبچنداڻي ”رنجايل“،
ايف ۱۳۷، ڪبيرنگر، احمدآباد



ڪري ياد سنڌڙيِ، هنجون ويٺا هاريون!
الا! ٻالپڻ ڪيئن وساري ٿو سگهجي؟
گهڙيءَ پل اجا پيِ، جنم پوميِ ساريون،
ڪري ياد سنڌڙيِ، هنجون ويٺا هاريون!
ء پارت جي لئہ محب هينئين ۾ تا ڌاريون،
رهون جت سنڌيِ، سنڌ سا هاڻ سڏجي،
ڪري ياد سنڌڙيِ، هنجون ويٺا هاريون!
الا! ٻالپڻ ڪيئن وساري ٿو سگهجي؟



ڪويتا

اڇو تہ هڪ ٻيو بہ وڻ لڳايون!



- ڊاڪٽر موتيلعل جوتواڻي،

بي-١٤١، ديانند ڪالوني،

لجپت نگر، نئين دهلي-١١٠٠٢٤.

سائو ستابو ملڪ اسانجو، سڀ اڃا بہ خوشحالي وڌايون،
گل ڦل وڻ ٽڻ هونئن جهجهيئي، اڇو تہ هڪ ٻيو بہ وڻ لڳايون!

١. گهر جي اڱڻ ۾ تلسي ٻهڪي،
ڇهڇ سائو نم در جي ٻاهر،
تلسي ٻوٽو سک شانتي آڻي،
نم جو وڻ آهہ صحت آور.
اڳتي وڌي ڏسو بزرگ برگد،
آهہ ڳوٺ سندي چوپال ۾،
وڻ ڪيل آهن ڏوپ ڇانوَ جو،
تہ ماڻهو خوش رهن هر حال ۾!
پينگهون وجهي انب جي وڻن ۾،
ننديا وڏا ملي گيت ڳايون!
گل ڦل وڻ ٽڻ هونئن جهجهيئي،
اڇو تہ هڪ ٻيو بہ وڻ لڳايون!

٢. ريل گاڏين جي پٽن سندا
وڻ ۽ وڻ ٻنهي پاسي آهن،
وڻ هِتي تہ وڻ هُتي، ندين جي
خوشگوار ڪنارن تي آهن.
ڇا اِهي ريل پٽا، وڻ، نديون
ديس پنهنجي کي ورهائن؟
دهليءَ کان بمبئيءَ ويندي
ڏسو سڀ گڏجي ملڪ وَسائن،
هڪ ئي سفر ۾ ڳٽي ٻڌايو،
گهڻن پرانتن مان ويا آهيون؟
گل ڦل وڻ ٽڻ هونئن جهجهيئي،
اڇو تہ هڪ ٻيو بہ وڻ لڳايون!

٣. سنسار- ۾ جون راڄڌانيون
توهين گهمي گهتي ڀلي آيا،
پر راڄڌاني دهليءَ جي
رونق نرالي، ڪامڻ ڪايا.
موتيلعل نهرو مارگ هجي،
يا مارگ رفي احمد قِدوَئي،
ٻنهي طرف رستن جي آهن
شوقت - شاندار وڻ گهٽيئي!
ڇوَن، اميرن جي بنگلن جو
ڍڪ، غريبن جي ڇانوَ آهيون!
گل ڦل وڻ ٽڻ هونئن جهجهيئي،
اڇو تہ هڪ ٻيو بہ وڻ لڳايون!

٤. نانا رنگ، نانا ورتيءَ جا
نر پکي، مادا پکي هِت رهن،
ٻچن جي پوري پرگهور لهن،
پاڻ ۾ نہ وِڙهن - جهِڙن،
يانت يانت جون ٻوليون ٻولِن،
رسم رواج ڀل پنهنجا ڪن،
در اصل، ڪنهن ٻئي لوڪ جا
هِن لوڪ ۾ ڀي تہ گڏجي وَسن.
هن پيري ڪو اهڙو وڏو وڻ،
پنهنجي ديس کي ئي ٻڌايون!
گل ڦل وڻ ٽڻ هونئن جهجهيئي،
اڇو تہ هڪ ٻيو بہ وڻ لڳايون!

غزل

— ڀڳوان ''نردوش''،
بي-٢، ماهيشوري اپارٽمينٽ،
نيئر مينٽل ڪارنر،
احمدآباد-٣٨٠٠١٦.

زندگيءَ ۾ جيئڻ ڪونه آيو،
وقت سان گڏ هلڻ ڪونه آيو!
مُرڪ ماڪيءَ جيان ئي مِٺي آ،
پر اِنهيءَ کي چکڻ ڪونه آيو!
ڪوڙ کي ڪوڙ ڪوٺڻ نه آيو،
سچ کي سچ چوڻ ڪونه آيو!
بار دل تي وڌيو جيئڻ غمن جو،
سُڏڪي مون کي روئڻ ڪونه آيو!
مون رُٺل ڪيڏا پرچايا آهن،
مون کي ليڪن رسڻ ڪونه آيو!
ڏن ڏُنيءَ دل ۾ ڏنءُ ڏنءُ ڪئي تي،
ڏن پنيان پر ڏُکڻ ڪونه آيو!
جنهنکي ڏس تنهنکي مُک تي مکوتو،
دنپ اهڙو ڪرڻ ڪونه آيو!
ڪيڏا نُوري نظارا ٻُڌان ٿو،
هاءِ هڪ پِي پسڻ ڪونه آيو!
سک ڏنو مون ٻين کي گهڻو ئي،
لطف خود کي وٺڻ ڪونه آيو!
دشمنن جو به آ دوست ''نردوش''،
ڪنهنجو دشمن ٿيڻ ڪونه آيو!

غزل

— ساون ڪمار اُداسي،
اي-٨/٤٣، سائين مَهر، اُلهاس نگر-١.

دغا ڪن ٿا جي دوستيءَ ۾،
خبر ڇا تن کي اُلفت جي.
وفا جي نانءُ تي مون سان،
وٺن ٿا راهه ڪُلفت جي.
مُنجهائن ٿا مون کي سُٽ جيان،
ڪري هيٺان حقيقت کي.
نٿا سمجهن مون ورتي آ،
سدائين وات محبت جي.
نيائي سڀ سان مون ناتو،
انوکو درد آ پاتو.
خبر ڪونهي ڪا يارن کي،
منهنجي جذبي شرافت جي.
برو ڪنهنجو نٿو چاهيان،
برائيءَ کان پري آهيان.
ٻٽي آ اهنج هيءَ عادت،
الاجي ڇو عبادت جي.
آهي منزل منهنجي سامهون،
مگر ڪجهه پنڌ آ اوکو.
محبت ۾ هار ڪاڌي ٿم،
ڪمي ڪانهي ڪا محنت جي.
رَوش يارن جي آ نياري،
اُداسيءَ جي اُصولن کان.
ڪٽيندس ڪيئن مان آخر،
ڪڙي پنهنجي مصيبت جي.

غزل

– مرچومل سوني، نيا بزار، اجمير



(١) منهنجي گهر ۾ گر اُڇلايو تو پٿر آ،
يـاد اِهو رک تنهنجو ڀِي شيشي جو گهر آ!
(٢) ستا ڪارڻ نيتائن جون ٽوپيون ٽڪرڻ،
ڀارت جي سياست لئہ بيحد ٻُرِي خبر آ!
(٣) محنت تي ڀاڙيو سنڌين پر هٿ نہ تنگيو چو؟
تخم سندو تاثير اهو محبت اي اثر آ!
(٤) گنگا جمنا چار ڌام پل تيرت ڪريو پر،
چڱا چئِي ويا پنهنجو گهر داتا جو در آ!
(٥) رڳ رڳ ۾ امرت اوتيو سا آهہ اسانجي،
منزل سندو هي تہ صرف ساڪار سفر آ!
(٦) پنجر پتيون در دريون پڳل ڪت چنل قراسي،
لاشڪ هي ذتڙيل ڪنهن شاعر جو ئِي گهر آ!
(٧) ارتيءَ سان گڏ ڪانين بدران ڪتاب ڪاپيون؟
سچ ٿو چوان تہ هي سنڌِي ليکڪ جو سر آ!

بي وَفا


– شتون ريلواڻي ”ساز“، جامنگر



١- اي بي وفا ٻُڌائج توسان آ پيار ڇو
سالن کان آهہ مونکي تنهنجو اِنتظار چو
٢- توکي اچڻ لاءِ دلبر ليٽرِ لکيا گهڻائِي
پر افسوس توکي مون لاءِ دل ۾ ڌڪار چو
٣- روئندي لکان ٿو پرزور تنهنجي ياد ۾ تڏهن
ستائي جڏهن خيال تنهنجو بار بار ٿو
٤- ٻُڌان جڏهن ٿو تنهنجِي طبعيت عليل آ
هاءِ اوچتو اچي ٿو مونکي بخار چو
٥- ڪيڏو آ چاهہ تو لاءِ ڪنهنکي چئِي ٻُڌايان
دل تنهنجي مٿان مِٽڻ لاءِ آهي تيار چو
٦- ”ساز“ ڪوئِي نٿو ٻُڌائي هِي راز ڪهڙو آ
تنهنجي مٿان مليو آ مونکي اختيار چو

سنڌيت ڏينهن

– تيرٿ هگوراڻي ”پريتم“،
۱۴/۷، وَرسن ويُو،
انڌيري (ويسٽ)، ممبئيِ-۵۳.



واڌائي واڌائيِ، سنڌيت ڏينهن واڌائيِ.
سڄي سنڌيِ جاتيءَ کي، سنڌيت ڏينهن واڌائيِ.
(۱)

اڄوکي شڀ ڏينهن، لعل سائينءَ اوتار ڌاريو،
جوتين واري جي سواگت ۾، سنڌيت ڏينهن واڌائيِ.
(۲)

اڄو تہ مليِ اڄ ڪليِ، درياهہ ڪناري ويهيِ،
پنجڙا اُچاري سين کي، ڏيون سنڌيت ڏينهن واڌائيِ.
(۳)

ڳائي وَڄائي سُريلي تان ۾، سنڌيِ گيت مِنڙا،
چيڄ ۾ نچيِ ڏيون هڪ ٻئي کي، سنڌيت ڏينهن واڌائيِ.
(۴)

ٻوليءَ جي رکيا لاءِ اچو، مليِ ڪريون پوتر پرتگيا،
اهڙي شڌ ڀاونا لاءِ، سنڌيت ڏينهن واڌائيِ.
(۵)

ٻلي سڪون ٻوليون ٻيون، وِساريون ڇو پنهنجيِ ٻوليِ،
اهڙي پڪي اِرادي لاءِ، سنڌيت ڏينهن واڌائيِ.
(٦)

سنڌيِ ڀارتي سيپتا جيِ، امر نشاني آهي سنڌيو،
اِن سنسڪرتيءَ جي رکيا لاءِ، سنڌيت ڏينهن واڌائيِ.
(۷)

وڏڙن جو ورثو ”پريتم“، آتيِ سلوڻي سنڌيِ ٻوليِ،
سنڌيِ ساهتيہ شيوا لاءِ، سنڌيت ڏينهن واڌائيِ.

نئين ڪويتا

چھري تي ٽنگيل ھڪ سچ

– ارجن ڪرپالاڻي،
۳/۱۰، شاستري نگر، بياور

ھن جھوُر ٻڍي جي چھري تي
ھڪ سچ ٽنگيل آھي....
جنھنجي ماھر ھٿن.... ڪلاتمڪ آڱرين
نامعلوم ڪيترن
مندرن، مڙھين ۽ روڊ - رستن تي
ھڪ کان ھڪ اعلي مورتيون اَڏي
اُنھنجي سونھن ۽ شان وڌايو آھي....
پر اڄ
ڪجھہ خودغرض ۽ واپاري دماغ
ھنجي ڪلا مان
ڪامُڪتا.... فاحشپڻو ڏا چاھين -
دل گھرِي رقم جي قيمت تي!
پر ھوُ
اڄ بہ پنھنجي اُصولن تي قائم آھي!
ھوُ ڪلا جي قيمت تي
ھرگز وڪامڻ لاءِ تيار نہ آھي....!
اِھو سچ آھي تہ
ھوُ گذريل ڪيترن ڏينھن کان
بک ڀوھي رھيو آھي
پر ھنجي چھري تي اڄ بہ
ڪو اپراڌ ڀوڌ نہ آھي
ورندو ھڪ سُڪون ٽنگيل آھي....
اِھوئي سبب آھي تہ
اڄ ھنکي
پنھنجي ڏيمي مرتبوءَ جو
ملال نہ آھي! اصل ملال نہ آھي!!

منھنجي نظر ۾



– پريمچند جيتواڻي،
۴، ارجن ڀون،
شاھہ جهاناباد، ڀوپال-۱.

جتي
عزت آدر
سدڀاو
۽
سھيوڳ جي ڀاونا آھي!
اُتي
وڪاس - واڌارو
۽ خوشحالي
ازخود اچڻي آھي!
ڪليل دل - دماغ اڳيان
مشڪلاتن جي ھار
پڪ ئي ٿيڻي آھي!
پريم - پيار
اِنسان کي اِنسان سان جوڙي ٿو!
چاھہ سان جن بہ ڪئي ڪوشش
محنت تن جي برثواب آھي.
ھيءَ ھڪ حقيقت آھي.
سنڌيت جو اِتھاس آھي!
”رھاڻ“ ھڪ مثال آھي!

گيت



ڪارِي رات -
گلابِي خواب

ـ ڪمل ”پياسي“،
”هري شيوا“، پلاٽ ۴/۲۸۳،
سيڪٽر ۲۹، گانڌِي نگر (گجرات)

(۱)

ڇِهرِمِ تارن جي ٽوليءَ ۾،
لُڏان لمان اُپ جي ڏوليءَ ۾،
منهنجا سپنا ساٿِي منهنجا؛
منهنجو جيوَن - ڪليل ڪتاب،
ڪارِي رات - گلابِي خواب.

(۲)

چِتر چِٽڻ ۾ قابل سپنا،
شعر شعر ۾ پوُتل سپنا،
اُمنگن وارِي رنگت چاڙهي؛
جيوَن جو ٻڌجن تا باب،
ڪارِي رات - گلابِي خواب.

(۳)

مان تہ صرف ٿو پلتيان خيال،
اکرن سان ٿو اوريان حال،
ريشم ڏوريءَ ۾ سي مڙهجي؛
سوچڻ ڪاتر ڪن بيتاب،
ڪارِي رات - گلابِي خواب.

(۴)

منهنجو جيوَن ساگر لهرون،
منهنجون پنهنجون الڳ چاهتون،
جيئن هر سِپ لاءِ موتِي دولت؛
مون لاءِ منهنجو فخر شباب،
ڪارِي رات - گلابِي خواب.

(۵)

پنهنجا پنک چِڏي پساري،
جل جو پنڇِي جل تي گهاري،
سِپ مان موتِي چوندي جيڪو؛
قدرت سان نہ ڪري حجاب،
ڪارِي رات - گلابِي خواب.

(٦)

منهنجِي آهي دل درياهہ،
ساٿِي منهنجو آهہ ويساهہ،
منهنجو ڀاڳ سڄاڳ اجهاڳ؛
منهنجيءَ دنيا جو نہ حساب،
ڪارِي رات - گلابِي خواب.

گيت

– سترام شوناڻي ”ستايل“،
٧٠ آر. پي. پيتم پورا، دهلي-٣٤.

سائين تنهنجا رنگ نوان نوان،
طاقت ناهي مُک ۾ منهنجي،
کهڙا ڳڻ تنهنجا چوان چوان.
(١)
دنيا جي گردش ڏاڍو ستايو،
شانتي توکان ٿو منگان منگان. سائين....
(٢)
دنيا ڀُلائي تون نه ڀُلائج،
پيرين ٿو مان توکي پوان پوان. سائين....
(٣)
توئي ڏنو سُک سڀ کان سوايو،
تنهنجا ٿورا ٿو مڃان مڃان. سائين....
(٤)
تنهنجي بندگي آهي سُک ڏيندڙ،
اهڙيون لاتيون چونه لنوان لنوان. سائين....
(٥)
عيب ته مون ۾ لکين هزارين،
کهڙا ڳڻي کهڙا ڳڻيان ڳڻيان. سائين....
(٦)
ايشوَر جو نُور آهي سڀ ۾ سمايو،
شاسترن ۾ به آهي اهڙو بيان بيان. سائين....
(٧)
داس سترام جي آهي هيءَ وينتي،
کم ڪجانءِ منهنجا سنوان سنوان. سائين....

غزل

– ڪشور پهوجا ”جيوَن“،
٢ چ ٢١، هرڻ مگري (٥)،
اُدئيپور-٣١٣٠٠٢.

جڳت ۾ نه اڄ ڪو، سچو يار آهي،
لڳائڻ نه محبت به ڪنهن سان جڳائي؛
(١)
زمانو بدلجي ويو آهه ساٿي،
سگهي ڪين ڪنهن سان ٿو اڄ ڪو نڀائي؛
(٢)
فقط پيارو پئسو لڳي پيو سين ڪي،
نه مفلس ڪي ٿو ڪوئي ير ۾ وهاري؛
(٣)
سهي ڪين هڪ ڀاءُ ٿو ڀاءُ ٻئي ڪي،
ڏسي ماءُ روئي ڪُجهه پر نه چاهي؛
(٤)
ادمبر جو شائق خوشامند ٿو چاهي،
نچي پاڻ پيو ۽ ٻين کي نچائي!
(٥)
عجب آهه قدرت جو هي سڀ تماشو،
وِسائي ٿي هڪ گهر ٻيو گهر جلائي!
(٦)
مَسڻ تائين ويندي خواهشون نه گهٽبيون،
وڃڻ کان اڳي ويندو پر سڀ مِٽائي!
(٧)
نه ”جيوَن“ دنيا جي چڪر ۾ تون اچجان،
نئين راهه - منزل وڃڄ تون ٻڌائي!



گرومبه ماضي

– وئديه گورڌن ناٿاڻي،

٢٩، سنڌو واڙي، ايم. جي. روڊ،

گهاٽڪوپر (ايسٽ)، ممبئي-٤٠٠٠٧٧.


گرومبه ماضيءَ واري سنڌ ديس جو آهين تون سنتان،
سنڌوءَ جي ڪناري تي مهرشين لکيا هئا چارئي ويد مهان.
ٿا چون ڪوجيڪ پرڏيهي پڻ دنيا جون سڀ سڀيتائون،
آهن موئن جي دڙي جي اوچ سڀيتا جون سي سڀ شاخائون.
فخر سان سنڌي چئه تون آهين مونکي بيحد پياري،
جنم ڀومي سنڌ، ماڻهو سنڌي، ٻولي ۽ سنسڪرتي ساري.
سنتن صوفين درويشن وارو سنڌ هئو منهنجو ملڪ مهان،
ڀارت ڀڃي ڀاڱا ڪيائون، پر ڻ نه ڀاڙيو تن.
اُلفت هئي، ايڪو ۽ آنند هو، هئو آسودو هر اِنسان،
ويساهه رکيوسين جن تي، ڪيو ڌوهه اُنهن اڳوان.
صدقي ٿي ويئي سنڌڙي، هو جنهن ۾ اسانجو ساهه،
اِسلامي ان راڄ ۾ ٿيو، هندن لاءِ مشڪل ڪڍڻ پساهه.
قرمار ٿي، باهيون لڳيون، ڪسيائون ڪيت ڏنڊا ۽ دڪان،
ٻڌجي بيواهه ٿي نرواسي، بچائي ڌرم ۽ شرم آيا لڏي سنڌي سُڄان.
هاڻ پرن پڪو ڪندس مان قهلاءُ ڪلا ۽ ساهتيه سندو،
سنڌي ٻوليءَ سڀيتا سنسڪرتيءَ، ڀرائڻ ڀڳتين ۽ ميلن جو.
آزاد ڪرائيندس ضرور مان دشمنن ڪان مٺي پنهنجي سنڌڙي،
يا ڇڏيندس وطن تان گهوري، مان پياري پنهنجي جندڙي.
امرلعل اُڏيرو جوتين وارو، ”گورڌن“ آهه اسانجو سائين،
رهبر ٿيندو، ٻل ٻڌي ڏيندو، رکندو هوُ پئج سدائين.

رهاڻ

کهاڻيون

غزل

- روچو ''خوابي''،
سنت هريداس ڪُٽيا،
عيسائي محلا، اجمير-۳۰۵۰۰۱.



ٻين جي حقن تي، هٿن ٿا جي ڌاڪا،
''بچايو - بچايو'' اُهي ڪن ٿا واڪا!

۱- سڌارڪ ۽ سُڌريل، ڏسن گهر نہ پنهنجو،
ٻين جي گهرن ۾ ٿا پائن لپاڪا!

۲- معتبر ٿا مارين گهر جا ئي مُرغا،
وڃي سي تہ چوڙين گهر ۾ ڦٽاڪا!

۳- شريفن، غريبن، سِڌن تي مهاشيہ،
چڙهي ويندا هڪدم، ٻڌي چڙ تہ ڏاڪا.

۴- ڏيئي خُوب پاشڻ، پڇي ويندا پوُشڻ!
وڃائي ڪي واڃٽ، ڪڍي ڪي ڏماڪا.

۵- هڪ تہ، رنگ سانڊي جيان بدليندا رهندا،
وري، نانگ وانگر پيا ڏيندا وراڪا!

۶- ڏين ٿا ڪي شاباس شيرن سنڌين کي،
سڃاڻن نہ ٻُگهلن تہ ڀِڳن کي ڪاڪا!

۷- سڏائن ٿا نيتا - پهلوان - دادا!
اُنهن جو بہ هوندو ڪو اڳوان آقا!

۸- ڪلاباز ناچن ۽ ناپن ۾ پوُرا،
ڪلاڪار ڪي پيا ڪڍن فڪر- فاقا!

۹- هٿن هام ٿا هر سنسٿا جا باني،
''اسان جا وڳل ديس پرديس ڌاڪا!''

۱۰- اُنهن سوارٿين جي سيائن جي سامهون،
تلها هوندا نهراءِ - خالي تہ خاڪا!

۱۱- سياست ۾ چا، ساهتيہ ۽ ڪلا ۾،
ڏسو، هڪ تہ هٿيون، گروپ بنديون ۽ ناڪا!

۱۲- لڳي ويئي پنيور کي باهہ ''خوابي''!
وهن وٺل پيا، پوءِ ڪريان ڪيئن نہ واڪا!

کهاڻي

ڪُلهو

– پرنسيپال پي. وِي. مورجاڻي،
۸۲، اُديوگ نگر سوسائٽي، بڙودا.

ديوان حشمتراءِ نواب شاهه جو ناميارو واپاري هو. تماڪ جو ٻڌو واپار هوس. واپار ۾ سڌو ۽ سپتيو هو. جهڙو نالو هوس، اهڙو ئي حشمت وارو هو. قداور، رُشٽ- پُشٽ، رنگ جو گورو ۽ پيشاني چمڪدار هئس. مشهور مَلهه هو. نواب شاهه ۾ سندس اياماڪاريءَ هيٺ جيڪي مَلهوُن تيون هيون، اُنهن ۾ هِن ڪنهنکي ٻه وَٺ ڪونه ڏني هئي. جڏهن سندرو ٻڌِي ڪُشتيءَ جي ميدان تي ايندو هو ته تاڙين جو ڦهڪو لڳي ويندو هو. مَلهه وِڙهڻ جي ڪلا کيس پنهنجي ڏاڏي ديوان تلوڪچند وٽان ورثي ۾ ملي هئي. جنهن هنکي ننڍي هوندي ئي اهڙا ته داوَ پيچ سيکاري ڇڏيا هئا، جو جوانيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ ٻڻجي پيو. بدن ۾ ڪا اِلاهي سگهه هئس.

ٻالهه ڪندا آهن ته هڪ دفعي ڇهن سگهارن مزورن، ٻه ٻه هڪ پاسي ٿي جاءِ جي گرٻر کي مٿي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪڍي نه سگهيا. ديوان حشمتراءِ اِهو ڏسي سياويڪ لهجي ۾ مزورن کي چيو، ”حيف اٿوَ. هڪ معمولي گرٻر نٿا ڪڍي سگهو؟“ مزورن لاچارِي ڏيکاريندي چيو، ”ديوان صاحب! گرٻر تمام ڳورو آهي.“ ديوان کين جنسي ويچارا ڏيندي چيو، ”تمام ڳورو آهي.“ ۽ پوءِ هکل ڪري چيائين، ”چارئي ڄڻا هڪ پاسي گرٻر ڪڍو.“ مزورن ٻه حڪم جي پوئواري ڪئي ۽ ديوان ٻئي پاسي ٻنهي هٿن ۾ گرٻر کي مضبوط جهلي ڇڪي ڪڍي ڪُلهي جو سهارو ڏنو. پاڻ اڳيان ۽ مزور پٺيان. منٽن جو فيصلو هو. گرٻر مٿي چاڙهيو ويو. مزور ته ڇا، پر اوڙي پاڙي ۾ ٻڌِن توڙي جوانن ڏندين آڱريون ڏنيون.

شهر جي ڇيڙي تي ديوان کي هڪ وڏِي حويلِي هئِي، جنهن ۾ سندس وڏو ڀاءُ ديوان ساڌورام ٻه گڏ رهندو هو. ساڌورام بيشڪ ساڌو هو. گهر لاءِ کين، ڀاڄي- ڀُتي ۽ سيڌي سامان جو بار مٿس هو. دڪان تي هڪ اڌ چڪر هڻندو هو. ديوان حشمتراءِ کيس پيءُ سمان عزت ڏيندو هو، جو سندن پتا ننڍي هوندي ئِي پرلوڪ پڌاريو هو. ديوان ساڌورام حاليِ احواليِ تي ڪجهه دير پاڻ وندرائي ورِي وڃي پنهنجي ڪِرتِ ڪار کي لڳندو هو ۽ پيو ڀڳوان جو ڀڄن ڪندو هو.

ٻالهه ڪندا آهن ته هڪ دفعي ڦُرن جي هڪ ٽوليءَ ديوان جي حويليءَ ۾ ڪاٽ هنيو. صبوح جا ساڍا ٽي لڳا هئا. ديوان ساڌورام جاڳي پيو، جو اهوئي

هن گهور ڪلجڳ ۾ عجب جي ڳالهه پيئي پاسي ته ديوان حشمتراءِ زندگيءَ ۾ ڪوڙ ڪونه ڳالهايو هو ۽ نه ورِي ڪڏهن ڪوڙ ڳالهائڻ جي ضرورت ئي محسوس ڪئي هئائين.

هن رام کي چيو، ”پٽ، مون زندگي ۾ ڪوڙ ڪونه ڳالهايو آهي. چو تو منهنجي مِٽي پليت ڪرين. مان جج جي اڳيان ڪوڙ ڪونه ڳالهائي سگهندس. پٽ، ڪوڙ ڳالهائڻ سوارٿين، ڪپٽين، لباڙين ۽ لوڀي ماڻهن جو وَڙُ آهي. ان ڳالهه تان لهي وڃ. پٽ، ڪِليم وجي ڪڏ پوي. رُکي سُکي کائڻ ۾ ئي سنتوش ملندو.“

رام سمجهوُ هو ۽ سمجهي ويو. هن ڪوبه ضد نه ڪيو. نتيجو ديوان حشمتراءِ ۽ ديوان ساڌورام جو ڪِليم ته پاس ٿيو، پر ”نه“ جهڙو.

دنيا جي دستور موجب ڪجهه سالن کانپوءِ ديوان حشمتراءِ ۽ ديوان ساڌورام تمام پريم ۽ ڪنهن به چِڪتاڻ کانسواءِ ڌار ٿيا. ديوان حشمتراءِ جو پٽ رام وڃي لائقيءَ لڳو. گهر گرهستي سٺي هلڻ لڳي. ديوان کي سنتوش هو. ٻه ڏوڪڙ پاسيرا ٿيا هئا. ويهارو سال گذرِي ويا. پر ورِي قسمت قيرو کاڌو. رام اچي گهر ويٺو. گهر جو گاڏو هلائڻ لاءِ گهڻائي ننديا وڏا ڏنڊا ڪيائين، پر پاڳ نه پرايس. ٻيو ڪو حيلو نه ڏسي رام هڪ دوست جي مدد سان دُبئيِ سيلسمئن طور وڃڻ جو بندوبست ڪيو. جڏهن رام پيءُ سان ولائت وڃڻ جي ڳالهه ڪئي، تڏهن ديوان صاحب آلين اکين سان پٽ کي چيو، ”پٽ، منهنجي اوسٿا ٨٥ وَرهيه اچي ٿي آهي. زندگيءَ جو ڪوبه پروسو ڪونهي. الائي ڪڏهن مالڪ جو سڏ ٿئي. مان چاهيان ٿو ته پڇاڙِيءَ ۾ مونکي تنهنجو ڪُلهو نصيب ٿئي. اُن ڪري ٻاهر وڃڻ جو خيال لاهي ڇڏ. جي تون ٻاهر هليو ويندين‘ته مُونکي ڪُلهو ڪير ڏيندو؟“ پٽ پيءُ جي پاونا سمجهي ويو. پر هوُ به لاچار هو. پيءُ کي دلاسو ڏيئي چيائين، ”بابا! اجان توهانجي عمر ٢٥ سال ٻيا به آهي. اهڙيون ڳالهيون نه ڪريو. مان ضرور اچي اوهانکي ڪُلهو ڏيندس. توهان ڪابه چنتا نه ڪريو؛ گهر گرهستي هلائڻ لاءِ مونکي هڪ مسافري ڪرڻ جي موڪل ڏيو. تيسين پنهنجو گوپال (رام جو پٽ) به بي. ايس. سِي. پاس ڪري وتندو ۽ لائقيءَ لڳندو. پوءِ ڪنهن به ڳالهه جي چنتا نه رهندِي.“

ديوان اُن جو ڪوبه وِروڌ نه ڪيو. رام دُبئيءَ لاءِ روانو ٿي ويو. ديوان جي عمر ٨٥ سال هئي، پر تندرست هو. ڪٽ تي سِڌو وِهندو هو. ڏند چڱا سالم هئس. بنا چشمي گيتا، رامائڻ ۽ شريمد ڀاڳوت جو پاٺ ڪندو هو. پرڀات جو

سندس جاڳڻ جو وقت هو. ديوان ساڌورام هڪل ڪئي، ”ڦر ڙي ڦر.“ حشمتراءِ جيئن ئي آواز ٻڌو، تيئن ئي پهرين ماڙ تان ڦرن مٿان ٽپو ڏنائين. ٻيا پاڻ بچائي پچي نڪتا، پر هڪ ڦر جي ڪرائيءَ ۾ هن شير جو چنبو پئجي ويو. ڦر ڇڏائڻ لاءِ گهڻيئي حيلا هلايا، پر ڪجهه به نه وَريس. صبوح جو ڦرن جا واهرو ٿاهه لاءِ آيا. چي- ”اسانجي پوين به توبهه ڪئي. ديوان صاحب! اڳتي هن پاسي اک کڻي به ڪونه نهاريندا سين. اسانجي همراهه جي ٻانهن اسان کي ڏيو ته توهانجا چرڻ ڌوئي پيئنداسين.“ حشمتراءِ اُن ڦر کي سندن جي حوالي ڪيو، جو سندن چوڻ هو- ”مار ئي ڪان پڌايو پلو.“

ديوان حشمتراءِ پنهنجي همٿ، محنت، ايمانداريءَ ۽ لڳن سان نانءُ ڪمائي ناڻو ٺاهيو ۽ پنهنجي حويلي، ٻه دڪان، ٻه گدام ۽ جهجهي زمين خريد ڪئي.

ديوان حشمتراءِ کي رام نالي هڪ ٢٥ سالن جو پٽ هو ۽ ديوان ساڌورام کي موهن نالي ٢٧ سالن جو هڪ پٽ هو. رام ۽ موهن ٻئي سشبل هئا. ديوان صاحب جي چئي ۾ هئا ۽ ڏنڌي واپار ۾ پڙ هئا.

ڀارت جي ورهاڱي ڪانپوءِ ٻئي ڀائر پوري ڪٽنب سميت اچي احمدآباد ۾ ٺانئيڪا ٿيا. حويلي، دڪان، گدام ۽ زمين ته نواب شاهه ۾ ڇڏي آيا. باقي روڪڙ، سون، چاندي ۽ ضروري ڪپڙا، هنڌ بسترا ۽ ٿانءُ ٿپا کڻي آيا. پر هنن کي احمدآباد نه ڦري. ڪافي ڏنڌا مٽايائون. جنهن ڏنڌي ۾ ٿي هٿ وِڌائون، اُن ۾ ٻه پئسا پنتي. حشمتراءِ جي عمر اُن وقت سٺ سال کن هئي. پر شرير جي سگهائيءَ ۾ ڪو فرق ڪونه پيو هوس. رام ۽ موهن جي جوڙيءَ ڪافي پاڻ پتوڙيو، پر قسمت ساٿ نه ڏنو. ٥-٦ سال گذري ويا. ڪاڏي ته ڪوهه به ڪٿيو وڃن. زالن وٽ نڪ جي نٿ ۽ والين ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه بچيو.

ڪِليم پاس ڪرائڻ لاءِ رام ۽ موهن ڪافي ڊِڪ ڊوڙ ڪئي. هنن وڏيڪ ڪِليم پاس ڪرائڻ لاءِ ديوان ساڌورام ۽ ديوان جشمتراءِ جي ملڪيت (جاءِ، دڪان، گدام، زمين) الڳ الڳ ڏيکاري هئي. ڪِليم پاس ڪرائڻ وقت جج اڳيان زباني ڏيڻي پوندي هئي. رام ديوان حشمتراءِ کي سمجهايو ته بابا، جيڪڏهن جج پڇي ته توهان نواب شاهه ۾ الڳ رهندا هئا ۽ توهانجي ملڪيت الڳ هئي ته توهان ”ها“ چئجو.

اڪيلو وِهندو هو تہ پاڻمرادو پيو چوندو هو، ”پٽ، تو هي ڇا ڪيو؟ پر اُن ۾ تنهنجو ڪهڙو ڏوهہ؟“

وري بہ ڪيس گيان جو سهارو هو. صبوح جو گيتا جو پاٺ ڪندو هو. منجهند ڪانپوءِ رامائڻ ۽ شريمد ڀاڳوت جا ڪجهہ پنا پڙهندو هو.

اٽڪل سال ڪانپوءِ ديوان حشمتراءِ جي طبعيت بگڙي. بہ ڏينهن معمولي بخار ٿيس. پيشاب بند ٿي ويس. ديوان صاحب نيم بيهوشيءَ ۾ ڳالهائڻ لڳو، ”هي پريو! پنهنجي چرنن ۾ جاءِ ڏي. پل چوڪ ڪميا ڪر. ساسين سڪالو ڪر.“ بس. اُها سڄي رات ويٺي (نيم بيهوشيءَ ۾) ڀڳوان کي ياد ڪيائين. ڪڏهن پئي گيتا جا شلوڪ اُچاريائين تہ ڪڏهن رامائڻ پئي چيائين. پره ڦٽيءَ جو ديوان شانت ٿيندو نظر آيو. آواز آهستي آهستي بند ٿيڻ لڳس. گهر جي ڀاتين ديوان جي وات ۾ گنگا جل وِڌو. ”هري رام، هريّ رام“ اُچاريندو ديوان سچکنڊ واسي ٿيو.

مڄان شال هردم پرينءَ جي پناري،
رهان شال دم دم قرب جي ڪناري،
رڪان شال مان هيءَ دلڙي نماڻي،
پيئان پرت سين مان پرينءَ در جو پاڻي،
سک سين سڄڻ کي سدائين سياريان،
اُجايل اکين سين نت نئون نهاريان،
نوُري نماڻي نہ دم شل وساري،
پنهنجي روُبرو شل پل پل وِهاري.

اُتي، پرياتي ٻائيندو هو. ڏينهن ۾ ٻه چار دفعا ايشور جي پرارٿنا ڪندو هو- ”هي پريو! پنهنجيءَ هلنديءَ هلائجانءِ، ڪنهنجو محتاج نه ڪجانءِ. انت سمي پنهنجي چرنن جو ڌيان ڏجانءِ. ساس سڪالو ڪجانءِ.“

رام ٽن سالن ڪانپوءِ هڪ مسافري پوري ڪري موٽيو. ديوان صاحب ڏاڍو گد گد ٿيو. گهر ۾ جشن لڳا پيا هئا. سڀ تمام خوش هئا. هرڪو پاڻ لاءِ آندل شيون ڏسي خوش ٿي رهيو هو. گوپال به پيءُ کي پيرين پئي آسيس ورتي ۽ ٻڌايو ته بابا، مون کي به بئنڪ ۾ نوڪري ملي آهي. ٻڌي ڪري رام خوش ٿيو ۽ کيس سکيا ڏني ته هميشه وڏن جي اَدب ۾ رهجانءِ. گوپال ڪنڌ جهڪائي ”ها“ ڪئي.

سڄو ڏينهن گهر جي ڳالهين دل کولي ڳالهيون ڪيون. ٿڪجي مٿو پيو هو. ڳالهين ڪندي اوچتو رام کي اڃي ڇاتيءَ ۾ سور پيو. رام ليٽي پيو. ڊاڪٽر کي ماڻهو موڪليو ويو. پر ڊاڪٽر جي اچڻ کان اڳ شيءِ ڏٺين کي پهچي چڪي هئي. پهرين ئي هارٽ اٽئڪ ۾ رام هليو ويو. جتي ڪجهه دير اڳ ميلو لڳو پيو هو ۽ سڀ خوش نظر اچي رهيا هئا، اُتي هينئر رودن پٽڪو مچي ويو. مِٽ مائٽ، مِتر، پاڙي وارا اچي مڙيا. ديوان حشمتراءِ جي به حشمت ٽٽي پيئي. اکيون پئي اُگهيائين. گهڙيءَ رام جي مٿي تي هٿ لائي ٿي ڏٺائين، گهڙيءَ پيرن کي. پاڻمرادو چوندو رهيو- ”رام، تو هي ڇا ڪيو؟ پر اُن ۾ تنهنجو ڪهڙو ڏوهه. اُتان جو حڪم اِهو هو. اڙي تون چوندو هئين ته ميلو ته مَتل ٿي ڇڏجي، سو تو ڪري ڏيکاريو. امُر کي ڪير آڏو اچي.“ پڳوان رام جي مورتيءَ ڏانهن مخاطب ٿي چيائين، ”پريو! مون جڏي جي پريکيا ٿو وٺين؟ اِئين ڪرڻ توکي واجب نه هو. جڏا جيئارين، مرڪندا مارين. تنهنجي مرضي.“

ٻڌندڙ ٻوڙها ٻاڙڻ ۽ سُڏڪن پڙڻ کي روڪي نٿي سگهيا. گوپال جي ماءُ جڏهن ويدنا وِچان ورلاپ ٿي ڪيا، تڏهن ديوان کيس آٿت ڏيندي چيو،”پٽ مٿو ڪري پوڳ، لکيو منجهه للات قلم ڪياڙيءَ نه وهي. جيسين منهنجي سرير ۾ ساهه آهي، تيسين توکي سنڀاليندس. اسان وٽ گوپال جو آهي، ڪابه چنتا نه ڪر.“ گوپال کي به شڪتي وڏن وٽان ورثي ۾ ملي هئي. حالتن سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ماءُ ۽ ڏاڏي کي آٿت ڏيئي رهيو هو.

پر ديوان صاحب پٽ جي وِيوگ ۾ ٽٽي چڪو هو ۽ ويٺو پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندو هو. نيٺ هڪ ڏينهن بستري داخل ٿيو. ڪجهه ڏينهن ديوان صاحب جو علاج ٿيو. هوُ نيڪ ته ٿي ويو، پر وري به پٽ جي ياد. ”هاءِ ڙي آندي جي ڇر.“

''اَڙي ياٽي، اَسين ماڻهو آهيون، باندر ٿوروئي آهيون.''

''ڊئڊي! هوُ ڳانو نہ ٻڌو اٿوَ؟'' هوءَ سُر سان ڳائڻ لڳي، ''اِنسان ٿا پهلي بندر....'' اِئين چئي خوُب ٽهڪ ڏيڻ لڳي. سوچيم، برابر اِنسان باندر ئي تہ آهي. فرق صرف ايترو آهي، جو باندر کي پُڇ ٿيندو آهي ۽ اِنسان....

''ڊئڊي! اَڄ مئڊم اَسانکي هِسٽريءَ جي پيريڊ ۾ ٻُڌايو تہ دنيا ۾ سڀ کان پراچين اِنڊس وئلي سِولائيزيشن آهي، جا پنج هزار وَرهين کان بہ پُراڻي آهي.''

''برابر.'' منهنجي مُنهن مان اَزخود نِڪري ويو.

''ڇا برابر؟ توهان تہ اَوَل ڪڏهن مُون سان اِها ڳالهہ بہ ڪونہ ڪئي آهي.'' مونا رُسندي چيو.

''چوري آهين يا جِزا؟ تنهنجو مطلب آهي تہ هرڪا ڳالهہ جيڪا توکي ٽيچر ٻُڌائي، تنهن کان اَوَل مان توکي ٻُڌايان.''

''اَسانکي ٽيچر ٻُڌايو.'' مونا پنهنجي ڳالهہ جو سلسلو جاري رکندي چيو، ''اِنڊس رِوَر (Indus River) جي ڪِناري تي رهندڙ آريہ لوڪن ئي ويدن جي رچنا ڪئي هئي. هن ٻُڌايو تہ ويد هندن جا پوتر گرنٿ آهن، جن ۾ وِشوَ جو سمورو گيان سمايل آهي. اُن زماني ۾ جڏهن دنيا جي ٻين حصن ۾ ماڻهوُ جانورن جيان اُگهاڙا گهمندا هئا، غفائن ۾ رهندا هئا ۽ پکين پسُن جي شڪار تي گذران ڪندا هئا؛ تڏهن اِنڊس وئليءَ ۾ رهندڙ آريہ لوڪ پڪن گهرن ۾ رهندا هئا ۽ سندن گذران کيتي، چوپائي مال ۽ هُنرِي ڌنڌن تي هوندو هئو. اُن زماني جي هئنڊيِ-ڪِرافٽ اَڄ بہ ڏسڻ وٽان آهي. اِنهن سيني ڳالهين جي ڄاڻ اِتهاسڪارن کي موئن جي دڙي، جي کوٽائيءَ بعد پيئي.''

''اَڇا! توهانجي ماسترياڻي ايتري قدر ڄاڻ رکي ٿي اِتهاس جي.'' مون چيو.

''چونہ. اَسانجي مئڊم ڏاڍي هوشيار اَٿوَ.''

''ڇا نالو اَٿس؟''

''مِسز موهني پٽناگر.''

مون سوچيو، متان مونا کي ٻُک لڳي هجي ۽ پيٽ ۾ ڊاٽو پونڊس تہ پاڻيهي ڇُپ ٿي ويندي، اِنڪري چيومانس، ''تنهنجي ممي ساهيڙيءَ سان ملڻ وئي آهي ۽ تنهنجي لاءِ رڌڻي جي ٽاڪ تي ڪيڪ - پيسٽريون رکي ويئي آهي،

سنڌو سنسڪرتيءَ جا وارث

– وليرام ڪشناڻي،
بي-۱۷۸، پرتاپ نگر، گانڌيڌام

”ڊئڊي....!“ مونا اِسڪول مان موٽي گهر ۾ گهڙندي ئي سُر سان پڪاريو.
مون بہ موڊ ۾ کيڪاريو، ”هئلو بيبي!“
”ڊئڊي! اڄ مان بيحد خوش آهيان.“
مونا هونئن بہ خوش مِزاج آهي، پر اڄ سندس خوشيءَ جي ڊگري ڪجھ وڌيڪ پئي لڳي. پڇيومانس، ”ڇو؟ اڄ تنهنجو برٿ ڊي آهي ڇا؟“
”نو ڊئڊ! برٿ ڊي تہ ڊسمبر ۾ آهي. هي تہ اڃا نومبر پيو هلي.“ سوچيم ضرور اِسڪول جي ڪنهن جلسي يا ناٽڪ ۾ پارٽ مليو هوندس يا تہ پڪنڪ جو پروگرام رٿيو ويو هوندو. ماڊرن اِسڪول وارا روز روز ڪو نہ ڪو رينگٽ لڳائي ئي ويٺا هوندا آهن.
”ڊئڊ! آءِ اَئم ريئلي ويري هئپي.“
”اِهو تہ تنهنجي چهري مان ظاهر آهي.“
”پڇو ڇو.“
”ڇو؟ اڄ ڪو اِنعام مليو اَٿئي ڇا؟“
”ييس ڊئڊ! اڄ تمام وڏو اِنعام مِليو اَٿم.“
”ڪٿي آهي؟ ڏيکار.“
”ڏيکارڻ جو ناهي.“
”تہ؟“
”ڊئڊي! اَسين ڪير آهيون؟“
”اِهو بہ ڪو سوال آهي؟“ مون سوچيو، ڇوري اَصل ڳالهين جو ڳوڻ آهي. روز جيڪو ليسن اِسڪول مان پڙهي اَچي، سو مونکي جدا ڇئي ٻڌائي تہ ماٺس جا جدا ڪَن ڪائي. سڄو ڏينهن پوءِ اهائي رٽ. مان آرام ڪرسيءَ تي ويهي سگريٽ مان ڪش ڪڍڻ لڳس. مونا منهنجي پٺيان وَري ڪري منهنجن ڪُلهن تي پنهنجون نُونيُون رکندي لاڏ منجهان پڇيو، ”ٻڌايو تہ ڊئڊ! اسين ڪير آهيون؟“

ڪئي، جڏهن سڀئي سيٺ اچي وٽس لٿا هجن. مئڊم ٻڌايو ته تڏهن کان وٺي سندس من ۾ سنڌي قوم لاءِ سِڪ پيدا ٿي آهي ۽ اڄ سوڏو سنڌين جي جلسن ۽ سانسڪرتڪ ڪاريه ڪرمن ۾ شامل ٿيندي رهندي آهي.

ٽيچر وڌيڪ ٻڌايو ته سنڌي سڀ امن جا اُپاسڪ، صوفي مت وارا، ڪٽرپڻي ۽ تنگدليءَ کان هردم دور رهندا آهن. مذهب جي نان ءَ تي هنن ڪڏهن به تڪرار نه ڪيو. سنڌ جي ڀومِيءَ تي ڪيترن ئي مهاپرشن جنم ورتو. جهڙوڪ شاه، سچل، سامي، بيدل، بيڪس، سنت ڪنوررام، ساڌو واسواڻي، سوامي ليلاشاه ۽ ٻيا. سنڌي نه صرف پنهنجي قوم جي سنت مهاتمائن کي مڃيندا آهن، پر ٻين قومن ۾ به جيڪي درويش ٿي گذريا آهن، تن جي آستانن تي به سِڪ سان ويندا آهن. وچ ڪٿي راجستان ۾ راماپير جي ميلي تي ته اُتي توهانکي ٻين قومن سان گڏ سنڌي به چڱي انداز ۾ ڏسڻ ۾ ايندا. گجرات جي جئه جلارام جي مندر ۾ به سنڌي مانيتائون مڃيو اچن. جي اڄو مهاراشٽر ۾ ته اُتي شيرڊي واري سائين بابا جي سماڌيءَ تي متو ٽيڪڻ لاءِ پيا ايندا آهن.

سنڌي قوم جون عورتون سونهن کان وڌيڪ سيرت کي مهتو ڏينديون آهن. عمر - مارئيءَ جي سنڌي لوڪ ڪٿا ٻڌائيندي مئڊم چيو ته مارئيءَ جي ڪهاڻي رامائڻ ڪال جي رام - سيتا جيان آهي. جهڙي ريت سيتا کي راوڻ پڄائي ويو هو، تهڙي ريت مارئيءَ کي عمر بادشاه. سيتا ته محلن ۾ جائي ۽ نپني هئي. هوءَ راجا جنڪ جي ڌيءَ هئي ۽ راجا دشرٿ جي نونهن. هوءَ راوڻ جي محلن جا سک آسانيءَ سان ٺوڪاري سگهي ٿي ڇو جو اهڙا محلن جا سک ته هوءَ اڳ ۾ ئي ماڻي چڪي هئي. پر مارئي ته ويچاري هڪ مسڪين ٻڪرار جي ڌيءَ هئي ۽ هڪ ڪيروت سان سندس مڱڻو ٿيل هئو. اهڙيءَ ڇوڪريءَ کي عمر بادشاه جون لالچون وَس نه ڪري سگهيون؛ اِهو ڏيکاري ٿو ته سندس حوصلو ڪيترو نه بلند هئو.

مئڊم ٻڌايو ته وقت جي اُتل پٿل سبب سنڌ جي هندن کي پنهنجا اباڻا اجها ڇڏڻا پيا. سن ١٩٤٧ع ۾ مذهب جي نان ءَ تي ڀارت ديش جو ورهاڱو ٿيو. نتيجي طور سنڌ جي هندن کي سنڌوءَ جا ڪنارا ڇڏي ڪِن اچي گنگا جا ڪِنارا وَسايا ته ڪِن جمنا جا. ڪِن گوداوَري نديءَ جي ڀرسان اچي واسو ڪيو ته ڪِن سرسوَتيءَ يا ڪاويريءَ وٽ اچي ديرو ڪيو. ڪِن وري ڪنڊلا، ممبئي، چنئي ۽ ڪلڪتي جا ساموندي ڪِنارا وچي وَسايا.

اُهي وِچِي ڪاٺ.'' مونا بہ پيسٽريون ڪڍِي آئِي ۽ ڪائيندي چيائين، ''ڊئڊِي! ڀلا اِهو تہ ٻڌايو تہ اَسانجي ملڪ جو نالو ڇاهي؟''

مُون خفي ٿِي چيو، ''اَسانجي مُلڪ جو نالو آهي هندستان، ٻيو اِنڊيا ۽ ٻيو....''

''ڇڱو. توهانکي خبر آهي تہ اَسانجي مُلڪ تي اِهي نالا ڪيئن پيا؟''

مُون باقِي بچيل سگريٽ جي پُڇڙِي اَئشٽري ۾ زور سان دٻائيندي سوچيو، ڇورِي اَڄ ٺان ٺان اَصل بند ئِي ڪونہ ڪندِي. پر مُنهن مان ڪجهہ بہ ڪونہ ڪُڇيس ۽ وائِڙن جيان مُهن ڏانهن نهارڻ لڳس.

مونا منهنجي اڻچاٺائيءَ تان مشڪڻ لڳِي ۽ چيائين، ''اسانکي مئڊم ٻڌايو تہ **اِنڊيا** لفظ **اِنڊس** مان نڪتو آهي ۽ **سنڌوءَ** مان **هندوُ** شبد ٺهيو ۽ اُتان ئِي هِن ديش تي نالو **هندستان** پيو.''

مونا پيسٽرِي پورِي ڪري پاڻِي پِي منهنجي ير ۾ وِهندي چيو، ''جنهن وقت مئڊم اِنڊس وئلِي سِولائيزيشن جي ساراهہ جا ڏِڪ ڀري رهِي هئِي، اُن وقت اسانجي من ۾ اِهائِي لالسا پئدا ٿِي تہ ڪاش! اسان بہ اُن سنسڪرتِيءَ جو ورثو ڪري سگهون ها! مان اجا اِنهن ئِي ويچارن ۾ غلطان هئس تہ اوچتو اسانجي مئڊم چيو تہ ان شاهوڪار سنسڪرتِيءَ جي وارث هِن ڪلاس ۾ بہ موجود آهي. اسان سڀيئِي وائِڙن جيان هڪ ٻئي ڏانهن نهارڻ لڳيوسين. ڪِلاس ۾ اصل سناٽو ڇانئجي ويو. سڀني کي ان ڳالهہ جي حيرانِي هئِي تہ اُن اوچ سنسڪرتِيءَ جي وارث اُها ڪهڙِي ديوِي آهي، جا اسانجي ڪِلاس ۾ پاڻ لِڪائي اڃي ويٺِي آهي.''

آخر مئڊم مون ڏانهن مشڪِي نهاريندي اناؤنس ڪيو، ''اُن اوچ سنسڪرتِيءَ جي وارثن مان جيڪا ڇوڪرِي اسانجي ڪِلاس ۾ موجود آهي، تنهنجو نالو آهي.... مِس.... مونا.... اجواڻِي.'' سڀني ڪِلاس ميٽس جون اکيون مون ۾ وِچِي کُتيون. What a great surprise! سڀ مونکي حيرت ڀريل نگاهن سان ڏسڻ لڳيون. مونکي اِئين لڳو، گويا اوچتو ڪارون جو لِڪل خزانو هٿ اچِي ويو هجيم.

مئڊم اسانکي ٻڌايو تہ هِي سنڌِي اصل سنڌوءَ جي ڪِناري جا رهواسي آهن ۽ اِنڊس وئلِيءَ جا حقِي وارث. مئڊم چيو تہ سنڌِي مِلنسار ۽ سٺا مهمان نواز آهن. هن پنهنجي شخصِي آزمودي مان ٻڌايو تہ پاڻ اجا ننڍڙِي هئِي تہ هِڪ دفعي پنهنجي پِتا سان گڏ ڪراچِيءَ ۾ ڪانگريس جي اُجلاس ۾ ويئِي هئِي. اُتي سندس پِتا جو هڪ مِتر هئو ۽ هوُ اُنجي گهر ترسيا هئا. اُن سنڌِيءَ سندس ايتري تہ مرحبا

سنڌوءَ جي مائٽن تڙ تکڙ ۾ پنهنجي نباٽيءَ جو ڪارج ڪيو ۽ هر حال ۾ پنهنجي پتي پرميشوَر کي خوش رکڻ جي آگيا ڏيئي هميشهه لاءِ جگر جي ٽکر کان جدا ٿيا. وقت پنهنجيءَ رفتار سان هلندو رهيو. سچوُ به پنهنجن مائٽن سان گڏ پارت ۾ اَتي لٿي ۽ اَجهي لاءِ جاکوڙ ڪندو رهيو. ڪيترن ڏينهن جي جفاڪشيءَ ڪانپوءِ سچوُءَ کي سرڪاري نوڪري ملي پر شهر کان گهڻو پريرو ٻهراڙيءَ ۾، جتي جهنگل ئي جهنگل هو. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ سچوُءَ سنڌوءَ کي به ساڻ ڪيو ۽ وڃي ٻهراڙيءَ ۾ رهڻ لڳو. هن پنهنجي ايمانداريءَ ۽ محنت سان سيني آفيسرن کي تمام گهڻو خوش ڪيو هو ۽ سڀ سچوُءَ کي عزت سان ڏسندا هئا. سچوُءَ ڪانسواءِ چڻ سَرنديِ ڪونه هين.

هوڏانهن سنڌوءَ لاءِ هن سُنسان جاءِ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه هو به ڪونه. نه اوڙو، نه پاڙو. ڪڏهن ڪڏهن وينِي وطن جا پوُر پيئي پچائيندي هئي. سنڌو درياهه جي لهرن، چولين، ڇُلڪن کي ياد ڪندي بود ۾ پرجي ويندي هئي ته ڪڏهن مائٽن کي ياد ڪري مارئيءَ وانگر ورلاپ ڪنديِ هئي. پلا پنهنجيءَ جيجل کي هوُءَ ڪيئن ٿي وِساري سگهي. هنجي ڏاڏي هنجو سنڌو نالو رکيو هو ۽ چيو هو ته سنڌو اَسانکي سنڌوءَ جي، سنڌ جي ياد ڏياريندي رهنديِ.

ڪيترائي پيرا سنڌو سچوُءَ وٽ آفيس ۾ هلي ويندي هُئي. سوامي، هن سُنِ ۾ رهڻ کان مان ڏاڍي ڪَڪِ ٿي پيئي آهيان، مونکي شهر ۾ وٺي هلو، منهنجو هاڻي هِتي دم ٿو گُهٽجي.

سچوُءَ غصي وِچان چيو، ''توکي ڪيترا پيرا چيو اٿم ته ڪم ۾ رنڊڪ نه وِجهنديِ ڪر. آفيس ۾ نه ايندي ڪر. تنهنجي پلا ڪهڙي مرضي آهي، مان ڪم-ڪار ڇڏي هليو اچان؟''

سنڌو ماٺ ميٺ ۾ واپس هلي ويندي هئي گهر. پر هن کي ڳهر ڇڻ ته کائڻ ايندو هو. من پرجي ايندو هوس. ڪڏهن هوءَ سنڌ جي ساهيڙين سرتين کي سارينديِ هئي ته ڪڏهن ساهرن کي ۽ مٿن مائٽن کي پيئي ياد ڪنديِ هئي، ڇڻ ته ڪو هڪ پل يادگيرين جي پيئي جوڙيندي هئي. سچوءَ کي به هن لاءِ سِڪ ۽ شرڌا هئي، حد کان وَڌيڪ محبت هئي ۽ سنڌوءَ لاءِ سچو ئي سڀ ڪجهه هو. هوُ هميشهه دلداري ڏيندو هوس ته هاڻي ٻيا به سرڪاري ڪوارٽر ٺهيا آهن. اُتي به آهستي آهستي سڀ رهڻ ايندا ۽ توکي اوڙي پاڙي وارن مان پوءِ توکي مون سان هلڻ لاءِ فرست ئي نه ملنديِ. ڪيئن برابر آهي نه!

ڪجهه عرصي پڇاڙي سنڌي وري اُسريا. هنن همت جو سندرو ٻڌو ۽ پنهنجن ٻانهن مٿان ڀاڙيو، پر ڪنهن کان به مدد جي ڀيک نه منگي. اڄ محنت، اورچائي ۽ پرشارٿ سان هو اڳي کان به اڳرا ٿي پيا آهن.

مونا جون ڳالهيون ٻڌي مان پنهنجو پاڻ کي ڳلتي محسوس ڪرڻ لڳس. مونکي اِئين لڳو ته ابن ڏاڏن کان ورثي ۾ مونکي جيڪو سپيتڪ خزانو مليو هئو، سو مون پنهنجو پاڻ تائين محدود رکيو ۽ پنهنجي اولاد کي به اُن کان وانجهي رکيم. مونکي ياد اچڻ لڳو ته اُهو زمانو جڏهن مان ننڍو هئس ۽ بابو سائين مونکي آڱر کان وٺي اِسڪول ڇڏي ايندو هئو. بيت پڪا ڪرائيندو هئو- ''جو ڪير پئي، سو وير ٿئي'' وارو بيت ته اڄ به مونکي بر زبان ياد آهي. نه صرف ايترو، پر ڀڳتن، سنتن مهاتمائن جي ورسين ۽ ميلن ۾ به ساڻ وٺي ويندو هئو. ڪڏهن پٽ شاهه ته ڪڏهن درازن جي درگاهه تي مٿو ٽيڪائڻ. ڪڏهن سائين ٽيئوڻ رام جي ڏڀ تي ته ڪڏهن وَسڻ شاهه ۽ پارو شاهه جي ميلي تي. ساميءَ جا شلوڪ ۽ شاهه جا بيت ته بابي سائينءَ جي ٽُڪ ٽُڪ ۾ سمايل هئا. اَمڙ ته اڪثر مونکي گود ۾ وِهاري لوڪ ڪهاڻيون ۽ ٻاراڻا گيت سُر سان ٻڌائي ننڊ ڪرائيندي هئي.

پر اڄ اسانکي ايتري فرصت ئي ڪٿي آهي، جو پنهنجي اولاد کي پنهنجي سنسڪرتيءَ بابت ڪجهه ٻڌايون. نه ڪڏهن کين صوفي سنتن جي چونڪيءَ تي وٺي وڃون، نه چيٽي چنڊ جي ڇيڇ ڏيکارڻ يا ٻهراڻي تي مٿو ٽيڪائڻ. اُف! اسان ايتري قدر ته سيلف - سينٽرڊ ٿي پيا آهيون، جو صرف پنهنجي ئي چوڌاري ڦيرا پايون. مٽيريلزم (Materialism) جي شونق اسانکي ايترو ته ديوانو ڪري ڇڏيو آهي، جو گهر ۾ فرج، ٽي. وي، ٽيليفون، طرح طرح جو فرنيچر، سون مٽيو، ڪپڙو، لٽو اڻ ميو هوندي به اڃا وڌيڪ وڌيڪ حاصل ڪرڻ جي لالسا گهيري وئي اٿئون. سڀ ڪجهه حاصل ڪندا پيا وڃو، پر گهر جي ڀاتين جون دليون حاصل نه ڪري سگهيا آهيون. مرد سڄو ڏينهن ڌن ميڙڻ ۾ ئي پورو. هوُ زندگيءَ ۾ ڪشمڪش ڪندي پنهنجو پاڻ کان به پري ٿي ويو آهي ۽ زال گهر جي ڪم ڪار بعد شاپنگ ۽ سئر سپاٽي ۾ ئي پوري. ٻارن کي انگريزي ميڊيم اِسڪول ۾ داخل ڪرائي، اِن ڀرم ۾ رهجي ٿا وڃون ته اسان کين اوچ تعليم ڏياري ڇڏي آهي.

''توهان ڇا پيا سوچيو ڊئڊي!'' مونا جي سوالن تي منهنجن خيالن جو سلسلو ٽُٽي پيو ۽ وَراڻيم، ''اِهو پيو سوچيان ته جهڙيءَ ريت ڀارت جي اِتهاس جي ڄاڻ اسانکي پراچين ڪال ۾ هتي آيل چيني ياتري هيون سانگ جي

هِتِ رهڻ ٿو چاهيان، ڪاريہ ۾ مَگن ٿيڻ ٿو چاهيان. وَطن ڪان جدا ٿيڻ ڪانپوءِ پلا منهنجو ڪهڙو وَطن آهي ۽ هن اِهو بہ اِظهار ڪيو تہ سندس موت ڪانپوءِ ڪيس سنڌوءَ وارِيَ ٿِي جاءِ تي اَگنيِ سنسڪار ڪيو وڃي.

سچُوءَ جا دوست اِهو سڀ ٻڌِي ڪري عجب ۾ پئجي ويا. ڪنهنڪي ڪجهہ چوَڻ جي هِمت نہ ٿِي.

سچُوءَ سنڌوءَ واري سونيِ ٻَچِڙِيءَ جي زنجير پنهنجي گلي ۾، جا هُن پنهنجي حادثي ڪان صرف هڪ ڏينهن اَڳ ڏاڍي پيار وِچان پهرائيِ هئِي، تنهنڪي هٿ سان ڦيرائڻ لڳو. جڻ تہ ڪو سنڌوءَ کي پيار وِچان هٿڙو گهمائيندو هجي ۽ پوءِ هنکي ياد آيو اُهو ڀيانڪ حادثو، جو سنڌوءَ کي هميشهہ لاءِ ٻِرڪائي ويو؛ ڪانئس جدا ڪري ويو. سنڌو سنڌو مان توسان ساڻ آهيان، هميشهہ ساڻ آهيان ۽ سيني ڪان موڪلائي ايڪانت ۾ وڃِي ويٺو.

سنڌ جي ڳڏيل
ڪٽنب جو بيان

گهر ۾ اڱڻ، ورانڊو، وڏو ڪمرو يا هڪ ڪان وڌيڪ ڪمرا، هڪ اوطاق ۽ هڪ ڏيڍي هوندِي هئِي.
اوطاق گهر جي مردن لاءِهوندِي هئِي، جنهن ۾ گهر جي مرد ۽ اُنهن جا دوست وندر وِروندهہ لاءِ وِهندا هئا.
ورانڊي ۾ اچ وڃ ڪرڻ لاءِ سڀ حقدار هوندا هئا.
گهر جي ورانڊي ۾ ڏاڪڻ هوندِي هئِي، جا ڪمري ڏانهن ويندِي هئِي. پرٽيل پٽ ننهن رات جو سمهندا هئا.

لوڪ گيتن ۾ چيل آهي:

ڪنوار گهر ۾
آٽيان، جنهن ڪي
ماڙِيءَ تي
وِهاريان.

— پوپٽي
هيراننداڻي

سنڌوءَ جا ڳل شرم ۽ خوشيءَ وچان لعل ٿي ٿي ويا. ڪنڌ پڻ جهڪي ٿي ويس ۽ اهڙي وقت ني هوءَ ڪنهن ڪم ڪار کي هٿ لاهڻ چاهيندي هئي يا ته چانهن ٺاهڻ هلي ويندي هئي.

ڪجهه سالن بعد هڪ ڏينهن سچوُ اجا آفيس ۾ ئي هو ته ير ۾ گوڙ شور ٻڌائين. هنکي ڪم به گهٽو هو، سو پنهنجي ڪم ۾ ئي مشغول رهيو. هُن سوچيو، آيو هوندو ڪو مداري، ڪو کيل وارو. پر هنکي کهڙي سُڌ ته کيل ٿئي ڪنهن سان نه پر هن سان ئي ٿي رهيو آهي.

گوڙ شور اَجا به وڌيڪ ٿيڻ تي هنجو به ڪم ۾ من نه لڳو ۽ اُٿي بيٺو. ايتري ۾ نوڪر ڊوڙندو آيو. صاحب جلدي ٻاهر اَچو. توهانجي.... توهانجي....

اَڙي چاهي؛ توهانجي.... توهانجي.... رت چاڇي لڳائي اَتيئي؟ ڪجهه چوندين به يا نه!!

صاحب معاف ڪجو، نوڪر چيو. مان ڪجهه به ٻڌائي ڪونه ٿو سگهان، پر جلدي ٻاهر هلو.

سچوُ نوڪر سان گڏ ٻاهر آيو. اچي ڇا ڏسي ته سنڌوءَ جو....

سچوُءَ کي ڇڻ وشواس نه ٿي آيو. هنجي واتان نڪتو ته سنڌو تون ڪڏهن به جدا ٿي نٿي سگهين. مون کان بنا موڪلائڻ جي نه، نه، هرگز نه.... ۽ مان به توکي اِئين پلا موڪل ڪيئن ڏيندس؟

سچوُءَ جي ساٿين هنکي هٿ کان جهلي آٿت ڏنو هو. سڄي رات سچوُ سنڌو - سنڌو پڪاريندو رهيو. ٻئي ڏينهن سنڌوءَ جو اَگني سنسڪار ڪيو ويو.

سچوُ هن ڀراڙيءَ ۾ اَڪيلو ئي گذر ڪرڻ لڳو هو. اَڄ ڀراڙيءَ ۾ رونق هئي، وَسنئَه هئي، جهنگل ۾ ڇڻ منگل هو؛ پر سچوُءَ لاءِ هر رات اَنڌيري رات هئي، تنهائي هئي. هوُ ڳائيندو گنگنائيندو پنهنجو وقت ڪاٽڻ لڳو. غم پريا گيت هن جا ساٿي هئا.

اَڄ هوُ رٽائرڊ ٿي رهيو هو. آفيس ۾ سڀ هُن سان ساڻ هئا. ٽي - پارٽي هئي ۽ ساٿين جي چوڻ تي هن تمام اُداس دِل سان وِڇوڙي جو گيت ڳاتو. سندس اَکين مان جهر جهر آنسوُن وَهڻ لڳا ۽ هن اَکيوُن کولڻ تي اِهو عرض ڪيو ته ڪاش! مونکي هِن ڀراڙيءَ مان نه ڪڍيو وڃي. پل پگهار نه مِلي، ڪاڌو نه مِلي پر مان هِتان کان ٻئي ڪيڏانهن نٿو وَڃڻ چاهيان. مان شيوا ڪندو رهندس. هِن ڀراڙيءَ ۾ جيستائين ساهه اَٿم، بس پنهنجي آخري دم تائين سنڌوءَ جي ياد ۾

پڄن. ڪنهنجو مُرجهايل مُکڙو پسِن ته سندن مُک مَندل تي ديا جا ڀاوَ پرجي اَچن. ڪنهنکي ڪِلندو ڏِسن ته پيا ڦوُل مِثل ڇڙن.

پڦيءَ جي سامهون منهنجي ڪنوار منهنجو پاسو کٽندي چيو: کهڙو نه پيارو ٻار آهي! هريجن ٿي ته ڇا ٿي پيو؟

پر تڏهن به پڦيءَ جو مِٺو سڄيل ٿي رهيو.

اُن واقعي ڪانپوءِ جيستائين پڦي رهيل هئي، ڪليءَ پنهنجو مکڙو نه پسايو. هڪ ڏينهن الاجي ڪيئن ڪليءَ کي پتو پئجي ويو ته پڦي هاڻي بنارس هلي ويئي آهي. جڏهن آئي ته سندس مک پسي ائين لڳم ته ڄڻڪ ڪو سپهه سالار جنگ کٽي آيو آهي.

هميشهه جيان وري اسانجون رهاڻيون ۽ کهاڻيون شروع ٿي ويون. ڪليءَ کي پسي منهنجي ڪنوار جي مک تي ماترِي ۽ ممتا جا ڀاو اُڀري ايندا هئا. تڏهن مان سوچيندو هوس، ڪاش! اسان کي به ڪو گلن ڦلن جهڙو نرمل ۽ ڪومل، گورو ۽ گڏي مثل ٻار هجي ها ته منهنجي ڪنوار ڪيڏو نه خوش ٿئي ها!

”ڪلي“ هاڻي مکڙيءَ مان ٽڙي ”گل“ ٿي هئي. هاڻي شرم ۽ حياءَ جي ماري اِئين ڪونه چوندي هئي ته ”مون تي ڪهاڻي ڪڏهن ٿا لکو؟“

اوچتو هڪ ڏينهن منهنجي ڪنوار پاڙي مان ٻڌِي آئي ته ڪليءَ جي شرابي پيءُ، پيسا وٺي، ڪليءَ جو وواهه پاڻ کان عمر ۾ وڏي ڪنهن شرابيءَ سان ڪرائڻ ٿي چاهيو.

اِهو ٻڌڻ کان پوءِ منهنجي ڪنوار جي ٻُلن تان ٻُڙندڙ ٻوڙها پسي، ڪليءَ جي پيءُ کي مون پنج هزار ڏنا. پئسا ڏيئي اسان ڪليءَ کي پنهنجو ٻار ڪري ڇڏيو.

جيڪو ترگڻ آتمڪ پرڪرتي ۽ ترگڻن کان پري پرميشور ٻنهي کي انگ سنگ ڪٺي هلي ٿو، اُنهن جو جيون بنا رڪاوٽ جي لڳاتار نروگِي ٿي هلي ٿو. آير ويد اڄ به پريپورڻ آهي. جيڪڏهن ڪا گهٽتائي ڏسڻ ۾ ٿي اچي ته اُها تعليم جي سرشتي جي آهي.

(واگهه پٽ)

مون تي بہ ڪھاڻي لکو

– هولارام ”هنس“

ٻار سمجھي ڪيس ڪجھ بہ نہ چوندو هوس. سوچيندو هوس، ٻيٺي هجي. هڪ ڏينهن سڄي همت گڏ ڪري پڇي ئي ورتائين، ”بابوجي، ڇا ٿا لکو؟“

”ڪھاڻي.“

گول گول ۽ وڏين اکين سان مون ڏانهن عجب ۾ نھارڻ لڳي.

چيائين: ”مونکي ڪھاڻي ٻڌائيندءِ؟“

”ها.“

بس، پوءِ تہ اچي اسانجي اڱڻ ۾ وهندي هئي ۽ پڇي پڇ پڇ ڪندي هئي. پرين جون ڪھاڻيون مون کان ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن اُمنگ، اُتساهہ ۾ اچي تاڙيون پڻ وڄائيندي هئي.

اسانجي پُٽي ڪافي سالن ڪانپوءِ بنارس مان اسان وٽ آئي هئي. هاڻي تہ ڪافي ٻُڍڙي ٿي ويئي هئي. هنجي ڪرڙي سُڀاءَ ڪري منهنجو پيءُ بہ ھُن کان ڪؤ کائيندو هو.

آرتوار جو ڏينهن هو. مان بہ ڪا نئين ڪھاڻي لکڻ لاءِ تيار ٿي آڱنڌ ۾ اچي ويٺس. اُها ڪومل ٻالڪا اچا ڪانہ آئي هئي. مان ڪيس ”ڪلي“ ڪري ڪوٺيندو هوس. ”ڪلي“ اکر جي معنيٰ جي تہ ڪيس ڄاڻ ڪونہ هئي، پر ”ڪلي“ اکر ٻڌي خوش ضرور ٿيندي هئي. شايد سمجھندي هوندي تہ پرين جي ڪنهن ڪھاڻيءَ جو هي پاتر آهي.

اُن ڏينهن ”ڪلي“ آئي تہ اُداس پئي لڳي. اُداس هئڻ ڪري سندس منوهر مُکڙو پاڻ وڏيڪ موهيندڙ پئي ڀاسيو.

چيائين: بابوجي، مون تي بہ ڪھاڻي لکو. ابو شراب پي مونکي ڇڙٻي ٿو ۽ امان هميشهہ مون تي ڪاوڙجي ٿي. چيومانس: توتي هڪ ڪھاڻي ضرور لکندس.

اِهو ٻڌي ٽري پيئي. وري جڏهن ڪيس پرين جي هڪ ڪھاڻي ٻڌايم تہ مَند مَند مُشڪڻ لڳي ۽ اُداسائيءَ جا بادل سندس چنڊ جهڙي مُکڙي تان هڪ هڪ ٿي هٽڻ لڳا.

پُڦيءَ کي پتو پئجي ويو تہ مان هڪ هريجن ٻالڪا سان پيو لاتيون ۽ ٻاتيون ڪندو آهيان. هڪ ڏينهن اچي ڪاوڙي. هنجي شوخ شڪل ڏسندي ئي ڪلي تہ وَني ئي ڀڳي. ٻار شايد منو وِگيان ڄاڻن. ڪنهنجو شوخ مُک ڏسي، ڏسندي ئي وني

ڏيءَ جي ساهڙي گهر وڃڻ کان پوءِ گهر خالي خالي پئي لڳو. وري هيڏي ساري شاهي گهر ۾ ديالي ۽ سندس گهوٽ لڇمڻ اڪيلا اڪيلا. لڇمڻداس وٽ پنهنجون زمينون، مال ملڪيت، ٻنيون ٻارا، جايون، دڪان مطلب ته لڪشميءَ جي مٿس مهر هئي. ٻڻ ٻنياد واري گهر-ڳوٺ جا غريب غربا لڇمڻداس وٽ دانهي ٿي به ايندا هئا ته فلاڻي منهنجو حق ماريو آهي، فلاڻي مون کي جاءِ مان ڪڍيو آهي. سندس اوطاق تي مڙيئي ڪچهري لڳي پيئي هوندي هئي. ڪو نه ڪو جرڪو ٿيندو ئي رهندو هو. مٿان ٻنين ٻارن جي جوابداري ۽ سار سنڀال لاءِ پڻ وارن ڳوٺن ۾ ويندو رهندو هو. ڏينهن سڄو ته هن کي ڪابه واندڪائي نه ملندي هئي. هوڏانهن ديالي‌ءَ لاءِ پهاڙ جهڙو ڏينهن ڪاٽڻ ئي مشڪل ٿي پوندو هو. اِئين ته گهر ۾ نوڪر چاڪر مڙيئي پيا ڦرندا گهرندا هئا، پر ڪو حال محرم ڪونه هيس. ڏير ڏيراڻي به مهني ڏيڍ اچي حال احوال پڇي ويندا هيس، پر تڏهن به ٻئي اولاد کان سواءِ اڪيلا اڪيلا محسوس ڪندا هئا. مٿان وري سڄي شهر جي پونءِ پونءِ ته مائي هيڏي مڏي اٿن، ڪو وارث ئي ڪونه اٿن، اڪين ٻوٽڻ کان پوءِ ڪو پٽرن کي پاڻي پيئارڻ وارو ڪونه رهندو. چاهي اِهي طعنا طنڪا ديالي‌ءَ جي سامهون ڪونه هڻندا هئا، تڏهن به اڻ سڌيءَ طرح همدردي ظاهر ڪندي مايون چونديون هيس ته ڏٽيءَ توهان تي مهر ڪئي آهي، ڪو ٻار بامبڙا پائي مسڪرائي ها ته گهر ۾ بهارون اچي وڃن ها.

ديالي‌ءَ فيصلو ڪيو ته هوءَ هن گهر ۾ اگر پاڻ وارث نه ڏيئي سگهي آهي ته پنهنجي مڙس کي ٻي شادي ڪرڻ جي ضرور صلاح ڏيندي، هن کي ضرور پرچائيندي. هن گهر جي اڱڻ ۾ ٻار ضرور ايندا. سندس گهوٽ کيس گهڻو ئي سمجهايو ته تنهنجي دل کي صدمو رسندو. وري جي حالتون ڪجهه اهڙيون بڻجن جو تنهنجي دل کي دک رسي. ڪا اهڙي عورت اچي جيڪا تنهنجو مان سنمان نه ڪري ته پوءِ؟ پر ديالي اِنهن خوفن ۽ خوشين کان بلڪل آجي هئي. صرف هڪ ئي تمنا هيس ته اسان جي مرڻ کان پوءِ اسان کي ڪو ڪلهو ڏيڻ وارو هجي، ڪو پٽرن کي پاڻي پيئارڻ وارو هجي، ڏيئو ٻاري، پيڙهي اڳتي وڌائي. هن گهر ۾ ڪو ”وارث“ اچي. هن اِن آس ۾ هر دک درد هر پريکشا مان لنگهڻ جو ڪرم ڪيو.

اڄ هوءَ پنهنجي گهوٽ کي پرڻائي رهي هئي. ٻئي هڪ ٻئي جي راهه جا راهي ۽ هم سفر هئا، پر اڄ ديالي زندگي‌ءَ جي سفر جي ساٿي ۽ هم سفر جي راهه تان هڪ قدم پٺتي هٽي ويئي. پنهنجي مڪمل زندگي‌ءَ جا هن به پاڳا ڪري ڇڏيا.

وارث

ليکڪا: **وينا شرنگي**
سي-٨٤، اِندر پُري، نيو دهلي-١١٠٠١٢.

ديالي اڄ بيحد خوش هئي. هوءَ شادي جي ريتين رسمن جي تياريءَ ۾ زور شور سان لڳل هئي. نئين ڪنوار لاءِ قيمتي زيور، ڪپڙا، سئنڊل، مطلب ته هن اصل پاڻ ڦٽي رکيو. پئسي کي پاڻيءَ وانگر وهائڻ لڳي. سڀ ڳوٺ کي اصل تيرس وٺي ويو ته ديالي ايڏي وڏي جريت ڪيئن ڪئي آهي، اُها به پنهنجي ڀاڄ گهر ۾ آڻڻ لاءِ. زالون ڏنديِن آڱريون ڏيڻ لڳيون. مائي جگر ڪپي پنهنجي گهوٽ کي پاڻ پرڻائي رهي آهي. سندس جاءِ ڀاڄ وٺي رهي آهي ته به گهر ڏياڻيءَ جي منهن ۾ گهنج يا ڇهري تي مايوسي نه آهي، نه ئي نفرت جي جهلڪ. اصل مائيءَ جو چهرو ٽهڪي رهيو هو. ماڻهو چوڻ لڳا ته اِهو مٿان پئي ڏيکاري، اندر اصل ڪاڏل هوندس. اُن تي هڪ پوڙهي عورت چيو، اندر پل کهڙي به ڳالهه هجيس پر چهري تي ان جي جهلڪ نظر نٿي اچيس، لک شاباس هجيس. هن جي دل کي ڏرڙي ئي ڪانه آئي آهي. ديالي کي ماڻهن جي اِن چئو بول جي ڄاڻ به هئي، پر هُن ماڻهن جي ڳالهين تي اصل ڪَنُ ئي نه ڏنو، هوءَ بيپرواهه بڻي رهي. هنجي من ۾ هڪ ئي مُراد هئي ته گهر جو وارث پيدا ٿئي، هيڏي مال ملڪيت اسان جي اکين ٻوٽڻ کان پوءِ ڪير کائيندو.

ديالي کي شادي ڪئي ٣٠ سال ٿي ويا هئا پر ڪيس ڪوبه اولاد ڪونه ٿيو هو. هُن پنهنجي ڏير جي پٽ کي گود ورتو پر ننڍڙو ٻار جلد ئي موڪلائي ڏٺيءَ کي پيارو ٿي ويو. ان ڏهاڙي هن خوب ماتم ڪيو. ڏيراڻي به خوب رُني هيس، پر هن کان وڌيڪ ديالي پار ڪدي رُنو هو. ڄڻڻ واريءَ کان پالڻ نپائڻ واريءَ جو اصل موهه اتکي پيو، هن جي دنيا ئي اُجڙي ويئي.

وقت وڏا وڏا گهاو پيري چڙي. زماني سارو اِنسان کي هلڻو ٿو پوي. ڏيراڻيءَ جڏهن ديالي کي اُداس ڏٺو ته هن سندس جهوليءَ ۾ پنهنجي ڌيءَ ڪري وڌي، پر ڏيئر پرائو ڌن ڇوڪريون جلدي اُٿپ ڪائين. نياڻيءَ جي ياڳ ۾ جيڪي ڪجهه هو، سو اُن کي ڏيئي ڪنيا دان ڪري هن گنگا سنان ڪيو.

گهڻو ٻڌجي ويو. راڻي چوي اُٺ تہ اُٺ، ويهہ تہ ويهہ. هوُ ديالِيءَ کان وتندو هو ڪنارو ڪندو.

هوڏانهن ديالِي اَڪيلائپ ۾ روئِي روئِي ڪري رڇ ڪندِي هئِي. ڪيس پرچائڻ وارو ڪوئِي ڪانہ هوندو هو. نوڪرن چاڪرن کي بہ راڻيءَ جي اردليءَ مان واندڪائِي ڪانہ ملندِي هئِي. ديالِيءَ پرماتما کي روئندي ٻاڏائيندي چيو تہ مونکي هاڻ هن باهہ مان نجات ڏيار، مون هن جنم ۾ تہ ڪو اَهڙو پاپ ڪونہ ڪيو آهي جو تو مونکي اَهڙِي سزا ڏني. شايد ڪي اَڳين جنم جا پاپ هوندم، جن ڪري هاڻي ڀوڳي رهِي آهيان. مون کي ڪهڙِي خبر تہ چڱائِي ڪرڻ سان برائِي نصيب ٿيندِي، مون پنهنجي پير تي پاڻ ڪُهاڙو هنيو. جنهن شخص جي دک درد ۾ مان وفادار رهيس، هن جون خوشيون پنهنجون خوشيون ڀانئي هٿن سان پرڻايم، اُهوئِي اَڄ مون کان مُنهن ڦيري بي وفا ٿِي بيٺو آهي.

چننا چتا سمان. ديالِيءَ جي سِر تي ڏُکن جا پهاڙ ڪِري پيا. هوءَ هِن دنيا مان رمندِي رهِي. سندس مؤت تي اوڙي پاڙي وارا، مِت مائٽ، برادريءَ وارا، سڄو ڳوٺ پٽرجي پيو. سڀ ڀِراڻيءَ جي ساراهہ ڪرڻ لڳا- چا تہ مائِي هئِي، اَصل ديوتا سمان. چا تہ هُن قرباني ڪئِي. پنهنجو راڄ پاٽ جيٺري ئي ڀاڄ کي هٿن سان سونپي ڏنائين، پوءِ ئِي هِن جهان مان اَلوداع ڪيائين. اُن تي هڪ پوڙهِي عورت چيو- ”اَمڙ اَصل ديوِي هئِي ديوِي، جنهنجي ديا سان ئِي هِن گهر جو وارث آيو، ڪو ڏيئي ٻارڻ وارو پيدا ٿيو، ڀِترنِ کي پاڻي ڏيڻ وارو. وڏِي خوش قسمت هئِي. هِنجي ڀڄ ڪري ئِي لڇمڻداس کي ڦل مِليو. راڻِيءَ کي شهزادي جهڙو پٽ ڄائو.“

اَنت سميہ جي سفر تي سندس گهوٽ ۽ ڀاڄ کي سڏيو ويو. هُنن هٿ جوڙي ڀِراڻِيءَ کي پِرڻام ڪيو. لڇمڻداس ديالِيءَ جِي سينڌ سندوُر سان ڀري. اُن وقت زالوُن چوڻ لڳيوُن، ”خوش قسمت هئِي، سُرڳواسڻ جي من جوُن مُرادوُن پوُريوُن ٿيوُن. سُهاڳڻ ٻڌجي پتيءَ جي هٿن ۾ وئِي.“ اُن وقت براهمڻ اَنتم ڪِرياڪرم ڪرائيندي چيو- ”هٿ ٻڌِي ڀِراڻِيءَ کي چئو- اَگر ڪا ڀُل چُڪ ٿِي هُجي تہ اُها بخش.“ لڇمڻداس ۽ راڻِيءَ هٿ ٻڌِي اَکيون بند ڪري چيو- ”اسانکان اَگر ڪا ڀُل چُڪ ٿِي هُجي تہ اسانکي بخش.“ لڇمڻداس پنهنجي پُٽ کي اَڳيان آڻي، ديالِيءَ جي پيرن کي ڇهايو. اُن وقت راڻِيءَ جي من کي ڌِڪو لڳو، پر دنياداريءَ ڪري خاموش رهي. ديالِيءَ جو شانت چهرو ڄڻ چئِي رهيو هو: ”مون گهر جي وارث خاطر توهانجو هر گناهہ بخشي ڇڏيو.“

جنهن گهر جي هن ڇوڪري ڇونڊي هئي، تنهن جو واسطو غريب گهر سان هو. لڇمڻداس ۽ هن جي نئين ڪنوار جي عمر ۾ ٢٠-٢٢ سالن جو فرق هو. رنگ روپ جي پوري ساري هئي، پر روش مڙيئي چڱا هيس. جوانيءَ ۾ ڪاريون ڪوجهيون ٻه سوري سٽيري ڪنوار ٻڌڻ وقت نهي تڪي پون. جڏهن غريب گهر جي ڇوڪريءَ کي ڪيمخانه جو ويس ڍڪائي، سون سان جهنجهيو ويو ته هوءَ اصل چمڪي پيئي. ويڙيءَ وقت سندس نالو رکمڻيءَ مان مڻائي راڻي رکيو ويو.

راڻي ترِي اچي تخت تي ويٺي، هن جو بخت کُلي پيو. راڄ ڀاڳ ماڻڻ لڳي. ديالي پنهنجيءَ ڀاڄ کي ڀاڄ جيان نه پر نندي ڀيڻ جيان ڀائڻ لڳي. راڻي جيڪا غربت ۾ پلي، اُها هن شهاڻي ڪٽنب ۾ هندورن ۾ لڏڻ لڳي. هڪ گهرندي هئي ته ڏهه لهندي هئي. ڏٽيءَ جي مهر سان هوءَ ڀيري ڀاري ٿي، هن کي پٽ ڄائو. ديالي‌ءَ تي ڏٽيءَ مهر ڪئي، سندس پرارٿنائون پرماتما ٻڌيون. لڇمڻداس جي خوشيءَ جي حد نه رهي. ڇٺيءَ تي وڏا وڏا شادمانا ٿيا. ڀيرن فقيرن ۽ درگاهن ۾ خيراتون ڏنيون ويئون. راڻي پنهنجي لاڏلي جي لاڏ ڪوڏ ۾ پوري هوندي هئي، هوڏانهن لڇمڻداس مٿس اور گهور ويندو هيس، جو راڻيءَ هن جي خاندان کي وارث ڏنو هو، ڀيڙهي اڳتي وڌائي هئي.

ٻئي طرف ديالي‌ءَ جو درجو ۽ حيثيت گهر جي نوڪرن چاڪرن جي نگرانيءَ ۽ ٻار لاءِ سٽي ڦڪي گهرائڻ تائين وڃي محدود ٿي. هوءَ اُن گهر ۾ ڏادي خوشي محسوس ڪندي هئي. پر آهستي آهستي هن جي اِها خوشي ٻه هن جي هٿان ويندي رهي. نه صرف اِهو پر گهر جي تجوڙين جون جيڪي چاٻيون هوءَ رکندي هئي، اُهي هاڻي سندس هٿان کسجي، راڻيءَ جي هٿ ۾ اچي ويئون. خرچ پکي ڪرڻ جي آزادي هاڻي هن کي نه رهي. اِئين ته سندس کي گهرجون ڪونه هيون، وري ٻه اِنسان جيستائين جيئرو آهي، تل ڦل جي ضرورت پوي ئي پوي. چوڻي آهي: ”پري ٻيڙيءَ ۾ واٽيو ڳورو.“ راڻيءَ ۽ هن جي لاڏلي مٿان ڀئسو ڀاڻيءَ وانگر وهندو هو.

”ماڻهن ڀڳي ڪان ڀڃي پون.“ راڻيءَ کي ايندي ويندي ڪند پاسبرو هرڪو تنبيهه ڪري ته ديالي‌ءَ ڪان ٻار کي پري رک جو ڪيس پنهنجو اولاد ڪانه ٿيو اٿس، ڪٿي ٻار کي هن جي نظر نه لڳي. راڻيءَ جي من ۾ اچي شيطان گهر ڪيو. ڀلا جنهن نه ڏسي جو ڏنو، اُن جو ته بادشاهي ماڻڻ ڪري مٿو ڦري ويو، هوءَ سٽين آسمان تي اُڏامڻ لڳي. لڇمڻداس پنهنجي نئين نويلي ڪنوار اڳيان

رهندو هو. روز روز نوان نوان بُت ناهڻ جو ويو سوچيندو هو. هڪڙي ڏينهن سندس دِل ۾ بينا جي بُت ناهڻ جو خيال پيدا ٿيو. منوهر چيٽي ۽ هٿوڙو کڻي بُت ناهڻ شروع ڪيو. منوهر کي بينا جي بُت ناهڻ ۾ مهينو کن لڳو. هُن اُنهيءَ بُت کي پنهنجي شوروم ۾ رکي ڇڏيو. منوهر بينا جو بُت ڏسي ويو من خوش ڪندو هو. بينا ۽ ڪشن بہ اُتي رهڻ لڳا، جتي منوهر رهندو هو. يعني ڪِ منوهر واري شهر ۾ رهندا هئا. بينا اڪيلي هئڻ ڪري نوڪِري ڪرڻ لڳِي. هڪڙي ڏينهن بينا پنهنجي ساهيڙِيءَ سان گڏ شهر ۾ پٿر جون مورتيون وٺڻ لاءِ نڪتي هئي. پٿرن جي مورتين جي دڪان لاءِ پڇائيندِيون هُئِي ڇٽيون منوهر جي دڪان تي اچي پهتيون. بينا پٿر جون مورتيون شوروم ۾ ڏسِي رهِي هئي. ايتري ۾ سندس نظر هڪ مورت تي وڃي پيئي. اُها مورت سندس شِڪل سان مِلي رهِي هئي. هوءَ مورت ڏسِي سوچ ۾ پئجِي ويئي. سندس ساهيڙِيءَ پٿر جي مورت ڏسِي بينا کي چيو، ”اي بينا! هيءَ تہ تون ٿي لڳين.“ بينا سوچ ۾ پئجي ويئي ۽ سوچڻ لڳِي تہ هيءُ سنگتراش ٻيو ڪوبہ ڪونہ آهي، پر منوهر آهي. هوءَ سِڌو منوهر جي وَرڪشاپ ۾ ويئي. منوهر جا وار اَڇا ٿي ويا هئا. هوُ ڪافِي ڪمزور ٿي ويو هو. سندس نظر گهٽجي ويئِي هئي. تنهنڪري منوهر ڪنهنکي پوري طرح سڃاڻي ڪونہ پئي سگهيو. بينا منوهر کي سڃاتو، پر منوهرْ بينا کي ڪونہ سڃاتو. بينا منوهر کي چيو، ”اي سنگتراش! تون فلاڻي مُورت گهٽي ۾ ڏيندين؟“ سنگتراش چيو،”اي ديوِي! مان هيءَ مُورت ڪونہ وڪڻندس، مون کي هن مُورت ۾ رُوح پرٽو آهي. هيءَ منهنجي من مندر جِي ديوِي آهي، هن مُورت کي مان ڪونہ وڪڻندس. هيءَ منهنجِي ياد آهي، هن مُورت کي ڏسِي مان پنهنجِي ياد تازِي ڪندو آهيان.“ بينا سنگتراش جا اکر ٻڌِي چپ ٿِي ويئِي. هوُءَ تعجب ۾ پئجِي ويئِي تہ منوهر کي مون سان ايترو پريم هو، جو مون سان ڪڏهن بہ اِنهِيءَ ڳالھ جو ذڪر ڪونہ ڪيائين. بينا ساهيڙِيءَ سان گڏ چپ ڪري هلِي ويئِي. ٻئي ڏينهن بينا اڪيلِي منوهر وٽ آئي ۽ کيس چيائين تہ ”منوهر، مان بينا آهيان. تون منهنجِي اهڙِي مُورت ناھ جو دنيا ڏسندِي رهي! تون منهنجي مرڻ کان پوءِ انهيءَ ۾ رُوح پرج، جيئن هميشھ تنهنجي سامهون بيٺِي رهان.“ منوهر بينا جو آواز ٻڌڻ سان سندس اکين ۾ چڻ روشني اچِي ويئِي. سندس ٻڍاپو جهٽڪ پري ڀڄِي ويو. سندس اکين ۾ پاڻِي ڀرجِي آيو. بينا کي ڏوراپو ڏيندي چيائين، ”تو شادِي ڪئِي، پر تو مون کي ڪونہ گهرايو.“

سنگتراش

- ايم. ٽي. پاٽيه،
٢٥/٥٠٨، پانگ باوڙي، اجمير

”منوهر تون منهنجو اهڙو بُت ٺاهه، جو دنيا ڏسي تعجب ۾ پئجي وڃي! تنهن سان گڏ تون به تعجب ۾ پئجي وڃين! تون منهنجو بُت اهڙي طرح ٺاهه، جو سڀ کو ڏسي ڪري واهه! واهه!! ڪري. منوهر تنهنجي هٿن ۾ جادو آهي. تون منهنجي بُت ۾ منهنجي مرڻ ڪانپوءِ رُوح ڀرج. ماڻهو اِئين سمجهن ته هي بُت نه پر هڪ زنده اِنسان بيٺو آهي.“ بينا جا اِهي اَکر ٻُڌي منوهر چُپ ٿي ويو. منوهر ۽ بينا ننڍي هوندي ڪان وٺي گڏ پڙهندا هئا. منوهر کي هميشه مِٽي ۽ پٿرن سان پيار هو. منوهر کي پڙهڻ سان پيار گهٽ هو. بينا پڙهڻ ۾ هوشيار هئي. بينا ننڍي هوندي ڪان وٺي شِڪل جي کُليل هئي. جيئن هن جوانيءَ ڏانهن وِک وَڌائي، تيئن هوءَ وڌيڪ، وڌيڪ موهيندڙ پئي لڳي. هوءَ ڳالهائڻ جي مِٺي پر شرميلي هئي. منوهر ۽ بينا مئٽرڪ تائين گڏ هئا. منوهر کي بينا لاءِ دِل ۾ پيار هو. پر هن پنهنجي پيار جو اِظهار بينا اڳيان ڪڏهن به ظاهر ڪونه ڪيو هو. بينا مئٽرڪ پاس ڪري ڪاليج ۾ داخلا ورتي. منوهر سنگتراشيءَ جي ٽريننگ وٺڻ لاءِ هليو ويو. بينا کي ڪڏهن ڪڏهن منوهر جي ياد ايندي هئي. کيس خبر ڪونه هئي ته منوهر ڪٿي آهي؟ منوهر ماءُ سان گڏ رهندو هو. منوهر جو ماءُ جي موت ڪانپوءِ بينا جي ڳوٺ سان واسطو ڪونه رهيو. چاڪاڻ ته منوهر جو اُنهيءَ ڳوٺ ۾ ڪوبه ڪونه هو، جو ساڻس لکپڙهه ڪري يا حال احوال ڏي. بينا سان گڏ ڪشن نالي هڪڙو ڇوڪرو ڪاليج ۾ پڙهندو هو. ڪشن پڙهڻ ۾ هوشيار ۽ شِڪل جو موهيندڙ هو. بينا ڪاليج ۾ پڙهندي، ڪڏهن ڪڏهن ڪشن سان ڳالهائيندي هئي. سندس ننڍي ننڍي ملاقاتن جي وچ ۾ ٻنهي جو پيار ٿي ويو. ڪشن هڪ شاهوڪاري ٻار هو. بينا جي مائٽن کي ڪشن وَڻي ويو. بينا جي شادي ڪشن سان ٿِي. بينا ۽ ڪشن بي. اي. ۾ گڏ پڙهندا هئا. بينا پڙهائي ڇڏي ڏِني ۽ ڪشن پنهنجي پڙهائي چالو رکي. ڪشن ايم. اي. پاس ڪئي. ڪشن ايم. اي. پاس ڪرڻ ڪانپوءِ هڪ ڪمپنيءَ ۾ آفيسر ٿي لڳو. هڪڙي ڏينهن منوهر کي خبر پيئي ته بينا ڪشن سان شادي ڪئي آهي. منوهر جڏهن اِها خبر ٻُڌي ته کيس ڏاڍو دک ٿيو. هينئر کيس ڪابه ڳالهه مِٺي ڪونه لڳندي هئي ۽ هوُ هميشه هٿوڙي، ڇيڻي ۽ پٿرن سان رڌل

آزاديءَ جي چڻگاري

پوُرن لعل ٿهلياڻي
فليٽ نمبر ٨، آر. آر. فليٽس،
٨، وارين روڊ، مائلاپور، چنئي-٦٠٠٠٠٤.

آرتوار جو ڏينهن هو. انگريز آفيسر ۽ سينڪ ديول ۾ ويا هئا. اُهو ڏينهن بلڪل ساڌارڻ لڳي رهيو هو، هر جڳهه شانتي هئي. ڪٿي به ڪابه گڙ ٻڙ ڪانه نظر اچي رهي هئي ۽ نه ڪوئي انديشو ڏسڻ ۾ اچي رهيو هو. ڪنهن جي من ۾ اُتساهه ڪونه هو. سيني جي زبان تي ديسي سينڪن جي وهنوار جي ڳالهه هلي رهي هئي. فوج جي پريڊ لاءِ جوان پٽڪا ٻڌي تيار بيٺا هئا ته اوچتو ئي منگل پانڊي فوجي جوان پنهنجي رائيفل کڻي پريڊ جي لائين کان ٻاهر نڪري آيو. پنهنجي مياڻ مان تلوار ڪڍي، اُن کي هوا ۾ گهمائيندي، ڇلائي ڇلائي چوڻ لڳو ”بهادرو! ڪنهن سوچ ۾ پيا آهيو. جاڳو! جاڳو! اڳيان وڌي اچو. توهان کي ڌرم جو قسم آهي، هندن کي گنگا جو ۽ مسلمانن کي مڪي شريف جو آهي. اڳيان وڌو جوانو! هنن انگريزي دشمنن جي خون سان پنهنجي اندر جي آگ ٻجهايو، من کي سيتل ڪريو. ڌرم يڌ جو وقت اچي ويو آهي، هي موقع غنيمت آهي.“

ساري پلٽڻ ۾ هلچل مچي ويئي. منگل پانڊي تپو ڏيئي سڌو بيوگل وڄائڻ واري وٽ ويو ۽ اُن کي ڪڙڪ آواز ۾ چيائين،”ڏسين ڇاتو؟ بگل وڄاءِ ۽ ساري فوج کي هڪ هنڌ گڏ ڪر.“ بيوگل واري سمجهيو ته منگل شايد اڄ ڀنگ پِي آيو آهي ۽ اُن جي نشي ۾ ڇلائي رهيو آهي. سو هوُ هنجي ڳالهه ٻڌي کلڻ لڳو.

اِها گڙٻڙ ڏسي ڪمپنيءَ جي ميجر ڇلائي، سپاهين کي حڪم ڏنو،”بد دماغ پانڊي کي گرفتار ڪريو.“ پر ڪوبه سپاهي پنهنجي جڳهه تان ڪونه چُريو. اُن تي پاڻ ميجر اڳتي وڌيو منگل پانڊي کي گرفتار ڪرڻ لاءِ. منگل پاڻ طرف ميجر کي ايندو ڏسي، پنهنجي بندوق جو منهن اُن طرف ڪري فاير ڪيو. گولي لڳڻ سان ميجر جي کوپڙي چڪناچور ٿي ويئي ۽ هوُ هميشهه لاءِ زمين تي ڪِري پيو.

ڇانوڻيءَ ۾ هلچل مچي ويئي. سماچار ٻڌندي ئي ٻه سارجنٽ گهوڙن تي چڙهي اچي ان گهٽنا ٿيل جڳهه تي پهتا. هوڏانهن منگل ٻنهي سارجنٽن کي ايندو ڏسي، توب جي اوٽ ۾ بيهي، اُنهن مٿان گوليون هلايون، پر نشانو گسي ويو ۽

بينا جواب ڏيندي چيو، ” تون مئٽرڪ پاس ڪري ڳوٺ ڇڏي هليو وئين، تنهنجو ڪوبہ پتو ڪونہ هو، جو مان توکي شاديءَ تي گهرايان ها. تو ڪڏهن بہ مون سان منهنجي پريم جو اظهار ڪونہ ڪيو هو، تون پنهنجا ارمان پاڻ سان کڻي ڳوٺ ڇڏي هليو وئين، تون هاڻي مون کي ڏوراپو ڇوٿو ڏئين؟“

ڳالهہ جو رخ بدليندي منوهر چيو،”بينا، توکي آدم قد بُت لاءِ روز ڪلاڪ بہ اچڻو پوندو.“ بينا سندس ڳالهہ مڃي. هوءَ روز اچڻ لاءِ تيار ٿي. بينا هر روز آفيس ۾ ڪو نہ ڪو بهانو ڏيئي ڪلاڪ بہ منوهر وٽ ايندي هئي. هينئر سندس آدم قد بُت تيار ٿيڻ تي هو. هڪ ڏينهن بينا ڪار هلائي رهي هئي، سندس من ۾ منوهر ۽ پنهنجي آدم قد بُت لاءِ سوچي رهي هئي. اُنهيءَ سوچ ۾ سندس ڪار جو حادثو ٿيو ۽ سندس مؤت ٿي ويو. ٻئي طرف منوهر، بينا جو آدم قد بت تيار ڪري ڇڏيو هو. بہ مهينا گذري ويا، پر منوهر کي بينا جو پتو ڪونہ پيو. هوُ هر روز بينا جو اِنتظار ڪندو هو تہ ڪڏهن تہ بينا اچي. سندس مغز ۾ بينا جي تصوير پيئي گهمندي هئي ۽ کيس بينا جا اکر ياد اچڻ لڳا،”منوهر تون اهڙي مورت ٺاهہ جو منهنجي مرڻ کان پوءِ دنيا مورت ڏسي تعجب کائي ۽ سندس ۾ روُح ڀرج.“ هڪ ڏينهن رات جي وقت منوهر ڏٺو تہ موُرت ۾ چرپر ٿي رهي آهي. هن سمجهيو تہ اِهو سندس وهم آهي پر اِهو روز جو ڏنڊو ٿي پيو. منوهر انداز لڳايو تہ بينا جو شايد موت ٿي ويو آهي، جو هوُءَ نٿي اچي ۽ سندس روُح هن تصوير ۾ آهي.

هڪڙيءَ رات ڪنهن عورت منوهر کي اُٿاري چيو،” منوهر منهنجي موُرت تيار ٿي ويئي آهي ۽ هُن ۾ منهنجو روُح آهي. تون اُٿ ۽ اچي منهنجي گلي لڳ.“ منوهر ڏٺو تہ ڪا عورت کيس هٿ کان وٺي موُرت وٽ آئي. موُرت جي اکين ۾ تجلو هو. منوهر اڳتي وڌي جيئن موُرت کي گلي لڳائي رهيو هو تہ آدم قد بُت سندس مٿان ڪِري پيو ۽ منوهر مري ويو. بينا جيڪا کيس جيئري نہ ملي سا روُح جي روپ ۾ ساڻس ملي ۽ سندس موت جو ڪارڻ ٿي. صبوح جو منوهر جي ڪم ڪندڙ ڏٺو تہ منوهر مُئو پيو آهي ۽ سندس مٿان بينا جو آدم قد بُت پيو آهي.

مزيدار.... پر حقيقت!

پوُرن لعل ٺهلياڻي
فليٽ نمبر ٨، آر. آر. فليٽس،
٨، واريو روڊ، مائيلاپور، چنئي-٦٠٠٠٠٤.

(١)

اَجمير شهر جون ٻه عورتون ڪنهن ڪم سانگي ممبئيِ وڃڻ لاءِ ريل گاڏيءَ ۾ سفر ڪري رهيون هيون. اُنهن مان هڪ کي ڀڳوان جو نالو بار بار زبان تي هوندو آهي. گاڏيءَ ۾ ويٺي ويٺي هن جي مُنهن مان اوچتو نڪريِ ويو، ''هي ڀڳوان، ڏوهه بخش.''

هن جو ايترو چوڻ ۽ هوءَ جا ٻِي جڻي سائس گڏ سفر ڪري رهيِ هئي ۽ سندس ڀر ۾ ويٺيِ هئيِ، شايد اڳيئيِ جواب ڏيڻ لاءِ تيار ويٺيِ هئيِ. چيائين، ''پوءِ اهڙا ڏوهه گناهه ڪيو ڇو؟ جو هر هر ڀڳوان کي پيون بخشايو.''

اُها عورت ڳالهه ڪري رهيِ هئي ته مان هن جو اهڙو اَڏنگو ۽ اَڻ وڻندڙ جواب ٻڌي حيرت ۾ پئجيِ ويس! منهنجا ته ڏند چپن سان لڳيِ ويا! ممبئيِ پهچڻ تائين مون ڀڳوان کي بلڪل وساري ڇڏيو، ڇاڪاڻ ته هن جو چيل طعنو هر هر منهنجي ڪنن ۾ گوُنجيِ رهيو هو.

اسان هن جي کهاڻيِ ٻڌيِ پنهنجيِ کل روڪي نه سگهياسين. سوچيوسين ته اجا به ڪي اهڙا اِنسان هن دنيا ۾ آهن، جن کي ڀڳوان جي نالي ٻڌڻ تي مرچيون ٿي لڳيِ. اِن چوڻ ۾ ته ''هي ڀڳوان ڏوهه گناهه بخش''، هن ڪوبه قصور ڪونه ڪيو هو!

(٢)

دهليءَ ۾ مان پنهنجي ڪنهن ويجهي عزيز وٽ لٿل هوس. اُتي اِتفاق سان اُن جو ٻيو به هڪ ويجهو عزيز زال سوڌو اچيِ سهڙيو. منجهند جي روٽيءَ جو وقت هو، روٽيِ بلڪل تيار هئيِ. مڇيءَ جو طعام تيار هو. آيل مهمان پڻ مڇيءَ جو خاص شوقين هو. مهمان مڇيِ کائيندو به رهيو ۽ ڳالهيون به ڪندو رهيو. کائيندي کائيندي جڏهن مڇيءَ جو آخرين ڪتر جو اڌ کائي چڪو ته هڪدم رڙ ڪري چيائين، ''هن مڇيءَ جي ڪتر ۾ گاسليٽ جي بانس اچيِ رهيِ آهي!''

هڪ گولي وجي گھوڙي کي لڳي. گھوڙو سوار سوڌو زمين تي ڪِري پيو، پر سارجنٽ هڪدم اُٿي کڙو ٿيو ۽ پنهنجي پستول مان پانڊي طرف گولي هلائي پر نشانو ٺيڪ نہ لڳو. منگل جي بندوق بہ خالي ٿي چڪي هئي، هن هڪدم پنهنجي مياڻ مان تلوار ڪڍي، سارجنٽ تي حملو ڪيو. ايتري ۾ ٻئي سارجنٽ پنهنجي بندوق سان منگل تي حملو ڪيو. مگر منگل ڦرتي ڪائي پنهنجيءَ تلوار جو ٻنهي تي زوردار حملو ڪيو. ٻئي آفيسر گھايل ٿي پيا. ٻئي آفيسر ملي ڪري بہ منگل جيڪو اُن وقت ٻڪايل شير وانگر نظر اچي رهيو هو، اُن جو ڪجھ بہ بگاڙي نہ سگھيا، اُن جو وار بہ ونگو ڪونہ ٿيو.

ڪرنل جيڪو پڻ اُن وقت اُتي پهچي چڪو هو، چِلائيندي چيو،''پڪڙيو، پڪڙيو، گرفتار ڪريو.'' اِهو ٻڌي هڪ شيخ پلٽو اڳتي وڌي منگل جو هٿ پڪڙڻ چاهيو تہ منگل رڙ ڪري چيو، ''خبردار، پانڊي کي هٿ نہ لاهہ، نہ تہ جان ڪانہ بچنديءِ.'' پلٽو گھبرائجي ويو ۽ اُن منگل کي ڇڏي ڏنو. ٻئي انگريز آفيسر اُتان ڀڄي نڪتا. اُن وقت جيڪي بہ سپاهي ڊيوٽيءَ تي هئا، اِهو تماشو ڏسندا رهيا. موقع ملندي ئي منگل پنهنجي بندوق ۾ گوليون ڀري ڇڏيون.

اُن ڪشمڪش هلندي، ڪنهن طرح فوج جي جنرل کي خبر پئجي ويئي. هُو هڪدم گوري سپاهين سان گڏ اچي موقع واردات تي پهتو. منگل، جنرل کي ايندو ڏسي، ديسي فوجي جوانن کي ورِي للڪاريو،''جوانو! اڳتي وڌو ۽ اچي ڌرم يڌ ڪريو. هُو اسان جا شترو آهن، انگريز آهن. اسان جي ڌرم جا دشمن آهن، اچي اُنهن کي ختم ڪريو، اُنهن جي خون سان هولي کيليو.'' پر فوج جا جوان اڳتي وڌڻ بجاءِ پنتي هٽڻ لڳا ۽ چپ چاپ پٿر جي مورتيءَ وانگر اُتي ئي جمي ويا. منگل جي پڪار تي ڪوبہ اڳتي ڪونہ وڌيو.

تڏهن منگل پنهنجو اَنت سميہ ويجهو ڄاڻي، زور سان چِلائيندي چيو،''مان براهمڻ آهيان. منهنجي گلي ۾ هِي وڌرمي چنڊال ڦاسيءَ جو ڦندو نٿا لڳائي سگهن منهنجي جيئري.''

ايترو چئي هن پنهنجي رائيفل پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي گولي ڇوڙي. هن جو سرير خون سان ڀريل پارت ڀوميءَ تي ڪِري پيو ۽ هميشه لاءِ ڀارت جي اِتهاس ۾ پنهنجو نالو اَمر ڪري ويو.

منگل جو نالو اَمر آهي! ڪير ٿو چوي بہ هُو مري ويو آهي؟

ڪهاڻي:-

گرين ڪارڊ!

شاديءَ جو وڏو ڪارڊ آيو هو.ان سان ننڍا ننڍا ڪئي ڪارڊ لڳل هئا.مڱڻي تي مان ويو هوس.شيام بمبئيءَ مان پڙهي وڏيڪ پڙهڻ لاءِ، ڪمپيوٽر جي وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ امريڪا ويو هو.ٻه-ٽي سال لاڳيتو ڪوشش ڪندو رهيو هو ۽ ان لاءِ پٽس ڪيئي لک خرچي ڇڏيا هئا.

هاڻي هو وڏي ڪمپنيءَ ۾ سٺيءَ ۽ وڏيءَ پوسٽ تي پڪو ٿي ويو هو.نيويارڪ کان ٿورو پري جتي سندس نوڪري هئي،هڪ اپارٽمينٽ (ڊيوپلڪيس) بئنڪ کان قرض وٺي،باقي مائٽن کان روپيا گهرائي خريد ڪيائين.جپاني موٽر ڪار ٻه ورتائين هفتي جا پنج ڇهه ڏينهن خوب محنت ڪري ڪمپني جي مالڪ کي راضي ڪري سگهيو هو.

هاڻ هن جا مائٽ سندس شاديءَ لاءِ ڪنهن سٺيءَ ڇوڪريءَ جي ڳولها ڪرڻ ۾ لڳي ويا.پڙهيل هجي،خوبصورت هجي ۽ وٽس گرين ڪارڊ هجي ته-بهتر نه ته ڪيس شاديءَ ڪانپوءِ ٻه ٽي سال گهٽ ۾ گهٽ گهوٽ سان الڳ هندستان ۾ رهڻو پوندو.جيستائين ويزا جو بندوبست.امريڪن سرڪار جا اهڙا قاعدا آهن.

سيني اخبارن ۾ 'گهرجي نئين نويلي ڪنوار' لاءِ اشتهار وجهايا ويا.سئين پڙهيل ڇوڪرين جي مائٽن وٽان خط آيا پر'گرين ڪارڊ'ڪنهن وٽ ٻه نه هو.آخر هڪ ڇوڪريءَ جي مائٽن آئي.هن وٽ'گرين ڪارڊ' هو، ڏسڻ ۾ ٻه چڱي هئي، فئشنبل هئي پر پڙهيل صرف ميٽرڪ تائين هئي.پهرين ته شيام جي مائٽن اُن خط تي ڌيان ئي نه ڏنو پر ٻن ٽن مهنن جي تلاشيءَ بعد 'گرين ڪارڊ' واري ڇوڪري نه ملڻ ڪري، هن صرف مئٽرڪ پاس ڪيل ڇوڪريءَ جو پاڳ ڪلي پيو. ڇوڪرو امريڪا مان ڇوڪريءَ کي ڏسڻ لاءِ اچي ويو هو. هڪ هڪ ڪري لڳ ڀڳ سيني ڇوڪرين کي ڏٺائين-کي پسند ٻه-ڪيائين پر وري 'گرين ڪارڊ'جي پنڌن تي اٽڪي پيو. شيام جا ماءُ پيءُ شاديءَ ڪانپوءِ ٻن ٽن سالن لاءِ ڇوڪريءَ کي اڪيلو پاڻ وٽ رهائڻ لاءِ راضي نه هئا.آخر هڪ ڏيهن شيام اُن مئٽرڪ پاس ڇوڪريءَ کي ٻه-ڏسڻ جي خواهش ڏيکاري.ڇوڪريءَ کي ماءُ پيءُ نه هئا.هوءَ ماسي وٽ رهندي

جڏهن پهرين ڪاڏل مڇيءَ جي هن ڪابه شڪايت ڪانه ڪئي. اِهو ٻُڌِي گهر جا ڀاتِي ۽ مان چُپ رهياسين.

هنجي وڃڻ بعد گهر جي ڀاتين ٻُڌايو ته هوُ شخص ڪٿي به ويندو آهي، اُتي هوُ ڪاڏي مان ڪو نه ڪو نقص ضرور ڪڍندو آهي. ڀلي ئي طعام ڪهڙو به لذيذ ۽ سوادي هجي، اها هنجي عادت آهي. اِنسان عادت کان مجبور ٿيندو آهي.

اِهو ٻُڌِي سڀ حاضر ماڻهو کِلڻ کانسواءِ رهي نه سگهياسين.

(٣)

هڪ ڏينهن مان روزانِي هِندوُ اخبار پڙهي رهيو هوس. ٻيا گهر جا ڀاتِي سڀ ويٺا هئا. اُن وقت منهنجو پوٽو ٿو مون کان پُڇِي،''داداجِي، هِن اخبار ۾ خبرون تازيون هونديون آهن؟''

مون جواب ڏنومانس، ''خبرون ته تازيون هونديون آهن، پر اخبار کي هِت پهچندي پهچندي خبرون باسي ٿِي وينديون آهن!''

سو وَرِي ڪيئن؟

ڇاڪاڻ ته اخبار کي ٽپال رستي هِت پهچندي پهچندي ٤-٥ ڏينهن لڳِي ٿا وڃن. اِنڪري چوان ٿو ته خبرون باسي ٿي ٿيون وڃن. پر پنهنجي سنڌِي ٻوليءَ ۾ خبرون پڙهڻ جو لطف ئي ڪُجھ اور آهي! ڏاڍِي خوشِي ملندِي آهي!

''سنڌِي سِکو ۽ سنڌِي پڙهو ۽ سنڌِي ڳالهايو.''

(٤)

اُن ڏينهن منهنجي روٽِي ڪنهن ويجهي عزيز وٽ هئِي. جڏهن روٽِي کائڻ محل سڀ ڪُرسين تي ويهِي رهياسين ته منهنجِي ڪُرسِي پينگهه وانگر لُڏڻ لڳِي. مون پنهنجي عزيز ڏانهن مُنهن ڪندي چيو، ''منهنجِي ڪُرسِي ته لُڏِي رهِي آهي.''

اِهو ٻُڌِي اُن وقت اُنجي نوُنهن، جا اُتي بيٺِي هئِي، تنهن اَهڙو ته تُرت حاضر جواب ڏنو، جو مان دنگ رهجِي ويس!

چيائين، ''داداجِي، اَسين خود لُڏِي رهيا آهيون. جي ڪُرسِي لُڏِي ته ڇا ٿيو؟''

اِهو ٻُڌِي سڀ ويٺل ڀاتِي پنهنجِي کِل روڪي نه سگهيا.

وڻي. جيڏانهن هڪ تي وڃڻ جي مرضي ٿي اُتي اُتي ٻئي نابري ٿي واري ۽ ائين ڊبيل اڻ ٻٽت ڏيري موڪلن ۾ شيام جا ماءُ پيءُ پٽ ۽ نُنهن وٽ امريڪا گهمڻ آيا. ڪنوار پهرين ماڙ تي بيڊ روم ۾ ئي گهڻو وقت رهندي هئي ۽ گهوٽ آفيس ۾ سندس سس سهرو هيٺ گرائونڊ فلور تي ٿهيل ڪمري ۾ ئي وقت گذاريندا هئا. سڏ ڪرڻ تي بہ ڪنوار هيٺ لهي هنن سان ڳالهيون ڪرڻ پسند نہ ڪندي هئي. هنن اُن بابت پڇيو 'مونکي هتي مزو ڪون ٿو اچي' ائين ڪنوار جواب ڏنو.

ان نموني جي جواب سس سهري جي دلين جي ڌڙڪن وڌائي ڇڏي، ڪجھ ڏينهن اُتي رهندي هنن پنهنجي پٽ ۽ نونهن جي سنبنڌن ۾ تناءُ هلندڙ محسوس ڪيو. ننڍي وڏي ڳالھ تي هنن کي جهڳڙندو ڏاتو پٽ چوي 'هوءَ غلط آهي - هنکي منهنجي ڪابہ ڳالھ ڪان ٿي وڻي - جيئن چوانس ٿو، اُن جي بلڪل هو اُبتو ٿي ڪري' نونهن چوي 'هن کي منهنجو گهمڻ پسند نٿو اچي - منهنجا مائٽ هن کي نٿا وڻن - پنهنجي ماءُ پيءُ وٽ ڪيئن ٿو ڇنڇر آرتوار گذاري.... جيڏاهن مان چوانس - اوڏانهن هلي نٿو!'

ايتري تناءُ شيام جي زندگي گويا سوڙ رهي ڪري ڇڏي. هو ڪيڏانهن وڃڻ لاءِ تيار نہ هو. گهر ڪان آفيس ۽ آفيس ڪان گهر بس نوڪري ٻہر مهني بدلائيندو رهندو هو. هاڻ هن جو آفيس جي ڪم ۾ ٻہ من نٿو لڳي هيترو سارو قرض هن بئنڪ مان ڪٽي گهر ورتو هو ۽ ڏاهيو هو. اتي رهڻ ۾ ڪيس هاڻي مزو نٿي آيو.

هڪ ڏينهن گهوٽ ڪنوار جي وچ ۾ بحث وڌو هنگامو مچائي ڇڏيو. ڪنوار بئگ ۾ زر زيور سٺا سٺا ڪپڙا وجهي پنهنجي ڏورانهين مائٽن وٽ وڃڻ لاءِ تيار ٿي بيني. لڳي ائين پيو گويا هنن ڪيس ڇڏي ڇڏيو هجي نہ هي امريڪا آهي - ڪڏهن بہ گهوٽ سان اٻٽت ٿيئي ۽ توکي ڏمڪائي تہ اسان وٽ هلي اچج. هوءَ گهوٽ، سس ۽ سهري جي روڪڻ سان بہ نہ رڪي ۽ بئگ کنيو گهر ڇڏي هلي ويئي،

شيام ساڻس فون تي اڌ اڌ ڪلاڪ ڳالهائيندو رهيو ڪيس سمجهائيندو رهيو پر وريس ڪجھ ڪون. شيام جا ماءُ پيءُ اتي جي وڌيڪ ٿڌ ۽ گهر ۾ ايترو تناءُ سهي نہ سگهيا ۽ هندستان واپس هلي آيا..... ڪنوار جي ماسي

هئي ۽ ماسي ئي سندس ماءُ هئي.

شيام چوڪريءَ کي گرين ڪارڊ هٿڻ ڪري قبول ڪيو.چوڪري امريڪا ۾ رهڻ آئي هئي،هنجي ماتيجي ماءُ اتي رهندي هئي ان ڪري هن کي ٻ امريڪا جي ويزا مليل هئي.

وڏيءَ هوٽل ۾ مڱڻو ٿيو.مڱڻي جو ڪيڪ ڪٽيو.منڊي هڪ ٻئي کي پاتي ۽ شيام چوڪريءَ کي هنج ۾ کڻي مٿي ڪيو ۽ پنهنجي مردانگيءَ ڏيکاري. ٻئي ڏريون ڪاڪ ٽيل جي موج ماڻيندڙ خوش هيون.

هليڊي اِن ۾ شادي ٿي اندر هال ۾ وواهه،جو منڊپ ٺاهيو ويو هو.گهوٽ ڪنوار سينگاريل جهولي ۾ ويهي شادي ڪئي.چوڪريءَ اُن ويل ڪان وٺي ئي شيام تي پنهنجي جوانيءَ جو جادو ڪيو.هوءَ پيرين اُگهاڙي ويڏيءَ جي منڊپ مان اُٿي سيني سان گڏ هلندي رهي هئي شيام هن جو سونهري سئنڊل ڪنيو هن جي پٺيان ايندو رهيو. هن ٿئنڪيون چئي سئنڊل پاتو.

شاديءَ جي پهرين رات هنن هوٽل ۾ گذاري صبح جو اٽڪل هڪ بجي هو گهر پهتا، شيام ٻ خوش هو ت چوڪري ٻ خوش هئي.ٽئين ڏينهن ئي هو هني مون جي لاءِ اوٽيءَ هليا ويا.واپس آيا....سيني مٿن مائٽن سان مليا ڏهن ڏينهن ڪانپوءِ هو ٻئي امريڪا هليا ويا ۽ ڪنهن کي ٻ اها سمڪ نه پيئي ت هنن ٻنهي کي گهرائي سان سمجهيوئي ڪون هو.

اُتي گڏ رهندي شيام ڪنوار کي وڌيڪ پڙهڻ لاءِ زور پريو-جئن ڪيس ٻ نوڪري ملڻ جي سهوليت ٿئي ۽ گهر ۾ اڪيلو رهڻ ڪان ٻ بچي وڃي. مرضي نه هوندي ٻ هوءَ ڪلاسز ۾ وڃڻ لڳي ۽ اڌ ڏينهن ڪانپوءِ اڪيلو گهر هن کي کائڻ لڳو. شيام ت رات جو ٨ بجي ڪان اڳ گهر پهچندو ئي ڪون هو.هوءَ ساهيڙين سان گهمڻ لڳي ۽ پريان مائٽ ٻولهڻ لڳي. هوءَ ڪلب ۾ وڃڻ سکي پيئي ۽ صبوح ڪان رات جو ٨ بجي تائين هو پنهنجيون اهي غلط مشغوليون ٻولهي ڪديون.

شيام کي ڪڏهن ڪڏهن اڪيلوٿي دبن جي ماني کائي باسڻ صفا ڪري سمهڻو پوندو هو. هن پنهنجي ڪنوار کي سمجهايو ان نموني قيمتي وقت نه وڃائڻ لاءِ چيو.ماگهن هن شيام ڪان الڳ موٽر وٺي ڏيڻ جي گهر ڪئي. هاڻ ٻنهنين جو آپو ٽڪر جڻ لڳو.هڪ جي ڳالهه ٻئي کي نه ٿي

ممتاز

زقلم:پريم لتا عيدناڻي-بڙودا

عشق پر زور نهين
يي وو آتش غالب
کي لڳائي نہ لڳي،
اوُر بجھائي نہ بني.

منهنجي ممتاز آتما جو آواز.نوُراني نور چشمي بددور هئي.انهيءَ جي يادگيرين تي ئي لڳي رهيو آهيان ان بنان منهنجي زندگي اڌوري رهجي ويئي.هوءَ جيترو منهنجي نزديڪ هئي اوترو ئي مونکان دور هلي ويئي.ڪيس ڪٿي ڳولهيان!هوءَ ڪيڏانهن ويئي!منهنجي منڙي محبوبا! مون بنان خوش هوندي يانہڪجھ چئي نٿو سگهان جو ياد شڪتي بہپڏڻ لاءِ ڪن هيڏي هوڏي واجهائي رهيا آهن.صبح جو اٿنديئي پنهنجي پراڻي ڊائري ڪڍي پڙهڻ لڳس تہيادگيريون جڻ تازيون توا نيون ٿي ويون.

مان ۽ ممتاز ٻئي گڏ اسڪول ۾ پڙهندا هئاسين.ان وقت منهنجي عمر ١٣ سال ۽ ممتا جي عمر ١١ سال هئي.هوءَ سنهري سُهڻي ڳل گول مٿول انب وانگر زبان مٺي ماکيءَ وانگر ڏاڍي پياري لڳندي هئي.قدرت لڳي ٿو تہ هنکي واندڪائيءَ ۾ ويهي ٺاهيو آهي.پر ساڳئي وقت پڙهائيءَ ۾ پنتي پيل هئي.ڪلاس ۾ ڪيس چيڙائيندا هئا'اڙي سُهڻي ٺئينءِ تہچا ٿيو پڙهائيءَ ۾ تہبلڪل ڪچي آهين'ويچاري من ئي من ۾ ڏاڍو دکي ٿيندي هئي.جڏهن بہماستر ماريندو هوس تہاکين ۾ آسون آڻي مونکي ئي چوندي هئي،سبروُ تون مونکي مدد ڪر نہڏاهو آهين نہ!مونکي هن جو معصوم چهرو ڏسي ديا اچي ويندي هئي ۽ روز نيم سان ڪيس گهر پڙهائڻ ويندو هوس.سندس ماءُ بہ مونکي دل وجان سان پيار ڪندي هئي،وقت گذرندو رهيو ۽ اسين ٻئي جوان ٿي وياسين اسان جي پيار جا پيچ پختا ٿيڻ لڳا ۽ ان پيار جي صدقي ممتاز جي پڙهائيءَ ۾ بہ ڪافي اضافو آيو.هاڻي اسين ٻئي پيار جي پوتر بنڌن ۾ ٻڌجڻ لاءِ هڪٻئي سان واعدا ۽ اقرار ڪرڻ لڳاسين پر جوانيءَ جي جوش اها خبر ڪون پيئي تہڪو اسان جي

جنهن ئي ڪيس پالي وڏو ڪيو هو،هن کي چوڪريءَ کي سمجهائڻ لاءِ چيو-گهوٽ ڪنوار جي وچ ۾ ناهه ڪرائڻ لاءِ چيو پر هن به ڪو سڌو جواب ڪون ڏنو.

اُن وچ ۾ ڪنوار وڪيل معرفت پنهنجي گهوٽ ڪان گهر ڪئي ته،هو مون سان برابر نٿو هلي هن جو مونسان وهنوار به برابر نه آهي. هو مون تي گهڻا ظلم ٿو ڪري ان ڪري هن سان رهي منهنجو من پرجي رهيو آهي ۽ هو هر دم مونکي هيسائيندو رهندو آهي-مون کي بار بڻڪون ٿيو آهي-ان ڪري مان هن سان نٿي رهڻ چاهيان ۽ جيئن تهمونکي ڪابه ڪمائي ڪانهي ان ڪري مونکي-/١٢٠٠ ڊالر هر مهني ۽ پاهر اچڻ وڃڻ لاءِ هڪ موٽر ڪار وٺي ڏئي ۽ وٽس جيڪا به ملڪيت آهي ان مان اڌ حصو مون کي ڏئي ڇاڪاڻ ته ساڻس ڇهن منهنن ڪان وڌيڪ شاديءَ ڪان پوءِ رهي آهيان اهو هتي جو اميريڪا جو قاعدو آهي'

شيام پنهنجي وڪيل سان صلاح ڪئي.هن ٻڌيس تهقاعدي موجب هن واجبي گهر ڪئي آهي ۽ ڪورٽ ڪيس ايترو حق ضرور ڏياريندي.

شيام حساب ڪيو ايترو هن کي ڏيڻ سان ۽ گهر جي لاءِ ڪنبل قرض جو قسطون پرڻ ڪانپوءِ ڪيس صرف ٦٠٠ ڊالر هر مهني تي بچيا ۽ اُنهن مان هو ڪيئن تي هلي سگهيو .هن ڏينهن اچانڪ هن هوائي جهاز مان ماءُ پيءُ کي فون ڪيو ته مان ٻارهن ڪلاڪن ڪانپوءِ بمبئي ايئر پورٽ تي لهندس ۽ اميريڪا ڇڏي آيو آهيان ۽ گرين ڪارڊ کي به اتي پهچندي اچي باهه ۾ ساڙيندس.

نڪر چاولا-بمبئي

ڊائري پڙهندي پڙهندي آخري سٽ پڙهيم تہ ممتاز بهشت ۾ آهي ۽ هاڻي مونکي بہوچڻو آهي.زندگيءَ جو آخري باب ختم ٿيڻ تي ئي ممتاز سان ملاقات ٿيندي......

30 SubhaSh Park
Air Port Road
BARODA-6

❃ ❃ ❃

ڪيول ’مسافر‘ جئپور

اپاهج

آدم قد آئيني جي سامهون ڪشور پنهنجي منهن تي ٿيل سوچ ڪي ڏسي رهيو هو .ڪالھ ڪان ڪيس ڏاٽ جي سور ڪافي پريشان ڪري رکيو هو ساڃي پاسي منهن تي اڃان بہڪافي سوڄ بيٺي هئي.٣٦ سالن جي ڪشور جو شريرڪافي رشٽ-پشٽ پئي لڳو.هن آئني ۾ پنهنجي عڪس تي هڪ نظر وڌي، جڏهن سندس نظرون گوڏن ڪان هيٺ پهتيون تہهن جي چهري تي اچانڪ مايوسيءَ جون ريکائون اُڀري آيون.سندس ذهن ۾ ماضيءَ جي ١۴ سال اڳہ جي اُها ڀيانڪ تصوير تري آئي.اُن وقت سندس عمر ٢٢ سال هئي ڪيس شاديءَ ڪئي اڃان سال بہ پورو ڪون ٿيو هو.هلڪيون مڇون، رنگ برنگ ۽ بدن ڀريل هڪ ٺاهوڪو جوان ٿي لڳو.

سمرتيون ڪروٽ موڙي سندس سامهون اچڻ لڳيون ۽ هو ماضيءَ ۾ کوهڃي ويو.سياري جا ڏينهن هئا ،هو ١٢سالن جي ڀيڻ ريکا کي سائيڪل تي چاڙهي اسڪول ڇڏڻ پئي ويو (پي.ڊبليو.ڊي.)جي آفيس جي سامهون اچانڪ پٺيان هڪ ڪار اچي ٽڪر هنيو.ننڍڙي ريکا اُڇلجي وڃي پري ڪري ۽ ڪشور جي ٽنگ بريءَ طرح ڪچلجي ويئي هئي ۽ هو بيهوش ٿي ويو.اسپتال ۾ جڏهن سندس اک کلي تہهن سور ڪان ڪراهيندي،هيڏانهن هوڏانهن نظر ڦيرائيندي.سامهون ماءُ ۽ وڏي ڀيڻ سريتا کي ڏسي هن بيحد ڪمزور آواز ۾ پڇيو’ريکا ڪيئن آهي؟ڪٿي آهي؟ماءُ جڻ اڳم ئي پيار ۽ ممتا ڀريو هٿ ڦيريندي چيو،تون فڪر نہڪر لال،ريکاٺيڪ آهي ۽ هوڏانهن

وڃير ڏين جي درار به آهي جاڪڏهن وڇڙڻ جي ويل بہ آڪينڊي ۽ سچ پچ ٿيو بہ ائين.

سِنڌ جو ورهاڱو ٿيو ۽ ماڻهن لڏپلاڻ ڪرڻ شروع ڪئي.ممتاز ڪي هڪڙو پاءُ هيو جو ڪافي ڪٽر هو هن ممتاز کي تہ ڪڏهن جو اسڪول ڇڏائي گهر ۾ وهاريو هو ۽ هاڻي تہ ملڻ بہ مشڪل ٿي لڳو.امان سان ملڻ جي بهاني سندس گهر ويندو هوس تہ هنڪي اهو بہ نہ وڻندو هوس هن ممتاز تي ظابطو رکيو هو تہ هوءَ گهر کان ٻاهر نہ نڪري.اسين ٻئي هڪ ٻئي سان ملڻ لاءِ ماندا هئاسين.هيڏانهن منهجي پيءُ بہدوڪان ۽ جڳهہ وڪڻي هلڻ جا سانباها ڪري رهيو هو. مان تہڏاڍو منجهي ويس پر ڪري ڇا ٿي سگهيس؟

هڪ ڏينهن ممتاز جو پاءُ ڪنهن ڪم سانگي ٻئي ڳوٺ ويو هو ممتاز وقت جو فائدو وٺي منهنجي گهر آئي.قدرت سان منهنجي ماءُ بہ ٻاهر ويل هئي.ٻئي دليون هڪ ٻئي سان ملڻ ۽ روح رهاڻ ڪرڻ لڳاسين ۽ دل کولي رناسين. مون کيس ٻڌائي ڇڏيو تہ اسين بہ جلد هندستان وڃڻ وارا آهيون ۽ هاڻي الا جي ڪڏهن ملون يا نہ بہ ملون. اُن ممتاز جي دل تي گهرو اثر ڪيو.اسان ٻئي وڇڙجي آگ ۾ جيئري جلي رهيا هئاسين. ممتاز گهر ويئي تہ کيس تيز بخار اچي چڙهيو بخار هڪدم مٿي ۾ چڙهي ويس ۽ ٻئي ڏينهن نما شام جي وقت وڃي الله کي پياري ٿي. مونکي اِها خبر ڪونہ هئي ممتاز کي دفنائڻ لاءِ جڏهن کڻي ويا تڏهن سندس ماءَ لڪي مون وٽ آئي هوءَ زارو زار روئي رهي هئي.سڏ ڪري چيائين ’سيرو ممتاز توکان هميشه هميشه لاءِ دور هلي ويئي. ٻڌندي منهنجي اکين اڳيان انڌيرو ڇائنجي ويو. هيٺنر پاڳلن جيان ڊوڙندو ڊوڙندو اُتي پهتس جتي ممتاز کي دفنائي رهيا هئا.سندس مايوس مکڙو شانت ڏسي هنجون هارڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيس ۽ کيس پريان پيار پريا سلام ڪري واپس وريس.من ۾ ماتم هو ۽ پڪو پرن ڪيم تہ عمر ڀر شادي نہڪندس. ممتاز جي پيار جي پوڄا ڪندس ننڊپڻ جي نينهن کي تنهائيءَ ۾ نڀائيندس تڏهن ئي هن جو تصور ڇتيءَ طرح ڪري سگهندس.ياد جي ياد ۾ ئي زندگي بسر ڪندس اِلاهي عشق ۾ وڇڙجڻ تہ هو ندوئي آهي.

اُداس ۽ مايوس هو.هي هڪ عجيب اِتفاق هو جنهن ڏينهن ڪشور جو مڱڻو آشا سان ٿيو هو،اُن ڏينهن ئي هن جي سڄاڻپ پرڪاش سان هڪ وچتر نموني سان ٿي هئي.هو آريہسماج مندر وٽان لنگهي رهيو هو.اچانڪ موڙ وٽ هڪ تيز رفتار ايندڙ ڪار اچي وڻ سان ٽڪرائجي هئي ۽ پرڪاش گهايل ٿي پيو هو. سندس پيشانيءَ ۾ گهرو گهاءُ ٿي پيو هو،جنهن مان خون وهي رهيو هو.نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ ڪشور هن کي اسپتال پهچايو هو.پنهين جي دوستيءَ جي حالت ۾ ڪشور هن کي اسپتال پهچايو هو پنهين جي دوستيءَ جي شروعات اِتان ٿي هئي.

جنهن ڏينهن ڪشور ۽ آشا جو مڱڻو ٿيو هو اُن کان قريب هڪ مهنو اڳ پرڪاش آشا کي پنهنجي گهر سندس پيڻ سان گڏ آيل ڏٺو هو. آشا جي خوبصورتي هن جي دل ۾ گهري اُتري ويئي هئي،هو هر حالت ۾ ڪيس پنهنجو جيون ساٿي بنائڻ لاءِ اُتاولو ٿيڻ لڳو هو.هن پنهنجي ماءُ ۽ پيڻ تي زور آندو تہ هو آشا سان سندس مڱڻو ڪرائين آشا سان سندس مڱڻو ٿيندي-ٿيندي ٽٽي پيو هو. اُن جو ڪارڻ هو پرڪاش جي حد کان وڌيڪ شراب خوري.آشا جو پاءُ پرڪاش کي سڃاڻندو هو ۽ مڱڻو ٿي نہ سگهيو هو.

جنهن ڏينهن پرڪاش کي خبر پيئي تہ آشا جو مڱڻو ٿي چڪو آهي تہ هو ايمان جي آگ ۾ جلڻ لڳو.شراب ۽ غصي جي آگ ملي ڪري ڪيس بي قابو بڻائي ڇڏيو هو.امير هئڻ جي ڪري شراب جي شوقيا عادت تہ ڪيس هئي، پر اُن ڏينهن هو ايمان ۽ خوداري جي چوٽ برداشت نہ ڪري سگهيو هو ۽ درگهٽنا جو شڪار ٿي پيو هو.

پرڪاش جي ماءُ پٽ جي ڪارڻ ڪافي ذلت ۽ گلاني محسوس ڪري رهي هئي. هوءِ اندرئي اندر بيحد دکي هئي.پرڪاش ايمان جي زهر ۽ آتم گلانيءَ کان تڙقي رهيو هو.هن جڏهن پنهنجي پيڻ جي واتان اِهي اکرپڌا هئا تہضرور آشائي اِئين چئي اِنڪار ڪيو هوندو تہ مان اهڙي شرابيءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ڪون آهيان،خبر ناهي سندس پيڻ ائين چو ۽ ڪهڙي ڪارڻ چيو.مگر پرڪاش جي دل ۾ اِهي لفظ تيربڻجي چپي ويا هئا ۽ هو بدلي جي آگ ۾ جلندو رهيو هو.

پئي ڪمري ۾ آهي، ماءُ جي دل اندرائي اندر روئي رهي هئس.پر سڀني ڪڏهن ڪٿڙو نه ڀيانڪ مذاق ٿيو ڪن ! هوء موت جي بستري تي ليٽيل جوان پٽ کي اِهو ڪيئن ٻڌائي ته ريکا هن دنيا ۾ ڪانهي! موت جي چنبي اُن معصوم ٻار کي هميشه لاءِ ڇني ورتو آهي!!

ڪشور جو ڏائو پير مري ڪان مٿي ڪافي ڇچرجي ويو هو.ڊاڪٽرن لاءِ سواءِ آپريشن جي ٻيو ڪو رستو ڪون هو.گوڏي ڪان ٿورو هيٺ آپريشن ڪري پير کي الڳ ڪيو ويو هو.هن درگهٽنا پوري گهر ۾ بيحد ڊپ ۽ حراس پئدا ڪري ڇڏيو هو.ننڍڙي ريڪا جي موت رهي سهي هٽ ب بيحد ڊپ ۽ حراس پئدا ڪري ڇڏيو هو.ننڍڙي ريڪا جي موت رهي سهي همت به نچوڙي ورتي هئي! ٻن مهنن جي لنبي پيڙا دائڪ موت ڪان پوءِ هو اسپتال ڪان گهر آيو هو.اُنهن ٻن مهنن جي دوُران جيڪي پرسڻيون سامهون آيون هيون،سي ب پيڙا ڏيندڙ هيون. ايڪسيڊنٽ جنهن ڪار سان ٿيو هو ساڪار سندس دوست پرڪاش جي هئي.ڪوب وشواس ڪرڻ لاءِ تيار ڪون هو ته ڪو هڪ دوست،پنهنجي دوست کي اِئين مارڻ جي سازش ڪري سگهي ٿو.پر حقيقت جڏهن سامهون آئي تهپرڪاش ئي بدلي جي ڀاونا جي آويش ۾ اچي اِئين ڪيو آهي ته هن جي دل ۽ دماغ تي بيحد گهرو صدمو پهتو هو. هو سمجهي نه سگهيو ته اِئين ڇو ٿيو! اُن پيڙا ويتر ڪيس وڌيڪ وياڪل ۽ پريشان ڪري ڇڏيو هو.

اِنسان جي روپ جي ڪڏهن ب ڪنهنکي صحيح خبر ڪانه ٿي پوي. دوستي، دشمني ڪيئن ٿي ٻڻجي، اِنسان، شيطان ڪڏهن ڪيئن ٿو ٻڻجي، ساخبر خود ڪيس ب نٿي رهي پرڪاش سان بهاِئين ئي ٿيو هو.هن بدلي جي آويش ۾ اچي اِئين ڪيو ته سهي، پر جڏهن ڪيس حقيقت جي صحي ڄاڻ پئي ته هو پشچاتاپ جي آگ ۾ جلڻ لڳو. هو پنهنجي ضمير جي آواز کي دٻائي نه سگهيو.هڪ گناه ڪرڻ ڪان پوءِ هو ٻيو گناه ڪرڻ لاءِ تيار ڪون هو.هن پنهنجو پاڻ ڪان هارائي خوشيءَ سان جرم قبول ڪيو هو.

ڪشور کي ياد اچڻ لڳو اُهو ڏينهن، جنهن ڏينهن، پرڪاش کي سندس ڪيل گناه لاءِ عمر قيد جي سزا ملي هئي.اُن ڏينهن هو بيحد

هڪ ڀرپور چمات ڪشور جي ڳل تي وهائي ڪڍي، اڙي ڪمبخت ! توکي ايترو بہ رحم ڪونہ پيو تہ هن ڀري دنيا ۾ دکي ماءُ جو ڪهڙو حال ٿيندو!ڪشور هڪو ٻڪو اکيون هيٺ جهڪائي گونگا لڙڪ وهائي رهيو هو.هن سسڪي پريندي چيو مان اپاهج ٿي جيئڻ نٿو چاهيان. هن اڌوري زندگيءَ مان مونکي ڪهڙي مدد ملندي،ڪهڙو مان ملندو!' ماءُ جي دل چاڪ-چاڪ ٿي رهي هئي.هوءَ پٽ جي پيڙا کي سمجهي رهي هئي ۽ هن اِهو بہ محسوس ڪيو تہ هو جيون مان چاهہ وڃائي ويٺو آهي. هن کيس ڀاڪر ۾ ڀريندي چيو ائين ڪونہ چئبو آهي لال!جيون ڪهڙي بہ حالت ۾ هجي،جيئڻ جي لائق آهي. اُن کي نفرت جي نظرن سان نہ ڏس.ڇا،تون سمجهي ٿو تہ جيکي ثابت آهن سي پورو جيون جي رهيا آهن؟ جيستائين جيون ۾ اُمنگ ۽ اُتساهہ ناهي ٻين کي سک پهچائڻ جو ڀاو ناهي، تيستائين ڪو بہ منش صرف هٿ پير سلامت هئڻ سان سدورو جيون ڪون ٿو جيئي اُنهن کان وڌيڪ سارٿڪ جيون تنهنجو ٿيندو،جو تہ توکي همت رکي پاڻ کي ۽ ٻين کي سکي ڪرڻ لاءِ ڪجهہ ڪري ڏيکارڻو آهي،

آشا اُداس اکڙين سان ڪشور ڏانهن نهاريندي رهي هئي. اُنهن اکين ۾ اُداسيءَ سان گڏ هڪ ڏک ڀريو ڏوراپو بہ هو.ڄڻ هوءَ چئي رهي هئي توکي منهنجو ذرو بہ قياس ڪون پيو!ڇا،هي جيون صرف تنهنجي اڪيلي جو آهي؟منهنجو هن سان ڪوبہ واسطو ڪونهي؟ ڪشور آشا جي سهميل چهري جو ڀاو سمجهي ويو هو ۽ هو دل ئي دل ۾ شرمندگي محسوس ڪري رهيو هو.پر سندس دل ۽ دماغ ۾ جا اٿل-پٿل هئي تنهن کيس بيچين بڻائي ڇڏيو هو.هن اُداس اکين سان ڀرين ماءُ ڏانهن ۽ پوءِ آشا ڏانهن نهاريندي چيو،جيون اگر خود جي ۽ ٻين جي ڪم نہ اچي سگهي تہ اهڙي جيون جيئڻ مان ڪنهنکي ڪهڙو لاڀ ملي سگهندو. منهنجي همت ٽٽي چڪي آهي،مان هي اپاهج زندگيءَ جو بوجهہ کڻي ڍوئي سگهندس!

ماءُ کيس دلداري ڏيندي چيو پٽ توکي همت رکي اڳتي وڌڻو آهي! هڪ اهڙو آدرش اُتپن ڪرڻو آهي،جنهن جي اڳيان نفرت ۽ هين ڀاونا جا سڀ بندن ٽٽي چڪنا چور ٿي پوندا آهن ۽ جيون همت ۽ جوش جي ڪڙين سان جڙي جيئڻ جي قابل بڻجندو آهي،

پرڪاش شراب پيئڻ جو شوقين ضرور هو پرهو دل جو برو ڪون هو. سندس ذهنيت مان سٺائيءَ جو ٻج سڙيو ڪون هو.هو پنهنجي ووِيڪ جي آواز کي دٻائي نہ سگهيو هو ۽ هن خوشيءَ سان جرم قبول ڪيو هو.

ڪشور کي اُهو منحوس ڏينهن بہ ياد اچڻ لڳوهو، جنهن ڏينهن کيس ٻيسا کيءَ جي سهاري هلڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پيو هو.اُن ڏينهن هو بيحد دکي ۽ مايوس ٿي پيو هو.زندگيءَ مان سندس چاهہ نڪري ويو هو. هروقت اِهو سوچي پريشان ٿي اُٿندو هو تہ هن اڌوري جيون جيئڻ مان ڪهڙو لاڀ ملندو.احساس ڪمزوري جي ڀاو کيس بري طرح وڪوڙي رکيو هو.شروع ۾ ئي هن احساس سندس دل ۽ دماغ تي بيحد برو اثر ڇڏيو هو ۽ هو پاڻ کي هين سمجهڻ لڳو هو.اِن ڀنيان مکيہ بہ ڪارڻ هئا. هڪ تہ آشا،سندس پتني کيس هاڻي ڪهڙي نظرن سان ڏسندي، ڇو تہ هو اپاهج آهي ۽ شاديءَ کئي سال بہ پورو نہ ٿيو آهي. هو آشا کي بيحد پيار ڪندو هو،پر آشا هاڻي ڪائونس نفرت ڪرڻ لڳي تہ هو برداشت نہ ڪري سگهندو ۽ ٻيون ڪارڻ جيون جي سنگهرش پري ڊوڙ ۾ هو پوئتي رهجي ويندو. ڪابہ ترقي نہ ڪري سگهندو.يعني ٻيوس جي بي رحم ڇنتا!جا چڱن پلن کي لوڏي ٿي ڇڏي، لوُڏي ٿي ڇڏي!

پرڪشور خوش نصيب هو.آشا هڪ پڙهيل،شيل پتني هئي ۽ ڪشور جي ماءُ ديوي، دکي جي گهوٽيل، هڪ پڙهيل ۽ آزمودگار عورت هئي.وٽس سنيهہ ۽ ممتا جي سچاڳہ لهرن جي ڪمي ڪان هئي.جنهن ڏينهن ڪشور آتم هتيا جي گهاتي چڪر ۾ اچي،آتم هتيا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، اُهو ڏينهن گهر جي سڀني ڀاتين لاءِ منحوس ۾ منحوس ڏينهن هو!پر جنهنکي رام راکي-تنهنکي ڪير چکي اين موقعي تي ماءُ کيس بچائي ورتو هو .هن نيڪ عورت جڏهن بہ ڪنهن کي ڏکويو ڪون هو، رنجايو ڪون هو، پر قدرت سندس نصيب ۾ دکن جون پريون ٻڌي ڇڏيون هيون.پتيءَ جو سرڳواس ٿيڻ،معصوم ريکا جي موت جو صدمو، جوان پٽ جو اپاهج ٿيڻ ۽ مٿان هي دکہ! جوان پٽ پريءَ جوانيءَ ۾ آتم هتيا جو سوچي، اِهو دک گهٽ ۾ گهٽ هڪ وڏوا ماءُ لاءِ تہ ننڍو دک ڪون چئبو! هن گهٽنا مان ماءُ کي چڻ اندرئي توڙي ڇڏيو هو.هن غصي ۾ اچي

ٿئي هان مگر هاڻ منهنجو هي جيون اڌور ڪونهي.مان ڪنهن تي ٻه بوج ڪونه آهيان،پر پنهنجي همت ۽ حوصلي تي اڄ جيون جو مزو ماڻي رهيو آهيان. هان احسانمند آهيان پنهنجي ماءُ ۽ پتنيءَ جو ،جن اهڙين ڪٺن پرسٿتين ۾ حالتن ۾ همت ۽ وشواس جو سهارو ڏنو.

سندس خيالن جو سلسلو تڏهن ٽٽو، جڏهن اچانڪ آشا اچي سندس ڪلهي تي هٿ رکندي چيو،'ڏسان پئي ڪيتري وقت کان آئني جي سامهون بيهي سوچي رهيا آهيو. آخر اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي،جنهن ڪري توهان کي وقت جو ٻه سماءَ ڪون پيو آهي' ڪشور ڪجهه هٻڪندي چيو اِئين ئي البت اڄ گذريل گهٽنائون سمرتيءَ تي تري آيون هيون.آشا،امان سچ چيو هو ته،ماضي سڪدائي هجي يا دکدائي،هميشه ڏکوئيندڙ ئي ٿيندي آهي، سوچيان ٿو ته صاف ڏسڻ ۾ ٿو اچيم ته هي جيون اڄ توهان جي بدولت ئي سارٿڪ بڻيو آهي.'

آشا جي اکين ۾ پوشيه جو سونهري سپنو هو. هن ڪشور جي ڪلهن کي هلڪو سهرائيندي چيو،'ڪوبهمنش ڪمزورين کان آجو ڪون هوندو آهي پر ڪمزورين تي وجئهپائڻ لاءِ پهرين خود جو آتم وشواس ضروري آهي اُهو توهان ۾ آهي.اُن وشواس جي سهاري ئي توهان ڪٺن پريشانين کي منهن ڏيئي سگهيا آهيو.اسين تهصرف نمت ماتر آهيون'.

'ته چا، تون اِن ڳالهه سان سهمت ڪون آهين ته جيون جي ڪٺن گهڙين ۾ ڪنهن جي نه ڪنهن جي همٿائڻ ۽ سهاري ڏيڻ سان منش جو منوبل اونچو ٿئي ٿو ۽ هوپاڻ کي سنڀالڻ ۾ سڦل ٿئي ٿو'؟

آشا مسڪرائيندي چيو،'ڇو آهيان سائين آهيان پر اڄ توهان کي هي سڀ ڳالهيون اچانڪ ياد ڇو اچي رهيون آهن؟'ڪشور سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺندي چيو'اِهو صحي آهي تهگذريل وقت ورِي واپس ڪون ٿو اچي پر ساڌارڻ منش ته تنهين ڪالن کان بچيل رهي نٿو سگهي. مان ٻه هڪ ساڌارڻ منش آهيان. ماضيءَ جون سمرتيون اڄ منهن جي ذهن ۾ اُتري آيون آهن، زمان حال ۾ وشواس بڻيو رهي ۽ پويش ٻه اهڙو بهتر ٿئي، اهڙو منهن جو سپنو آهي.پرآشا،اڄ جي هيءُ ماضيءَ جون گهٽنائون تري آيون آهن اُنهن جي پٺيان هڪ ٻي ڳالهه ٻه آهي.تون شايد ٻڌڻ ٻه

ڪشور خاموش اکين سان ہنهين ڏانهن نهاريندو رهيو هو. آشا جي اکين ۾ لڙڪن جي لڙي تري آئي هئي، هن پلڪون بند ڪري ڇڏيون.لڙڪ سندس ڳلن تان وهڻ لڳا.پرهن جي چپن تي مشڪراهٽ جي هڪ هلڪي ريکا اُڀري آئي هئي. هن اُوڪي گهڙيءَ ۾ هيءَ هڪ سڪدائي احساس هو. هن مسڪراهٽ کي اجان ٻه‌ڻورو گهرو ڪندي چيو،’مشڪلاتون ۽ دکن کان گهبرائجي هٿيار ڦٽا ڻا ڪرين ۽ اڳتي هلي اُنهن مان ئي ملي ٿي منش کي پرپور شڪتي،آتم وشواس، جس ۽ ڪيرتي‘

ڪشور زندگيءَ بابت آشا جي هيءَ فيلسوفي ٻڌي اواڪ رهجي ويو!ماءُ هڪ سنتوش پريو سک جو ساهه کنيو.هوءَ اندران اندر دکي هوندي ٻه‌خوش ٿي.آشاجي ويچارن کان هوءِ ٻه‌ڪافي متاثر ٿي هئي. هن ڪشور جي مٿي تي پيار پريو هٿ ڦيريندي چيو،پٽ،جنهنکي تون اڏورو جيون ٿو چوين،ائين سوچڻ ئي سراسر غلط آهي. تون هڪ ڳالهه‌ڳنڍ ٻڌي ڇڏ ته هي جيون تو وٽ امانت آهي، اُن کي نقصان پهچائڻ يا اُن جي در-سمجهي اُپيوڳه ڪرڻ جو اڌڪار توکي ڪونهي ۽ ٻيو جو تون سمجهي رهيو آهين ته‌شرير جي ڪنهن هڪ اڌ انگه بگڙي وڃڻ سان جيون اڌورو ٿيو پوي، سا ڌارڻا ٻه دماغ مان ڪڍي ڇڏ- چو ته تو خود ڏٺو ۽ محسوس ڪيو هوندو ته صرف هٿ پير سلامت هئڻ سان ڪوبه سدورو جيون ڪون ٿو جيئي. اڌورو جيون ته اُنهن جو آهي،جيڪي ثابت هوندي ٻه ڪجهه نٿا ڪن هو نه پنهنجي ڪم ڻا اچي سگهن، نه ٻين جو ڪجهه پلو ٽا ڪري سگهن پنهنجي مائٽن جي ملڪيت کي حوش جي اگني ۾ ساڙي ڀسم ٽا ڪري ڇڏين.اهڙين اِنسانن جي سماج ۾ ڪمي ڪانهي. پر تنهنجو هي جيون بنا ڪنهن وشيش سچاٽپ ڏٺي جي سماپت ٿي نٿو توکي دنيا ۽ سماج کي اِهو سڏ ڪري ڏيکارڻو آهي ته تنهنجو هي جيون ماڪ جي ڦڙي جيان اڪيارٿو ڪونهي،اُن جو بي بها ملهه آهي!

هو سوچي رهيو هو ماءُ ۽ پتنيءَ جو صحي مارگ درشن اڄ ڪيترو نه ڪارائتو سڏٿي چڪو آهي اڄ هو هڪ ننڍڙي فئڪٽريءَ جو مالڪ آهي سيني سان سٺو ۽ پائيچاري جو سهنڊ جڙيل آهي.اگر اُن وقت آويش ۾ اچي جيون جو انت، آڻيان ها-ته هو اُهو جيون ئي سچ پچ اڌورو جيون

ڪهاڻي:

’شل دشمن نہ ڪري‘

تقليم:- اين ڊي مولچنداڻي

شاديءَ جي منڊپ جو ماڊرن سينگار ماڻهن کي موهي رهيو هئو. بجلين ۽ بلبن جا ڀن ڀن ڀيڪا ۽ چمڪا، مقناطيس وانگر، مهمانن جي نظرن کي ڇڪي رهيا هئا. رنگ برنگي گل ڦل ۽ غلم غاليچا سواگت دوار کان وٺي منچ تائين وڇايل هئا. ڦوهارن جي ڦينگار، ڀيني ڀيني سڳند ۽ سرهاڻ ڦهلائي، فضا ۾ مدهوش آڻي رهيا هئا. مٺو بہ مڌر سنگيت بہ ماحول ۾ اَلوڪڪ آنند پکيڙي رهيو هئو. اِئين پئي لڳو گوياڪنهن طلسم نگريءَ جو نظارو آهي. محفل جو مينو ۽ گهڻ مزيدار ڪون هئو. طرح طرح جا طعام ۽ نان هئا، قسمين قسمين چاٽ، ڇهربون ۽ چٽڻيون گهمٽين ۾ پروسيون پئي ويون. سوپ، سلاد، سڪو فروٽ ۽ مربا مٺايون، ڊنر کي وڌيڪ لذيذ بڻائي رهيا هئا.

اَهڙي من موهڪ ماحول ۾ اَڄ ڪندن ۽ چندن جي ٻارن جي شادي ٿي رهي هئي. ڪندن جو پٽ ڪمل ۽ چندن جي ڌيءُ چندا جڏهن ۷ ڦيرا ڏيئي، سينگاريل سنگهاسن تي وڃي ويٺا تہ سڀئي واهہ واهہ ڪري رهيا هئا. ڇا تہ ڪندن ۽ چندن لاجواب دوستي نڀائي آهي. چندن بہ دل کولي خرچ ڪيو، پنهنجي سموري ميڙي چونڊي ۽ ٻيو ڪجهہ اُڌارو وٺي پٽ وانگر، ڌي جي ڌام ڌوم سان شادي ڪئي تہ دوستيءَ کي ڪو تڪو نہ اچي ۽ ڪندن جي هر خواهش ڪوشش ڪري پوري ڪئي هئائين.

چندن ۽ ڪندن سنڌ ۾ وديارٿي جيون کانوٺي گهرا دوست هئا. چندن ڪندن جي جوڙي مشهور هئي. هو گهڻو ڪري گڏ ملندا هئا. پڙهائي گڏ، راندين ۾ گڏ، کائڻ گهمڻ وغيرہ سڀ گڏ. پاڻ ۾ ملندا هئا تہ ٻي چڻ ٿي ويندا هئا. هر ڏک سک ۾ گڏ هوندا هئا. چندن پڙهائي ۽ راندين ٻنهي ۾ هوشيار هئو پر ڪندن ڪجهہ ڪمزور. چندن، ڪندن کي پڙهائي ۽ راندين سيکارڻ ۾ وقت بہ وقت مدد ڪندو هئو.

۱۹۴۷ ۾ جڏهن هندوستان جو ورهاڱو ٿيو تہ سنڌ ڇڏي ڀارت ۾ اَچڻ کانپوءِ ٻئي دوست هڪ ٻئي کان وڇڙي ويا. ڪافي عرصي تائين پاڻ

پسند ڪرين،پر توکي اينترو ضرور چوندس تہ اڄ پرڪاش جي سزا پوري ٿي رهي آهي.هو قيد مان نڪري هن آزاد دنيا ۾ ايندو تہ ٿي سگهي ٿو ڪيس هيءَ دنيا بدليل نظر اچي.پر حقيقت ۾ دنيا ڪانہ بدلجندي آهي،منش ۽ منش جا خيال بَدلجندا آهن.مان توکي جيڪا ڳالھ چوڻ چاهيان ٿو،تنهن لاءِ هيتري ڀومڪا ٻڌڻ، تون منهنجي ڪمزوري سمجهي منهنجي دلي اِڇا آهي تہ ٿي سگهي تہ تون پرڪاش کي معاف ڪري ڇڏج. هن پنهنجي گناھ جي ڪافي سزا پاتي آهي'.

آشا ڪشور جي منهن ۾ نهاريندي رهي ڪشور جي ڀاونا کي سمجهڻ ۾ هن کي ڪا دير ڪانہ لڳي. هن وشواس ڀري نوع ۾ چيو'توهان وشواس ڪريو،مون ڪيس دل سان معاف ڪري ڇڏيو.مان پراٿنا ٿي ڪريان تہ سندس باقي جيون سک ۽ شانتيءَ سان گذري' ڪشور سک ۽ سنتوش ڀريو ساھ کنيو.هن ڇٽيءَ طرح محسوس ڪيو تہ ناريءَ جي وشال هرديہ جو ڪنهن بہ پارڪونہ پاتو آهي، آشاجي هن روپ ڪيس موهي ڇڏيو هو.دل ئي دل ۾ گد-گد ٿي رهيو هو.هن آشا ڏانهن پيار ۽ آدر ڀريل نظرن سان نهاريندي چيو'توجا شپ ڀاونا پرڪاش لاءِ ڪئي آهي.تنهنجي لاءِ مان توکي ڌنيواد ٿو ڏيان.چو تہ شپ ڀاونائن جو ڪوبہ ملھ ڪٿي نہ سگهبو آهي.اُنهن جو تہ صرف سڪدائي احساس ٿيندو آهي ۽ صرف اُهو احساس ئي سچو ملھ هوندو آهي اُن ڀاونا جو'

Kewalram V. Harnani
43/41/11 Mansarovar-JAIPUR

ڪوجهي توڙي ڪاري
لالن تنهنجي لاري
ساحب ڪر سرداري
من ڀي ڪو قياس پويئي.

مائيٽيون ڪندا آهن، پر هتي تہ دلگهر ئي دوست جي گهر ڏيءُ وچي ٻيا سيڻ اَلائي ڪهڙا ملن، زمانو خراب هلي رهيو آهي، تنهن ڪري چندن گهڻو نہ سوچي ڪري پنهنجي ڏيءُ جي مائٽي،ڪندن جي پٽ سان ڪرڻ جي ’ها‘ ڀري چندن دل کي اِهائي تسلي ڏني تہ دوست تي هيترا اَحسان ڪيل آهن، ضرور ڇوڪريءَ کي سکيو رکندو ۽ لحاظ بہ رکندو. هڪ ڏينهن چندن،ڪندن جي پٽ جو دڪان ڏسڻ ويو.ڇوڪرو اليڪٽرونڪس جي شوروم تي ويٺل هئو. ٻيا بہ ڪيترا ڪم ڪندڙ هئا. ڪندن چيو تہ ڇوڪرو ڀائيواريءَ جو ڪم ڪندو آهي ۽ ڇگوئي اُپراسو حصي ۾ حاصل ٿيئس ٿو.

ڪندن جي ڇوڪري ۽ چندن جي ڇوڪريءَ جو مڱڻو ٿي ويو. مڱڻي کان جلدئي پوءِ، ڪندن هڪ خط چندن کي لکيو تہ ’مون تو سان ڏيتي ليتيءَ جي برابر ٻول ڪون ڪئي آهي، پر ايترو ڏج جو تنهنجو ۽ منهنجو شان رهجي اچي.اُن حوالي ۾ ڪندن، ٣٥-٢٠ تولن جي سون جي زيورن جي لسٽ ناهي چندن کي موڪلي تہ ايترو سون ڏج ۽ ٻيو ضروري ساز سامان ڪپڙو وغيره بہ ڏج تہ ٻنهين جي عزت رهجي ايندي. نوڪريءَ وارو چندن هڪ وار تہ منجهي پيو پر همت ڪري آفيس مان قرض ورتي، ٻاهران متن مائٽن کان پٽي سٽي ڏاڍيءَ مشڪلات سان شادي ڪئي، اِهو سوچي ڪري تہ هڪوار مٿي تان بار لاهيان پوءِ ڏيري ڏيري قرض پيو لاهيندس.اُهي ئي شاديءَ جا شادناما اچ هئا ۽ چندن راحت محسوس ڪري رهيو هو،پر هن کي اِها خبر ڪانہ هئي تہ اِهو مٿي جو بار لهي مٿي جو سور ثابت ٿيندو.

ڪجھ ڏينهن کانپوءِ ڪنهن هڪ بيرنگ خط چندن کي لکيو سندس ڇوڪري ڪمل کي ڌنڌي ۾ گهاٽو پيو آهي تنهن ڪري ڌنڌو بند ڪري ڇڏيو اَٿس. توهان جي ڇوڪريءَ جو پير ڳرو ٿو لڳي تنهن ڪري ڇوڪري توهان ڏانهن اچي رهي آهي، فلاڻي ڏينهن فلاڻيءَ گاڏيءَ ۾.هونءَ بہ ڇوڪريءَ جي موڪل لاءِ لکيو هان، سو بنان توهان جي تڪليف جي، مان ڪيس گاڏيءَ ۾ چاڙهي ڇڏيندس، سو توهان مٿي ڄاڻايل وقت تي گاڏيءَ مان حفاظت سان لاهي سکيو رهندا.ڪمل جي ڌنڌي لاءِ جڏهن پيسي جي جڳاڙ ٿي تڏهن رکندو. چندن جون تہ وايون بتال ٿي ويون. اَجان شاديءَ جي ٿڪ

۾ ڪونہ مليا. ورهاڱي کان اٽڪل ڏهاڪو سالن ڪانپوءِ هڪ ڏينهن اوچتو ڪندن،چندن جي گهر آيو.ٻئي ڏاڍيءَ سڪ سان هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي گڏيا ۽ پاڻ ۾ ڪافي دير تائين حال اَحوال ڏيندا رهيا.

چندن کي سرڪاري نوڪري ملي وئي هئي ۽ ڪندن ڪنهن پرائيويٽ ڪمپنيءَ ۾ سيلس رپرزينٽيٽو هئو گجرات جي ڪنهن ڳوٺ ۾ رهندو هئو. چندن کي ٻهرين ڇوڪري چندا هئي ۽ ڪندن کي ٻهريون ڇوڪرو ڪمل .ڪندن کي الڳ الڳ شهرن گهمڻ جي نوڪري هئي تنهن ڪري وقت بہوقت چندن وٽ پيو ايندو هئو ۽ چندن وٽ روٽي پاڻي کائيندو هئو ۽ رات جو بہ اُتي ئي رهندو هئو.چندن دوست جي دل وجان سان دوست جي آجيان ۽ خاطر توج ڪندو هئو.چندن سادي، سودي سڀاءَ وارو ۽ وشواسي هئو پر ڪندن شهر، گانو گهمي گهمي ڏاڍو چالباز ٿي پيو هئو. ننڍپڻ جي سڀاءَ کان بلڪل نيارو ٿي پيو هئو. ڪندن پنهنجي نوڪريءَ ۾ پارن جا ڏاڍا پلندا ٻڌندو هئو هن کي اَهڙو ڪو پيرن ۾ گرهہ هئو جو ڪٿي هڪ نوڪريءَ ۾ ٽڪي ڪونہ وهندو هئو. ڪونہڪو گهپلو،جهيڙو جهڳڙو حرفت ڪري نوڪري ڇڏي ايندو هئو ۽ وري ٻي نوڪريءَ جي ڪوشش ڪندو هئو.اڪثر اهڙن وقتن تي ڪندن کي پيسن جي ضرورت رهندي هئي ۽ چندن کيس مالي مدد بہ ڪندو رهيو.پر چندن کي ڪندن جي ڪن بہ حرفتن جي ڄاڻ ڪانہ رهي. چندن جي نظرن ۾ اَڄ بہ ڪندن لڄارو ۽ سپاجهو هئو.

جڏهن ٻار شاديءَ لائق ٿيا تہ ڪندن پنهنجي پٽ جي ڏنڌي وغيرهہ جي ڏاڍي ساراهہ ڪندو هئو.چوندو هئو تہ ڇوڪرو تمام هوشيار ۽ هوڏهار آهي، خوب ڪمائي ٿو ۽ کيس هاڻي شادي ڪرائڻ جو ويچار آهي سو جي تون پنهنجي ڇوڪريءَ جي مائٽي ڪرين تہدوستي پڪي ٿيندي ۽ ٻار بہ خوش رهندا. مان تنهنجي ڌيءُ کي پنهنجي ڌيءُ کان وڌيڪ سکيو رکنداسين ۽ ڏيتي ليتي جي بہ ڳول ڪون ڪندس'.چندن دل ۾ سوچيو تہ دوست جي گهر ڇوڪري ويندي تہ پاڻ وڌيڪ سکي رهندي ننڍپڻ جو دوست آهي، گڏ کاڌو پيتو اٿئون مون کي هر طرح جي مدد بہ ڪئي آهي.پڙهائي،لڪائي پيسي ڏوڪڙ وغيرهہ جي ماڻهو دوست جي صلاح سان

ڪئي آهي. ڪندن به ساڳيو سر آلا پيو ته ۵۰-۶۰ هزار ڇوڪري کي ڏنڊي ڪرڻ لاءِ ڏيو ته لاچار ڇوڪريءَ کي گهر ۾ رکنداسين ڇو جو سندس گره ڳرا آهن چندن ڪندن کي گهڻو ئي سمجهايو ته نند پڻ جا دوست آهيون، نندپڻ جون ڳالهيون ياد ڪر، ڇو ائين ڦري بيٺو آهين.مون ته توسان هميشه اچ تائين ڀلو ئي ڪيو آهي. پر ڪندن پير ئي نه ڪوڙي، ڇي گذريءَ کي ياد ڪرڻ مورکن جو ڪم آهي.

آخر چندن، ڳوٺ جي پئنچات وٽ ويو.اُنهن به ڪندن کي گهرائي سمجهايو پر ڪندن ننو اکر واري ويٺو ته ڇوڪري اَشپ آهي، اسين نه رکنداسين اِها ڳالهه سڄي ڳوٺ ۾ ڦهلجي وئي ته ڪندن جي نيت خراب آهي باقي ڇوڪريءَ ۾ ڪو اوڳڻ ڪون آهي. ڪندن جي پٽ ڪمل کي به سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر جهڙي ڇالي تهڙي پني' ڪندن جي دماغ ۾ سازش سر جي رهي هئي ۽ لالچ هن کي دوست مان دُشمن بڻائي رکيو هئو.ڪندن پٽ کي سمجهايو ته اَهڙي ترڪيب ڪجي جو نانگ به مري ۽ لٺ به نه ڀڄي.چندن جي ڇوڪريءَ لاءِ اَهڙو ماحول پيدا ڪجي جو هوءَ خود ئي اسان وٽ رهڻ نه چاهي ۽ پوءِ تون بي شادي ڪري ڏيتي ليتي ڪري مال هٿ ڪري سگهين ٿو.اِها ڀنڪ جڏهن پئنچات وارن کي پئي ته نوجوان سنڌي سماج سڌار ڪن ڪندن ۽ ڪمل جي اُنهي وهنوار جي مخالفت ڪئي ۽ ڳوٺ ۾ پرچار ڪيو ويو ۽ جاڳرتي آندي ته اَهڙن ماڻهن سان ڪوبه متي ماٽي نه ڪري، ڪندن ۽ ڪمل جو سماجڪ بهشڪار ڪيو ويو ۽ اَهڙيون خبرون اَخبارن ۾ وجهايون ويون.

اُن وچ، چندن، ڪندن کي ڪجهه پيسي جي مدد به ڪئي۲-۳ دفعا چندا ساهري به ويئي پر ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ واپس آئي.بي آبرو ۽ بدتر حالت ۾.چندا اِن عرصي ۾ هڪ ڪنيا کي جنم ڏنو ڪندن ۽ ڪمل کي جڏهن اِها خبر پئي ته چندا هڪ ڪنيا کي جنم ڏنو آهي ته هيڪاري وڌيڪ اَڙجي بيٺا ته ٻن آفتن کي پالڻ لاءِ جيستائين پيسا نه ملندا،تيستائين نه رکندايسن .

چندا کي جڏهن اِهو ڇيو ٿي ويو ته آخر توکي ساهري وڃڻو آهي ته اُتي جي ماحول جي تصوير ڪري ڏکي ٿي وئي. ساهرن ۾ ڪير نه

۽ خرچ جي ڏک جو سور ئي ڪونہ هئو تہ مان هي ڪندن جو ڦهري خط- خط جو اَرٿ ۽ ڪندن جو اِرادو صاف نظر اَچي رهيا هئا.

آخر، ڇوڪريءَ کي اُن تاريخ تي گاڏيءَ مان لاٿو ويو. اَڙي هي ڇا! ڇوڪريءَ کي بدن تي هڪ بہ سونو ڳهہ ڪون هئو. ڪاچ جون چوڙيون ۽ ڪوڙا، ڳچي ڪنن ۽ هٿن جا ڳهہ بدن تي سادا ڪپڙا ۽ هڪ ننڍي لوهہ جي پيتي. بس اِهو سڀ ڪجهہ هئو اُن نئين نويلي شادي ڪيل ڪنوار جو اسباب. چندن ۽ سندس گهروارن تہ جنسي سرابجي ويا تہ هيءُ ڪندن دوستيءَ ۾ دوکو ڪيو آهي ۽ اِسانجي سادي ۽ وشواسي سڀاءَ جو ناجائز فائدو ورتو آهي. اَڙي هئڙي تہ ڪير بہ جٺ نہ ڪري. دوستيءَ ۾ شادي ڪئي اٿئون وچ ۾ بہ ڪومٺ مائٽ يا دوست ڪون هئو جو اَن کي ڪٽي دانهن ڏجي، يا مدد لاءِ پڪارجي.

ڇوڪريءَ کان حال اَحوال ورتو ويو تہ ڇپائين تہ ڇوڪري کي ڪو خاص ڏنڌو ڪون هئو. ڪنهن سچاتل وٽ ڪم ڪندو هئو. غسي واري ۽ ڪروڌي سڀاءَ جي ڪري، هن سان وڙهي، ڪم ڇڏي اچي گهر ويٺو آهي. جڏهن ائين ٿيو تہسندس پيءُ ڪيس ڏار ڪري ڇڏيو.اُن بيروزگاريءَ ۾ ڪجهہ سندن مائٽن لاهي رکيو تہ اَسان شاديءَ ۾ خرچ ڪيو، اُن بلي ڏار کهڙا پار. پوءِ ڪندن ۽ سندس پٽ ملي ڪري مونکي هيڏانهن روانو ڪري ڇڏيو آهي ، سندس نيت لالچي هيچي ۽ نردئي آهي، گهر ڪاڏي پيتي جي تہ ڪمي هئي پر عزت ۽ پيار جو بہاَڪال هئو. هر وقت تعنا ۽ مهڻا تہ پنهنجي مائٽن جا ڏنو. هي ڪين ڏنو، هو ڪونہ ڏنو، هاٽي ڪجهہ پيسا وٺي ايندي‌ءَ تہڪجهہ ڏنڌو وغيرهہ ڪبو.

چندن مٿي مائٽن سان صلاح ڪئي، آخر سالي کي ساڻ ڪري ڪندن ۽ سندس ڇوڪري سان ڳالهائڻ ويو. ڪندن تہگهمنڊڙ نوڪريءَ جي گشت تي هئو ۽ ڇوڪرو هٿ ئي رکڻ نہ ڏئي.چي توهان آسانجو شان ڪون رکيو، عزت ڪون رکي هاٽي ٦٠-٥٥ هزار پيا بہ ڏيو تہ ڪو ڏنڌو ڪريان وڏيک منهنجي پيءَ سان ڳالهايو. آخر ڪندن سان ڳالهائڻ ٿيو. اُهو بہ خواهہ مخواهہ گرم ٿي ويو.'اُلٽو چور ڪوتوال کي ڇڙپي' چندن مان ڪاميون ڪڍڻ لڳو تہ توهان ٻول نہ ڪرڻ جي حالت ۾ ٿورو ڏنو آهي ۽ آسانجي بدنامي

پر اُها بہممڪن نہ ٿي سگهي،جو ڇوڪري جا افعال ڪنهن ڪان ڳجها ڪون رهيا. پر ناري سنگت ڪري، خراب بيماريءَ جو شڪار ٿي چڪو آهي جنهن ڪي ايڊس(AIDS)ٿا چون ڪافي خرچ ڪيو آهي پر ڊاڪٽر چون ٿا تہ ان جو ڪو پڪو علاج ڪون آهي. هاڻي زندگيءَ جا ڏينهن ڳڻي رهيو آهي.منهنجي عمر بہ ڍلجي چڪي آهي، ۽ هاڻي گهڻي جاکوڙ ڪرڻ جي طاقت نہ رهي آهي چنتائن جيءُ جهوري ڇڏيو آهي. الائي ڪڏهن ڪوچ ڪري وڃان. ايشور منهنجي ۽ منهنجي پٽ جي گناهن جي هاڻي معافي ڏيندو جو پنهنجي ڪڪرمن جو ڪيتو ڀوڳي رهيا آهيون. پر اُن کان اڳ مان توکان ۽ توهانجي ڏيءَ کان بخشائي معافي وٺندس جو منهنجي ۽ منهنجي پٽ جي ڪم فهميءَ ڪري تنهنجي ڏيءُ جي زندگي رلي وئي.
ايشور مدد گار ٿيندس. هيئر گهڻي دير ٿي وئي آهي.
تنهنجو گنهگار ڪندن'

چندن،ڪندن جو خط گهر ۾ سيني کي پڙهي ٻڌايو، سيني ٿڌو ساهہ کنيو ۽ هڪ ٻئي ڏانهن سوالي نگاهن سان نهاريندا رهيا. پر پريان ريڊيو تي گانو اَچي رهيو هئو

دشمن نہ ڪري جو دوست ني ڪام ڪيا هئہ ا
زندگي ڀرکي ليئي،غم ڪا انعام ديا هئہ

By: N. D. Moolchandani
4-DA/19, Housing Board,
Shastri Nagar
JAIPUR-302016

*****

پاڻئڻ وارو ڪون هئو، نہ مڙس، نہ سس سهرو ۽ نہ ٻئي گهر جا ڀاتي سڀ هيڪڙي ۽ ظالم تنگ دل رکي ويٺا هئا. گهر ۾ بي عزتي ۽ نفرت جو واتاورڻ، دماغ ۾ تناءُ پيدا ڪري جيءُ جهوري رهيو هئو. صرف دنيا کي راضي ڪرڻ لاءِ نہ شادي شده ٿي ڪري ساهرن ۾ رهي ٿي،پوءِ پيلي رهڻ واري ذلت جي زندگي گذاريندي هجي، هنجي پل پل گهٽڻ ۾ گذاريندي هجي ۽ لکي لکي هنجون هاريندي هجي ساهرن جي لالچ جو ڪو اَنت ڪون هئو. هڪ ڏبو هئو نہ ٻئي جي گهر ڪندا هئا. شادي، ٻن آتمائن جو پويتر ميل آهي، جنهن ۾ پتي پنهنجي ۾ پتي پتني هڪ ٻئي ۾ پريم،وشواس ۽ هڪ ٻئي لاءِ همدردي ۽ عزت جي آڌار تي جيون گذارين ٿا. جي اِهو نہ آهي تہ زوري زبردستي يا قانون رستي نقلي ڪاغذ جي گل مثل آهي جنهن مان اَصلي خوشبوءِ نہ ايندي. چندا همت رکي نئين زندگي اَڪيلي سرڏيءُ کي پالي نيائي لائق ناگرڪ بڻائڻ جو سنڪلپ ڪيو. ڪيس آبرودار سرڪاري نوڪري ملي وئي،جنهن مان پنهنجو گذران ۽ ڌيءَ جي پالن ۽ پڙهائي جو خرچ مزي سان ڪرڻ لڳي هوڏانهن ڪندن ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ ڪمل کي ٻي شادي ڪرايان پر پئنچات جي بهشڪار ۽ ڳوٺ ۾ بدناميءَ ڪري ڪمل جي ٻي شادي ڪانہ ٿيندي سگهي ۽ هو خراب عادتن ۾ ڦاسجي ويو.آخر مجبور ٿي،ڪندن ۽ سندس پٽ ڪمل پنهنجو ڳوٺ ڇڏي راتو واهہ ڪيڏانهن هليا ويا.آهڙي طرح ۱۵ سال گذري ويا. هڪ ڏينهن چندن کي هڪ چٺي آئي.اڪر سڃاتل پئي لڳا، کولي پڙهيائين

'پيارا چندن،

توکي منهنجو خط ڏسي عجب لڳندو،پر منهنجي آتما مونکي ڏڪاري رهي آهي ۽ مان اڄ توکي همت رکي خط لکي رهيو آهيان. مون سچ پچ توسان دوستيءَ ۾ دوکو ڪيو.مونتي لالچ جو ڀوت سوار هئو. منهنجي پٽ کي ڪو خاص ڏنڌو ڪون هئو پر مون توکي وشواسي ۽ سادي سپاءُ وارو ڏسي،ڳلٺو ڏنو ۽ تو مونتي سوفي صدي وشواس ڪيو.مون سوچيو پٽ جي شاديءَ ۾ گهڻو ملندو ۽ ملندو ئي رهندو.پر منهنجو پٽ خراب سنگت ۾ پئجي ويو.سڀ پيسا ڪاڄي ويا. ڪوشش ڪيم تہ ٻي شاذي ڪرايانس نہ ڪجهہ هٿي اچي

لاءِ شيون ٻـآڏيندو هو.ڪملا جي چنتا گهٽ ٿي ويئي هئي.ٻهرين هوءَ گهر موٽندي هئي تہ اُرميلا ۽ چندر بک لڳي آهي.جلدي روٽي ڏاهڻ لاءِ ڪملا کي تنگ ڪندا هئا.ڪپڙا مٽائڻ کان سواءِ ئي ڪملا جلدي جلدي رنڌڻي ۾ وڃي ڪاڏو ڏاهڻ لڳندي هئي.پر هاڻي ٻارن کي ڪملا کي سڏ ڪرڻو پوندو هو تہ روٽي کائو، ٻار هميشه جواب ڏيندا هئا،هاسي انڪل اينترو کارايو آهي جو پيٽ ۾ جڳهہ ڪونهي.ٻارن هاسارام کي چاچو ڏاهي ڇڏيو هو.اهو ڪملا کي سٺو لڳو. من ئي من ۾ هاسارام جي آڀاري ٿيڻ لڳي. ڇو تہ هاسارام ٻارن جي پڙهائي تي ٻہ ڌيان رکندو هو.

ڪملا جي آفيس موٽڻ کان ٻهريائين ٻار اسڪول جو هوم ورڪ ڪري وٺندا هئا.هاڻي اُرملا ٻهرين کان وڌيڪ گهر جي ڪمن ۾ دلچسپي وٺڻ لڳي.ڪملا جي آفيس موٽڻ کان ٻهريائين گهر صاف سٿرو ڪري رکندي هئي.

ٻرهيءَ عجيب سنجوگ هئو،ڪيترا مهناگڏري وڃڻ کان پوءِ ٻہ ڪملا جي هاسارام سان ڪڏهن ٻہ ڳڏجڻ ڪون ٿيو هو.   هاسارام جي بنگلي جو ڪم ڏينهن رات هلي رهيو هو بجلئي جي فٽنگ ٿي، رنگ روغن لڳي بنگلو چمڪڻ لڳو.گهر جي مهورت جو ڪارڊ آيو تہ ڪملا کي ڏاڍو تيز بخار ۽ پيٽ ۾ سور ٿئڻ جي ڪري هوءَ هاسارام جي گهر وڃڻ وارن جي پيڙ درين مان ڏسڻ لڳي.اُرميلا ۽ چندر پنهنجي ماءُ کي ٻڌايو تہ هاسارام انڪل توهانجي نہ هلڻ ڪري اُداس هو ۽ روٽي ٻہ چڱيءَ طرح ڪون کاڌائين. هوُ هر-هر ممي توهان جي بيماريءَ جي باري ۾ پڇي پيو ۽ اسان کي توهان کي ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ لاءِ چيائين.هاسارام جو ائين پنهنجائپ جي ورتاءَ جوٻڌي ڪملا جون اکيون ڀرجي آيون.اُن من ۾ سوچيو ٺيڪ ٿي وڃڻ تي خود هاسارام جي گهر وڃي معافي گهرنديس. سٺي پاڙي واري کي ناراض ڪرڻ ٺيڪ ڪونهي. پر ڪملا کي آفيس ۾ ڪم گهڻو هئڻ ڪري ۽ ٻارن جا امتحان جي ڪري فرصت ئي ڪون ملي،جو هوءَ هاسارام جي گهر وڃي.

انهيءَ وچ ۾ اُرملا بيمار ٿي پيئي،پر ڪملا کي آفيس مان ڇوٽي ڪون ملي. هاسارام اُرملا کي ڊاڪٽر کي وڃي ڏيکاريو. پنهنجو نوڪر ڪملا

★ پنهنجائپ ★

ڪملا آفيس وڃڻ لاءِ گهر مان نڪتي، اُن ڏٺو تہ اُنجي گهر جي پاسي ۾ جيڪا خالي زمين پيئي هئي اُتي ڪجهہ مزور کوٽائي ڪري رهيا هئا.

هڪ ماڻهو لڏون پيو ورهائي، اُن ڪملا جي پرسان اچي ڪري هنڪي هڪ لڏون ڏيندي چيو تہ پيڻ پرساد وٺو. ڪملا کي من ۾ خوشي ٿي،جنهن زمين تي پاڙي وارا سڀ ڪچرو ڦٽي ڪندا هئا.اُتي هڪ جاءِ ٺهي ويندي.جنهن مان وندر بہ ٿيندي ۽ اُتان ڪِن بہ هٽي ويندو.

ڪملا شام جو آفيس ۾ مان موٽي ڪري گهر آئي، جي ٽڪجي ڪري پلنگ تي ويهي رهي هنڪي پنهنجيءَ ڌيءَ اُرملا ۽ چندر کي ڪلڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ٻئي پاڻ ۾ بحث ڪري رهيا هئا.ٿوري دير کان پوءِ اُرميلا چانهہ ٺاهي آئي، ماءُ جي پرسان ويهي چوڻ لڳي تہ سامهون جيڪو مڪان ٺهي رهيو آهي، انجي مالڪ هاسارام جي باري ۾ اسان پيڻ پاءُ شرط هئين،آهي تہ هوءُ شاهوڪار آهي.اُن وٽ رنگين ٽيوي، وي.سي.آر ضرور هوندي. اُنجي گهر ۾ رنگين ٽيوي،وي.سي.آر. هئڻ سان توهان کي ڪهڙو فرق ٿو پوي.توهان ڪيئن ٿا چئو تہ هوُ شاهوڪار آهي.اُرملا ٻڌايو تہ ممي توهانجي آفيس وڃڻ کان پوءِ هاسارام پنهنجي گهر آيو هو. چيائين تہ مان گهر ۾ اڪيلو آهيان.اسان کي ڏاڍا سمبوسا ۽ رسگلا ڏيئي ويو. ممي هوُ ڏاڍو پلو ۽ نيڪ انسان آهي .هوُ اسانکي ٽي.وي. وي.سي.آر. ڏسڻ لاءِ منع ڪون ڪندو،ائين چوندي چندر جي اکين ۾ چمڪ اچي ويئي.

ڪملا ٻارن کي دڙڪا ڏيندي چيو هڪ ملاقات ۾ توهان کي ماڻهوءَ جي گڻن، اوگڻن جو پتو ڪيئن پئجي ويو. پنهين ٻارن کي دڙڪا ملڻ ڪري هو اُداس ٿي ويا.

جيئن جيئن هن مڪان جون پتيون مٿي ٺهڻ لڳيون تيئن هاسارام سان ٻار اُرميلا ۽ چندر گهڻو ملي ويا.هاسارام سان ٻار ڳڌ بيتمينٽ، ڪيرم بورڊ وغيرهہ راند ڪري پنهنجو ٽائيم پاس ڪندا هئا هاسارام پنهنجي ڪار ۾ ويهاري اُرميلا ۽ چندر کي گهمائڻ وٺي ويندو هو.ڪيترا دفعا ٻارن

۽ چندر اُداس رهڻ لڳا.ڪملا جيئن ٻارن کي چوڻ لڳي تيئن هو ائين مڃڻ لڳا، پر اُنهن جي چهري تان مسڪراهٽ ۽ خوشي گُم ٿي ويئي.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ چندر جو جنم ڏينهن آيو.ڪملا سڄي پاڙي کي پاڻ وڃي ڪارڊ ورهائي آئي.آفيس مان ڇوٽي وٺي ڪري گهر کي صاف ڪري چڏيائين.ششتاچار جي ڪري،هاسارام پاڙي وارو ٿئڻ ڪري ڪملا هاسارام جي گهر خود نہ وڃي، ڪارڊ چندر هٿان موڪليو. ڪملا جون ساهيڙيون، چندر جا دوست،پارٽيءَ ۾ آيا.پر هاسارام ڪون آيو.چندر هاسارام جو انتظار ڪري رهيو هو،اُداس ٿي چندر پنهنجي ماءُ کي چوڻ لڳو تہ هاسارام چاچا کي توهان ڪارڊ ڏيڻ وڃوها تہ هوُ ضرور اچي ها.

ڪملا غصي ۾ اچي چوڻ لڳي تہ نہ اچي تہ نہ اچي.اُنهي جي نہ اچڻ تي مونکي خوشي ٿي آهي. ٻئي ڏينهن ڪملا چندر جي هٿ ۾ نئين گهڙي پاتل ڏٺي.ڪملا پنهنجي پٽ کان پڇيو تہ هيءَ گهڙي ڪٿان آئي.؟ اُن جو هٿ پڪڙي پڇڻ لڳي،چندر هٿ لڪائي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هٻڪندي هٻڪندي چوڻ لڳو تہ هيءَ هاسارام انڪل مونکي سوکڙي ڏني آهي.منهنجي منع ڪرڻ کان پوءِ بہ تو هيءَ احسان ورتو، اسان کي اُن جي ڏنل ڀيک نہ کپي.ڪملا غصي ۾ لعل ٿي ويئي.هن هڪ منٽ ۾ چندر جي هٿ مان گهڙي لاهي ورتي پوءِ هاسارام جي گهر ويئي،هاسارام جي نوڪر ڪملا کي وهڻ لاءِ چيو.پر هوُ ويٺي ڪون.ميز تي گهڙي رکي واڪا ڪري چوڻ لڳي،هاسارام کي چئج تہ اسان غريبن جي بيعزتي نہ ڪري،هنکي منهنجي ٻارن تي احسان ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي.ڪملا ائين چئي جلديءَ سان ٻاهر وڃڻ لڳي تہ آواز آيس،هڪ منٽ ڪملا بيهہ.ڪملا پٺيان مڙي ڏٺو تہ هڪ گنجو ۽ اکين تي موٽو چشمو پاتل هڪ بزرگ ماڻهو ڏسڻ ۾ آيس.هاسارام واچ کڻي چوڻ لڳو تہ بدنصيب پيءُ جي دل چو ٿي ٽوڙين؟ ڇا مونکي اهو بہ حق ڪونهي، جو منپسند سوکڙي ڏيئي سگهان! تنهنجو پٽ! ڪملا نفرت ۽ حيرانيءَ وچان واڪا ڪرڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي چندر وري تنهنجو پٽ ڪڏهين کان ٿي ويو؟ تون مونکان منهنجو پٽ ڦرڻ ٿو چاهين.تو اهڙو شرمناڪ خط چو لکيو؟نہ مان اهڙو نالائق ڪون آهيان.تو مونکي سڃاتو ڪون،مان تنهجو طلاق شدا پتي گووند آهيان.مون پنهنجو نالو مٽائي ڇڏيو آهي،ڪملا گووند کي گهوري

جي گهر موڪلي ڏنائين جيڪو گهر جي صفائي ڪري، ڪپڙا ڌوئي وجهندو هو.جيسين تائين ڪِ اُرملا ٺيڪ ٿئي. هاسارام برابر اُرملا جو ڌيان رکندو رهيو.

هڪ ڏينهن ڪملا آفيس وڃڻ لاءِ جيئن ئي رڪشا ۾ ويٺي تہ هاسارام جو نوڪر ڪملا کي هڪ لفافو ڏيئي ويو.ڪملا جلدي ۾ هئي.ان ڪري اُن لفافي کي پرس ۾ رکي ڇڏيو لنچ ٽائيم ٿيو.ڪملا جيئن ئي لنچ باڪس پرس مان ڪڍيو.تيئن ئي ان لفافي جو ڌيان ۾ اچي ويس. ڪملا باغيچي ۾ اچي، ايڪانت ۾ ويهي لفافو کوليو پڙهيو.اُن ۾ لکيل هو تہ ڪملا ڏاڍي اچا ٿيندي آهي.توسان اڪيلي ۾ توسان ڏاڍيون ڳالهيون ڪريان. پر مون ۾ همت نٿي ٿئي.آرتوار جي ڏينهن بہ مان گهر ۾ در دريون بند ڪري ويٺو هوندو آهيان.هن عمر ۾ بہتون ڏاڍي سهڻي لڳندي آهين.اڪيلي رهي ڪري،ايترا دک ڏسي ڪري بہ تنهنجو سهڻپڻ ڪون ويو آهي.تنهنجي منهن ۾ ڪا شڪن ياجُهريون بہڪون آهن.ڪاش!مان توکي پنهنجي دل چيري ڏيکاريان، تہمان توسان ڪيترو پيار ڪندو آهيان.پاڻ ٻئي پاسي ۾ رهي ڪري بہڪيترا نہپري ۽ هڪ ٻئي جي لاءِ پرايا آهيون.ائين ڪيسين تائين هلندو،تنهنجو هاسارام.خط پڙهي ختم ٿيندي ئي ڪملا جي تن بدن ۾ نفرت جي باهہ ٻرڻ لڳي.

غصي ۾ ڪملا جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو.جيڪر اُن وقت هاسارام سامهون هجي هان تہ نفرت جي ڪري هوءِ اُنجي مٿي تي ٿوڪي ها.


ڪملا سوچڻ لڳي تہمان هاسارام کي من ۾ عزت ڏيندي هُيس. پر هيءَ تہصفا ڪريل ماڻهو آهي.منهنجي ٻارن کي پريم پيار ڪري بدلي ۾ مونکي پائڻ ٿو چاهي.اُن غصي ۾ هاسارام جو خط ڦاڙي ڇڏيو.ڪملا جو من ڪنهن بہڪم ۾ ڪون پيو لڳي.هوءِ غصي ۾ ئي سوچڻ لڳي تہغير مڙد کي پنهنجي گهر ۾ ڇو اچڻ ڏنو؟ڪملا شام جو آفيس مان گهر اچي سڀ دريون مضبوطيءَ سان بند ڪري ڇڏيون.اُرملا ۽ چندر کي دڙڪا ڏيندي،ڪملا چيو تہپيهر ڪڏهن بہ پلجي ڪري هاسارام جو نالو منهنجي سامهون نہ وٺجو ۽ ڪڏهن بہاُن سان نہ ڳالهائجو، نہ تہمان توهان کي ماريندس، اهڙي خراب ڪِريل ماڻهوءَ سان اسان کي رستو نہ رکڻو آهي.اُرملا

ٿوري دير کان پوءِ ڪملا به ويٺي.ڪملا اُن شانت چهري کي ڏسڻ لڳي ۽ رئڻ لڳي ته هوءِ وري ودوا ٿي ويئي.رنگ به رنگيون ساڙهيون پائڻ يا مٿي تي تلڪ لڳائڻ جي اُن جي اڇا ڪڏهن به پوري نه ٿي.روئڻ جو آواز ٻڌي پاڙي وارا سڀ ڪٺا ٿي ويا.هاسارام کي پلنگ تان لاهي زمين تي سمهاريائون.اوڏي مهل هڪ وڏو لفافو فرش تي ڪري پيو،جنهن ۾ ڏنائون ته اُن ۾ ڪملا ۽ گووند جي شادي جا فوٽا ۽ رجسٽريءَ جا پنا هئا.هاسارام مڪان،ڪار،پيسو سڀ ڪملا جي، نالي ڪري ڇڏيو هو.اُن ۾ اِلاهي پهريائين جا خط هئا،جيڪي ڪملا کولي پڙهيا! ته اُن جي دل روئڻ لڳي.ڪملا روئندي سوچيو ڪاش! گووند هي خط پهرين ڊاڪ ۾ وجهي ها،مڙد ٿئڻ جو ڪوڙو ايمان ڇڏي ها،ته اسان ٻنهي جو جيون برباد ٿئڻ کان بچي وڃي ها.جيون جو اڪيلوپن ختم ٿي،منهنجا ٻار هڪ سڪي پريوار ٿي رهن ها.منهنجي جيون جي ڪمي دور ٿئي ها.مونکي پنهنجائپ ملي ها.

Devki Bachani

Hathi Bhata

AJMER-305001



گهوري ڏسڻ لڳي،اُنکي وشواس ڪون پيو ٿئي،تہ هي گووند!جيڪو بگڙيل انسان!شرابي،جوئاري ۽ رنڊين کي نچائڻ وارو،هڪ شانت سُشيل سِڌو ۽ ايترو جلدي بزرگ ڪيئن ٿي ويو آهي؟ گووند چوڻ لڳو توکان الڳ ٿي مون ڏاڍا دک ڏٺا آهن. ڏنڌي ۾ بہ گهاٽو پئجي ويو. شراب وڌيڪ پيئڻ جي ڪري منهنجا گردا خراب ٿي ويا. مان سالن جا سال بيمار رهيو آهيان.ڪملا مون ڪيترا دفعا توکان معافي وٺڻ چاهي. پر منهنجي همت نہ پيئي ٿئي.مان پنهنجي پيءُ ڏاڏي جي سڀ ملڪيت ڪنائي ڇڏي آهي،انهن جا مڪان ہوڪٽي ڇڏيا.ڪملا مون تنهنجي سامهون جاءِ لهرائي آهي،تہ ٻارن کي مان پنهنجو ڪري سگهان.توکي پريان ٿي بہ ڏسي پنهنجو من خوش ڪريان.

ڪملا کي گُذريل يادگيريون اچڻ لڳيون.اُن کي نفرت ٿيڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي تنهنجو منهنجو رشتو اُن ڏينهن ٽٽي ويو جنهن ڏينهن تو مونکي ڌڪاڏيئي گهر کان ٻاهر ڪڍيو.قانونن بہ طلاق ٿيو.تنهنجو حق ڦرجي ويو.هنن ٻارن تي تنهنجو ڪوبہ حق ڪون آهي،

اُرملا پنهنجي ماءُ کي روٽي کائڻ لاءِ چيو،پراُن جو من خراب ٿي ويو هو.اُن روٽي کائڻ کان منع ڪئي.ڪملا من ۾ سوچڻ لڳي تہ مان سالن تائين ودوا جي روپ ۾ سماج جي سامهون رهي آهيان هاڻي جيڪر ماڻهن کي پتو پوندو تہ مان سهاڳڻ آهيان تہ سماج ۽ منهنجا ٻار ڇا سوچيندا؟ڪملا جي من ۾ آيو تہ هوءِ اُرملا ۽ چندر کي ٻڌائي تہ جنهن هاسارام کي توهان انڪل ٿاچئو، هوُ ظالم آهي.انهن توهانجي ماءُ تي ڏاڍا ظلم ڪيا هئا.پر هوءِ ڪجھ بہ نہ چئي سگهي.

ٻئي ڏينهن صبح جو ڪملا جي گهر هاسارام جو نوڪر آيو.نوڪر چوڻ لڳو ميم صاحب!هاسارام جي طبيعت ڏاڍي خراب آهي، سيني ۾ ڏاڍو سور اٿس،پيڻ تون فون ڪري ڊاڪٽر کي گهراءِ مان اٽپڙھ فون ڪرڻ ڪون ڄاڻان نڪي ڊاڪٽر جو گهر سڃاڻان.تيسين تائين چندر ڊاڪٽر کي فون ڪيو.نوڪر پيڻ تون صاحب جي گهر واري آهين.هي زال مڙس جا جهگڙا تہ هلندا رهندا آهن.ٻارن اِهو ٻڌي ورتو ۽ ماءُ کان پڇڻ لڳا ڇا هاسارام اسان جو پيءُ آهي؟ڪملا چيو ها.ٻار زور سان روئڻ لڳا.هاسارام بہ ڊاڪٽر جي اچڻ کان پهرين گذاري ويو.چندر ۽ اُرملا هاسارام جي گهر هليا ويا،پوءِ

رهاڻ

ناٽڪ

جو ٻاهران مُنشي منڻ لعل آواز ڪندو در تي اَچي ٿو- ”وڪيل صاحب!“ وڪيل هيڏانهن هوڏانهن نهاري ڪنهنکي نہ ڏسي) مانکي بہ ڏينهن جو سپنا پيا اَچن! واهہ منيراج! واهہ!! هر وقت اِئين پيو لڳي، ڄڻ اَصيلن جي پرمار پيڙ ٿي. (ورِي آواز ٻُڌِي) ڪير آهي؟ اَندر ڇونہ ٿو اَچين؟

منشِي- مان توهانجي هيٺان ئي بيٺو آهيان، سائين!

واڌومل- هيٺان بيٺا آهيو يا سامهون بيٺا آهيو؟

منشِي- مان اندر اچي سگهان ٿو؟

وڪيل- توهان اَڳ ۾ ئي اَندر اَچي چڪا آهيو، اَجا اَندر ڪيڏانهن ايندءُ؟ (منشِيءَ کي ٻانهن کان وٺي ٻاهر ڪيندي)، اوهو! هيڏانهن اچو، ڀريائين ٻاهر هلو.

(در کان ٻاهر نِهاري پاڻ ڪُرسيءَ تي ويهي ڪم ۾ مشغولِي ڏيکاري ٿو، ٿورو اِنتظار ڪري)

وڪيل- هاڻي توهان چئو نِي!

منشِي- عجب مان.... ڇا چوان سائين؟

وڪيل- ڇا چوان؟ جيڪِي اڳهٺو چيوَ، سو ورِي چئو نِي! يعني اندر اچڻ جي اِجازت وٺو نِي!

(منشِي وات ڦاڙي جِي... جِي... چوندو رهي ٿو.)

وڪيل- تہ ٺيڪ آهي... بنا اِجازت ئِي اندر اچو نِي...! ڪلاڪ کان ٻاهر بيٺا آهيو، اي سائين اچو نِي! (منشِي اندر اچي ٿو) هاڻي وهو نِي! (منشِي وهي ٿو). ها، تہ هاڻي چئو... اوهان کي پنهنجِيءَ زال کان شڪايت آهي نِي... ٺيڻ بہ گهرجي... اُهو مڙس ئِي نہ چئبو جو وڌ ۾ وڌ ٻن سالن اندر زال مان تنگ نہ ٿئي...!

منشِي- جِي! مون توهان جِي ڳالهہ سمجهِي ئِي ڪونہ...!

وڪيل- ڏٺوَ... اجا تہ مون ڪنهن قانونِي ڪتاب جي ڳالهہ ئي ڪونہ ڪئِي آهي... اهي اٿوَ وڪالت جا داوَ پيچ... منهنجو مطلب آهي تہ ڪنهن بہ شريف ماڻهوءَ جِي ٻن سالن کان وڌيڪ پنهنجِيءَ زال سان پٽجي ئِي نٿِي سگهي...!

منشِي- (پاڻ سنڀاليندي) اوهان ٺيڪ چيو سائين... شادِيءَ جو مطلب ئِي بربادِي آهي... منهنجو مطلب شادِيءَ جو پهريون سال تہ مڙس پنهنجِيءَ زال

وڪيل واڌومل

- ليکڪ :- رام گيانچنداڻي

ڪِردار:- ١. واڌومل- وڪيل، عمر ٤٥ سال.
٢. مٺڻ لعل- مُنشي، عمر ٤٠ سال.
٣. شيلا، چمنداس (ٻوڙو) ۽ چمپا- آصيل.

جڳهه:- وڪيل جو دفتر. وچ ۾ وڏي ميز ۽ ڪُرسي. ميز تي فائيل ۽ ڪجهه وڪالت جا ڪتاب رکيل آهن. پنيان هڪ پُراڻو شوڪيس، جنهن ۾ پُراڻا ٽُلها ڪتاب رکيل آهن. وڪيل کي ڪارو ڪوٽ، ڪاري ٽاءِ، اَڇي پينٽ ۽ عينڪ، مُڇون هِٽلر ڪَٽ.

وقت:- صبح جا ست بجا. وڪيل ميز تي ڪنڌ رکي ليٽيل آهي. روشني ''سپاٽ'' مٿان اَٿس.

(آهستي آهستي روشني ٿئي ٿي ۽ هوُ ڪَرَ موڙي اُٿي ٿو. اَندرئين دروازي مان اَندر وڃي مُنهن وغيرهه ڌوئي ٻاهِر اچي ٿو. وري ڪَرَ موڙي پنيان ٽنگيل ناردمنيءَ جي مورت اڳيان هٿ جوڙي، مٿو نمائي، پرارٿنا ڪندي، ڌوپ اگربتي وغيرهه ٻاري آرتي ڪري ٿو.)

''هي منيراج! هاڻي تون ئي پت رکجانءِ. تنهنجي ئي پروسي پندرهن سالن جي پراڻي ڪِلارڪي ڇڏي، هيءَ وڪالت شروع ڪئي آهي. تو وشنوءَ ۽ لڪشميءَ ۾ جهڳڙا ڪرايا، برهما ۽ سرسوَتيءَ ۾ ڏقيڙ وِڌو. شِوَ پارو‌تيءَ ۾ وِڇوڙو وِجهايو. هيءُ اِنسان ڪهڙي باغ جي مُوري آهن. هي نارد مهراج! اَهڙا جهڳڙا هِن پرٿوِي لوڪ جي نارين ۽ نارن ۾ وِجهاءِ، جو پاڻ کي مٿي ڪنهڻ جي فرصت ئي نہ ملي.''

(ٻاهِران اخبار وارو اخبار اُڇلائي ٿو، جا کيس لڳي ٿي، هوُ گهبرائِي پري پڃي ٿو. پوءِ اخبار ڏسي ڪٽي ٿو ۽ کولي پڙهي ٿو.)

واڌومل- (پنا اُٿلائيندي) هيءَ رهِي! ''شادِيءَ ۽ طلاق جي سيني مسئلن لاءِ روبرو ملو يا لکپڙهه ڪريو- واڌومل وڪيل، ١٠٨، وئڪنٺ ڌام، نئي دهلي-١١٠٠١٦''

(اخبار ميز تي رکي مٿو ٽيڪي)، نئين نئين آفيس کولي آهي. هاڻي ڏسجي تہ هيءُ اِشتهار ڪهڙو ٿو رنگ جمائي! هي منيراج! (هٿ جوڙي ٻيهي ٿو،

منشي- جي ها! مان منشي ٻڌجي اوهانجي وڪالت روپي گاڏيءَ يعني بگيءَ کي ڌڪا ڏيندس.

وڪيل- ڌڪا ڏيندين؟ پر مون ته ڌنڌو ئي اڄا ڪالهه شروع ڪيو آهي، توکي پگهار ڪٿان ڏيئي سگهندس؟

منشي- مون کي پگهار کپي ئي ڪونه....

وڪيل- پر توکي پيٽ ته آهي نه؟ اُهو ڪٿان پاليندين؟

منشي- جنهن ساس ڏنو آهي، اُهو گراس به ڏيندو. مان ڪميشن تي ڪم ڪندس يعني جيترا ڪيس مان آڻيان. اُن حساب سان ڪميشن ڏجو.

وڪيل- پر اوهان جي ڪميشن ٿيندي گهٽي؟

منشي- مان ڪا بي واجبي گهر ڪونه ڪندس. جي زال مڙس جي لڙائي پراڻي آهي ته ١٥%، جي زال مڙس پاڻ ۾ کير کنڊ هجن ۽ مان منجهن ڏقير وجهي توهان وٽ موڪليان ته پوءِ ٥٠%، جي ڪين هڪ ٻار هجي ته ٦٠%، جي ٻه ٻار هجن ته ٧٠%. مطلب ته هر ٻار پٺيان منهنجي ڪميشن ١٠% وڌندي ويندي.

وڪيل- يعني ته جي هنن کي ٥ ٻار هجن ته پوءِ منهنجي سڄي في تنهنجيءَ ڪميشن ۾ هلي ويندي... تو مون کي بيوقوف ڪري سمجهيو آهي...؟

منشي- جي...! سيئي اِئين سمجهندا آهن (ڪلي ٿو). هاڻي ڏسو نه... پنجن ٻارن واري جوڙي کي جهنجهوڙڻ ڪا معمولي ڳالهه ته نه آهي... اِئين سمجهو ته اُپ مان ماڪي لاهي اچڻي آهي... هيءُ ته منهنجي آزمودي ۽ لياقت کي داد ڏيو جو اهڙا ڪيس به آڻي سگهندس.

وڪيل- تڏهن به...

منشي- ته ٺيڪ آهي. اهڙن ڪيسن ۾ Minimum ١٠% في اوهانجي... بس! هاڻي ته ٺيڪ آهي...؟ خوش...!!

وڪيل- اوهان جي باري ۾ مون کي ته ڪابه ڄاڻ ڪونه آهي.

منشي- مون چيو ته... مون کي اهڙين ڳالهين ۾ تمام گهڻو آزمودو آهي. اِئين ته منهنجو نالو منڻ آهي، پر ٻين جي گهرن ۾ گهمرو وجهي ڪوڙاڻ پيدا ڪرڻ ئي منهنجي حياتيءَ جو مکيه مقصد رهيو آهي.

وڪيل- پر هن کان اڳ توهان ڪهڙي وڪيل سان ڪم ڪيو آهي؟

جو مڙس ئي ڪونہ هوندو آهي. يعني پنهنجيءَ زال جي زال هوندو آهي... منهنجو مطلب زال پنهنجي مڙس جو مڙس هوندي آهي...! (وڪيل مونجهاري ۾ نهاري ٿو). نہ سمجهيوَ؟... يعني مڙس پنهنجيءَ زال جو غلام هوندو آهي. (کلي ٿو).

وڪيل- (منشيءَ کي شيڪ- Shake ڪندي) اوهو! هيڏڙي ننڍڙي ڳالهہ چوڻ لاءِ هيڏو وڏو مهاڳ! اوهان ڪنهن بہ قانوني ڪتاب کان گهٽ ڪونہ آهيو...

منشي- (شرمائيندي) سائين! سڀيئي اِئين چوندا آهن. (ٻئي کِلن ٿا).

وڪيل- ڪائي ڳالهہ ڪانهي، مان توهان جو مطلب سمجهي ويو آهيان.

منشي- جي! سڀيئي اِئين چوندا آهن...!

وڪيل- ڇا مطلب؟

منشي- ڇا جو سائين...؟

وڪيل- (سنڀاليندي) ٺيڪ آهي، ٺيڪ آهي، اوهان کي طلاق ملي ويندو.

منشي- مون کي طلاق ملي ئي نٿو سگهي. دنيا جو ڪوبہ وڪيل مون کي طلاق ڏياري نٿو سگهي.

وڪيل- يعني اوهان کي منهنجيءَ قابليت ۾ شڪ آهي؟

منشي- بلڪل نہ... اوهان شڪل مان ئي قابل پيا لڳو...!!

وڪيل- طلاق ڏيارڻ منهنجي ڏائي هٿ جو ڪيل آهي. ڏسو (ڪتابن ڏانهن اِشارو ڪندي) منهنجا هٿ لڳي لڳي هي سڀ هن حالت کي پهتا آهن.

منشي- پر سائين! تڏهن بہ اوهان مون کي طلاق ڏياري نٿا سگهو.

وڪيل- پر بہ ڇو...؟ سبب؟ !..Reason....! Why..

منشي- ڇاڪاڻ تہ منهنجي اجا شادي ئي ڪونہ ٿي آهي.
(وڪيل ڌُم سان ڪرسيءَ تي وِهي ٿو).

وڪيل- تہ پوءِ توهان هتي ڪهڙا جهڪ مارڻ آيا آهيو؟

منشي- مان تہ توهان جو منشي بڻجي ڪم ڪرڻ لاءِ آيو آهيان.
(وڪيل وات ڦاڙي نهاري ٿو).
جيئن هرهڪ ڊاڪٽر کي ڪمپائونڊر، وياج خور کي گهاشتو،آفيسر کي پي-اي.، وزير کي چمچو ۽ گاڏيءَ کي گهوڙو هئڻ ضروري آهي؛ تيئن هرهڪ وڪيل کي پنهنجو منشي هئڻ نهايت ضروري آهي.

وڪيل- يعني؟

وڪيل- منهنجي خيال ۾ ڪنهن سنڌي ايم. پي. کي پڪڙجي.... ڊرافٽ ٺاهي ڏيئي ڇڏجيس.... هڪ دفعو پارليامينٽ ۾ اهو سوال اُٿي سهين.... پوءِ مُڙس ۽ زالون پاڻيهي معاملي کي اَڳتي وَڌائيندا....

منشي- اوهان بلڪل صحيح فرمائي رهيا آهيو.... (اوچتو رُڪجي) پر سائين! جي طلاق آٽوميٽڪ ٿي ويو تہ اوهان جهڙن وڪيلن جي ڪهڙي ضرورت رهندي....؟

وڪيل- ڳالهہ تہ ٺيڪ آهي.... پوءِ اَسانکي ڪير پڇندو؟ منهنجو عقل بہ ڪڏهن ڪڏهن گاهہ چرڻ ويندو آهي.

منشي- سڀيئي اِئين چوندا آهن، سائين! (وڪيل ڏانهنس شڪي نهاري ٿو).

وڪيل- اِها تہ ٿي آءٌ بئل مونکي مار واري ڳالهہ.... ايتري وقت کان اَجائي بڪواس ڪري رهيو آهيان.

منشي- جي....! ”آءٌ بئل توهانکي مار“ واري ڳالهہ.... پر توهان ڪابہ چنتا نہ ڪريو. ڏِسجو، مان ڪيئن ٿو گراهڪ تيار ڪريان. منهنجي ماسيءَ جي نٽان جي هڪ نٽان آهي. اُن کي مون طلاق ڏيڻ لاءِ تيار ڪيو آهي.

وڪيل- اڇا! پاڻ ۾ ڪو جهڳڙو ٿيو اٿن ڇا؟

منشي- بلڪل نہ. پاڻ ۾ کير کنڊ آهن.

وڪيل- تہ پوءِ طلاق ڇو گهرندي؟!

منشي- تہ باقِي اسان منشين جو ڪم ڇا رهيو؟ گهٽوئي چيائين.... ڇي: ”مونکي پنهنجي مڙس سان ڏاڍو پيار آهي. هو بہ مونکي ڏاڍو پائيندو آهي.“ پر مون اها پٽي پڙهائي مانس....

وڪيل- ويري گڊ. تو ڇا چيس؟ ڳالهہ تہ ڪر....

منشي- مون ثابت ڪري ڏيکاريومانس تہ سندس مڙس بي وَفا آهي. ٻيءَ ڇوڪريءَ سان پيار ڪندو آهي. ساڻس گڏ سئنيما تي ويندو آهي. گهمندو ڦرندو آهي، کائيندو پيئندو آهي. سمهندو.... (ڇپ ڏندن هيٺان).

وڪيل- ۽ هنکي يقين اچي ويو؟

منشي- اِها ڪائي مشڪل ڳالهہ ڪونہ آهي!

وڪيل- نہ.... نہ....! پر، هوءَ پوئين ڳالهہ.... يعني.... سمهڻ واري....

منشي- اِهو تہ اسانجي ڪابي هٿ جو کيل آهي، سائين! مون ڪيس ڇٽي ڏنو تہ اِهو سڀ مون پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي.

منشي- اِن جي چنتا اوهان نہ ڪريو ني... وڪيل پيا مرن ۽ پيدا ٿين... اڄ ڪلهہ ڪي وڪيل آهن؟ سڄو ڪم تہ ڪري منشي ۽ نالو ٿئي وڪيل جو... وٺو آزمودي ڪي...

وڪيل- اِن باري ۾ تہ اوهان ڪولي ڪونہ ھڏايو آهي.

منشي- اِها ڳالهہ ٿي نہ...! هن ئي مهيني مون ڏهن گهرن ۾ ڏقيرو وڌو آهي. گذريل ڇهن مهينن ۾ اٽڪل ١٥٠ جوڙن ۾ جهڳڙو وجهايو آهي. ٢٠ مردن ۽ زالن کان ڪورٽ ۾ طلاق ناما داخل ڪرايا آهن. گهٽ ۾ گهٽ ٢٠ ڪپلن (جوڙن) کي مون ٺاهہ جي ڳالهين کان روڪيو آهي.

وڪيل- (مجبوريءَ کان) تہ پوءِ ٺيڪ آهي. اوهان گراهڪ آڻيو... ڪالهہ کان مکيون ويٺو ماريان. پتو نہ آهي تہ سنڌي زالن ۽ مردن کي ڇا ٿي ويو آهي؟ ڪوئي جهڳڙو ڪونہ... ڪوئي طلاق وٺڻ ئي نٿو چاهي.

منشي- اِهائي تہ اسان سنڌين ۾ خراب ڳالهہ آهي سائين! هونئن ٻين سڀني ڳالهين ۾ اڳرا. سونهن ۾، سواد ۾، ڪپڙي لٽي ۾، علم ۽ واپار ۾، فئشن ۾، فساد... (چپ ڏندن ۾).

وڪيل- اِهوئي تہ ارمان آهي. ٻيا سڀ فئشن سنڌي ڪن... باقي اڄڪلهہ جڏهن امريڪا ۽ انگلنڊ ۾، فرانس ۽ جرمنيءَ ۾، چين ۽ روس ۾، مطلب تہ سڄيءَ دنيا ۾ طلاق جو فئشن پنهنجا پَرَ ڦهلائي رهيو آهي... تہ اسان سنڌي... اِهوئي سڀني جي پٺيان...

منشي- Back Ward، چئو سائين Back Ward. سنڌي زال مڙس پاڻ ۾ وڙهندا، گار گند ڪندا، روئندا پٽيندا، مٿو پٽيندا، ڪوهہ ۾ ٽپو ڏيندا، پر هڪ ٻئي کي طلاق ڪونہ ڏيندا.

وڪيل- واهہ! واهہ!! تون تہ Genius اصل آهين Genius.

منشي- (شرمائيندي) سڀئي اِئين ئي چوندا آهن سائين!

وڪيل- (پريشانيءَ ۾ گهمندي) منهنجي خيال ۾ شاديءَ جي پنجن ڇهن سالن کان پوءِ طلاق آٽوميٽڪ ٿيڻ گهرجي.

منشي- اوهان بلڪل صحيح فرمائي رهيا آهيو، سائين!

وڪيل- دنيا جي سڀ مئريج ڪوڊن (Codes) ۾ اهڙي ڦير ڦار ٿيڻ گهرجي...

منشي- اوهان بلڪل صحيح فرمائي رهيا آهيو.... سائين!

شيلا- ها ها، سيتا پتيِ.... سيتا جو پتيِ.... مڙس، رامائڻ واريِ سيتا جو مڙس....

منشيِ- رام!.... تہ سِڌو رام منشاراماڻيِ چئو نہ.... (ڪاوڙ ۾ لِکي ٿو).

شيلا- اُهوئيِ. ڀلا هِڪ هِندو اِستريِ پنهنجي مڙس جو نالو ڪيئن کڻنديِ....؟

منشيِ- ٺيڪ آهي، ٺيڪ آهي. هاڻي اڳيان وَڌو (شيلا منشيءَ ڏانهن وَڌي ٿيِ).

منشيِ- او هو! توهان مون ڏانهن ڇوٿا وَڌو؟!

شيلا- اوهان ئيِ تہ چيو....

منشيِ- مان ڇو چوندس....؟ ٺيڪ آهي. منهنجو مطلب آهي تہ ٻيا تفصيل ڏيو. يعني پتيءَ جو ڌنڌو. اوهانجي پاڻ ۾ ڪهڙيِ ڳالهہ تان لڙائي ٿيِ؟ طلاق ڇو ٿا چاهيو؟؟ وغيرهہ وغيرهہ سڀ کولي سمجهايو....

شيلا- اسان ملتاني ڍانديِ ۾ رهندا آهيون.

منشيِ- ملتاني، پوءِ ڇا ۾ رهندا آهيو....؟

شيلا- ڍانديِ ۾. (منشيِ منجهي ٿو).... ڍانديو.... يعني پاڙو.... گلِي. پراڻي دهليءَ ۾ آهي.

منشيِ- ٺيڪ آهي. اڳيان وَڌو. (شيلا اڳيان وَڌي ٿيِ، پر مطلب سمجهيِ رکجي ٿيِ). ڇا ڪندو آهي توهانجو پتيِ....؟

شيلا- پنهنجو بزنيس اٿن. (وڪيل خوش ٿيِ ٥٠٠ فيِ لِکي ٿو).

منشيِ- ويريِ گڊ. ڇئبو تہ پئسي وارا آهيو.... تہ پوءِ هيڏانهن اچو.... وِهو. (وِهڻ جي جڳهہ نہ ڏِسيِ) ٺيڪ آهي. ڇاجو ڌنڌو اٿن....؟

شيلا- پُراڻي سامان جا واپاريِ آهن.

منشيِ- پُراڻي سامان جا؟ نئون سامان ڪونہ ٿو مِلي ڇا، جو پُراڻو سامان گهرائيندا آهيو؟

شيلا- گهرائيندا ڪونہ آهيون.... گهر گهر مان ڪٺو ڪري، پوءِ ٻڌو ڪري وِڪڻندا آهيون.

منشيِ- (رڙ ڪندي) تہ ڇئبو ڪباڙيِ آهيو! (وڪيل ناراض ٿيِ ٥٠٠ ڪاٽي ٿو).

شيلا- وريِ اِهو اَکر نہ ڇئجو. ان تان منهنجي پتيءَ کي سخت چِڙ آهي.... هوُ پاڻ کي ''هول سيل ڊيلر'' ۽ اڳيان ٻيو ڪُڇ ڳنديِ چوائيندا آهن.

منشيِ- ٺيڪ آهي، ٺيڪ آهي. هوُ توهان سان وِڙهندو آهي؟

وڪيل- سچ! تو تہ سچ پچ.... هن ڪي.... مطلب.... هنن ڪي.... اَکين سان....؟

منشيِ- او، هو.... توهان بہ.... ضرورت پيئي تہ بہ ٿي شاهد خريد ڪري ونبا....

وڪيل- واهہ! تون تہ وڏو اَفلاطون آهين.

منشيِ- جي! سيئيِ اِئين ئي چوندا آهن.... (ٻاهر گهنٽي وَڄي ٿي). اوجهو.... شايد هوءَ اَچي ويئي.... مون چيو تہ.... اَصل گراهڪن جا ڍير لڳي ويندا....

(وڪيل ٺهي ٺُڪي ڪُرسيءَ تي وِهي ٿو. فائيل وغيرهہ اُٿلائي ٿو.)

منشيِ- (ڊائريِ پينسل تيار ڪندي) اَچو.... اَچو....

شيلا- مونکي وڪيل صاحب سان مِلڻو آهي.

منشيِ- پهرين سندس منشيءَ سان مِلو.... ناچيز کي منڻ چوندا آهن.... چئو (سُر ۾) منڻ.... (شيلا شوڪي ٿي).

شيلا- مون چيو تہ مونکي وڪيل صاحب سان مِلڻو آهي.

منشيِ- وڪيل صاحب ڪُجهہ وڌيڪ مشغول آهن. ڪيس تمام گهڻا آهن ۽ وڪيل صاحب اڪيلو.... پر توهان بلڪل فڪر نہ ڪريو. ڇوٽا موٽا ڪيس تہ مان اُٿلائي ڪڍندو آهيان. توهانجو نالو....؟

شيلا- (عورت)- شيلا. (منشيِ نالو لِکي ٿو).

منشيِ- پتيءَ جو نالو....؟

شيلا- سيتا پتيِ منشارامائڻيِ.

منشيِ- (لکندي) سيتا پتيِ منشارا.... سيتا پتيِ!! پر اهڙا نالا تہ سنڌين ۾ ڪونہ ٿيندا آهن. خير، وقت سارو نالا بہ ڦرندا پيا وڃن. (لِکي ٿو) منشارامائڻيِ.

شيلا- هن جو نالو سيتا پتيِ ڪونہ آهي.

منشيِ- پر هينئر تہ توهان اِئين چيو....

شيلا- جيِ! مون سيتا پتيِ چيو.

منشيِ- ها، ها.... تہ مون بہ سئناپتي ڪونہ لِکيو آهي.... سيتا پتيِ ئي لکيو آهي.

شيلا- او هو، توهان سمجهو ڇونہ ٿا؟ هن جو نالو سيتا پتيِ ڪونہ آهي....

منشيِ- تہ ڀلا ڇا آهي....؟

شيلا- سيتا پتيِ....

منشيِ- (مٿو پڪڙي) اُف! وريِ بہ ساڳيو ئيِ سيتا پتيِ.

شيلا- مونکي ڪا خبر ڪونهي.... توهان ئي ٻڌايو تہ زال ويچاري ڇا ڪري؟ اِئين ڪيئن پنهنجي حياتي ڪاٽيندي؟ مِٺو تہ سيني سان پيو ڳالهائجي. پر ڪوڙو تہ پنهنجي مرد سان ئي ڳالهائي سگهبو نہ؟ اَڃا مان ڪُجھ جهيڳڙي جي شروعات ڪريان مَس تہ ڪَن لاٽار ڪري سُمهي پوي.

وڪيل- (مونجهاري ۾) مون اوهانجو مطلب پورو سمجهيو ڪونہ.

منشي- (وچ ۾ شيلا کي) اوهان بلڪل ٺيڪ چئي رهيا آهيو. (وري وڪيل کي) وڪيل صاحب! ڇا مڙس جو اِهو فرض آهي تہ زال کي ڪڏهن ڪڏهن وڙهڻ جو وَجهہ ڏِئي؟ پوءِ مرد گار گند ڪري، زال کي ٺوڪون هڻي. سال ۾ هڪ اڌ دفعو هٿ هلائڻ جي ڌمڪي ڏِئي ۽ ٿي سگهيس تہ چِٺ چماٽي ڪري ڏڪ وَهائي ڪڍيس! (وڪيل کي اک ڀڃي) ۽ اوهان ڇئو ٿا تہ اِهو ڏوهہ نہ آهي؟!

شيلا- اِهائي تہ ڳالهہ مان چئي رهي آهيان. رڳو مٺاڻ کائي کائي اِنسان تنگ نہ ٿيندو؟ ۽ هِت تہ کٽاڻ جو اصل نالو ئي ڪونہ آهي (روئڻهارڪي ٿي) شرم کان پاڙي وارن اڳيان ڪنڌ نٿي کڻي سگهان.

وڪيل- (سمجهندي) اوهان بلڪل صحيح فرمائي رهيا آهيو.... اِها تہ وري مينٽل ٽورٽيور ٿي ني؟ (منشيءَ کي) نہ....؟

منشي- ها، مينٽل ٽورٽيور يعني سِنڌيءَ ۾ دماغي سزا، دماغي پچاءُ (ٽينشن)، سخت تڪليف....

وڪيل- درست! (شيلا کي) اِنکري اوهانجي دماغ ۾ سخت پريشاني رهندي هوندي. اوهانکي هاءِ بلڊپريشر هوندو. ڪڏهن ڪڏهن لو (گهٽجي) بہ ٿي ويندو هوندو. هرٽ ٽربل هوندي. نيروسس هوندي. شايد هائپرشن بہ هجي. (منشيءَ کي) ڪيئن؟

شيلا- (ڊپ ۾) جي! مون تہ سمجهيو ئي ڪونہ....!

منشي- اوهان ڪابہ چنتا نہ ڪريو.... مون چيو نہ....؟ وڪيل صاحب نهايت قابل ۽ آزمودگار آهن.... اِهي قانوني اکر آهن.... اوهانکي سمجهہ ۾ ڪونہ ايندا....! اِهي قانوني داوَ پيچ لڙنداسين، جو ٻچوءَ کي.... اوهانجي مڙس کي ڇٺيءَ جو کير ياد اچي ويندو....

شيلا- بلڪل نہ.

منشيِ- گاريون ڏيندو آهي؟

شيلا- (ڪنڌ ڌوڻيندي) اصل نہ.

منشيِ- (مُنجهندي) بيمار آهي؟

شيلا- نہ.

منشيِ- اوهان کان الڳ رهندو آهي؟

شيلا- نہ، نہ.

منشيِ- تہ توهان سان وَفادار نہ آهي؟

شيلا- جيِ! توهانجو مطلب ڇا آهي؟!

منشيِ- منهنجو مطلب.... توهان.... کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن ڇوڪريءَ سان ناجائز رشتو.... مطلب ٻي زال....

شيلا- ڇيِ! ڇيِ! هيءُ اوهان سوال ڪهڙا ٿا پڇو؟ هٽو، مونکي وڪيل صاحب سان مِلڻ ڏيو.

منشيِ- پر مونکي پنهنجا پورا ڊيٽئلس تہ ڏيو.

شيلا- گهڻو ڪُجھ ڏنم. اوهانکي تہ ڪُجھ پتو ئي ڪونهي.... هٽو! (وڪيل وٽ وڃي ٿي). نمستيِ! وڪيل صاحب!! (وڪيل نِهاري ٿو، پوءِ اِشاري سان منشيءَ ڪان ڪاغذ گهري ٿو. اُٿلائي پٿلائي ڏِسي ٿو).

وڪيل- اوهانکي طلاق ڪپي نيِ؟

شيلا- تہ ٻيو ڇا ڪپي؟

وڪيل- تہ پوءِ وِهو نيِ.... سوَلا ٿي وِهو. جيڪي ڳالهيون منشيءَ اوهانکي ڇيون.... منهنجو مطلب خاص ڪري پوئين ڳالهہ. ڇوڪريِ....

شيلا- اهڙيءَ ڪنهن بہ ڳالهہ لاءِ هنکي ٽائيم ڪونہ آهي.

وڪيل- جيِ! ڇا مطلب؟

شيلا- ڏِسو نہ.... صبح جو گهران نِڪريِ وڃي. منجهند جيِ ماني دڪان تي گهرائي ڪائي، رات جو دير سان گهر اچي ۽ چُپ چاپ روٽي ڪائي سُمهي پوي.

وڪيل- (مونجهاري ۾) پر دنيا جي ڪنهن بہ قانوني ڪتاب ۾ اِهو ڏوهہ تہ نہ آهي.

منشي- (ٿڌو ساهه کڻي) ڪاش! اوهان جهڙي سُگهڙ ۽ سياڻي نينگر پهرين مِلي ها. (روئڻهارڪو ٿي) تہ هينئن ننڍڙڪو نارُ ٿي ڪونہ پيو گهمان ها.

وڪيل- آڙي منڻ....! ڪُجھ ڌيرج ڌر اَبا.... ڊنڊي جو ٽائيم آهي....

منشي- ڪڏهن ڪنهن نينگر نيڻ کڻي نہ نِهاريو ۽ مون بہ پيشم پرتيگيا ڪئي تہ ڪنهن بہ جوڙي سُک سُمهڻ ڪونہ ڏيندس. هِن مهل تائين اَلائي گهٽن گهرن ۾ گهمرو وِجهي چڪو هوندس. (شيلا ڏانهن نِهاري) پر هاڻي مونکي دِل گهري ساٿڻ مِلي ويئي آهي. هيءَ ئي تہ مون نِنڍڪي جي ڏياڻي آهي. (هٿ پڪڙي گوڏن ڀر وِهي ٿو).

شيلا- (گهبرائجي) ڇڏيو، هي ڇا پيا ڪريو، ڇا چئي رهيا آهيو.... مون کي وڃڻ ڏيو....

وڪيل- (ڇڏائيندي) منڻ.... هي ڇا پيو ڪرين اَبا! اُٺ، بُردبارُ ٿيءُ، هيءَ ڇريائي ڇڏ.... ڊنڊي جو ٽائيم آهي.... ٻيڙو ٿو ٻوڙين....

منشي- هاڻي بُردباري ڇاجي! هاڻ تہ بس هِنن چرڻن ۾ ئي منهنجي جڳهہ آهي....

شيلا- هيءُ ڇا پيا ڪريو؟ مون توبهہ ڪئي! ڳيسي پري (منشي پير پڪڙي ٿو).... وري طلاق جو نالو نہ ڪڍنديس.... جهڙو آهي، منهنجو پتي آهي.... مونکي وڃڻ ڏيو.... (پاڻ ڇڏائي ٻاهر ڀڄي ٿي. پٺيان وڪيل- ٻڌو تہ ٻڌو تہ، در تائين ڊوڙندو اچي ٿو).

(وڪيل واپس منشيءَ کي اُٿاري ٿو، منشي سُڏڪا ڀريندي اُٿي ٿو).

وڪيل- بيوقوف! چڱو ڀلو گراهڪ وڃائي ڇڏيئہ نِي! تون تہ وڏو ڪو.... وڏو ڪو هوُ آهين....

منشي- ها، سائين! سيئي اِئين چوندا آهن....

وڪيل- موُن توکان بان ڪئي... هاڻي منهنجي ڇڏ. توکان بس ڀلي آهي... توکان سواءِ ئي ڀلو آهيان.

منشي- اِئين نہ چئو سائين! مان اَنجام ٿو ڪريان تہ وري ڪڏهن اِئين نہ ڪندس. مان توهان جو قسم کائي پِرڻ ٿو ڪريان تہ جيسين جيءَ ۾ جان آهي، تيسين ڪنهن بہ جوڙي کي سُک سان رهڻ نہ ڏيندس.

وڪيل- (غصي ۾) وري بہ پنهنجي گهران ڪُجھ نہ ڳالهائيہ نِي! (ٻاهران گهنٽي).

وڪيل- بلڪل! اسان سڀ ڪجھ سنڀالي وٺنداسين. مان اڄ ئي ڪورٽ ۾ طلاق نامو داخل ڪرائيندس. اِنڊين پينل ڪوڊ جي دفع ٢١٠ هيٺ جالسازيءَ، اِنڊين ڪِرمِنل ائڪٽ جي دفع ٣٥٠ هيٺ زال جي دماغي پريشاني وَڌائڻ جي ڪوشش، اِنڊين سِول ڪوڊ جي دفع ٣٠٢ هيٺ ڪالپيبل هومسائيڊ ۽ اُن سان گڏ اِنڊين ڪانسٽيٽيوشن جي دفع.... رپيٽ.... يعني مڙني دفعن هيٺ زال جي فائونڊيشنل رائيٽ آف اِسپيچ کي ڪُچلڻ جي اِلزام ۾ توهانجي مڙس تي ڪيس هلائيندس....

شيلا- (پريشان) پر توهان ته معاملي کي تمام گھڻو وَڌائي رهيا آهيو.... مان ته رڳو چاهيان ٿي ته هو مون ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏئي.

منشي- هاڻ توهان ڪابہ چنتا نہ ڪريو. وڪيل صاحب پاڻيهي توهانجو معاملو فِٽ ڪندو. هاڻ وَٺو، هِن طلاق نامي تي صحيح ڪريو. توهانجي مڙس کان نہ صرف جانو، پر.... هرجانو بہ پرايو ويندو.

شيلا- پر اوهان ته ڳالھ وَڌائي ڇڏِي آهي.... هو ٻڌندو ته ڇا چوندو....؟

وڪيل- اِن ۾ گھبرائڻ جي ڳالھ آهي ئي ڪونہ. اڄڪلھ دنيا ۾ وومين لِبرٽي يعني ”زالن جي آزاديءَ جي هلچل“ ايترو اوچ تي پھتل آهي.... تڏهن بہ توهانجا اهڙا دڪيانوسي ويچار! نہ نہ.... بلڪل نہ! اِئين ڪم هلندو ئي ڪونہ....

منشي- بلڪل ٺيڪ. اهڙي مڙس جو منهن ڏِسڻ ئي پاپ آهي.... اهڙي نيچ ۽ پاپيءَ پتيءَ جو تياڳ ڪري يڪدم ٻي شادي ڪرڻ گھرجي. اسانجو وڪيل صاحب اِنهن معاملن ۾ بہ ماهر آهي....

شيلا- (منشيءَ کي) هي اوهان ڇئو ڇا پيا؟

منشي- توهان گھبرايو بلڪل نہ. جي اوهانجو ٻيءَ شادي ڪرڻ جو ويچار هجي ته هيءُ ٻندو....

وڪيل- (گھبرائيندي) آ، منڻ لعل....!

منشي- (شيلا کي) ڏسو نہ، مونکي بلڪل اهڙيءَ پتنيءَ جي تلاش آهي. مونکي وقت ئي وقت آهي.... سڄو ڏينهن گھر ۾ ويهي توسان ڳالهيون ڪندس....!

وڪيل- (منشيءَ کي) اڙي، گھر ۾ وِهنداسين ته کائينداءُ ڇا؟ هيءُ بيوَقوف ته ڏنڊو ٿو چوپٽ ڪري.

منشي- (ڏاڍيان) نالو، نالو، اوهانجو نالو....

چمنداس- (ڪارڊ ڏيندي) توهان ايڏا واڪا ڇو پيا ڪريو؟ مان ٻوڙو ته ڪونه آهيان.

منشي- (ڪارڊ پڙهندي) ها.... ته توهانجي ڪهڙي سيوا ڪري ٿو سگهان؟

چمنداس- ميوا؟ اڄڪلهه جي زماني ۾ ڪير ڪائي سگهندو؟ ڪڏهن - ڪڏهن - او، ڇٽ ڇماهيءَ ڪو هڪ اڌ ڪيلو ڪائبو آهي....

منشي- (ٻنهه ٻوڙي مان ڦاٿس- ڏاڍيان) ڪهڙي ڪم لاءِ آيا آهيو؟

چمنداس- توهان تمام ڏاڍيان ٿا سوال پڇو! توهان ٻوڙا ته ڪونه آهيو نه....؟ (وڪيل کي) مون کي پنهنجيءَ زال کان طلاق وٺڻو آهي.

وڪيل- اِهو ته منهنجي ڪابي هٿ جو کيل آهي.

چمنداس- ميلُ! ڪائي ٻه ڳالهه ميلُ ڪونه ٿي ڪائي! هنجي پسند الڳ، ته منهنجي الڳ. مان چوانس ته گهر ۾ نهي نڪي ويهه ته سعيو ڪري پُراڻا ڪپڙا پائي وِهندي.

وڪيل- ٻار....؟

چمنداس- نه سائين! ڪوڙ ڪونه ڳالهائبو. يار وار ته هن جا ڪي ٻه ڪونهن. تمام سادي سياءَ جي عورت آهي.

منشي- (وچ ۾ چمنداس کي) سائين! يار نه، ٻار گهٽا آٿـوَ؟

چمنداس- ٻار.... ٻار پنج آهي. چوندي- ”ٻارن جي سنڀال ڪريان يا نهي نڪي وِهان؟“

وڪيل- ٻيو ٻه ڪو جهڳڙي جو ڪارڻ....؟

چمنداس- ڪجهه ٻارڻ جي ضرورت ڪونهي. سڄو ماڊرن نموني فِٽ. اصل اِليڪٽرڪ گڊ گيٽس. نه چولهو اِسٽوو يا گئس....

منشي- (هيءَ چڱي مصيبت ٿي- ڏاڍيان) ڪارڻ.... جهڳڙي جو ڪارڻ؟

چمنداس- اوهانجي طبعيت ته ٺيڪ آهي نه؟ هر هر ايڏيون رڙيون ڇو پيا ڪريو ۽ اَچايو وچ ۾ پيا ڳالهايو؟ مان ته ڪو ٻوڙو ڪونه آهيان. (وڪيل کي) بس! حياتيءَ ۾ رس ڪونه رهيو آهي.

وڪيل- (اُتساهه سان) اِها ڳالهه نوٽ ڪرڻي يعني اوهانکي پنهنجي زال مان سک ڪونه آهي؟

چمنداس- اي سائين! رُڳو رُخ کي ڏوئي پيئندس!

وڪيل- منشي- هاڻي توهان تهي لُڪي وڃو، هيءُ گراهڪ هٿان نہ وڃائبو. (وڪيل فائيل ڏسي ٿو. چمنداس ہوڙو اَندر اَچي ٿو، منشي نمستي ڪري ٿو. چمنداس هٿ ملائڻ جي ڪري ٿو، مونجهاري ۾).

چمنداس- وڪيل واڌومل جي هيءَ آفيس آهي...؟

منشي- ها ها... اَچو هيءَ ئي آهي...

چمنداس- اَڇا! مُون سمجهيو، هيءَ ئي آهي. معاف ڪجو. (ٻاهر وڃڻ جي ڪري ٿو).

منشي- مون چيو تہ وڪيل صاحب واڌومل جي آفيس هيءَ ئي آهي.

چمنداس- ڪائي ڳالهہ ڪانهي، شايد ٻاهر نالي پڙهڻ ۾ غلطي ٿي ويئي آهي. (وري ٻاهر وڃڻ جي ڪري ٿو).

منشي- (پنهنجي مُنهن) هيءُ تہ ڪو ہوڙو ٿو ڏسڻ ۾ اچي. (ڏاڍيان) سائين! مون چيو، اَوهان بلڪل صحيح جڳهہ تي پهتا آهيو.

چمنداس- تہ توهان ايترو ڏاڍيان ڇوتا ڳالهايو. مان تہ ہوڙو ڪونہ آهيان.... اَڳهٽو تي دفعا چيءِ، ”ڪونہ آهي“، هاڻي چئو ٿا تہ ”ٺيڪ جڳهہ آهي.“

منشي- اَچو، هيڏانهن اَچو. هيءُ وڪيل صاحب.... تمام هوشيار ۽ آزمودي وارا آهن. (هِن دفعي وڪيل هٿ وَڌائي ٿو تہ چمنداس نمستي ڪري ٿو - وري مونجهارو).

وڪيل- (اِشاري سان) وِهو.... وِهو.... سَوَلا ٿي وِهو. (چمنداس ويهي مشڪي ٿو) اوهان بہ طلاق وٺڻ چاهيو ٿا؟

چمنداس- حلاق.... حلاق! مان ڇو حلاق ٿيندس؟ مان تہ سڄيءَ دنيا کي حلاق ڪرڻ وارو آهيان.

منشي- (وڪيل کي) سائين! هي ٿورو اُوچو ٻڌندو آهي.... ٿورو ڏاڍيان ڳالهايوس. (چمنداس نِهاري مُشڪي ٿو. منشي هٿ جوڙي ڇوي ٿو) مون اوهانکي ڪُڇ ڪونہ چيو سائين!

چمنداس- (نمستي ڪندي) توهان سان تہ مان اَڳ ۾ ئي مِلي چڪو آهيان.

وڪيل- اوهانجو نالو؟ (منشيءَ کي- نوٽ ڪندو وڃ، ذرا سنڀال سان پيش اَچڻو پوندو.

چمنداس- (منجهندي) آلو؟ (کيسي مان رومال ڪڍي هٿ اُگهندي) اَجا اَڳهٽو تہ اُگهيو هوم.... شايد پسيني ۾ وري....

(منشي هٿ جوڙي ڪيس روڪڻ جي ڪوشش ٿو ڪري ۽ چمنداس سمجهي ٿو تہ ڪيس هٿ جوڙي ٻاهر نڪرڻ لاءِ ٿا چوَن).

چمنداس- (اُلر ڪندي) مان پاڻيهي ٿو وڃان، پر ياد رکجو- مان پيءُ جو پٽ نہ آهيان، جي هِن بي عزتيءَ جو بدلو نہ ورتم. (ويندي منشيءَ کي) اوهان کي بہ ڪي بہ.... ڪونهن. (وڃي ٿو).

منشي- (روئڻهارڪو ٿي) سيٺئي اِئين چوندا آهن سائين!

(وڪيل پريشانيءَ ۾ گوري وٺي ٿو، جو وري گهنٽي وڃي ٿي. منشي گهبراهٽ ۾ وڪيل کي پٽيان پڪڙي ٿو).

وڪيل- (پاڻ ڇڏائي) هيءُ ڇا آهي؟ تون تہ صفا ڏڇڻو آهين.

منشي- ها سائين، سيٺئي اِئين چوندا آهن! (وڪيل اَندر ٿو وڃڻ جي ڪري) توهان ڪيڏانهن ٿا وڃو؟

وڪيل- مان اَندر ٿو وڃان.... جيڪڏهن ڪو ٻيو اَهڙو ٻوڙو اَچي تہ ٻاهران ئي پَتائي ڇڏجانس. هنڙين مصيبتن جو پتو هجي ها تہ وڪالت شروع ئي ڪون ڪريان ها. (ٻڙٻڙائيندو اَندر وڃي ٿو).

(منشي پاڻ سنڀالي، ٻاهر وڃي چمپا کي وٺي اَچي ٿو).

منشي- اَچو، اَچو- توهان تہ ساڍي ستين بجي جو ٽائيم ڏنو هو.

چمپا- (گهبرايل) ها، صبح صبح جو سوين ڪم ٿا گهر جا ٿين، تڏهن....

منشي- اَجا بہ اَوهان اُنهيءَ گهر جي چنتا پيا ڪريو؟ اَهڙي گهر جي مڙس جي سنڀال ڪرڻ اَوهانجي شان کان ٻاهر آهي.

چمپا- اِهو تہ سچ آهي. پر جيستائين گهر ڇڏيو نہ آهي، تيسين....

منشي- گهر ڇڏڻ ۾ هاڻي ڪهڙي دير آهي؟ اَج ئي طلاق نامو توهان کان صحيح ڪرائي ڪورٽ ۾ داخل ڪري ڇڏبو. ٻن ٽن ڏينهن ۾ جديشنل سيپريشن ۽ ستن ڏينهن اَندر طلاق....

چمپا- پر مون ٻُڌو آهي تہ اَهڙن ڪيسن ۾ سال لڳي ويندا آهن.

منشي- رُڳو ٻُڌو آهي نہ؟ ڪڏهن ورتو تہ نہ ڪونهي نہ؟ هاڻي خود ڏسجو. سڄو دارومدار وڪيل ۽ اُنجي منشيءَ جي قابليت تي آهي.

چمپا- اِهو تہ ٺيڪ آهي. پر آلائي ڇو مونکي ڏاڍو ڊپ پيو لڳي.

منشي- (ڪِلندي) پهريون دفعو آهي نہ؟ اهڙا جي بہ ٽي ڪيس توهان سان ٿي ويا تہ پوءِ ڊپ پنهنجو پاڻيهي لهي ويندو.

منشِي- (وچ ۾) رُخ نہ، سُک. مطلب تہ پتنيءَ مان سُک کونهي.

چمنداس- سُک! هاڻي چونہ آهي. سڄي گرهستيءَ جو بار کنيو ويٺي آهي. پر منهنجو من دُکي آهي.... گهر جڻ قيدخانو لڳندو آهي.

وڪيل- ويري گڊ. هاڻ ڳالهہ ڪجهہ ڪجهہ سمجهہ ۾ آئي آهي. (منشيءَ کي- پائنٽ نوٽ ڪر- ”گهر قيدخانو آهي.“) وري (چمنداس کي) اوهانکي طلاق مِلي ويندو.

چمنداس- (نراس) ٺيڪ آهي. نہ ملي سگهندو تہ نہ سهي. مان ڪنهن ٻئي وڪيل وٽ ويندس. (اُٿي ٿو).

منشِي- (هٿ جوڙي روڪيندي) ٻڌو تہ.... (چمنداس نمستي ٿو سمجهي) پاڻ بہ نمستي ڪندي هلڻ شروع ڪري ٿو. وڪيل هڙ ٻڙ ۾ اُٿي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي- ”هيءُ گراهڪ بہ گم. اي- سمجهائينس اَبا!“

منشِي- (زور سان) اي سائين! طلاق ملي ويندو- ملي ويندو!!

چمنداس- (ڪاوڙ مان) توهان گلو ڦاڙي ايڏيون رڙيون ڇوٿا ڪريو؟ مان ٻوڙو تہ ڪونہ آهيان.

منشِي- (ڏاڍيان) توهانکي ٻوڙو ڪير چوندو؟ (آهستي) توهان تہ ڇٽ ٻوڙا آهيو.

چمنداس- (خوش ٿي) هاڻي سمجهيوَ نہ! اِئين مان ٿورو گهٽ ٻڌندو آهيان. پر توهانکي چڱي تڪليف پيئي ڏسجي. (ڪُرسيءَ تي وِهي ٿو).

وڪيل- ٺيڪ آهي سائين! مونکي توهانجي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويئي آهي. مان اِنڊين پينل ڪوڊ جي....

چمنداس- پيتل! مان توهانکي پيتل ٿو ڏسڻ ۾ اَچان؟ مان اَوهان تي ڪيس ڪندس. اَوهان منهنجي بي عزتي ڪري رهيا آهيو.

منشِي- سائين! پيتل نہ. (چمنداس جي نِهارڻ کي سمجهِي) پينل. اِنڊين پينل ڪوڊ.

چمنداس- اَڇا، تہ هاڻي مونکي ڌمڪي ڏيئي رهيا آهيو. پينل ڪوڊ، رُڳو اَوهان ئي پڙهيا آهيو؟ مان بہ ڪو اَڻ پڙهيل ڪونہ آهيان....

وڪيل- (ڏاڍيان) ٻڌو تہ، نِي! ٠

چمنداس- توهان بہ مونکي ٻوڙو ڪري سمجهيو آهي، جو ايڏيون رڙيون پيا ڪريو. مان اِن لاءِ بہ توهان تي بدناموسيءَ جو ڪيس ڪندس.

چمپا- (منشيءَ کي پاسيرو) اوهان جيڪي ڪجهه منهنجي پتيءَ جي باري ۾ ٻڌايو....

منشي- سو سورهن آنا سچ آهي. وقت آيو ته مان سندس مُنهن تي چوڻ لاءِ به تيار آهيان. اهڙن نيچ مردن کي اُگهاڙو ڪرڻ مان پنهنجو فرض سمجهندو آهيان.

چمپا- ته ٺيڪ آهي، مونکي ڏيو اِهو طلاق نامو ته صحيح ڪريان (صحيح ڪري وڪيل اڳيان اُڇلائي ٿي) هان وٺو وڪيل صاحب!

(وڪيل چرڪ ڀري اُٿي ٿو. چمپا پاسيرِي بيٺي آهي، منشي وڪيل جي پرسان).

وڪيل- (نالو پڙهي ٿو) چمپا وائيف آف واڌومل- ائڊريس: ١٠٨، وڪٽنٽ ڌام. اَڙي، اَڙي هيءَ ته.... چمپا تون! تون.... مونکي طلاق ڏيندينءَ؟

چمپا- (سامهوُن ٿيندي) ڇونه ڏينديس؟ منهنجي هوندي اوهان ٻيءَ ڇوڪريءَ سان رنگ - ريليون رچايو ۽ مونکي چئو ته مان آفيس ۾ ٻڌِي آهيان. هاڻي سمجهه ۾ آيو آهي. (وڪيل وچ ۾ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.) ڪالهه سڄِي رات گهر ۾ ڪونه آيا!.... ڪٿي سُمهيا هئا؟ ٻڌايو. گهر چوائي موڪليوَ ته ”اَرجينٽ سيزن آهي، آفيس ۾ ئي سُمهڻو پوندو.“

وڪيل- پر مون ته توکي سرپرائيز ڏيڻ ٿي چاهيو. وڪالت ڪجهه جمِي وڃي ها ته توکي خوشخبرِي ٻڌايان ها. پر اِهو توکي ڪنهن چيو ته مان ٻيءَ.... اَهڙِي ڳالهه تون سوچي ڪيئن ٿِي سگهين....؟

چمپا- پُڇو پنهنجي منشيءَ کان! (منشي کِسڪڻ جي ٿو ڪري).

وڪيل- (پڪڙيندي) اَڙي! پڇين ڪيڏانهن ٿو؟ تو منهنجي ئي رنڌڻي ۾ رولو وجهڻ جي ڪوشش ڪئِي.... ڪوُڙا قِصا ناهيا.

منشي- ڪوُڙا قِصا؟ مان قسم کڻڻ لاءِ تيار آهيان ته مون پنهنجي اکين سان هِنجي مڙس کي ٻيءَ ڇوڪريءَ سان....

وڪيل- (وائڙو ٿيندي) هيءُ تون ڇئين ڇا پيو؟ هِنجو مڙس ته مان ئي آهيان. يعني هِنجو ٻيو به ڪوئِي مڙس....

منشي- جي! مون کي ڪائِي خبر ڪونهي. مان ته هِنجي مڙس جي ڳالهه ٿو ڪريان. منشي منڻ لعل جيڪا ڳالهه هڪ دفعو چئِي، سا پٿر تي ليڪ

چمپا- (ڇرڪي) هان! ڇا چيوَ؟

منشي- (سنڀاليندي) منهنجو مطلب شروع شروع ۾ اِئين گهبراهٽ ٿيندي آهي. توهان چنتا نہ ڪريو. اَچو اَندر (وِهي ٿِي) مان وڪيل صاحب کي سڏ ڪري ٿو وٺان. (سڏ ڪري) وڪيل صاحب! هيءَ سائين پنهنجي ئي اَصيل آهي. هوءَ ڳالهہ مون توهان سان ڪانہ ڪئي هئي تہ ماسيءَ جي ساهيڙيءَ جي نڻان جي نڻان (چمپا کي) مان ويٺو آهيان تہ توهان اَصل چنتا نہ ڪريو.

چمپا- پر اَوهان جيڪي چيو، سو سڀ سچ آهي نہ؟ اِهوئي تہ هن جا ڪنهن ٻيءَ ڇوڪريءَ سان....

منشي- مان اَوهان سان ڪُوڙ ڳالهائيندس؟ توهانجو دشمن تہ ڪونہ آهيان.

چمپا- تڏهن بہ شاديءَ جي هيترن سالن ڪانپوءِ....! اَعتبار نٿو اَچي.

منشي- مرد ذات کي توهان ڪونہ سڃاڻو. مان قسم کڻي ٿو چوان تہ اَوهانجو پتي پهرئين نمبر جو بدمعاش، بداِخلاق، بدتميز، بدسُلوڪ، بدفضيلت ۽.... ۽.... بد.... بد....

چمپا- (اُٿندي) جي....؟

منشي- (چمپا کي وِهاريندي) معاف ڪجو! مان ذرا جوش ۾ اَچي ويو هوس ۽ غصو ڪيئن نہ ايندو؟ هئڙي ستي ساوتري اِستريءَ کان مُنهن موڙي هڪ بازاري عورت سان رستو رکڻ! ڇِي، ڇِي! چوندي بہ مونکي شرم اچي رهيو آهي. هوُ مرد ذات تي ڪلنڪ آهي. دانگيءَ جو داغ آهي. (تڏو ٿِي) معاف ڪجو. پر هاڻ توهان ڪابہ چنتا نہ ڪريو. (وڪيل ٻاهر اچي ٿو) وڪيل صاحب! هيءَ ئي آهي اُها مظلوُم عورت، جنهن سان سندس پتيءَ دوهہ ڪيو آهي. (چمپا وڪيل کي ڏِسي پاسيرو مُنهن ڏيکي وِهي ٿِي.)

وڪيل- (وِهندي) ٺيڪ آهي. تون ڪانئس وڪالت نامو ۽ طلاق نامو ٻئي صحيح ڪرائي ڇڏ، باقي مان سڀ ڪُجهہ سنڀالي وٺندس. (چمپا کي) مان اوهانجو دردناڪ ڪيس ٻُڌي چُڪو آهيان. پر هاڻي مان ڄاڻان ۽ اوهانجو مڙس. اُهي ڇٽا ڇپارائيندوسانس، جو ڇٽيهي ٻاهر اچي پوندس.

(منشي طلاق نامو وغيرهہ کڻي اچي ٿو).

ناٽڪ:-

جيئدان

ڪِردار:-

۱.مسٽر حشمتراءِ ڪرناڻي........فوج ۾ آفيسر

۲.شريمتي وِندر ڪرناڻي..........حشمتراءِ جي زال

۳.مسٽر گُلاب ڪرناڻي.......ايئرفورس ۾ فلائيٽ آفيسر

۴.شرميلا...............گُلاب جي زال

۵.رتنا...........شرميلاجي ساهيڙي

٦.ليڪو...........نوڪر

----سين پهريون-------

(مسٽر حشمتراءِ ڪرناڻي جو گهر-اَندر گهر ۾ رُڌو شريمتي وِندرٻائي آهي ۽ گهر جو نوڪر ليڪو گهر جي ڪم ڪار ۾ رُڌل آهي)

گُلاب:- (پنهنجي گهر جي ڊرائينگ روم جو بيل وڄائيندي)ٽرڙ......ٽرڙ.......

وِندرٻائي:- (اوچتو بيل جو آواز ٻُڌندي ۽ پنهنجو پاڻ چوندي)هن وقت،وري،هيئنر...اَجان،چار ئي ڪون لڳا آهن ته،ڪير اچي سگهيتو؟ڪرنل جي اچڻ ۾ اجان ڏيڍ ڪلاڪ ٻيو آهيپُٽڙو گُلاب ٻاهر ڊيوٽيءَ تي آهي،

گُلاب:- (وري زور سان بيل کي وڄائيندي)ٽرڙ.....ٽرڙ

وِندرٻائي:- (اَندر وڏي آواز ۾) اَڙي ليڪو،ڏس-ڊرائينگ روم جو دروازو ته،کول ڪير آيو آهي؟

ليڪو:- (ٽڪڙو اڳيان ايندي)جي جي مالڪڻ.

وِندرٻائي:- دروازو کولي ڏس ته،سهين؟هن وقت ڪير اَچي ٽپڪيو آهي.

ليڪو:- يعنيَ دروازو کوليان(ڪنن کي هٿ ڏيندي)

وِندرٻائي: -نه،مُنهنجو سِر کولهه.

ليڪو:- ٽڪڙو ٽڪڙو ڊرائينگ(روم جو دروازو کوليندي)اَڙي.ننڍا صاحب توهين!مان ته،ڪيڙا ڏئندي ۽ هن گهنٽيءَ جو آواز ٻڌندي اِهو سمجهو ته،ڪوٻاڙ پاري جو،هن سستي ڪري(هيڊ آهي-نئي جو لڳارائي اَٽئون.

گُلاب:- (خفاجي نوءَ ۾)ليڪومل-سڀ ڳالهيون هتي ٻاهر در جي ٻاهران ئي

پيئي. هاڻ تہ مان ڪورٽ ۾ بہ اِهائي ڳالهہ چوَندس. (پاڻ ڇڏائي ٻاهر ويندي) پوءِ پلِي مونکي ٺيپ اَچي يا ڦاسِي.... منشي منڻ لعل ٽُڪ اُڇلائي ڇَڏِي! ناممڪن.... ناممڪن!

(چمپا ۽ وڪيل عجب ۾ نهاريندا رهن ٿا.
مٿان اِسپاٽ لائيٽ، باقِي اوندهہ.)

پردو ڪري ٿو.

نوٽ:- هيءُ ناٽڪ گهٽين ئِي ناٽڪ چٽاپيٽين ۾ اِنعام حاصل ڪري چڪو آهي. اِستيج تي دهلِي، جيپور، احمدآباد، گانڌيڌام ۽ ناگپور ۾ ڪاميابيءَ سان پيش ڪيو ويو. ريڊيو جي سنڌِي پروگرامن ۾ بہ پرسارت ڪيو ويو. دهلِي دوردرشن ٽِي. وِيءَ تي سنڌِي پروگرامن ۾ ڏيکاريو ويو آهي. جتان پوءِ جيپور، رائپور ۽ مظفرپور وغيرهہ ۾. ڏيکاريو ويو.

هيءُ ناٽڪ يا اُنجو ڪوبہ حصو ليکڪ جي لکيت جي اِجازت کانسواءِ ڇپائڻ، ريڊيو، اِستيج يا ٽِي. وِي. وغيرهہ تي ڏيکارڻ قانونِي گناهہ آهي. اِجازت خوشِيءَ سان ڏني ويندِي.

– رام گيانچنداڻي

وِندرٻائي:- (هٿ ۾ ٽري سنڀاليندي گُلاب جي ڪمري ڏانهن ايندي)واھ،گُل گُلاب پٽڙا تون تہ اڃان جيئن آئين،تيئن پيو پيو آهين؟ سدا ڦڙتيلو ۽ ڦٽ ڦٽ ڪري هلڻ وارو-مون توکي چيو تہ ٿورو فريش ٿي وٺ... تہ مان.....

گُلاب:- (ٽڪاوٽ مان رڳو هون هون ڪندي)او ممي....!

وِندرٻائي:- (ڪجھ سوچيندي)اَڄ ڀڙيون پيرو مون توکي هن طرح سُست ڏٺو آهي.ڪهڙي ڳالھ آهي پٽ-مان اِنهيءَ سُستيءَ جو ڪارڻ پُڇي سگهان ٿي؟

گُلاب:- ڪجھ نہ ممي -اِئين ئي......

وندرٻائي:- اِئين وري ڪيئن؟خير-ڳڙ ڇاٽي-ڳڙ جي ڳوٺري ڇاٽي ؟

گُلاب:- (اَنگڙائي ڏيندي ۽ اُٿندي)هيتريون ساريون ڊير شيون-ايتري ۾ ٽاهي ورتئہ؟

وندرٻائي:- ڊير ساريون-خبر بہ اَٿئي، پورو ٻُنو ڪلاڪ لڳو آهي؟

گُلاب:- (واڇ ڏسندي)ٻُنو ڪلاڪ !

وِندرٻائي:- مون سوچيو تون فريش ٿيڻ ۾ ڪجھ وقت لڳائيندي ايتري ۾ تنهنجو دل پسند ناشتو تيار ڪري وٺان.

گُلاب:- (خوش ٿيندي)او ممي.تون ڪيتري نہ سُٺي آهين!.

وِندرٻائي:- جلدي ڪر،ڪجھ کائين ڪٿي ٿو؟رڳو ڳالهيون پيو ڪرين؟ سي بہ ايوڳيون-ايوڳيون - هوئٽن ڪيترو نہ اَڇڻ سان کلندو ڪُڏيندو ٽپاڏيندو آهين ۽ طوطي جيان پيو ٻوليون ڪندو آهين؟

(اَيتري ۾ گهڙيال پنج وڄڻ جا ٽڪاوَ ٿو هڻي)

وندرٻائي:- اِهو تنهنجي ڊئڊيءَ جي اچڻ جو ٽائيم ٿي ويو اَٿئي -چاڻ آيو....

گُلاب: - (ڪاڻڻ مان نورت ٿي)ممي،پاپا اَچي تہ-مونکي هرو ڀرو ننڊ مان نہ جڳائج مان ذرا اڪيلو آرام ڪرڻ ٿو چاهيان؟سفر ۾ ٿڪجي پيو آهيان.

وِندرٻائي:- نہ- تہ-تون ڀلي آرام ڪر-- پنهنجي ڊئڊيءَ کي ڪٿي رات جو ڪاڏي مهل حال چال ڏج.

(وِندرٻائي:-ايترو چوندي-ليڪوءِ کي ٿي سڏ ڪري)

فرمائيندي يا اَندر ٻاچڻ ڏيندي؟

ليکو:- (نمرتا مان)نہ....نہسائين،مان ڪير آهيان توهان کي اَندر نہاَچڻ ڏيڻ وارو هيءَ سڀ ڪجھ تہتوهانجو ئي آهي.ڀلا مالڪڻ کي اَندر خبر ڪريان؟

گلاب:- ڪابہ ضرورت ناهي-مان خود اَندر ٿو وڃان- تون بس،ٽئڪسيءَ مان سامان لاهي اَندر رکہ.منهنجي ڪمري ۾ -ٻُڌءِ

ليکو:- (هٿ جوڙيندي)سڀ ٻڌم-سڀ ٻُڌم (ڪن تي هٿ رکندي)هرو ڀروڪو اَهڙو ٿوروئي ٻوڙو آهيان.

گُلاب:- تہ بس-ذرا جلدي ڪر.

(گُلاب جو تڪڙو تڪڙو اَندر ڊرائينگ روم مان لنگهندي ۽ ماءُ جي ڪمري ۾ داخل ٿيندي)

گُلاب:- ممي....!

وندرٻائي:- (حيرت مان گُلاب کي ڏسندي)اَڙي پُٽڙا تون!

گُلاب:- هان.....مان....ممي.

وندرٻائي:- نہتار،نہچٺي چپاٽي،نہفون،هن طرح اوچتو ڪيئن.....؟

گُلاب:- (وڇمہئي)ممي ڪو ضروري هتي ڪم هو جلد هلي آيس-چٺي چپاٽيءَ فون ڪرڻ جو وقت ئي ڪون مليو.

وِندرٻائي:- وقت ئي ڪون مليو. فون ئي ڪٽي ڪري ڇڏينها تہ اَسين ليکوءَ کي اِستيشن تي موڪليون ها، هاڻي جلدي ڪر-ڪجھ فريش ٿي وٺ تہمان تنهنجي لاءِ چانھ ناشتي جي تياري ڪري وٺان.

(وِندرٻائيءَ جو اُٿي رسوئي خاني ڏانهن هلڻ ۽ گُلاب جو ٻئي پاسي واري ڪمري ۾ اَنمنو ٿي پلنگ تي ليٽي پوڻ)

گولاب :- (پنهنجو پاڻ اُٻاسي ڏيندي چوڻ)هتي تہآيس.....ليڪن....ليڪن ڪهڙي طرح هيءَ ڳالھ مميءَ سان سِلايان...جيئن...جيئن..(ٿڪاوٽ مان وري اُٻاسي ڏيندي)ڪيئن نہ دوست،پاڻ پار پڇي-مونکي هن طرح دلگير ڪري وِڌو اَٿئي، مان هڪ آزاد پنڇي،هنن بنڌنن ڪان دور دور...ڇا ڇاڻان ۽(اِئين ڪندي پلنگ تي پاڻ کي ڍلو ڇڏي ٿو ڏئي ۽ اَکيون ڇت تي ڪندو سوچيندو ٿو رهي)

ڪرناٽي:- اَڇا،ڪٿي آهي گُلاب؟

وِندرٻائي:- پنهنجي ڪمري ۾.

ڪرنل پنهنجي ڪمري ۾ وري ڇاپيو ڪري؟ اَڄ پنهنجي اَيئر فورس جون

ڪرناٽي:- ڳالهيون ٻُڌائڻ بنائي ڪيئن پنهنجي ڪمري ۾ اَڪيلو ويٺو آهي؟

وِندرٻائي:- سُمهي پيو آهي.خبر ناهي اڄ ڪهڙيءَ موڊ ۾ آهي جو منهن سِرجواب
ئي ڪونہ ٿو ڏئي.

ڪرنل ڪنهن سان وڙهي تہ نہ آيو آهي؟ سپاءُ جو جوشيلو جو آهي، ڪٿي ڪنهن

ڪرناٽي:- سان ڳالهہ ٻولهہ ۾ اَٽڪي نہ پيو هجي؟

وِندرٻائي:- توهين اِئين ڪيئن ٿا چئو؟ پنهنجي سدوري پُٽ مان اِها ڪيئن ٿا آشا
رکو؟

ڪرنل ڪرناٽي: باقي.... هن...طرح.....

وِندرٻائي:- اَڄ مايوس موڊ ۾ خبر ناهي ڇا جو ڇا سوچي رهيو آهي؟

ڪرنل (خنڪيءَ مان)مُنهجي هوندي- گُلاب،مايوس، ڪنهن ڪيس گهٽ وڌ

ڪرناٽي:- ڳالهايو آهي ڇا؟ پائي ڪجھ تہ ٻُڌايو؟

وِندرٻائي:- اَهڙي ہ ڪا ڳالهہ تہ ڪين ڪئي اَٿائين، خئر توهين ڇڏيو اِنهن
ڳالهين کي،جلدي اِها وردي ۽ بوٽ لاهيو تہ مان چانهہ ٺاهي ٿي وٺان.

ڪرنل اِئين بنا گُلاب جي حال چال ڄاڻڻ جي چانهہ ہ ڪيئن وڻندي؟

ڪرناٽي:-

وِندرٻائي:- چيم تہ سهين، اِهڙي ڪا سوچڻ جهڙي ڪاڳالهہ ناهي؟رات جو ڪاڏي تي
سڀ ڪجھ ٻڌائيندو- تہ اوچتو ڪهڙي ڪارڻ آيو آهي.توهين ذرا آرام
ڪريو ۽ گُلاب کي ہ آرام ڪرڻ ڏيو؟

ڪرنل ٺيڪ آهي

ڪرناٽي:-

----(سين ٽيون)----

ڪرنل اَڙي پائي--هي اجان ڪاڏي جي ٽيبل تي ويهي ويهي سُڪي رهيو

ڪرناٽي:- آهيان-اَجان ٿو گُلاب اچي.

ليڪو:- ڪرنل صاحب،گُلاب تہ اَجان پنهنجي ڪمري ۾ آرام فرمائي رهيو
آهي

وِندرہائي:- (آواز ڏيندي)ليڪو....او ليڪو...

ليڪو:- (اَندر ڪمري ۾ ايندي)جي مالڪڻ

وِندرہائي:- اَڙي ڏسين ڇا ٿو؟هي برتن وغيرہ کڻي صاف ڪري ڪِچن ۾ رکہ.

ليڪو:- جي مالڪن

(ليڪو برتن وغيرہ کڻڻ لاءِ جُهڪي ٿو تہ ٻاهران درتي بيل وڄڻ جو آواز اَچي ٿو)

ليڪو:- اِجهو ڪرنل صاحب! اچي ويو. ڇو نہ اچن؟ هتي تہ سڀ يعنيَ ٻڌي
آهن- سائين مِلٽريءَ جي آفيسر-ڪرنل موجب جو گهر آهي-ڪو.......

گُلاب:- اَڙي-گلاب ڳالهيون ڪندي يا پاپاڪي در بہ کوليندي،ڪٿي......

ليڪو:- (يڪدم اُٿندي ۽ برتن هٿ ۾ کنيل اُٿيئي ڇڏيندي) اِها تہ ڳالھ ئي
وسري ويئي.

(تڪڙو هلندي ڊرائنگ روم ۾ وڃين در ٿو کولي)

ڪرنر چو اَڄ طبيعت تہ ٺيڪ اٿئي نہ؟ در کولڻ ۾ ايتري دير.....؟

ڪرناٽي:-

ليڪو:- سائين گُلاب جي ڪمري ۾ سندس ناشتي جا برتن پئي ٻُهاريا-

ڪرنل (سوچ ۾)برتنن کي ٻُهاريو-آڙي پيتو،برتن بہ کو ڪچرو آهي ڇا جو

ڪرناٽي:- ٻُوهاريئہ پئي؟

ليڪو:- (ٻِل مصوص ڪندي)نہ نہ ڪرنل صاحب برتن پي ڪنيم!

ڪرنل هون، سي. تہ گُلاب جي ڪمري مان؟ هو تہ ٻاهر ڊيوٽيءَ تي آهي-اُنجي

ڪرناٽي:- ڪمري ۾ ناشتي جي برتن جو ڪارڻ؟

ليڪو:- (تري هيٺ رکندي) سائين وسري ويو. مون ڇيو- ٿوري مهل اڳہ هو اَڄ
اچي ويو آهي-

ڪرنل بنا ڪنهن ڪارڻ ۽ گُلاب وري اوچتو ڪيئن آيو آهي؟ هيئنر تنهنجي

ڪرناٽي:- مالڪڻ ڪٿي آهي؟

ليڪو:- هوءَ بہ گُلاب جي ڪمري ۾ آهي.

ڪرنل اَڇا! گُلاب جي ڪمري ۾ ڏانهن ويندي-ايتري ۾ خود وِندرہائي

ڪرناٽي:- اَندران ايندي ۽ اُنکي ڏسندي.

وِندڙ ہائي:- اَڄ ڪرنل صاحب،گُلاب،اوچتو ڪيئن آيو آهي؟

ڪرنل

ٽيندو.....مونکي ...اهڙي...اُلجهڻ ۾ نہ اٽڪائي ڇا پنهنجي دوستيءَ جي اِهائي منزل هُئي- هرو ڀرو مُنهنجي هن طرح پريڪاشا نہ وٺ.ڪٿي مان ..مان فيل نہ ٿي پوان، تنهنڪان سواءِ مِٽ مائٽ هي پورو سماج...

وندرٻائي:- (گُلاب کي ٿورو ڏونڌاڙيندي)گُلاب- پٽ- تون هيءَ ننڊ ۾ ڇاجو ڇا چئي رهيو آهين؟ يا ڪو سُپنو ڏسي رهيو آهين؟ پُٽ ٻُڌين نہ ٿو ڇا؟

گُلاب:- (اَجان ننڊ ۾ ٻڙ ٻڙائيندي)جي...جي..جيڪڏهن تُنهنجي دل جو...اِهو..پڪو اِرادو..... آهي تہ...تہ مان
اِهو...نڀائيندس...ش...ش....شرميلا کي اپنائيندس- ڪيس
اِئين..ڪ..ڪڏهن بہ نہ رُلائيندس پر...پر...پوءِ مونکي ڪيترو بہ....سِهڻو
پوي....ٻڌءِ...دليپ مان...مان....

(يڪدم ننڊ مان اُٿي ويهي ٿورهي)

وندرٻائي:- (گُلاب جي مٿي تي هٿ ڦيريندي)پُٽ گلاب،توکي ڇا ٿي ويو آهي؟ هيئنر تون ننڊ ۾ ڇاجو ڇاچئي رهيو هُئين

گُلاب:- (سنجيدگيءَ ۾ ايندي) ڪجھ نہڪجھ نہ ممي، مان تہ سُمهيو پيو هوس،هيئنر تنهنجو سَڏ ٻڌي اُٿي ويس .

وندرٻائي:- سڏ ٻڌي اُٿي وينو آهين يا ڪو ڀيانڪ سُپنو ڏسي رهيو آهين ۽ سچ ٻڌاءِ- هيءَ دليپ،شرميلا ڪير آهن؟

گُلاب:- دليپ، شرميلا- توکي ممي اِهي نالا ڪنهن ٻڌايا. ڇاهو ڪڏهن هتي پنهنجي گهر آيا آهن ؟توسان مليا آهن؟؟

وندرٻائي:- سچ تہ اِهو آهي- تون هيئنر ننڊ ۾ اِنهن جا نالا وٺي. خبر ناهي ڇا جو ڇا چئي رهيو هُئين

گُلاب:- ننڊ ۾ ڇا چئي رهيو هوس-او...هو...تہ چئو هن اُلجهن مونکي سُک چئن جي ننڊ بہ نہ ڪرڻ ڏني...(مايوسيءَ جي نوع ۾)ا...و...هو ممي.

وندرٻائي:- سچ ٻُڌاءَ پُٽ-پنهنجي دل جي ڳالھ مونکان نہ لِڪاءِ پُٽ، تون مونکي ٻرياڪل ڪري رهيو آهي

(اَچانڪ سندس پلنگ تي پاسي ۾ پيل فوٽن ۽ لفافي ۾ چٽي ڏسندي).

وندرٻائي:- هيءِ... ف...ف...فوٽو،ڪنهن نُوجوانڙيءَ جي آهي هيءَ ٻچنيون-؟ڇا تون هن جي ڦندي ۾ ڪين ڦاسي ويو آهين؟يا ڪو پريم پيار جو...ڪو

کرنل (واچ ۾ ٽائيم ڏسندي)رات جا نوَ لڳا آهن ۽ گُلاب اِجان سُمهيو پيو

کرناڻي:- آهي- ڇا طبيعت ته ٺيڪ اٿس ڇا؟ ذرا پنهنجي مالڪڻ کي ته سڏي
وٺ .سدا سدوري هيءَ بهخبر ناهي ڪٿي آهي.

ليکو:- ڪرنل صاحب،گُلاب جي بئگ کولي نائيٽ ڊريس ڳولي رهي آهي،

کرنل ته ڇڄبو اُها ڪيس ملي نٿي- مٿان تڪڙ ۾ ڪٿي بهنه اَيو هجي- تون

کرناڻي:- مالڪڻ کي تهسڏي وٺ.

ليکو:- ڇڱو.

کرنل (پنهنجي پاڻ)اَسين آهيون وقت جا پابند ماڻهو،نوَ لڳا آهن-پيٽ ۾

کرناڻي:- ڪوئا پيا ڊوڙن ۽ هيءَ ته اجان.....

(اينٽري ۾ ويندرہائي اَندر اَيندي)

وِندرہائي:- خبر ناهي اَهڙو ڪو تڪڙو آيو آهي، جو سندس رات جي ڊريس ئي
ڪان ٿي ملي.

کرنل ڊريس ڪان ٿي ملي تهڪٿي منهنجو پئجامو پائي،اجان ته گُلاب ننڊ

کرناڻي:- مان ئي ڪين جاڳيو آهي،خبر ناهي طبيعت ڪيئن اَٿس .مان ته بک
۾ پاهه ٿي رهيو آهيان،

وِندرہائي:- بُک ۾ پاهه ٿي رهيا آهيو تهتوهين کو فڪر نهڪريو-رسوئي ڪائي
وٺو-مان گُلاب کي جاڳائي هٿ پير ڌوئاري پاڻيهي ئي روٽي ڪارائي
وٺنديس،

کرنل ڇڱو اِئين ئي سهي،تون ذرا پاڻيءَ جو جڳ تهپري اَچ....ته هڪ ٻه پيگ

کرناڻي:- وٺي پوءِ .....

وِندرہئي:- (ليکوءَ کي سڏيندي)ليکو او ليکو....!

ليکو:- (ايندي)جِئه مالڪڻ.

وِندرہائي:- ذرا صاحب کي پاڻي جو جڳ ته پري ڏي.

ليکو:- جي، اِجهو پري آيس.

(وِندرہائيءَ جو اُتان گُلاب جي ڪمري ڏانهن وڃڻ ۽ ٻاهران ئي پنس کي اُٿڻ لاءِ سڏ
ڪندي)

وندرہائي:- پُٽ گُلاب- رات ٿي وئي آهي--هيئنر ته ذرا...

گُلاب:- (ننڊ ۾ پنهنجو پاڻ ٻڙ ٻڙائيندي)..نه...نه. دليپ، ائين ڪيئن مونکان

وندرٻائي:- ها...ها...

ڱُلاب:- سو مُنهنجي هڪ جگري دوست جي نئي نويلي ڪنوار شرميلا جو آهي.

وندرٻائي:- ۽ هيءَ ٻڇنيون؟

ڱُلاب:- هڪ مونڊانهن لکيل آهي.مُنهنجي دوست دليپ جي ۽ ٻي پنهنجي ڪنوار ڊانهن.

وِندرٻائي:- پوءِ پُٽڙا تنهنجي چٺيءَ کانسواءِ-هيءَ فوٽو ۽ شرميلا جي چٺي تو وٽ ڪيئن آئي؟

ڱُلاب:- ٻُڌ ممي-هيءِ منهنجو جگري دوست-جنهکي مان جان کان بہ وڌيڪ چاهيندو آهيان-اوچتو تيون ڏينهن صُبح صُبح جو پوري اُڏام جي ڊريس ۾ مون وٽ لنگهي آيو.مان ننڊ ۾ هوس تہ هن مونکي جاڳائي هيءِ سندس هٿ لکيل چٺي ڏنائين ۽ چيائين....

وندرٻائي:- (اَڌير ٿيندي) ڇا چيائين؟...ڪجھ ٻُڌائيندي بہ سهين؟

ڱُلاب:- چيائين تہ،جگري دوست ڱُلاب.دشمن اوچتو سرحد تي موتمار حملو ڪيو آهي. ۽ مونکي اُن لاءِ سڏيو آهي.سو مان وڃا نٿو.

وندرٻائي:- ڇا؟

ڱُلاب:- ٻيو چيائين تہ هن، دين دنيا ۾ توکان سواءِ مُنهنجو ڪير بہ ناهي-توئي هڪ همراز، همراز..آهين.منهُنجي اِهائي گذارش آهي تہجيڪڏهن مان نہ رهيس تہ پوءِ تون هن پتر جي ضرور پيروي ڪجہ، نہ تہ مُنهنجي آتما ڀٽڪندي رهندي.

وندرٻائي:- آخر ڪهڙي ڳالھ هن پنهنجي پتر ۾ لکي؟

ڱُلاب:- (تڙڦندي ۽ اکين ۾ آب آڻيندي) اِهائي تہجيڪڏهن مان لڙائي ۾ سرحد تي ڪم اَچي وڃان، تہ تون منهنجي نويلي ڪنوار سان شادي ڪري ڇڏجانءِ ؟

وندرٻائي:- هاءِ.....!

ڱُلاب:- هاڻي توئي ٻُڌاءِ ممي تہ اِئين ڀلا ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ اول تہ پاپا، مِتمائٽ ۽ هيءَ سماج ڇا چوندو؟ اَمانت ۾ خيانت.

وِندرٻائي:- اَمانت ۾ خيانت تہ تڏهن تون ڪرين،جڏهن ڪ تون زوريءَ شرميلا سان شادي ڪرين؟

چڪر...؟

گُلاب:- (اکين ۾ پاڻي آڻيندي) نہ...نہ...ممي ڇا تون پنهنجي جگر جي ٽُڪڙي مان اِهائي ئي آس رکين؟

وِندرہائي:- نہ پوءِ پُٽ، هيءَ ماجرا، آخر ڇا آهي؟ صُبح کان ولي تُنهنجو هيءُ حال ڏسي مان تہ چنتا ۾ چور رهي آهيان. پڻهين بہ آخر رات جو روتيءَ تي تُنهنجو اِنتظار ڪري،ڪري،ڪائي وچين آرامي ٿيو ۽ تون....

گُلاب:- ڊئڊيءَ کي خبر آهي تہ مان آيو آهيان ؟

وِندرہائي:- اِها بہ ڪا ڳالهہ لڪڻ جي آهي. هن تہ تنهنجي بئگ کي ڏسندي ئي چيو=‘گُلاب اَڄ اوچتو-بنا چتاءَ جي ڪيئن آيو آهي’؟

گُلاب:- (ڏُکي لهجي ۾) ڇا ڪيان..هڪ عجب وَغريب ڳالهہ مونکي بيگانو ڪري ڇڏيو آهي-ممي! مان جنهنڪري ڪٿي جو نہ رهيو آهيان- وڏي مشڪلات ۾ اچي پيو آهيان.

وِندرہائي:- پُٽ ڪهڙي مُشڪلات آهي، تون سَل تہ سهين هرڳالهہ جو هتي هل آهي.

گُلاب:- سلڻ جهڙي بہ هجي نہ.

وِندرہائي:- نہ توءِ، هن طرح ڏُکي ۽ وياڪُل ڇو تي رهيو آهين؟

گُلاب:- سلي بہ نٿو سگهان تہ ڇُپائي بہ نٿو سگهان.ٻنهي طرف کان بہ منهُمان پريشان آهيان-جو هاڻي تہ ننڊ ۾ بہ بڙ بڙائيندو ٿو رهان،

وِندرہائي:- اِئين تہ تنهنجي نوڪري ۾ بہ رُخنو پئجي ٿو سگهي-هوائي جهاز ڪيئن هلائيندي؟ ڪڏهن اِهابيگاني ڳالهہ اَچي وچيم اَڙجي پئيہ تہ،

گُلاب:- برابر....ممي!

وِندرہائي:- هاڻي تہ مونکي وڌيڪ چنتا ٿي پوندي-پر مونکي ٻُڌائين ڇو نہ ٿو؟

گُلاب:- ممي-چيم تہ سهي هيءَ ڳالهہ ئي اِهڙي آهي؟ڪٿي تون ٻُڌي پاڻ مونتي....

وِندرہائي:- پُٽ، تو ماءُ جي ممتا کي نہ پرکيو آهي، جا پنهنجي لختي جگر جو ڪڏهن بہ ڏُک ڏسي نہ سگهندي آهي.جيڪڏهن آسانجي وس هوندي، تہ هيو ڇا ڪيي؟ تون سل تہ سهين؟

گُلاب:- ڏس،ممي...هيءَ جو تون پوز ڏسي رهين آهين نہ؟

وندرہائي:- اِئين ڪيئن ٿو چوين پُٽ.

گُلاب:- خبر ناهي، دليپ کي ڪو پنهنجي موت جي پهرين روز پئجي چُڪي هئي جو..

وندرہائي:- (دُکي آواز ۾)چوي ڇا؟

گُلاب:- هن طرح هو تہ اسان کان وڇڙي ويو.ليڪن چٺيءَ ۾ صاف لکي ويو تہتون جو مونکي چوندو هئين تہ.مان جيڪو توکي دوستيءَ ۾ چوندس-سو تون هڪ ڏينهن اوَس اپنائيندي سو اَڄ نياء-منهنجو هيءُ عرض مڃ- نہ تہهيءَ دُرنگي سماج-مونکان سواء شرميلا کي رولي ڇڏيندو.هيءَ ڪلي ڪومائجي ويندي.

وِندرہائي:- ليڪن پُٽ-هن حالت ۾ شرميلا جو ڪهڙو ويچار آهي؟ اِها بہ تہ ڄاڻ پوڻ گُهرجي.مان تہتنهنجي صدقي پُٽ سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار آهيان-رهي ڳالھ سماج جي-سوئي پاڻ ماڻهو پُڇنو هجي تہسماج ڇاڪندو؟

گُلاب:- وري بہ ممي؟

وِندرہائي:- اِهو سماج اَسان جهڙي ماڻهن جي جُڙڻ سان ئي تہجُڙيل آهي.جنهن جوڙيو آهي سو توڙي بہسگهي ٿو.اُن جي ڪهڙي پرواھ؟

گُلاب:- جي پوءِ...

وِندرہئي:- تون ڀلي جيڪو چاهين سوڪر-ليڪن سڀ مان مريادا اَندر ٿيڻ گُهرجي.ٻيو مان ڏسي وٺنديس پُٽ ؟

گُلاب:- ڏسجي....ممي تہ شرميلا جو اڳتي ڪهڙو رخ آهي هوءِ بہپڙهيل لکيل هتان جي ڇوڪرين جي ڪاليج ۾ ليڪچرار آهي.

وندرہائي:- ليڪچرار!

گُلاب:- هان-هتي رهڻ جو ٻيو سبب،هن جي نوڪريءَ جو بہهو.

وِندرہائي:- خئر-جيڪا ايشور جي مرضي.

-------(سين چوٿون)-------

رتنا:- (شرميلا کي) پر مان چوان ٿي-هن طرح سڄو ڏينهن روئڻ ۽ ڦٿڪڻ مان اَجايو پنهنجي پاڻ کي ۽ پڻ ٻنهي جي آتمائن کي ڪشت ڏيٺو آهي.هُن ڪان سواء شاسترن ليکي! اِنسان سڀ ڪجھ ڄاڻندي بہ جڏهن

گُلاب:- نہ نہ ممي.سچ ٿو چوان- تنهنکان سواءِ هيءَ ٻي ڇني اِها آهي جيڪا دليپ پنهنجي پٽني شرميلا کي لکي آهي.

وندرٻائي:- پر پُٽ، اِها تون وٽ ڪيئن آئي؟

گُلاب:- جڏهن اسانجي آفيس ۾ مونکي ڄاڻ پئي تہ، دليپ جو هوائي جهاز دُشمنن تي بمبازي ڪندين، هو اچانڪ طوفان ۾ پهاڙين سان ٽڪرائجي چور چور ٿي ويو آهي تہمان هتي اَچي پهرين شرميلا وٽ ويس .

وِندرٻائي:- تہ ڇا پُٽ، هوءَ بہ هن شهر ۾ رهندي آهي؟توتہ ڪڏهن اُنسان ملاقات ئي نہڪرائي آهي.

گُلاب:- ممي... دليپ هاڻي بلڪُل ويجهڙائي ۾ هنجي پڪي دوستي ڪري هتي اَچي رهيو هو.ڇو جو هن دُنيا ۾ هو اڪيلو ئي هو،ماءُ پيءُ بہ اڳہ ئي ڳوٺ ۾ سرڳواس ٿي چُڪا هئس.

وندرٻائي:- واه مالڪ، تُنهنجي جوڙ جنسار-نہ ڪوانت نہ ڪوهار.

گُلاب:- جڏهن مان اُتي پهتس تہ ڇا ڏسان! بس،اُهو درشيہ ڏسي دنگ رهجي ويس. هيئنر بہمُنهنجي من ۾-اکين اڳيان اِهو نظارو پيو ڦري، هڪ هٿ ۾ تار ۽ هڪ هٿ ۾ فوٽوءِ سميت ڇني.متي جو تلڪ مِٽيل-سندور سونو.وار ڇڙ -وچڙ اَکيون روئندي-روئندي ڳاڙهيون ٿي ويئون هُئس-مونکان تہاُتي بيٺوئي نہ پيو ٿئي، شرميلا کي ڏسندي بس! هوءِ ڇا هُئي ۽ ڇا پئي لڳي .

وندرٻائي:- شڪرآ مالڪ تنهنجو شڪرآ،

گُلاب:- مان ڪجھ کيس اَجان چوان ئي چوان، تنهن کان اڳ-هيءَ ڇني ۽ فوٽو منهنجي هٿ ۾ ڏيئي، شرميلا هڪوار بيهوش ٿي وئي، ڇڻ هوءِ ڪو منهنجي اَچڻ لاءِ بس ترسيل هئي،

وندرٻائي:- تہ ڇا، هوءِ بيهوشيءَ مان سُجاڳ بہ تہ ٿي ڪين....؟

گُلاب:- ڪيترا پيرا وسيلا ڪندي، هوءِ سُجاڳہ بہ تہٿي-ليڪن ڪجھ بہ ڳالهائي ڪين سگهي مون ڇني پڙهي اِئين محسوس ڪيو تہجڻ هڪ وار ڪنهن اَچانڪ پيٽ ۾ ڇرو هڻي ڪڍيو هجي.هڪوار سوَنانگن گڏجي ڏنگي وڌو هُجي.

گُلاب:- سوال جو جواب.

رتنا:- اِهوئي تہ جڏهن سماج جي ريتي رسمن کان هوءِ ڏکي رهي آهي-تنهن اَسان اِسترين کي نئديو ۽ لکرايو آهي-پوءِ اسين چو پُنتي پئون.

گُلاب:- برابر-جيڪو بہ خودداريءِ سان اِنسان پکو پهہ ٿو ڪري- تنهن کي هيءَ سماج ڇا ڪندو؟ مُنهنجي مميءِ جو بہ اِهو ئي چوڻ آهي.

رتنا:- تہ ڇئبو تہ توهان، پنهنجي ماءُ سان، هن سچي قصي جي ڳالهہ ڪئي آهي-يعنيَ اِجازت ولي ڇڏي آهي،

گُلاب:- سچ پچ-منهنجي ممي هڪ مهان اِستري آهي.هيءِ هڪ ديوي آهي،رتنا جي جو بنا ڪنهن ڳڻ ڳوت جي هن جا هن طرح جا سُڌاري ۽ اوچ ڪوٽيءَ جا ويچار آهن.

رتنا:- تہ بس! شرميلا جي حق ۾ هيءَ هڪ قدم بہ مبارڪ واد ۽ وڏي معنيَ رکندڙ آهي. نہ تہ هيءَ نياڳو سماج نہ ڄاڻان ڪيس نياڳي نمُن سڏيندي کهڙا کهڙا لقب ڏئي ها.

گُلاب:- لقب،مان اِهو سِمجهي نہ سگهيس؟

رتنا:- توهانکي سمجهڻ بہ نہ کپي،تہ سُنو ئي آهي-ڪيئن شرميلا؟

شرميلا:- مان تہ صرف ايترو ٿي ڄاڻان تہ مون جهڙي سُکہ شانتيءَ ڦتائڻ واري اِستريءَ کي اَپنائي هنن مونکي هڪ قسم جو نئون جنم ۽ جيئدان ڏنو آهي.

گُلاب:- او...هو...تون... پڙهيل لکيل،ليڪچرار هوندي بہ هيءِ غير،سماجي اکر اِستعمال ڪري رهي آهين ؟

شرميلا:- پيو نہ تہ.

گُلاب:- مان تہ پنهنجو فرض نيائي رهيو آهيان-جيئدان ڇا جو؟مان کو اُپديش واچڪ آهيان جو.....هن طرح...

رتنا:- (وچ ۾ ڪٽيندي)هن طرح جي اُپديش واچڪ تہ مان آهيان جو مس مس وجين هٽي هنڌ ڪيو اٿم-

گُلاب:- اچا..؟

رتنا:- ها،هاٽي-اُٿو، پهرين سنيري مندر ۾ هلي،نيم اَنوسار ٻنهي جي هڪ

آناڪاني ٿو ڪري-سو وڏو گُنهگار آهي؟

شرميلا:- (ڏُک جي نوع ۾)رتنا-هيءَ دل ٻه مڃي نہ؟ اَڃان ٻارهان ڏينهن بہ نہ ٿيا آهن تہ....؟

رتنا:- اِنهيءَ ۾ ٻارهن ڏينهن جو ڪو سوال ئي ڪونهي؟ مان تہسمجهيان ٿي جيترو تون دير ڪندءِ اوترو دليپ جي آتما کي ڏُک پهچندو..

شرميلا:- ۽ هيءَ سماج؟

رتنا:- هي سماج-هن لفظ ڪان مونکي سخت نفرت آهي...جيڪو ڪجھ اَسانکي ڏيئي نٿو سگهي سو ڇا ڪسي ولندو؟ پڙهيل ڪڙهيل اَسين سُڌار وادي اِسترين بہ جيڪر سماج لفظ ڪان ڊڄي ويون تہپوءِ هيترو لکڻ پڙهڻ ۽ نوڪريءَ مان ڪهڙو فائدو؟

شرميلا:- اِهوئي تہ اَسين بنا پرشن بہ -مان مريادا اَندر رهي پنهنجو پاڻ نيائي سگهون ٿيون.

رتنا:- نيائي سگهون ٿيون-تڏهن بہڪنهن نہڪنهن بهاني ڪو آڱر ضرور ڪڻندو- تو تہ پڙهيو آهي تہ جڏهن راجا رام موهنراءِ اِستري اُڌار لاءِ هلچل هلائي هُئي تہ ماڻهو ڪيس ڪهڙا لقب ڏيڻ لڳا.

شرميلا:- برابر-پڙهيو بہ اٿم ۽ پڙهايو بہ اٿم.

رتنا:- پوءِ جڏهن،هو اِنهيءَ ۾ ڪامياب ويو تہڪيس پوڄڻ لڳا،تڏهن تہچوان ٿي،هيءَ سماج بہپڙهيل ۽ بيپرواهہ ماڻهن جي جُهڪائڻ سان جُهڪي ٿو.

شرميلا:- پوءِ....!

رتنا:- پوءِ وري ڇا-دُنيا اڄ ڪيڏي نہ ڪٿي جو ڪٿي وڃين پهتي آهي.ليڪن اَسانجاويچار اُتي جو اُتي ڪوهہ مٿل هن ڪُهني سماج جي گهيڙي ۽ پراڻين ريتين رسمن-کي چنبڙيا پيا آهن .

(اِيتري ۾ گُلاب جو اُتي اچڻ ۽ آخرين جُملي کي ٻُڌندي)

گُلاب:- ڪير پراڻين ريتن رسمن کي چنبڙيو پيو آهي-ذرا مان بہ تہ ٻڌان سهين؟

رتنا:- او...هو...تہ ڇٻو توهان بہ برابر وقت تي اَچي ويا آهيو؟ مان تہ شرميلا کي سندس سوال جو جواب ڏيئي رهي هُئيس.

رتنا:- برابر-اَڄ مان ڪيتري نہ هيءَ نظارو ڏسي خوش آهيان.

(ايتري ۾ گُلاب جي ماتا ۽ پتا ڪرنل صاحب اڳيان وڌي اَچن ٿا.
گُلاب جي ماتا صاحب کي هٿ ۾ ٿالهي ۽ آرتي-منائي آهي)

وِندرہائي:- تڪڙ نہ ڪر پُٽ -اِتي ئي چائونٽ وٽ بيهو، مان ذرا ڪنوار کي تلڪ وغيره ڏيان ۽ آرتي اُتاريان...

رتنا:- اِهو سڀ مندر ۾ ڪهڙي طرح رسم اَدا ڪري آيا آهيون؟

ڪرنل ڪرناٽي:- واه-شڀ ڪاريہ-پهرين مندر ۾ ئي وڃين ڪرڻ سان راس ٿي ويندا آهن.

وِندرہائي:- من مندر-تن ويس قلندر-گهٽ گهٽ تيرٿ ناٿ ناوا' پُٽ دل صاف ۽ شڌ آهي تہ من ئي مندر ۽ تيرٿ، گيان ڏيان، اِشنان آهي، ليڪن هيءَ تہ گهر جي شڀ شانتي ۽ ميلاپ واري رسم آهي.

ڪرنل ڪرناٽي:- هاڻي تہ سياڻي وڏو جشن ڪبو، جشن- جيئن سيني رشتي ناتي ۽ سماج کي خبر پوي تہ مُنهنجي سُپتر گُلاب دوستي ڪيڏي نہ قرباني ڪندي نيائي آهي.اڄ اسانجو ڀاڳ ڪيڏو نہ آسمان اونچو پسجڻ لڳو آهي- آخرين حد آخرين.... مُنهنجا پُٽڙا گُلاب....!

ليڪو:- (تڪڙ ۾) منائي ڪائجي-خوب منائي-جا خاص حلوائي کان ٺهرائي ڪري ڪٽائي آيو آهيان-ڪيئن ننڍا صاحب

گُلاب:- بس-ليڪوء جو تہ منائيءَ ۾ ئي ليڪو چُڪتو ٿي ويو.

(سڀ کِلن ٿا ۽ پردو ڪريٿو)

سماپت-----

اِزقلم-موهن 'اُداسي'
۷-چ-۱۴جواهر نگر.
هائو سنگ بورڊ-جئپور-۴

❀❀❀

ش نذ ص

سائين تنهنجو آسرو

لئڻ جي رسم اَدا ڪجي.پوءِ گُلاب جي گهر هلبو.توهين جلدي هڪ ٽئڪسي ته ڪري اَچو.

گُلاب:- شايد تون رتنا هيءَ مونکي مخاطب ٿي چئي رهي آهين؟

رتنا:- ....نه....نه‌مان..ته‌ هن مڪان جي ٻنين ڄڻين کي چئي رهي آهيان.

............(سڀ آهستي ڪِلن ٿا).............

----------(سين پنجون)............

ٽئڪسي جي هلڻ جو آواز ۽ وري بيهڻ جو آواز-

گُلاب:- (ٽئسڪيءَ واري کي) بس..... بس، اِتيئي بهتو آهي-سنڀالي، رتنا تون ذرا شرميلا کي..... لاهه.

رتنا:- (لهندي) توهان سان آئي آهيان ته‌پورا ڪارج نڀائيندس- ڪيئن شرميلا؟

شرميلا:- هر هنڌ شرارت-توکي ته‌بس،سُجهندي رهي ٿي

رتنا:- ڀيو ڀلا ڪم ٿي ڪهڙو آهي؟

گُلاب:- ڀائي-اَچو ته‌ ڪٽي يا....

رتنا:- گهر وٽ پُهچندي ته‌اِيتري تڪڙ....

گُلاب:- ڀيو نه‌ته.

(سڀ هلن ٿا-هلڻ جو آواز ايندو رهي ٿو)

گُلاب:- (پنهنجي گهر جي ڊرائنگ روم جو بيل وڄائيندي) ٽرِڙ....ٽرِڙ......

ليکو:- (در کوليندي)اَچو...اَچو....سدااَچو،سواگتم......سواگتم...جي آيا ڀلي ڪري آيا..مالڪڻ ۽ ڪرنل صاحب ته‌ ڪيتري وقت کان توهانجو اِنتظار ڪري رهيا آهن،

رتنا:- ته‌ چئبو-توهين اَڳم ئي تياري ڪري آيا هُئا.

گُلاب:- مميءَ کي پنهنجي حالت کان واقف ڪرڻ بعد اِهو پڪو وشواس ٿي ويو ته‌.منهنجي اچڻ تي پڪ ئي شرميلا مون سان گڏ هلڻ کان اِنڪار نه‌ڪندي،

رتنا:- ۽ مون جيڪا هن سان مِٺا ماري ڪئي-اُها سڀ فضول ويئي.اِئين نه‌؟

گُلاب:- فضول ڪان ويئي- ليڪن ٻن رشتن کي هڪ رستي جي ڏور ۾ ٻڌي راحت محسوس ڪئي.آهي نه‌ سچي تنهن جي دل ولان ڳالهه.

سڪٽو پوي.

جانڪي:- هاڻ دل نہ هاريو--لکيو اَٿائين نہ،تہ هينئر اَچي هميشہ-هميشہ جي لاءِ-----

رام:- ها،ڏاڍي سڪ ٿي ٿاتيس، ڪجھ ڪون لکيو اَٿائين، سمجھيئہ،پراڻي چٺي آهي جيڪا پڙهي پيئي دل کي پرچايم-

جانڪي:- هان! تہ چا شيامون جي چٺي ڪان آئي آهي؟ توهان ائين ئي ڏنا پئي ڏنا منهنجو؟ شيامون ڪون ٿو اَچي؟

رام:- نہ شيامونءَ ماءُ---شيامون ڪون ٿو اَچي اَڙي جنهن نالائق کي معمولي چٺي لکڻ جي فرصت ناهي سو ڪٿان واپس ايندو!-----

جانڪي:- انڪري پئي چيو مانوءَ تہ اِن ايگريجڻ سان شادي نہ ڪرايوس. پر توهين چو ٿا ٻڌو!

رام:- تون تہ ائين پيئي ڳالهائين، جڻ تہ مولو مهراج اِن انگريجڻ جي مائٽي ڪٽي آيو هو پتهين لاءِ

جانڪي:- پر توهان ها چو ڪين؟

رام:- چا کي ٿي ها ڪرڻ چئين؟ چٺي لکي ٿو چتائي تہ هاڻي تاريخ تي شادي ٿو ڪريان----هونئن تہ توهانکي آمريڪا گُهرايان پر هيئنر اِيترو وقت ڪونهي سو ويڊيو ٽيپ موڪلي ڏيندو سانو اُها ڏسي دل پوري ڪجو!

جانڪي:- اِها ٽيپ بہ مُئي ڪٿي پهتي

رام:- موڪلي هجائين تہ پهچي نہ!

جانڪي:- ڪير ڄاڻي---- وري چٺي بہ لکي تہ ايگريجيءَ ۾،ڏاري ٻولي ۾ جا پڙهي بہ ڪون سگهان.

رام:- شيامونءَ ماءُ جو پنهنجي سڳي ماءُ کي چڏي وڃين ڪنهن انگريزڻ جي پلئہ ۾ لڪو سو ڀلا پنهنجي ٻولي چا ياد رکندو؟لکڻ پڙهڻ تہ لهيو،مونکي تہ لڳي ٿو تہ سنڌي ٻولي ڳالهائڻ بہ وسري ويئي هوندس.

جانڪي:- ٻولي ڪيئن وسرنديس؟ مون ڪيس لولي ڏني آهي سنڌيءَ ۾.

رام:- ها، تو تہ برابر سنڌيءَ ۾ لولي ڏني هئس پر پر هيئنر جو پنجن سالن کان ولائتي ميم جي جهوليءَ ۾ آهي سو ڪٿان ياد رکندو. سچ چيو اَٿن ماءُ ويھ سال محنت ڪري ٻار کي ماڻهو بنائيندي آهي--۽ جوءِ ويهن

رشتا آهن
رشتن جو ڇا - - - -

مسٽر پي. بي. چاند
ممبئي-5

(وچولي درجي جي گهر جو ڊرائينگ روم وقت صبوح جا نوَ لڳڻ تي آهن)

جانڪي:- ڇاپيا پڙهو ؟

رام:- چٺي آهي-----

جانڪي:- شيامونءَ جي آهي؟

رام:- ها پڙهندينءَ

جانڪي:- ها، ها، ڏسان، هان وري انگريجيءَ ۾؟ هاڻ مان ڪٿان انگريجي پڙهنديس.توهان ڪيس لکيو ڪون هو تہ انگريجيءَ ۾ چٺي لکندو نہ ڪري؟

رام:- منڙي، مان هميشھ لکندو آهيانس،پر هو ٻہ‌تہ‌لکي نہ!

جانڪي:- ٺهيو،ڏيان تان لهي ويو هوندس پڙهو،ڇا لکيو اٿائين؟

رام:- لکيو اٿائين تہ‌توکانسواءِ دل ڪان ٿي لڳي ڏينهن رات توهان جا سپنا پيو ڏسان سو هيئنر ولائت ڇڏي هميشھ لاءِ اَچي ٿو ڪلياڻ ۾ رهان-----

جانڪي:- سچ ؟ شامون واپس ٿو اَچي؟ هميشھ، هميشھ جي لاءِ؟ هت رهندو؟ اڙي مان صدقي وڃانس، مان اجھا ٿي ڙجان،وڃين ٿي گروءَ تي ڪٺاءُ پرساد-----

رام:- اَڙي ويھ هاڻ ويھ،پاٽيءَ ڪان اڳ ڪپڙا نہ لاھ، اينرا پڇ ڪون ڪيل آهن اسانجا.

جانڪي:- ڇو؟پڇ ڇو ڪين ڪيل آهن؟ڪهڙا پاپ ڪيا اٿائون؟

رام:- پاپ ئي ڪيل هوندا شيامون ماءُ!انڪري ئي تہ‌هڪڙو ئي سڪيلڌو پٽ ٻہ‌ديس ڇڏي پرديس وڃي ويٺو آهي!

جانڪي:- ويٺو ڪهڙو وڃي آهي،ڪمائڻ ويو آهي.هنجي پئسي جي ڪري ئي تہ‌اَڄ سکيا ستابا آهيون .

رام:- ڪون ڪپي مونکي اَهڙو سُک جنهنجي ڪري پٽ جو منهن ڏسڻ لاءِ ٻہ

جانڪي:- چڏيوس تہ پيو وڃي مونکان ڪون ٿي پڇي هاڻ ڪنهن کي سڏڻ.

Telephone Bell

رام:- هلو---ڪيا؟ وري تاج محل !بابا تومهارا دماغ تو خراب نهين هو گيا هئہ؟

جانڪي:- وري ڪنهنجو فون آهي؟

رام:- شام جهان جو، تون هلي سُمهہ بابا يہڪوئي هوٽيل ووٽيل نهي هئہ---ڪيا؟ ڪون؟ اِيڌر تو ڪوئي سئم وئم نهين هئہ---هان، هان، رامچند مئين هون---هلو ---هلو ---!ڪير شيامون! تون آهين ڇا؟ اڙي پٽ هاها---شيامونءَ ماءُ سيگهہ ڪر پٽهين جو فون آئيئي.

جانڪي:- شيامونءَ جو فون آهي، ڏسان ڏسان-----

رام:- هلو، شيامون! تون آهين ڪٿي پٽ! هيترن مهنن کان نہچٺي نہچپاتي!اَڄ اَڄان تنهنجي ڳالهہ نڪتي----

جانڪي:- ڏيو تہمان ڳالهايانس.

رام:- اَڙي بيهہ تہسهين هلو شيامون پٽ ڪيئن آهين؟

جانڪي:- پهرين مونکي ڏيو-- شيامون، شيامون منهنجالعل تون آهين ڪٿي؟ چٺي چونہ لکي اَئيئي هيترا دفعا چيو اَٿمانءِ تہ سنڌي ۾ لکندو ڪر.

رام:- هلو شيامون، پٽ تون اَچين ڪڏهين ٿو؟

جانڪي:- شيامون پٽ هِينئر ڏاڍي سِڪ لڳي اَٿم---سيگهہ ڪري موٽي اَچ---هڪ دفعو ننهن پٽ جو منهن ڏسان تہآرام سان سمهي سگهنديس---هان! ڪٿان پيو ڳالهائين!! بمبئي مان!----

رام:- هان!مونکي ڏي شيامون پٽ بمبئي مان پيو ڳالهائين ڇا؟ڪڏهين آيو آئين؟ هفتو ٿيو اَئيئي---هفتي کان هت آهين ۽ اَڄ ٿو فون ڪرين،گهر چونہ هليو آهين!---هاها،برابر ہ ٿي دفعا فون آيو هو پر منهنجو تو ڏانهن ڌيان ڪيئن وڃي.ٺيڪ آهي، هاڻ سڀ ڇڏ صبوح ساڻ زال ۽ ٻارن کي وٺي هت هليو اَچ-----

جانڪي:- ها، ها، شيامون پٽ صبوح جو ئي هليو اَچ تو سان جام ڳالهيون ڪرڻيون اَٿم---هاڻ ڪون ٿو اَچين؟ ائين ڪيئن ٿيندو،ڪيترن سالن کان منهن ڪين ڏيکاريو اَئيئي، اِها تيپ ٻہڪان موڪلئہ---پوٽي جو منهن ڏسڻ

منتن ۾ هنکي ماڻهوءَ مان گڏهه بنائي ڇڏيندي آهي---

جانکي:- هاڻ لهيو-- منان هئي ڪنهنجي سامهون ائين چيو اٿو، اَجايو منهنجي بدنامي ٿيندي،

Telephone Bell

رام:- آيو اَئيئي فون.

جانکي:- پڪ ئي پڪ شيامونءَ جو هوندو ڏسو ته-----

رام:- ها راتوڪي پارٽيءَ مان ڏهه پندرهن ڊالر بچيا هوندس سو، سوچيو هوندائين ماءُ پيءُ تي ئي خرچ ڪريان.

جانکي:- هاڻي ائين ته نه چئو،ڪندو ڪونهي چافون.

رام:- ها ٻن مهنن ۾ هڪ دفعو.

جانکي:- پر ٻه فون ڪٿو ته سهين-ڏلو،گهنٽي بند ٿي ويئي!

رام:- ستو ٿيو نه توري ڪنهن پاسي واري کي سڏڻو پوي ها.خاص پئسا موڪليائين ته فون هٽايو ڇڏهين،سِڪ لڳي ته توهان سان ڳالهائي سگهان ۽ هينئر ڇڏهين فون لڳو آهي ته پٽ کي فون ڪرڻ لاءِ ٽائيم ڪونهي.

جانکي:- توبهه-آئوڪو آرام؟ هوندو ڪم ڪار ۾-وقت ملندس ته پاڻهي ڪندو.

Telephone Bell

رام:- هلو-؟ Yes ترنڪ ڪال؟ ڪٿر آمريڪاسي؟ شيامونءَ ماءُ شيامونءَ جو فون اَئيئي-هلو؟ هان، هان، آمريڪا؟ ڪيا بامبي؟

جانکي:- مونکي ڏيو مان ڳالهايانس پهرين.

رام:- اَڙي هڪ منٽ جهل ته سهين! هلو؟ ڪيا؟ تاج محل هوٽل؟رانگ نمبر.

جانکي:- ڇاٿيو؟

رام:- مذاق،ٻڍي ٻڍيءَ واري مين ڪنبهر کي تاج محل هوٽل پئي ڪوٺيائين! بيشرم ڪٿان!جو بمبئي مان خاص فون ڪيو! اٿائين اهڙو مذاق ڪرڻ لاءِ.

جانکي:- بمبئي مان آيو هئو پڪ ئي پڪ ڪنهن ماءُ جو هوندو ستو ٿيو جو ڪٽي ڇڏيو،

Telephone Bell

رام:- آيو اَئيئي وري-----

رام:- تون سمجهين ڪان ٿي ----

جانڪي:- مان سڀ ٿي سمجهان---توهان ڪون ٿا سمجهو. ساه جو ڪو ڀروسو آهي.آج نه ويس سڀاڻي ويندس. گهٽ ۾ گهٽ اِهو آٿت تہ ٿيندو تہ مان نہ سهين توهان تہ ڳڏيا پٽ سان منهنجي پاران سندس مٿي تي آسيس جو هٿ گهمائي اَچجو وري جيڪو هٿ هنتي گهمايو سو منهنجي اکين اڳيان جهلجو،مون کي سڀ ملي پوندو----شيامون ڀيءُ مون کي سڀ ملي پوندو.

Recepti: On Room Of Taj Mahal Hotel

Shyam : Any Message?

Receptionist No Sir, oh, excuse Me Sir

There is a gentleman waiting

For You----

Shyam: For me? where is he?

Receptionist: In The Lounge Sir,

will you see him?

Well,I Guess so-----

(Shift to lounge)

Shyam: yes?

رام:- شيام، شيام پٽ

شيام:- Dad توهان؟

What a surprise

How are you o!d man?

It is great to see you-

رام:- ڪيئن آهين پٽ!

شيام:- Oh I am allright, Dad

ليڪن توهانکي اَچڻ ٿي هئو تہ رات جو ڪين چيو

Really I am So Short Of Time

خئر آيائي آهيو تہ ويهو چانھ پيئندا نہ؟

رام:- نہ، نہ چانھ پانھ ڪون ٿي گهرجي تون ويهہ هت منهنجي ڀرم.

لاءِ پيئي سڪان مون ٻڌيءَ ڪي ايتوو نہ ستاءِ پٽ ايترو نہ ستاءِ ٺيڪ آهي ڪون ٿي روئان----پر تون ضرور اَچ---- ها،ها،ڏيانس ٿي-پر تون اِيندين نہ؟ شاباس پٽ---ڏيانس ٿي هان، ولو----

رام:- چڱو---ٺيڪ آهي--- نہمان ڪٿان بمبئي ايندس ڪائي ڳالھ ناهي پٽ،ڪائي ڳالھ ناهي تون پنهنجا ڪم ڏس----اسانجي چنتا نہڪر---شال سدائين سکي هجين----

جانڪي:- ڇاٿيو؟ ڪون ايندو شيامون؟

رام:- نہڪوئي ڪون ايندو----سڀbusyآهن.زال ٻار سان آيو آهي---پنهنجو گهر هوندي سوندي هوٽل ۾ لٿو آهي---ٻن ڪلاڪن جي پنڌ تي آهي پر سڄي ساري هفتي ۾ ماءُ پيءُ سان ملڻ جو وقت ڪونہڪڍي سگهيو آهي، سڀاڻي رات جو واپس ويندو----چوي ٿو مون وٽ ٽائيم ڪونهي توهين ٿي ڪٽي بمبئي هليا اَچو-----

جانڪي:- سچ،ٿين چيائين؟ تہ پوءِ هلو تہ اسين ٿي هلي، سندس منهن ڏسي اَچون.

رام:- تون هلندينءَ؟بمبئي! اَڙي چوٿين نمبر جي چاڙهي چڙهڻ ۾ ٿي ساھ ٿو نڪريئي ---سو بمبئي جا پنڌ ڪندينءَ؟

جانڪي:- چڱو تہسچ ٿا---تہپوءِ مونکي ڇڏيو---توهين ٿي وڃي پٽڙي جو منهن ڏسي اَچو.

رام:- ڪائي ضرورت ناهي----جنهن نالائق کي ايتري تميز ناهي جو پنهنجي ملڪ ۾ اَچڻ ڪانپوءِ بہماءُ پيءُ جو منهن ڏسڻ اَچي اُن سان ملڻ جي ڪائي ضرورت ناهي----

جانڪي:- ڏسو ڏاهاتيو---ائين ضد نہڪريو----ويچارو ڪمن ۾ هوندو انکري ڪون اَچي سگهيو آهي پيءُ پٽ ۾ ڪو حساب ڪتاب ٿيندو آهي ڇا؟وڃي گڏجي اچوس---

رام:- اڙي پر هينئر مان هنکي ڪٿي وڃي ڳوليندس خبر ناهي ڪٿي هوندو!

جانڪي:- ٻڌايو جو هوٽل ۾ آهي؟

رام:- تاج محل هوٽل ۾ آهي----خبر اَٿيئي اِنجي مطلب ڇاآهي؟ تو، مون جهڙي ماڻهوءَ کي تہ اندر گهسڻ بہڪون ڏيندا آهن.

جانڪي:- ڇو؟ ڇو ڪون گهسڻ ڏيندا؟ ڪو هتان ڦُرڻ آيا آهيون ڇا؟پنهنجي پٽ سان گڏجڻ ٿا وڃون. ڪا چوري آهي؟----

رام:- اڙي پر------

جانڪي:- هاڻ ڪائي ٻرڪ نہ ٻڌنديسانوَ توهانکي منهنجو قسم،توهان وڃي ٻارن جو منهن ڏسي اَچو توهان ڏٺو معني مون ڏٺو.

رام:- شيام پٽ ماڻهين موڪلي آليئي.

شيام:- ڇا هي؟

رام:- ڪيرڙي آهي.

شيام:- ڪيرڙي Oh Yes That Milky Mess

رام:- ها ماڻهين پنهنجي هٿن سان ٺاهي آهي توکي ڏاڍي وڻندي آهي نه.

شيام:- ساري ڊئڊ اِها واپس ڪٽي وڇٽي پوندوَ لندا تههميشهDeitingتي هوندي آهي ۽ Macهتان جو کير ڀانءَ ڪون پوندو آهي،So Please----

رام:- پر پٽ توکي تهڪيرڙي ڏاڍي وڻندي هئي

شيام:- وڻندي هُئي،May beليڪن هينئر موڊ ڪونهي O God its Getting Late هينئر مان هلان So Excuce me

Bye Bye Dad------

(Exit Shyam)

رام:- شيام،شيام پٽ

(ساڳيو ڊرائنگ روم)

جانڪي:- اَچي ويا؟ ڪيئن آهي منهنجو شيامون؟ جوڙس ڪيئن آهي؟ وٺي توهان ڪي؟ پوٽي جو منهن ڏٺوَ؟ ۽ اُن لاءِ هاٿي جو ڏند ڏنو هئو هانو؟ پاتوَس؟ ڪيرڙي وٺيس؟

رام:- اَڙي ڀاڳوان ٻمنٽ ويھڻ تهڏي----پاڻي ٻاٽي تهپيئڻ ڏي.

جانڪي:- ها،ها---مان ڪا پوڙهي آهيان،توهان ويهو اِجهاٿي پاڻي ڏيانوَ. پٽ پوٽي جو منهن ڏسي آيا آهيو تهمنهن جي رونق ئي مٽجي ويئي آٿو

جانڪي:- منهنجي سنڌن جو سور نه ستائي ها تهجيڪر مان گڏ هلانوَ ها-- پر ٺهيو،توهان ۽ مون ڪو ورهايو.

Exit Janki

Entar Janki With Glass of Water

جانڪي:- آخر ٻپنهنجو خون آهي. چڪ تهٿيندي ئي تهموڪي تهڪ آهي اصل پنھ ئي آگريون چٽي ڪيرڙي ڪاڏي هونداڻين--هان وٺو پاڻي، ننهن ڪيئن لڳوَ؟

رام:- (پاڻي گلاس وٺي پي ڪري)ها، هاڻ ٻچ چاپچٽو آئيئي؟

شيام:- How is Amma?

رام:- آمان، ڪهڙو حال هوندس تونکان سواءِ؟ مڙيوئي پيئي ڏينهن ڪاٽي ،جوڙين ۽ ٻار ڪٿي آهن؟

شيام:- That is The Problem dad،خبر هجي ها تہ توهان اَچڻا آهيو تہ مان اُن نموني پروگرام ناهيان ها، پر توهان----Any Way هو مٽي آهن ،وري بہ شڪر آهي جو توهين آيا مون تہ سمجهيو هو ائين ئي واپس وڃڻو پوندو.

رام:- هان----! هي ڇا پيو چئين پٽ ؟ هيترن سالن بعد گڏيو آهين، نہ حال نہ حوال، نہ ڳالهہ، نہ ٻولهہ ايئري ۾ موڪلائڻي جون ڳالهيون-------

شيام:- Oh Come on dad سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو، اڄ ڏينهن تہ گذري بہ چڪو آهي Our Launeh is Waiting,وري رات واري Flight ۾ واپس بہ وڃڻو آهي.

رام:- واپس وڃڻ کان ڪون ٿو روڪيائين پٽ،پر ننهن ۽ پوٽي جو منهن بہ ڪون ڏيکاريدين؟ڪجهہ حال احوال تہ ڏيون وٺون---

شيام:- Now dont be Sentimental dad لنڊن جي Cavesڏسڻ تي ڏاڍي دل آهي جي دير ٿي ويئي تہ بي حد ناراض ٿيندي.

رام:- ٺيڪ آهي هُنن کي موڪل تہ وڃي گهمي اَچن تون ويهہ مونسان گڏ .

شيام:- Come on dad Tai Sensc تمدد؟هيتر آيا آهيو وري خبر ناهي ڪڏهين اَچڻ ٿيئي to come here ?

Do you know how much it costs

رام:- ٺيڪ آهي ڀل وڃو گهمڻ ---ليڪن جيسين تيار ٿي نڪرو تيسين تہ ننهن، پوٽي سان، گڏ وهان پوٽي کي گود ۾ کڻان.

شيام:- By Natnae She it Very Private Why dont you understand dad ۽ توهان جي Mac کي گود ۾ کنيو تہ لنڊا کي ڪون وڻندو----هوءَ ڏاڍي صفائي واري آهي----

رام:- هوءُ ڏاڍي صفائي واري آهي! ۽ اسين گندا آهيون؟

شيام:- I dont mean That,منهنجو مطلب صرف ايترو آهي تہ---

Sheis very very bussy so forget about

رام:- ٺيڪ آهي--جيئن تون چوين پٽ.توکي ڏٺم منهنجي دل پوري ٿي ----هلان هان----

شيام:- Bye Dad See You Some Time

گود مان ئي نہ لهي-----

Shyam Dont You understand Dad

لندا ڏاڍي صفائي واري آهي

جانڪي:- ها،ها، چو نہ،پھريون دفعو جو ڏاڏي جي گود ۾ چڙهيو هوندو----هو هائيءَ وارو ڏند پاتوس نہ مان خاص پڙهائي ولي آئي هُئس.

رام:- پنهنجي هٿن سان پاتو مانس

جانڪي:- ۽ کيرٽي----ڪاڏائين.

رام:- کيرٽي

کيرٽي Shyam

Oh Yes That Milky Mess

رام:- ڪاڏائين نہ----ڪاڏائين نہ----تيئي جٽا اصل دبوئي چتي ويا،ڪائيندي ڪائيندي شيامون اَچي روئڻ ۾ چٽ ڪيو---اَچي چنبڙيو-- چي باباموکي ناهي وڃڻو اَمريڪا مان واپس نہ ويندس--- موکي توهان سان گڏ رهڻو آهي- توهانجي شيوا ڪرڻي آهي---- توهانجو سهارو بڻجڻو آهي---شيامونءَ ماءُ شيامونءَ ماءُ بس وڏيڪ نہ پڇ!نہ پڇ اوڏيڪ هيئڙ سَنو ڪون ٿو وڃي ڪون سهي سگهندس مان--(روئڻ ۾ ٿو چٽڪي).

جانڪي:- هي ڇا هيئن ٻارن وانگر روئڻ ڪو لهي ٿو---؟ نہ شيامونءَ پيءُ نہ ڏسو جي ائين روئندا تہ مان بہ روئي پونديسانوَ----

رام:- روءُ شيامونءَ ماءُ روءُ !اسانجي تقدير ۾ روئڻ ئي لکيل آهي---دل کولي روءُ----

جانڪي:- هان! هي ڇا پيا چيو شيامون ڪجھ چيوَ ڇا؟

رام:- ڪجھ ڪون چيائين،ڪجھ هئو ئي ڪون چوڻ لاءِ جڏهين سڀ ختم ٿي چڪو آهي تہ اکرن جو ڪهڙو ملھ آهي؟

ڪوڙا آهن اکر سيئي

ڪوڙو هي سنسار

ڪوڙا سيئي رشتا ناتا

ڪوڙو هيءُ پريوار

رام:- متان ڪرين ايمان ڪيا ڪُل جو جيڪي لوڪ ڪتنب جا سِر ڪون هلندءِ

جانڪي:- سڀ ڪان پهرين ٻڌايو منهنجي شيامونءَ ڇا ڇيو منهنجي لاءِ پڇيائين؟

رام:- تنهنجي لاءِ----(خيال ٿو اِڇيس)

شيامون:- How Is Amma?

رام:- اصل اَچي روئڻ ۾ چتڪيو- چي ڏاڍي سڪ لڳي اَٿم پر ڇا ڪريان مجبوري آهي ڪمن ڪارين ۾ ايترو Busy آهيان جو گڏجي ڪون سگهندو سانس.

جانڪي:- ڪائي ڳالهہ ڪانهي- پٽ سُکي رهي پوءِ ڪٽ ٻرهي-پر مونکي سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌايو او اصل منڊ ڪان ولي-----

رام:- اڙي هاڻ ڇا ڇا ٻڌايانءَ، جوءِ ٻار سان خوش وينو آهي.اَڄ رات جو واپس ٿو وڃن هينئر تہ اُڏامندو ٻہوندو----

جانڪي:- تونسان گڏيو چڱيءَ طرح----

رام:- ها،ها،پيو تڏهين-------(خيال ٿو اڇيس)

Shyam: How Are You Old man?

Great To See You

رام:- مونکي ڏنائين تہ اَچي چنبڙيو! اصل پيرئي نہ ڇڏي.

جانڪي:- ڪيئن ڇڏيندو! هيترن سالن ڪان توهان ڪان آسيس ٻہ ڪان ورتي اَٿائين-- پوءِ ؟

رام:- پوءِ

شيام خئر اَيا آهيو تہ ويهو

چانهہ پيئندا نہ؟

رام:- پوءِ تہ ڇڪي وٺي هليو پنهنجي ڪمري ۾ اُتي سندس جوءِ ۽ ٻار ڪي ڏنم تہ اڪيون ٿڏيون ٿيون---تيار وينا هُئا گهمڻ وڃڻو هُئن پر مونکي ڏسي جوڙس ٻاهر وڃڻ ڪان صاف انڪار ڪري ڇڏيو ڇيائين وري الائي ڪڏهين گڏجون گهمڻ تہ پيو ٿيندو-----

Shyam Now Dad Dont Be Sentimental

پندا جي Caves ڏسڻ تي ڏاڍي دل آهي بيحد ناراض ٿيندي

جانڪي:- شابس اَٿس--- ۽ هو ننڍڙو! ڪنهن تي ويو آهي؟

رام:- اڙي اُن جي تہ ڳالهہ نہ پڇ--- بلڪل تو تي ويو اَٿيئي! ڪنيو مانس تہ اصل

ريڊيو ناٽڪ

’سفر جا ساٿي‘

ليکڪ :- چمن شرما

پاتر:-

(۱) ميجر ملڪاڻي :- رٽائرڊ آفيسر - بلند آواز:- عمر ۵۸ سال

(۲)مس مالا :- هڪ مسافر چتر زبان ’۲۸‘

(۳)مسٽر بالاڻي :- ميجر ملڪاڻيءَ جو دوست ’۵۵‘

(۴)مسٽر محبوباڻي:- ريلوي پوليس انسپيڪٽر ’۴۵‘

(۵)موهن:- ريلوي ڪُولي ’۳۰‘

اِسٽان:- (ريلوي اِسٽيشن تي پليٽفارم جو نظارو- گاڏي ڇٽڻ کان اڳ ’چانهه گرم!-پاڻي!-آئيس ڪريم!-آج کي تازاخبر!-‘وغيره آوازن سان گڏ پريان ميجر ملڪاڻي، ڪُوليءَ کان سامان کڻائي فرسٽ ڪلاس گاڏيءَ اڳيان بهي رهي ٿو.)

ميجر:- (فرسٽ ڪلاس گاڏيءَ اڳيان بهندي) ييس،’هيئر اِٽ اِز-‘(سلپ پڙهندي) ميجر ملڪاڻي!-(ڪُوليءَ کي)’ڪم آن ينگ مئن!‘اِجهو هي ڪوچ آهي- ها- سامان هڪ هڪ ڪري هٽ لاهي رک- ها-آهستي- بئگ سنڀالي لاهج!- او اِئين-ويري گُڊ-بس-هاڻ هيئن ڪر،اندر ڪُنڊ ۾،سامهون دريءَ جي پرسان،هڪ هڪ ڪري سامان رکندو وڃ.پر ترس،مان توکي ڪُولي نہ،نالي سان سڏڻ ٿو چاهيان،او ڪي؟-ها،تہ تنهنجو نالو؟

موهن :- سائين،منهنجو نالو موهن آهي-(بئگ کڻندي)

ميجر:- (مشڪندي)ويري گُڊ!-فائين-!ها،تہ مسٽر موهن،سامهون دريءَ وٽ سڀ سامان رکج-(پريان آواز) نو-نو-مسٽر موهن،اِها چادر اتي نہ،سامهون واريءَ سيٽ تي وِڇائي ڇڏ!

موهن:- (پريان آواز) سائين هن سيٽ تي؟

ميجر:- (پريان آواز)ها-اِهائي سيٽ-سوليءَ طرح!-ها-بس-فائين-شاباس!!

موهن:- (پريان) ۽ سائين،هيءَ پاڻيءَ جي گُهگهي؟

ميجر:- (پريان)اِها ٿڌي پاڻيءَ جي گُهگهي،بئگ جي پاسي ۾ رک-ها-بلڪل

سان ڪٽي ويهندءِ ٻن ڪائين تي مٿان ويڙ هيندءِ وانڻ ساجهر پانڻ سُڃاڻ مٿان ٻوين ٻوءِ ڏکن ۾.

جانڪي:- هي توهين ڇا پيا چئو؟ڏسو پاڻ سنڀاليو آخر اهڙو ڇا ٿيو آهي؟

رام:- ٿيو صرف ايترو آٿيئي شيامونءَ ماءُ تہ سڀ ختم ٿيو آٿيئي-----سڀ ڪجھ ختم ٿيو اٿيئي جنهن پٽ کي ڏسڻ لاءِ تنهنجيون اکيون پيئون واجهائن اُن وٽ ماءُ پيءَ کي ڏسڻ لاءِ ڏھ منٽ بہ ڪونهن! جا ڪيرٽي تو هيتري پيار سان هُن لاءِ ٺاهي هُئي سا چکڻ لاءِ بہ هِن وٽ وقت ڪونهي!! وساري ڇڏ تہ اسانجي ڪا اوُ لاد هُئي وساري ڇڏ تہ اسانجو هَن سان ڪو رشتو بہ هئو وساري ڇڏ،شيامون ماءُ وساري ڇڏ شياموءُ ماءُ رشتا آهن رشتن جو ڇا ---------

ڊيبل سڏڪن جو آواز

on Ram aad Janki Sad Masic Slowig Slowly Faee Out

Spot Light

The End

سلوڪ

تياڳي ويراڳي
مايا سڀ مستان ڪيا
سامي ڪو ورلو
گرمک وڏ ڀاڳي
ڏنو جنهن جاڳي
پنهنجي اکين پاڻکي.

ميجر:- وات گستاخي مئن!-ڊچ نہموهن-ڊونٽ هيزيٽيٽ!!

موهن:- (وري ٻہهڪندي) نہ نہسائين-،توهان ئي مهرباني ڪري-----

ميجر:- (وچيم ڪٽي-ڪنڌ ڦيرائيندي)اوهہ نو!-آءِ سي،ڊو اِٽ!!اِهو ڪم تون منهنجي چوڻ تي ڪري رهيو آهين مسٽر موهن!ويري گُڊ!!

موهن:- (پئسا ڏيندي)هان ولو سائين،ڪيسي مان ڪڍيل هي سڀ پئسا.

ميجر:- مونکي ڏيڻ کان اڳ پهرين پنهنجا پندرهان روپيا کڻ.

موهن:- (نوٽ ڪڻندي-آواز) هاسائين، هي پندرهان روپيا کنيم

ميجر:- ويري گُڊ!-چڱو موهن،هاڻ اِهي باقي بچيل پئسا،ڪوٽ جي مَٿئين ڪيسي ۾ واپس رکي ڇڏ.

موهن:- (رکندي)رکيم سائين!-چڱو،ٻيو ڪم ڪار نہجي تہمان وڃان؟

ميجر:- او.ڪي موهن،يوُ.ڪئن گو!-ٿئنڪ يوُ موهن!!(وڃي ٿو)

بالاٽي:- (پريان ايندي)هيلو-ميجر ملڪاٽي!-اَڙي پائي ڪر خبر-(ويجهو آواز)وري ڪٿي ڪاهہ ڪئي اٿيئي؟

ميجر:- (ڪيڪاريندي)هَلو هَلو مسٽر بالاٽي!(مشڪندي)اڙي پائي،توکي تہخبر آهي،مُلّان جي ڊوڙ مَسجد تائين اسانجي هڪ تنگ هِتي تہپي اڪٿر بمبئيءَ هوندي آهي.

بالاٽي:- اهو تہسڀ ٺيڪ آهي،پر اڄا ڪالهہ بمبئيءَ کان هِت آئين ۽ اڄ وري-

ميجر:- (وچيم ڪٽي) چاڪجي مسٽر بالاٽي-سومر ڏينهن ريٽا جو مڱڻو ڪرائي، ايندڙ آرتوار تي اڳو-پوءِ شادي ڪرائڻ اچ ئي واپس بمبئيءَ وڃي رهيو آهيان-ٻين ويجهن عزيزن سان گڏ، تنهنجي گهر بہ ڪارڊ ڏيئي آيو آهيان.

بالاٽي:- (حيرت وچان)ڪمال آهي!-تنهنجي ٽيون نمبر بيبي رچنا ايڏي وڏي ٿي ويئي،جو شادي ٻہٿي ڪري!!

ميجر- (هڪ زوردار ٽهڪ ڏيندي) واءِ يوُ فرگيٽ مسٽر بالاٽي، ريٽا تنهنجي اَنيتا کان صرف ٻہسال ننڍي آهي مسٽر بالاٽي!!

بالاٽي:- (ٻنهين جا ڪُليءَ دل سان ٽهڪ ڏيڻ)اوهہ ييس ييس ميجر!آءِ نو-آءِ نو-خير،اِهو سڀ ٺہٺيڪ آهي،پر باءِ دي وي-(آهستي)شاديءَ جي معاملي ۾ پاڻ سان ڪئش بہضرور ڪنئي هوندءِ؟

اڻين!-ويري گُڊ!

موهن:- (پريان) ۽ سائين، هي بسترو کولي مٿي وڇائي ڇڏيان؟

ميجر:- (پريان)نهموهن،بسترو کول نه-في الحال بند بسترو ئي مٿي رکي ڇڏ.

موهن:- (مٿي رکندي)ٺيڪ آهي سائين-توهان جي اندر اچي پلي ننگ ڳڻي ڏسو.

ميجر. (پريان)ننگ موهن هتان بيٺي بيٺي ئي ڳڻي ورتا آهن موهن-تون هاڻ ٻاهر هليو اچ-ڪَم آن-بي ڪُئڪ!

موهن:- (پريان)چڱو سائين!-(هلندي-هيٺ لهندي) سڀ سامان ٺاڻيڪو ڪري-(ويجهو آواز) هڪ ئي هنڌ،دريءَ ۽ سيٽ جي آسپاس رکي ڇڏيو اٿم سائين!

ميجر:- هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي) باقي ڪجھ رهيو ته نه؟

موهن:- نهسائين!-(اِشارو ڪندي)هِتان ٻهي،دريءَ مان ئي سامهون رکيل سيٽ تي سَت ننگ سولائيءَ سان ڳڻي سگهجن ٿا.

ميجر:- او.ڪي.ويري گُڊ!-چڱو موهن،گهڻا پئسا؟

موهن:- (ڪپڙا چنڊبيندي)سائين پندرهان روپيا،

ميجر:- ٺيڪ آهي-چڱو موهن-ٻهقدم اڳتي اچ.

موهن:- (ويجهو ايندي) چئو سائين.

ميجر:- منهنجي اوور ڪوٽ جو مٿيون کيسو ڏسڻ اچيئي ٿو؟

موهن:- (مشڪندي)سائين،منهنجي نظر سِرڻ وانگر تيز آهي، مان کيسو بلڪل چڱيءَ طرح ڏسي سگهان ٿو.

ميجر:- گُڊ!-چڱو موهن ،قد جو آهين بندرو،منهنجو ساڃو هٿ سِڌو ڪري مٿي جَهل.

موهن:- (هٿ مٿي ڪندي)اِجهو سائين،هٿ مٿي ڪيم.

ميجر:- ويري گُڊ!-تنهنجو هٿ،منهنجي اوور ڪوٽ جي مٿئين کيسي تائين پهچي سگهي ٿو،اِزنت اِت؟

موهن:- ها سائين.

ميجر:- تهپوءِ هيئن ڪر.مٿئين کيسي ۾ هٿ وجهي پئسا ڪڍي وٺ.

موهن:- (هٻڪندي)نهنهسائين!-اهڙي گستاخي مان ڪيئن ٿو ڪري سگهان!

میجر:- (مشکندي)نظر تہ کجھ اِئين ئي اچي رهيو آهي-(گاڏي چرڻ جو آواز)

مالا:- (هلندي گاڏيءَ جي دروازي وٽ پهندي)کم آن سر!-گاڏي اِسٽارٽ ٿي چُکي آهي!!

میجر:- ٿئنڪيوُ مئڊم!-(میجر هلندي گاڏيءَ ۾ ٽپو ڏيئي چڙهي پوي ٿو)

مالا:- ايکسيلنٽ سَر!-اِن طرح ڦڙتيءَ سان،هلندي گاڏيءَ ۾،توهان وانگر،صرف آرمي آفيسر ئي چڙهي سگهيٿو!

میجر:- (وهندي)ٿئنڪ يوُ.فار دي ڪامپليمينٽس!

مالا:- (وِهندي)باءِ دي وي،توهان شايد آرميءَ ۾-(سوالي نظر سان)

میجر:- توهان صحيح فرمايو مئڊم،مان رٽائرڊ ميجر ملڪاڻي آهيان-----

مالا:- (وچ۾)مان آهيان پروفيسر مِس مالا-ضروري ڪم سان بمبئيءَ وڃي رهي آهيان.

میجر:- هائو نائيس!-پوءِ تہ هڪ حَسين سفر جي ساٿيءَ سان،بمبئيءَ جي مسافري مزيدار رهندي-(مشکندي)ڪيئن مون غلط تہ نہ چيو؟

مالا:- (مشکندي)توَهان بلڪل صحيح فرمايو.

میجر:- باءِ دي وي مِس مالا،جيڪڏهن توهان کي اعتراض نہ هجي تہ سامهون رکيل گُهگهيءَ مان پاڻيءَ گلاس ڀري ڏيندا.

مالا:- (اُٿندي)هاها-ضرور ضرور!-(گلاس ۾ پاڻي اوتيندي-آواز مشکندي)حقيقت ۾ اُڃ مونکي بہ لڳي هئي.توهان پيئو تہ پوءِ مان بہ ٿي پيئان!-(ساڄي هٿ ۾ گلاس جهليندي)هان وٺو.

میجر:- (مشکندي)مِس مالا،توهان کي مون جهڙن آرمي آفيسرن جي عجيب وَ غريب عادتن تي حيرت تہ ضرور لڳندي،

مالا:- (حيرت.وچان)يعنيِ؟-معاف ڪجو،مون توهان جو مطلب نہ سمجهيو.

میجر:- مطلب تہ پنهنجي پراڻيءَ عادت اَنوسار،اِهو پاڻي توهان جي هٿن سان ئي پيئڻ ٿو چاهيان.

مالا:- (هڪ زوردار ٽهڪ ڏيڻ سبب فرسٽ ڪلاس ڪمپارٽمينٽ ۾ ٻنهي اڪيلي ياترين سبب،خوشنما واتاورڻ پيو ٿي ٿو وڃي)هاهاها-!!!-ميجرصاحب،حياتيءَ ۾ اڄ ڏينهن تائين صرف نندي ٻاڙُ جي ضد سبب،ڪيس پنهنجي هٿن سان پيئاريو اٿم،اڄ توهان کي

میجر:- ھاھا-پاڻ سان پورا پنجيتاليھ ھزار ڪٽي وڃي رھيو آھيان.

بالاڻي:- ’دين يوُ مَست بي ڪيئر فل ميجر!-‘ايڏي وڏي رقم ۽ رات جو اڪيلو سفر!

ميجر:- اوھ!ڊونٽ وَري مسٽر بالاڻي!-آرمي آفيسر جي دل ۽ جسم فولاد جا ٺھيل آھن!-اھي پئسا،اوور ڪوٽ جي اندرئين کيسي ۾ محفوظ رکيل آھن.

بالاڻي:- اھو تہ سڀ ٺيڪ آھي ميجر- پر-(ٿورو ترسي-آھستي) مون ڇيو ميجر، پنيان تہ نھارج،پر مان پنھنجي سامھون ۽ تنھنجي بلڪل پنيان،خبر اٿيئي ڇا ڏسي رھيو آھيان؟

ميجر:- (مشڪندي) اڙي پروڙين ۾ ڇو ٿو ڳالھائين؟-سَولي سِڌي ڳالھ ڪرنہ.

بالاڻي:- (آھستي)ميجر،مان ڏسي رھيو آھيان،سامھون ھڪ حسين نازنين،جا ڏاڍي چوڄ ۽ پيار سان،توڏانھن نھاري مشڪي رھي آھي،ڪٽي ائين نہ ٿئي-

ميجر:- (وڃي ڪٽي-ھڪ زوردار ٽھڪ ڏيندي)اوھ-بالاڻي!اڙي ڀائي اسان جي عمر انھن اکڙين جي عشق کان گھڻو مٿي چڙھي چُڪي آھي!!-(ھنھي جا ٽھڪ)

بالاڻي:- اِگزئڪٽلي ميجر!-اِگزئڪٽلي!!خير،آفيس جي ڪم سان دھليءَ نہ وڃڻو ھجي ھاتہ مان توکي ڪمپني ضرور ڏيان ھا-’ايني وي،آءِ شل ٽيڪ يوئر لِيو،ميجر!،

ميجر:- او.ڪي.سِي يوُ بالاڻي!

بالاڻي:- (پريان آواز-ويندي)باءِ باءِ ميجر!

ميجر:- (پريان)باءِ!-(بالاڻي وڃي ٿو)

مالا:- (پريان ايندي)ايڪسڪيوز مي سر!

ميجر:- (ويجھو آواز) ييس مئڊم.

مالا:- توھان جي واچ ۾ ٽائيم گھڻو ٿيو آھي؟

ميجر:- ساري مئڊم!-پر سامھون لڳل ريلوي ڪلاڪ موجب نو لڳي اُڻونجاھ منٽ ٿيا آھن.

مالا:- ٿئنڪ يوُ سَر!-تنھنجي مَعني گاڏي ڇٽڻ جي تياريءَ ۾ آھي.(انجڻ جي سيٽيءَ جو آواز)

ميجر:- دئتس ويري گُڊ!-اِهو تہ پاڻ سياڻپ جو ڪم ڪيائين. ائين ڪرڻ سان
اِنسان، گهر کي آرٿڪ سنڪٽ مان ٻاهر ڪڍي سگهي ٿو.

مالا:- پر ائين ٿيو ڪون ميجر صاحب.

ميجر:- يعنيَ؟

مالا:- گهر جي ڏهن ڀاتين جي سَموري جوابداري،مون اڪيليءَ جي ڪُلهن
تي اچي پيئي-پيءُ پيئڻ کائڻ ۽ ماءُ جهيڙڻ ۾ پوري،وچم رُليا سين
اسين ٻار-آمدني آڌي تہ خرچ روپيو!-آخر نوبت ايستائين پهتي جو اَبن
ڏاڏن جي گروي رکيل شاندار جڳهہ جو نيلام روڪائڻ لاءِ----

ميجر:- (وچير)توهان بمبئيءَ وچي رهيا آهيو!

مالا:- نہ ميجر صاحب،مان بہ پنهنجي وڏي ڀاءُ وانگر،گهرو ڪِلڪل مان بيزار
ٿي، شادي ڪري بمبئيءَ ۾ رهڻ ٿي چاهيان- مان ڇو ماءُ پيءُ جي
جهيڙي ۽ شراب جي چڪر ۾ پنهنجي زندگي زهر ڪريان؟

ميجر:- نو-نو-نو-مِس مالا،اِها توهان جي خود غرضي آهي-’يوُ فسٽ فيس دي
سِچوُ ئيسن !توهان کي، حالتن کي محڪم اِرادي سان مقابلو ڪرڻ
گُهرجي! بي بولڊينگ ليڊي!‘

مالا:- ’اِٽس ٽوُ ليٽ ميجر صاحب!‘-مان اِسٽرگل ڪري ٿڪجي پيئي
آهيان!تنهن کان سواءِ جاءِ جو نيلام روڪائڻ لاءِ مونکي ڏهن هزارن جي
تڪڙي ضرورت پوندي، جي مان-

ميجر:- (وچم-ڪٽي)پنهنجي ٻئاء فرينڊ ڏريعي شاديءَ کان اڳي ولي سگهو ٿا.

مالا:- نو ميجر صاحب،اُتان بہ ڪجهہ ملڻ تہ ملڻ جي ماڳ،اُلٽو ڪجهہ ڏيڻو ٿي
پوندو .

ميجر:- اهو وري ڪيئن؟

مالا:- (ٿڌو شوڪارو ڀريندي)ميجرصاحب،منهنجو ڀاوي پَتي،اجان پنهنجي
پيرن تي نہ بيهي سگهيو آهي.

ميجر:- ڇا مطلب؟

مالا:- مطلب اِهو ميجرصاحب تہ هوُ اجا بي روزگار آهي-نوڪريءَ جي تلاش ۾
جُتيون گسائي،سالن کان سهڪي سَهڪي ساٺو ٿي پيو آهي،پر اجان
تائين ڪو ٻوُٽو ٻارڻ ۾ ڪامياب ٿي نہ سگهيو آهي.

ٿي پيئاريان!-(پيئڻ جو آواز)

ميجر:- (پيئڻ کان پوءِ)ٿئنڪ يوُ-ٿئنڪ يوُ مِس مالا!

مالا:- نومينشن ميجر صاحب!-پر معاف ڪجو ميجر صاحب،توهان بمبئيءَ شايد-(هٻڪندي)

ميجر:- (وچير ڪٽي-جملو پورو ڪندي)شاديءَ جي سلسلي ۾ وڃي رهيو آهيان.

مالا:- (اُڇل سان)ونڊر فل!-منهنجو مقصد بہ تہ ساڳيو آهي ميجرصاحب!

ميجر:- يعنيَ؟

مالا:- (ٿورو گنڀير ٿيندي)مان بہ گهروُ ڪِلڪل ۽ گهيءَ سبب پيدا ٿيل بوسات واري واتاورڻ کان بيزار ٿي،پنهنجي بڻاءِ فريند سان شادي ڪري، هميشھ لاءِ بمبئيءَ رهڻ ٿي چاهيان.

ميجر:- هونءَ تہ ڪنهنجي بہزندگيءَ جو شخصي ڀيد ڄاڻڻ جي ڪڏهن ڪوشش نہ ڪئي آهي- پر لڳي ٿو هِن ڪَچي عمر ۾ توهان زندگيءَ جا عجيب آزمودا پرايا آهن.

مالا:- (ٿڌو شوڪارو ڀريندي)هاميجر صاحب!-جڏهن کان پنهنجا دنيوي غم ڀُلائڻ لاءِ اسان جي پيءُ شراب جي شرڻ ورتي آهي،تڏهن کان وڻ جي ٽارين وانگر، هڪ سُکي پريوار جا ڀاتي هڪٻئي کان ڇجي ڌار ٿي ويا آهن.

ميجر:- پر توهان پنهنجي پيءُ کي ان پراڻ گهاتڪ بيماري کان بچائي سگهو ٿا.

مالا:- ڪوشش تہ مون بہ ڏاڍي ڪئي،پر هارائي ويٺيس ميجر صاحب!ماءُ پيءُ جي روزاني جهيڙي سبب،آڌي رات جو سڀ ٻار شرم ۾ ڊپ وچان، هڪ ڪمري ۾ وڃي لڪندا هئاسين.پاڙيوارن لاءِ تہ هڪ قسم جو تماشو ٿي پيو.ڪڏهن ريڊيو تہ ڪڏهن پنکو تہ ڪڏهن شيشن جا ٽڪر فرش تي پکڙيل نظر ايندا هئا،منهنجو وڏو ڀاءُ-

ميجر:- (وچير ڪٽي)توهان کي وڏو ڀاءُ آهي تہ اُهو آسانيءَ سان-

مالا:- (وچير)نہ ميجر صاحب،وڏو ڀاءُ تہ سُٽ سُلجهائڻ بدران،بيزار ٿي ائميرڪا ڀڄي ويو ۽ اُتيئي شادي ڪري،پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي بہ گهرائي ورتائين.

میجر:- (سوالي نگاهن سان)يعنيٰ؟

مالا:- يعنيٰ توهان کي ڏهه هزار روپيا ڏيڻائي پوندا.

ميجر:- ۽ مان نہ ڏيان تہ؟

مالا:- تہ مونکي ٻيو طريقو استعمال ڪرڻو پوندو.

ميجر:- (مشڪندي)ڪهڙو طريقو؟

مالا:- (لهجو بدلائي)فرسٽ ڪلاس ڪمپارٽمينٽ ۾ هڪ اڪيلي استريءَ جي عزت لٽڻ جي ۽ چيڙ ڇاڙ جي ڪهڙي سزا ٿي سگهي ٿي،اُهو-----

ميجر:- اوهه!-تہ ڇڱو هاڻ توهان پنهنجي اصلي روپ ۾ ظاهر ٿي رهيا آهيو.

مالا:- (پنيان هٽندي-آڱر سان اِشارو ڪندي)هاها-نہ صرف ايترو پر چين ڇڪي،گاڏي بيهاري،رڙيون ڪري مان ماڻهن کي ٻڌائيندس تہ توهان فرسٽ ڪلاس ڪمپارٽمينٽ ۾ مونکي اڪيلو ڏسي،نہ صرف منهنجا پنجيتاليهہ هزار ڦري،اوورڪوٽ جي اندرئين کيسي ۾ وڌا آهن،پر منهنجي عزت تي بہ حملو ڪيو آهي.

ميجر:- (ٺهڪ ڏيندي)توهان ڪافي سٺي ائڪٽنگ ڪري سگهو ٿا-’آءِ ائم ويري مَچ پليزڊ‘!

مالا:- آءِ اَئم سيريس ميجر صاحب!-توهان پئسا ڏيو ٿا يا مان پنهنجو طريقو استعمال ڪريان ؟

ميجر:- (مشڪندي)اِهو سڀ توهان تي ڇڏيل آهي مِس مالا!- توهان پنهنجي انيڪ طريقن مان ڪوبہ طريقو اپنائي سگهو ٿا،

مالا:- (چين تي هٿ رکندي)هيءَ چين منهنجي هٿ ۾ آهي-اَڃا آخرين وَجهہ اَٿو!

ميجر:- (زور سان ٺهڪ ڏيندي)توهان تہ ڦاسيءَ جي سزا واري قيديءَ وانگر،آخرين اِڇا پُڇي رهيا آهيو!

مالا:- (غصي وچان)’آءِ سي شٽ اَپ!-‘(زور سان چين ڇڪي ٿي ۽ گاڏي سيٽيون هڻندي-ڍڙ-ڍڙ-ڍڙ-جي آواز سان آهستي آهستي بيهي رهي ٿي-اوچتو وار ڦِناڻي،بلائوز ۽ ساڙهي ڦاڙي ۽ سامان ڪرڻ ۽ رڙين واڪن سان گڏ،ماڻهن جي ڊڪ ڊوڙ جا آواز)بچايو!بچايو!!هِن وحشي ميجر کان بچايو!!بچايو!!!(ڊوڙندي،دريءَ کان ٻاهر منهن ڪيدي، رڙيون ڪندي-

ميجر:- خير، 'هِمٿي مَردان، مَددي خدا!- 'نوجوان آهي- اڄ نه ته سڀاڻي ڪڏهن ڪڏهن ته ڪاميابي سندس قدم ضرور چمندي!

مالا:- اُهو وقت جڏهن اچي تيستائين پنهنجو مُنجهيل سُٽ سُلجهائڻ لاءِ، مونکي ئي ڪجهه ڪرڻو پوندو- (ٿورو ترسي) ها، هڪ رستو آهي.

ميجر:- (اُتساهه وِچان) اُهو ڪهڙو؟

مالا:- جيڪڏهن توهان اِها ڏهن هزارن جي مدد ڪري-----

ميجر:- (وچ ۾) اوهه!- 'آءَ ائم ساري، مِس مالا' اِهو وقت ته منهنجي لاءِ مشڪل آهي، پر-----

مالا:- (وچ ۾) نه ميجر صاحب، توهان مان ئي حوصلو ۽ پريرڻا پائي، پُختي اِرادي سان پنهنجا قدم اڳتي وڌائڻ لي چاهيان.

ميجر:- اهو ته ٺيڪ آهي پر منهنجي به هڪ مجبوري-----

مالا:- (وچ ۾) مجبوري لفظ آرمي آفيسر جي ڊڪشنريءَ ۾ نه ٿيندو آهي ميجر صاحب!- هن وقت-----

ميجر:- (وچ ۾) 'ٽراءِ ٽُ آنڊر سٽئنڊ مِس مالا' مان پرامز ٿو ڪريان ته بمبئي پهچڻ شرط توهان لاءِ دل وجان سان ڪوشش ڪري-

مالا:- (وچ ۾) نو- نو- نو- ميجر صاحب، توهان ڪي ڏهن هزارن جي مدد اڄ هينئر ۽ هتي ئي ڪرڻي آهي.

ميجر:- مِس مالا، ايترن پئسن جو اوچتو بندوبست ڪرڻ ڪنهن به شخص لاءِ ناممڪن آهي.

مالا:- ٻين شخصن لاءِ ڀلي ناممڪن هجي پر توهان جي لاءِ نه.

ميجر:- (حيرت وچان) ڇا مطلب!

مالا:- مطلب اِهو ته توهان پاڻ سان ڪنيل پنجيتاليهه هزارن مان، ڏهه هزار مدد طور مونکي ڏيئي سگهو ٿا.

ميجر:- اوهه- آءِ- سي (مشڪندي) ته ڇئبو توهان کي خبر پئجي چُڪي آهي ته مان پاڻ سان پنجيتاليهه هزار کڻي وڃي رهيو آهيان.

مالا:- ۽ مان انهن مان ڏهه هزار طلبي رهي آهيان

ميجر:- اهو منهنجي لاءِ مشڪل آهي.

مالا:- (اُٿي بهندي) مان مشڪل کي آسان بڻائي سگهندي آهيان.

میجر:- (وچ ۾)غصي وچان ڏند ڪرٽيندي)اوه!يوُ!!

اِنسپيڪٽر :- (وچ ۾)پليز ميجر!-ييس،مِس مالا!!

مالا:- مونکي ڏکو ڏيئي، منهنجي پرس مان پنجيتاليهه هزار ڪڍي،ميجر پنهنجي اوورڪوٽ جي اندرئين کيسي ۾ رکيا.پوءِ وري منهنجي عزت تي حملو ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين تہمون ڊوڙي وڃي ڇين ڇڪي ۽ توهين اچي ويا.-

انسپيڪٽر :- ان کان وڏيڪ توهان کي ڪجهہچوڻو آهي،مِس مالا؟

مالا:- دئٽس آل،انسپيڪٽر!

اِنسپيڪٽر :- ٿئنڪ يوُ!-ها،ميجر ملڪاڻي،هاڻي توهان پنهنجو بيان لکايو.

ميجر:- پنهنجو بيان لکائڻ کان اڳ،مان توهان کي جيڪڏهن هڪ تڪليف ڏيان تہ،آءِ ٿينڪ يوُ وونٽ مائينڊ!

انسپيڪٽر :- هاها-چئو!

ميجر:- مهرباني ڪري ٻہقدم اڳتي وڌي اچو.

انسپيڪٽر :- (ويجهو ايندي)ييس ميجر.

ميجر:- ٿئنڪ يوُ انسپيڪٽر-هاڻ مهرباني ڪري بٽڻ کولي،هي منهنجو اوورڪوٽ لاهيو.

انسپيڪٽر :- (حيرت وچان)وات!!

مالا:- (گهبراهٽ وچان)نونو-'بي ڪيئرفل انسپيڪٽر'-هي شخص حرفت باز ۽ نهايت چالاڪ آڻو- مونکي ٻہگهڙيءَ مان ڀاڙي پري،ننڍن ٻارن وانگر،پنهنجي هٿن سان پيئارڻ لاءِ چئي،پوءِ مونتي حملو ڪيائين.

انسپيڪٽر :- (روالور هٿ ۾ جهليندي)توهان جو مطلب ڇا آهي ميجر؟

ميجر :- (مشڪندي)توهان هِن ڇوڪريءَ جي چوڻ تي نہلڳو-بي بولڊ انسپيڪٽر!

انسپيڪٽر :- ميجر،مونکي جيڪڏهن آرميءَ لاءِ عزت آهي تہانجو اهو مطلب ناهي تہمان توهان جون،اِهي ٻاراڻيون ڳالهيون برداشت ڪندو رهان!-مان ٿو چوان،بيان جو توهان جي ڪوٽ لاهڻ سان ڪهڙو واسطو؟

ميجر:- واسطو آهي انسپيڪٽر-آهي!-بيان جي اِها شروعات آهي انسپيڪٽر،پليز-ڊوُ اِٽ!-آءِ وَنس اَگين رِڪُئيسٽ يوُ-پليز اِنسپيڪٽر!!

مالا:- (پرِيان آواز)نو-نو-اِنسپيڪٽر،!هِن شخص جي ڳالهين ۾ اچڻ بدران

سهڪڻ ۽ سسڪين جا آواز)جلدي اچو!!مهرباني ڪري پاپي ميجر کان بچايو- پوليس پوليس!!(انسپيڪٽر کي پريان ايندو ڏسي) انسپيڪٽر،پليز هَري اَپ!-مهرباني ڪري جلد اچو-’آءِ ائم اِن ٽربل‘!!!

اِنسپيڪٽر :- ڊونٽ وَري مئڊم!-ريلوي پوليس توهان جي حفاظت جي لاءِ حاضر آهي-هاڻ پهرين توهان پنهنجو بيان لکايو-ها تہ،توهان جو نالو؟

مالا:- مان آهيان پروفيسر مِس مالا!-مون سان سفر ڪندڙ ميجر ملڪاڻيءَ منهنجي اڪيلائي جو فائدو ورتو-

ميجر:- (وچ ۾)اِهو بهتر ٿيندو اِنسپيڪٽر،تہ پهرين توهين منهنجو بيان-----

اِنسپيڪٽر :- (وچ ۾ ڪٽي)آءِ ائم ساري ميجر ملڪاڻي-پهريون وَجهہ مِس مالا کي ڏنو ويندو-ها،مِس مالا،پليز ڪنٽينيوُ!

مالا:- اِنسپيڪٽر،اڳين اسٽيشن تي ميجر ملڪاڻي هلندي گاڏيءَ ۾ اندر داخل ٿيو ۽ سڄي ڪمپارٽمينٽ ۾ مونکي اڪيلو ڏسي،ڇيڙ ڇاڙ شروع ڪري پنهنجي مضبوط ٻانهن ۾ پڪڙڻ ڪانپوءِ-----

ميجر:- (غصي ۾ زور سان)اوه!-شٽ اَپ يوُ اِسٽوپڊ ليڊي!!

اِنسپيڪٽر :- ميجر ملڪاڻي،آءِ رِڪئيسٽ يوُ،مهرباني ڪري خاموش رهو-توهان پنهنجي بيان ۾ انهن ڳالهين کي رد قد ڏيئي سگهو ٿا.

ميجر:- (غصي ۾)مان چوان ٿو اِنسپيڪٽر،هي بلڪل بي بنياد ۽ واهيات اِلزام-----

مالا:- (وچ ۾)تہ ڇا،هيءَ ساڙهي ۽ بلائوز، مون واندڪائيءَ جي وندر سمجهي ڦاڙيا آهن؟

ميجر:- اهو سڀ ثابت ڪرڻ لاءِ-

اِنسپيڪٽر :- (وچ ۾)پليز ميجر،مهرباني ڪري پاڻ ۾ سِڌو بحث بند ڪري،مونکي بيان لکڻ ڏيو،پوءِ پلي-----

ميجر:- (وچ ۾)ميجر ملڪاڻي،مونکي آرمي انتظام لاءِ عزت آهي-پليز هيلپ مي- ها مِس مالا-ڪنٽينيوُ.

مالا:- پوءِ تہ انسپيڪٽر،جيئن تيئن ڪري مان پاڻ ڇڏائي دروازي طرف ڊوڙيس تہ ميجر ساڙهيءَ کان ڇِڪي،پنيان منهنجو بلائوز ڦاڙي،اهڙو ڌڪو ڏنو جو مان اونڌي منهن دريءَ وٽ وڃي-----

رهاڪ

مضمون ۽
اِتهاسڪ
ڪٿائون

ڪيس سِڌو ٽاڻي تي وٺي وڃو!!

انسپيڪٽر :- (هلڪو چينهيندي)مِس مالا،مونکي پنهنجي فرض آدائيءَ جي پوري ڄاڻ آهي- توهان مهرباني ڪري خاموش رهو-يَيس ميجر،توهان مهرباني ڪري اُٿي بِهو تهِ مان توهان جو ڪوٽ لاهيان.

ميجر:- (اُٿي بِهندي)ٿئنڪ يوُ انسپيڪٽر!

انسپيڪٽر :- (ٻٽڻ لاهيندي-پنهنجي منهن) توهان جي ڪوٽ جا ٻٽڻ مان کولي رهيو آهيان،جو ڪم توهان سولائيءَ سان-(اوچتو ئي اِنسپيڪٽر جي هٿن مان ڪوٽ ۽ روالور ڇڏائجي هيٺ ڪِري پوَن ٿا-سامهون وارو درشيہ ڏسي مالا جي مُنهن مان هڪ عجيب زوردار ۽ ڊپ ڳاڙ چيخ نڪري وڃي ٿي)

مالا:- (زوردار چيخ سان)آ-آ-آ-!اِنسپيڪٽر!!!

انسپيڪٽر :- (حيرت وچان)ميجر!-هي ڇا!!-توهان جاتہئي هَٿ-ڪَٽيل آهن !!!

ميجر:- (اونهو ساهه کڻي)ها انسپيڪٽر!- گذريل پاڪستان جي لڙائيءَ ۾ فرنٽ تي،ٻانهن ۾ گوليون لڳڻ سبب،مونکي ٻئي ٻانهون ڪٽائڻيون پيئيون .

انسپيڪٽر :- (ڪوٽ پائيندي)’آءِ ائم ايڪسٽريملي ساري ميجر!-’(اوچتو مالا جي ڊوڙڻ جو آواز)

ميجر:- ڏئٽس آلرائيٽ اِنسپيڪٽر!-پر هوءَ ڇوڪري ڀڄندي ٿي وڃي پڪڙيوس!!!

انسپيڪٽر :- (پريان آواز)حوالدار-!حوالدار-!سامهون ڀڄندڙ ڇوڪريءَ کي پڪڙيو-! پڪڙيو-!!پڪڙيو-ان ڇوڪريءَ کي!!!(سيٽين ۽ ڊوڙڻ سبب بوٽن جا آواز ايندا رهن ٿا) ------سماپت-------

نوٽ:-هِن ناٽڪ جي پاترن جا نالا فرضي آهن-چمن شرما

356-B, Sardar Nagar

AHMEDABAD-382475

اَدب ۽ تنقيد

عنوان جي لحاظ سان هي هڪ وسيع مضمون آهي. ڇاڪاڻ جو پوري تنقيدي اَدب جي کوٽ سبب سنڌي اديبن جي لکڻين جي مڪمل ڇنڊڇاڻ Anaylsis ڪري سگهجي ۽ ڪنهن ادبي ڪاوش جي سڃاڻ ڪري سگهجي سو ممڪن نہ آهي، تنهنڪري ڪنهنجي تعريف يا تشنيع حقيقت جو آئينہ دار نہ هونديون.

هيءَ ڪوشش ۽ هن مضمون جي جان آهي، ان هٿ آيل Available مضمونن ۽ هڪ اڌ ادبي تنقيدي ڪتابن جي موجودگي مان يقين سان چئي سگهان ٿو تہ جيڪڏهن ڪو پنهنجي ڪوشش سان تقنيدي ادب کي سهيڙي، ادبي تخليقن کي گڏ ڪري تہ صحيح ۽ سچي سڃاڻ ٿي سگهي ٿي.

منهنجي مطالعي هيٺ آيل سنڌي اديبن جا ڪتاب يا مضمون اڌ ڍاڪي ۾ آيا آهن تن ۾ اڪثريت اهڙن ڪتابن جي جن جي صنف کهڙي بہ هجي، سي صرف خيالي Imaginative درجي جا آهن جي حقيقت ۽ اصليت کان سوين ميل پري آهن. اهڙين ادبي لکڻين کي مان پنهنجي خيال سان انهن کي ڊرائنگ روم تصنفون سمجهندو آهيان جن ۾ سچ گهٽ آهي ۽ خيالي جذبات وڌيڪ آهن.

ڊرائنگ اديبن سان منشا آهي جيڪي هڪ ننڍي ڪمري ۾ ويهي، اتاهر ڪتابن جي ڇانو ۾ اُهي ڪردار پنهنجن افسانن، ناولن يا ڪهاڻين ۾ تخليق ڪيا آهن، سي بلڪل مضوعي ۽ من گهڙت آهن. جيڪي بنهہ اُنهن جي زندگيءَ ۾ ڪڏهن سامهون نہ آيا هوندا ۽ جنجو سچ ۽ حقيقت سان پري جو بہ واسطو نہ هوندو.

هڪسم گورڪي کان ڪنهن پڇيو تہ اوهان اهڙا خوبصورت ڪردار ۽ اُنجي سچاڻ جي باري ۾ ڪيئن لکندا آهيو؟

جواب ۾ گورڪي چيو تہ منهنجي ڪردارن ۾ مان پاڻ موجود هوندو آهيان، جيڪي پڙهندا آهيو سو مان اُنهن ڪردارن جي زندگيءَ ۾ پاڻ سمايل هوندو آهيان. هر ڪردار ۾ مان اُنهن جي اندروني جذبن ۽ خواهشن جو آئينو هوندو آهيان، هر ڪردار ۾ آءُ جنم وٺان ٿو.

اِها هڪ سچائي آهي تہ اڪثر اسانجا اديب مالي يا آرٿڪ حالت بهتر نہ هئڻ سبب پنهنجي اندر ۾ لِڪل اديب کي قلم جي نوڪ تي نہ آڻي سگهيا ۽ پنهنجي اندر ئي اندر سرڳواسي ٿي ويا. پر جن اديبن جي آرٿڪ حالت بهتر هئي تن پنهنجا ڪتاب ڇپايا ۽ سٺي Public Relatsning ذريعي مختلف ادبي

روم جي هڪ مفڪر آسمان ڏانهن هٿ کڻي اِها دعا گُهري ته اي مولا! مون کي ايترو عقل ڏي جو مان بين جون تڪليفون ۽ مشڪلاتون سمجهي سگهان ۽ مون کي ايترِي طاقت ڏي جو اُنهن کي دور ڪري سگهان.

ادب ۾ اِها کوٽ Absence جو هڪ وڏو سبب آهي تنقيدي ادب جِي ٿورائي (گهٽتائي). گذريل ٽن سالن ۾ مون جيڪي تنقيدي مضمون پڙهيا آهن يا روبرو ڪانفرنس ۾ ٻُڌا آهن، تن ۾ هيري شيوڪاڻيءَ جا مضمون، پريم اپيچنداڻيءَ جا تحقيقاتي مضمون، مختلف سميلن تي ڊاڪٽر ستيش روهڙا جا مدتل مضمون، خاص طرح سان موسقي تي پنڊت آسڪرن شرما جو تحقيقاتي مضمون ۽ گوبند مالهيءَ جا مختصر ۽ ڊگها مضمون سنڌي ادبي تاريخ مان ڪوتي ڳولهڻ ساراهه جوڳا آهن.

ادب هڪ وهندڙ سمنڊ آهي. اُن وهندڙ سمنڊ مان موتي ڳولهي لهڻ تنقيدنگارن جو فرض آهي. اسان وٽ نه اُردو ادب جهڙا تنقيدنگار مثلا سيد احتشام‌مسين، ممتاز حسين ۽ ڊاڪٽر عبادت بريلوي جي پائي جا تنقيدنگار آهن، نه سنڌي ادب جهڙن مفڪرن ۽ تنقيدنگارن مثلا محمد اِبراهيم‌جويو، ڊاڪٽر الله داد ٻوهيو، رسول بخش پليجي ۽ ڊاڪٽر الانا جهڙن شخصيتن جهڙيون صورتون آهن.

هت اسان وٽ جيستائين سٺا تنقيدنگار ظاهر نه ٿيندا، اسان جو ادب چند مخصوص گروپن جي هڪ هٽي Monopoly ٿِي رهندو.

اُهي اڪاڊميون، اُهي فائونڊيشن، اُهي سرمايدار جيڪي چانديءَ جي سڪن سان پنهنجن پنهنجن کي تورين ٿا، سي اسان جي ساهتيه جي ترقيءَ کي همٿ افزائيءَ بدران هڪ اهڙِي رڪاوٽ بڻجي رهيا آهن، جيڪي اعلي معياري ڪتابن کي ٽيڙي گهٽ معياري ادب کي اِنعام لائق سمجهن ٿا.

تازوهڪ نئون رجحان پيدا ٿيو آهي، سو آهي اُنهن بزرگ اديبن ۽ شاعرن کي نقد اِنعام ڏيڻ، جن پنهنجِي حياتِي ادب جي خدمت ۾ گذارِي ۽ اِهو سلسلو اهڙن بزرگ سنڌي اديبن ۽ شاعرن جي لاءِ جارِي رکيو وڃي، جيڪي هينئر زندگيءَ جي آخرِي ڪناري تي ويٺا آهن.

آخر ۾ آءٌ ورائي ورائي چوندس ته معياري ۽ صحتمند تنقيدنگاري جيڪا بنا ڪنهن رواداريءَ جي، ذاتي پسند ۽ ناپسند کان مٿيرو هڪ بي رياڪار جج وانگر سچو فيصلو ڏين.

گوپال هاسيجا
۱۰۳، گولڊي اپارٽمينٽس،
۲۲۳، ڪاتي والا ٽينڪ، اِندور-۴۵۲۰۰۲.

اوارڊ به حاصل ڪيا. پر اِنجي معني اِها نه آهي ته اُهي ڪتاب ڪنهن اعليٰ ادب جي پيماني جا هجن يا اُنهنجو شمار بهترين ڪتابن ۾ ڪيو وڃي.

گذريل ٽن سالن جي عرصي ۾ ڪي ڪتاب منهنجي مطالعي ۾ آيا، جن جو ادبي معيار سٺو هو ۽ تعريف جي لائق هئا. پر اِنعام اهڙن ڪتابن کي ڏنو ويو، جيڪي بين اِنعام لائق ڪتابن کان معيار ۽ مضمون جي مقابلي ۾ گهٽ هئا، نظر اِئين پيو اچي جيئن فارسيءَ ۾ چوٽي آهي- '' من تُرا حاجي بگويم، توُ مرا حاجي بگوُ. ''

ڪنهن به ٻوليءَ جي اعليٰ ۽ معيارِي ادب ۽ اُن جي تخليق جا مختلف پهلو ٿيندا آهن. ڪردار نگارِي جنهن جي ذريعي تخليق جو ڍانچو، پس منظر جنهن کي نظر ۾ رکي ڪردار پنهنجي سماجي عمل جي ذريعي اِفساني، ڪهاڻي يا ناول کي اڳتي وڌائي ٿو ۽ اُنکي اُنجي منتقي Logical نتيجي تي پهچائي ٿو ته اُها ڪٿي هڪ ساڌارڻ روپ اختيار ڪري پڙهندڙ جي سامهون اچي ٿو ۽ اُنجي دل جي تارن کي ڇيڙي ٿو ته پڙهندڙ پاڻ کي اِهو ڪردار ڀانئي ٿو. پڙهندڙ جو اِهوئي احساس اُن تخليق کي اعليٰ ۽ معيارِي بڻائي ٿو بنسبت اِنهيءَ خيالي ڪردار جي جيڪو نه ته سماج جو حصو آهي، نه اُن ۾ ڪا سچائي آهي. اهڙا ڪردار ڪنهن ايئرڪنڊيشنڊ ڪمري ۾ ويهي سٺي تخلق ۽ سچي ادب تي بنيادي نظريئي جي نفيNegative آهن.

اِنهيءَ نفي جي خلاف ترقي پسند ادب وجود ۾ آيو، جنهن کُليو کُلايو اهڙن لکندڙن جي سخت نڪتچيني ڪئي، جن جون لکڻيون سماج کان ۽ سماج جي سچاين کان دور هيون. جيڪي صرف ''ادب براءِ ادب'' جا پوئلڳ هئا، جن جي لکڻين ۾ صرف عشق وَ محبت جا داستان هئا، جيڪي ڪڏهن گهر کان ٻاهر جهاتيِ پائي پنهنجي چوگرد پکڙيل ڪردارن کي ڏسي نه سگهيا. زندگي ڪيتري وسيع آهي ۽ اُن ۾ رهندڙ ماڻهن جا مسئلا، مشڪلاتون، روز روز جون مصيبتون، محنت ۽ مزدوري، جسم جيِ جاکوڙ ۽ ڏٽ ڏهاڙي سومرا روز ڪمائين روز کائين جو هڪ مسلسل عمل آهي. جنهن کي اسان جا ڪجهه اديب دوست اهڙن احساسن کان بلڪل عاري پنهنجي محدود سوچ ۽ عمل ۾ گرفتار آهن. جڏهن اسين ايڪويهين صديءَ ۾ داخل ٿيِ رهيا آهيون ته اهڙن اديبن ۽ بين لکندڙن کي بنيادي حقيقتن Ground Realties کان باخبر ۽ باشعور رهڻ کپي ۽ تنهنجي لکڻين ۾ اهڙي شعوري تبديلي آڻين. جيڪڏهن اِئين نه ٿيو ته اِهو ادبي تواريخ جو فيصلو آهي ته هوُ اهڙيءَ اونداهيءَ ۾ غرق ٿي ويندا، جتي اُنهن جو نالو وٺندڙ به ڪونه هوندو.

''پراچين پارت'' ۾ لکيل آهي تہ ملاويز ۽ آڪسيدراڪائي جيڪي پرجاتنتر رياستون هيون، تن يونانين کي ڪافي تنگ ڪيو. تن کي ٩٠٠٠٠ پيادا، ڏهہ هزار گهوڙي سوار ۽ ٩ سورٿن سان هئا، اُنهن رياستن جي برهمڻن قلم ڇڏي تلوار کنئين ۽ وڙهندي وڙهندي مارجي ويا.

وچ سنڌ ۾ لنگهڻ وقت اُتان جي مقامي راجا موسيڪنوس جيڪو حد درجي جو بهادر ليکيو ٿي ويو، تنهن سڪندر ۽ سندس لشڪر کي سنڌ کي پار ڪرڻ جي موڪل ڪونہ ڏني ۽ صاف اِنڪار ڪيو.

سنڌو نديءَ جي اولهہ ۾ سبس نالي راڄ جي راڄڌاني سندمن جو هينئر سيوهڻ ٿو سڏيو وڃي ۽ پڻ ڄاتو ويندو آهي، سڪندر اُن راڄڌانيءَ تي حملو ڪيو. پلا سڪندر کي سمنڊ تائين پهچڻ ۾ رستو تہ کپندو هو. ڪافي ڀينڪر جنگ لڳي. يونانين کي سنڌ کي پار تہ ضرور ڪرڻو هو. هڪ لک ويهہ هزار فوجون مڃي بيٺيون ۽ سندمن (سيوَهڻ) جو اُهو ننڍو راڄ سڪندر جي اُنهن فوجن سامهون ٽڪي ڪونہ سگهيو. ڇو تہ سڪندر جي فوجن کي لڳاتار جنگ جو آزمودو هو. گذريل ١١ سالن کان هوُ جنگيون جوٽيندا سنڌ ۾ پهتا هئا. تڏهن بہ سڪندر کي اهو راڄ جيتڻ ۾ ڪافي رڪاوٽون آيون ۽ سندس ڪافي لشڪر مارجي ويو. سڪندر خود حيرت ۾ پئجي ويو. سڪندر ڪونہ سمجهيو هو تہ ڪو اهڙو ننڍو راڄ بہ سندس سامهون ٽڪي سگهندو. جڏهن ڪيس ٻڌايو ويو تہ سبسن جي جنگ کي ذڪڻ ۽ هلائڻ وارا اُتان جا براهمڻ ئي هئا ۽ اُنهن جي چوڻ تي ۽ صلاح سان سڄي راڄ جو ڪاروبار هلندو هو. اِهو ٻڌي سڪندر کي اُنهن براهمڻن سان وارتالاپ ڪرڻ جي دل ٿي. هن سوچيو تہ ڪيس سچ جي ڳولها ۾ بہ مدد ملندي. سو هن ڏهن مکيہ براهمڻن کي پڪڙائي پاڻ وٽ سڏايو.

سڪندر اُنهن کي چيو تہ هوُ هرهڪ کان هڪ هڪ سوال پڇندو ۽ جنهنجو جواب صفا گهٽ درجي جو هوندو، اُن کي سڀ کان پهرين موت جي سزا ڏني ويندي، اُن کان پوءِ نمبروار ٻئين ٽئين ۽ چوٿين وغيره کي موت جي سزا ڏني ويندي. ڪيڏو نہ بي رحميءَ جو ڪم هو. هڪ تہ سڪندر اُنهن کي موت جي سزا ٻڌائي پهريون ڊيڄارڻ جي ڪوشش ڪئي، جيئن هوُ ڊپ ۾ اچي صفا جواب بہ اُڪلي سگهن. پر سنڌ جا هِي برهمڻ صفا نِڊر هئا، هوُ ڪونہ ڊنا ۽ سڪندر سان وارتالاپ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا.

سِڪندر مهان سِنڌ مان لنگهيو

سڪندر کي هاڻوڪي سنڌ کي پار ڪرڻ ۾ ڪُل نوَ مهينا لڳا هئا. ڪا خسيس ڳالهه ڪونه هئي، ڇوته سندس لشڪر کي جنگين مان جيتيل هٿيار پنوهار گهٽائي هئا، اِن ڪري بود ۾ پريل هئا. مُلتان ڪانپوءِ سنڌ ۾ گهڙڻ کان اڳ جن ماڻهن سڪندر جو سخت مقابلو ڪيو، سي سانگا شهر جا مقامي رهواسي هن شهر جا اٽڪل ٧٠ هزار ماڻهو هن جنگ ۾ مارجي ويا ۽ سڪندر جي ١٧٠٠ سپنا ناس ڪري ڇڏيائون.

سنڌ جي مختلف علائقن تي ڌار ڌار راجائون راڄ ڪندا هئا. جهلم جي جنگ ڪانپوءِ سنڌ جا هي راجائون، سڪندر سان دوبدو ٿيڻ لاءِ اڳوات ئي تيار ٿي وينا هئا. سڪندر جي لشڪر ۾ ايراني، يوناني ۽ وچ ايشيا جا سپاهي هئا، تن کي خبر ڪونه هئي ته سپت سنڌ جا سپاهي اهڙا سوروير ثابت ٿيندا جو اهڙو سخت مقابلو ڪندا ۽ مزاحمت جو منهن ٽوڙ جواب ڏيندا. ڇوته اربيلا جي خونريز جنگ ۾ دارا کي شڪست ڏني هئائون. ڪابل ۽ سوات ۾ سولائيءَ سان لنگهي سپت سنڌ ۾ پهتا هئا ۽ فاتح ثابت ٿيا هئا.

مشڪلاتن کي آسان ڪرڻ وارو ۽ سنسار جي مشهور سينانايڪن ۾ مشهور ۽ مکيه آهي سڪندر مهان جو پد. عيسي کان اٽڪل ٣٢٧ سال اڳ يعني ته اڄ کان اٽڪل ٢٣٢٧ سال اڳ صرف ٥٠٠ گهوڙيسوارن سان سڪندر سنسار کي فتح ڪرڻ لاءِ يونان جي مقدونه کان نڪتو. مقدونه کان بياس درياهه تائين اٽڪل ٢٥٠٠٠ ميلن جو مفاصلو جيڪو تڪليفن سان پريل هو، پهاڙ ۽ جبل جهاڳيندو، گهاٽيون ۽ ماٿريون پار ڪندو، بيابان ۽ نديون جي وڏيون هيون لنگهندو ۽ خاص ڪري پارٿي سردارن ۽ سامنتن، راجائن ۽ مهاراجائن جن قدم قدم تي سڪندر جي سامهون مورچا سنڀاليا هئا ۽ جنگ جوٽي هئي ۽ شان مان سان هارايو هو. سڪندر پنهنجو اوچو ڳاٽ ڪيو هو ۽ پاڻ کي وشو جو جيتيندڙ ثابت ڪيو هو.

لوڪ رنجن (فيبروري ١٩٦٨ع) ڪلڪته مان نڪرندڙ هڪ مخزن ۾ هڪ اهڙي واقع جو ورنن ڪيل آهي ته هڪ سوفياهس نالي راجا، سڪندر جي سامهون ٿيو. سوفياهس کي اشوپتي به چيل آهي، جو ست فٽ ڊگهو ۽ روپوان هو، جنهن کي سڪندر ڏسندو ئي رهجي ويو هو.

هاٿي ستين برهمڻ جو وارو آيو: ”هڪ اِنسان ڪهڙيءَ طرح ستو ٿي سگهندو آهي؟“

جواب مليو: ”فقط اُن ڪم ڪي ڪري، جو ڪم اِنسان لاءِ ڪري سگهڻ مشڪل ۽ ناممڪن پڻ آهي.“

”زندگي ۽ موت مان ٻنهي ۾ ڪهڙو وڌيڪ طاقتور آهي؟“ اٺين براهمڻ کان پڇيائين.

”زندگي، ڇوته زندگي گهڻن ئي براين کي دفع ڪرڻ ۾ سمرٿ آهي.“ جواب مليو.

نائين جو وارو آيو: ”ڪنهن جي لاءِ ڪيتري وقت تائين جيئرو رهڻ عزتدار آهي؟“

”اوستائين، جيستائين هُو مرڻ کان وڌيڪ جيئرو رهڻ ستو ٿو سمجهي.“ نائين جو جواب مليو.

آخرين براهمڻ جو وارو آيو. سڪندر اُن طرف پنهنجي گردن گهمائي، ڌيرج سان پر ڦڙتائيءَ سان پنهنجي گوڏي تي هٿ سان ڌڪ هڻي ۽ آگرين سان چٽڪي وڄائي پڇيو: ”تون اِهو فيصلو ڏي ته ڪنهن جو جواب سڀ کان نيچ درجي جو هو؟“

اُن ڏهين برهمڻ تمام ڌيرج سان جواب ڏنو: ”منهنجو اِهو فيصلو آهي ته هرڪنهن هڪ ٻئي کان خراب جواب ڏنو آهي.“ سڪندر اِهو ٻڌي زوردار ٺهڪ ڏنو ۽ چيائين ته ”پوءِ ته پهريائين توهان کي مرڻو پوندو.“

”بلڪل نه، جيڪڏهن شريمان ڀُلجڻ ڪونه ٿا ته اُهوئي موت جي سزا جي لائق هوندو، جنهن سڀ کان نيچ درجي جو جواب ڏنو هوندو.“

جواب ٻڌي سڪندر لاجواب ٿي ويو ۽ سنڌ جي اُنهن برهمڻن کي جلد ئي مڪت ڪري ڇڏيو.

لڇمڻ يوُ. ڪڪريجا
بي ٢٢٥/٤١، نوان بلاڪ، اُلهاس نگر- ٥

سڪندر ﭘﻬرئين براهمڻ ڪان ﭘﭼﻴو: ”گھٽائي ڪنهن جي آهي؟ مُئلن جي يا جيئرن جيِ؟“

جواب مليو: ”جيئرن جيِ، ڇوته مُئلن جي ڪا ﮔﮭٽﭗ يا انگ ٿيندو ئي ڪونهي.“

ٻئين براهمڻ کان ﭘﭼﻴائين: ”جيوَ جنتن جي پيدائش زمين تي گھڻي ٿينديِ آهي يا سمنڊ ۾؟“

”زمين تي، ڇو ته سمنڊ ڌرتيءَ جو ئي حصو آهي.“ جواب مليو.

ٽئين جو وارو آيو: ”سيني خونخوار پسن ۾ سڀ کان چالاڪ ڪير آهي؟“

”اُهو جنهن جي باري ۾ اڃا تائين اِنسان کي ڄاڻ ڪونه پئجيِ سگھي آهي.“

سڪندر مهان من ئي من ۾ لڄي ٿيو، جڏهن اِهو جواب ٻڌائين. هن چوٿين کان ﭘﭼﻴو: ”ڪنهن جي چوڻ تي مجبور ٿيِ توهان سياسين کي منهنجي خلاف لڙڻ لاءِ تيار ڪيو؟“

اُن جو جواب هو: ”اِهو چوڻ وڏو خسيس آهي. مون چاهيو ٿي ته سڀباس نواسيِ زنده رهن سومان ۽ عزت سان ۽ مرن ته به شان ۽ مان سان.“

پنجين جو وارو آيو: ”ڏينهن پهريون آيو يا رات پهرين آئي؟“

”هڪ ڏينهن جو ڏينهن سان.“

”ڇا مطلب؟“ سڪندر اُن کان اچرج ۾ ﭘﭼﻴو ۽ برهمڻ طرف گھور ڪري نهاريو.

برهمڻ مشڪيو: ”ناممڪن سوالن جا جواب به ناممڪن ٿيندا آهن.“

سڪندر کي لاچار لاجواب ٿيڻو پيو. هن ڇهين کان سوال ﭘﭼﻴو: ”ڪهڙيءَ طرح هڪ اِنسان پاڻ کي اڃا به وڌيڪ پيارو ڪري سگھندو؟“

”حد درجي جو شڪتيشاليِ هوندي به جيڪڏهن هوُ ڪڏهن به ڊﭴي ڪونه ٿو ته.“

دروازو'' سپ کان مٿاهين هنڌ تي اولهه طرف آهي ۽ ''سن وارو دروازو'' سپ کان هيٺاهين هنڌ اوپر پاسي آهي.

وڏي ڪوٽ جي اندر ٻيا به ننڍا ڪوٽ اڏيل آهن، جن مان هڪ ''ميري ڪوٽ'' ۽ ٻيو ''شير ڳڙهه'' جي نالي سان سڏجي ٿو. ٻنهي ڪوٽن ۾ ڪجهه ڏنل جاين جا نشان نظر اچن ٿا.

هنن ڪوٽن کان ٿورو پري ڳنن واري هڪ جاءِ آهي، اُن جي پاسي ۾ ڪجهه ڏٺل جايون نظر اچن ٿيون.

ڪوٽ جي اندر والاريل زمين ۾ هڪ پراڻي نهر جا آثار نظر اچن ٿا. نهر جي ٻنهي پاسن کان برج ٺهيل آهن.

هن قلعي جي اندر هڪ قدرتي ننڍڙي نهر وهندڙ آهي، جيڪا ٿورو پنڌ وهي وري گم ٿي وڃي ٿي.

ٽالپرن هيءُ قلعو دماغي لحاظ کان ٺهرايو آهي.

ڪابل کان ٿيندڙ ڪاهن کان بچڻ لاءِ هن قلعي کي وڏي اهميت حاصل هئي.

اڄ اِهو رنيءَ ڪوٽ جو قلعو بنا لشڪر ۽ بنا ڪنهن سهوليت جي اُجڙيل آهي. ٻن ڪئن جهوپڙين جي وسندي کان سواءِ قلعي جي اندر سموري ايراضي ويران پيئي آهي. پهاڙن ۾ رڳو قلعي جون پٿيون ئي آهن، جيڪي اوچا ڳات ڪري پنهنجي غفلت ڏيکاري رهيون آهن.

ٿي سگهي ٿو ته رنيءَ ڪوٽ سان ڪِنِ هندوُ راجائن جو به لاڳاپو هجي. ان سال اڳ مان سنڌ ۾ ويئي هئس، مون کي رنيءَ ڪوٽ جي جيڪا ڄاڻ ملي، اُها توهان سامهون رکي اٿم. ڪا به گهٽ وڌائي هجي ته معاف ڪندا.

ديا لکي جشناڻي

بئرڪ نمبر ٢١٢٤، راشن آفيس، اُلهاس نگر- ٥.

رنيءَ ڪوٽ

اچو تہ سنڌ جو قديم ۽ تاريخي قلعو رنيءَ ڪوٽ گهمِي اچون. هِي قلعو نہ صرف سنڌ ۾ بلڪ سارِي دنيا جي عظيم ترين قلعن ۽ ڪوٽن مان هڪ آهي. رنيءَ ڪوٽ، سنڌ جي قديم، وسيل ۽ آباد هئڻ جِي ساک پِري ٿو. اِن جِي تعمير سنڌ جي پراڻيءَ تاريخ جو هڪ عظيم ڪارنامو آهي.

هِي قلعو دادو قلعي جي سن شهر کان اُلهندي طرف ٢٩ ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ڪيرٿر جبل جي مٿاهينءَ چوٽيءَ تي اڏيل آهي ۽ اٽڪل ٻارهن چورس ڪلوميٽرن جي ايراضيءَ ۾ پکڙيل آهي.

نقشي ۾ اِن جو نالو ”مينهن ڪوٽ“ ۽ ”رنيا ڪوٽ“ لکيل آهي، پر عام ماڻهو اِن کي ”رنيءَ ڪوٽ“ ڪري چوندا آهن. ”رنيءَ“ هڪ برساتي نئِن (نديءَ) جو نالو آهي، جنهن تان هن قلعي جو نالو ”رنيءَ ڪوٽ“ رکيو ويو.

دنيا جو هيءُ وڏي ۾ وڏو قلعو ٽالپر خاندان جي دور حڪومت جو هڪ ڪارنامو آهي. رنيءَ ڪوٽ، مير ڪرم عليِ خان ۽ مير مراد علِي خان جي حڪومت تي، نواب ولي محمد خان لغاري تعمير ڪرايو هو. نواب ولي محمد لغاري، ٽالپرن جو ڪامياب سپهہ سالار، سفير، وزير، حڪيم، شاعر، اديب ۽ هڪ محب وطن هو. اُن زماني ۾ هن قلعي جي اڏاوت تي ١٧ لک روپيا خرچ ڪيا ويا هئا.

رنيءَ ڪوٽ جو پري کان نظارو ڏاڍو ڪشش ڪندڙ آهي. هن جون ديواريون ٽڪرين جي لاهين چاڙهين تان نانگ وارا ور ڪائينديون، اٽڪل ٻارهن چورس ڪلوميٽرن جي ايراضيءَ کي وڪوڙي بيٺيون آهن.

قلعي جي پٽين ۽ برجن جِي اڏاوت اهڙِي نموني ٺيل آهي، جو پري کان چين جي عظيم ديوار وانگر نظر ايندِي آهي.

هن قلعي جون ديواريون سِرن ۽ پٿرن جون ٺهيل آهن. اوچائِي اٽڪل ڏهہ ميٽر اٿس. پٽين ۾ دشمن تي وار ڪرڻ لاءِ سوراخ ٺهيل آهن.

قلعي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ چار دروازا آهن، جن مان اُيرندي واري دروازي کي ”سن دروازو“، ڏکڻ طرف واري کي ”شاهہ پيرزادو“، اُلهندي طرف واري کي ” مٿاهون يا منهن وارو يا مينهن وارو دروازو “ سڏيندا آهن. ”مينهن وارو

جي يگ ۾ بي ويساهي ۽ اڻپورين اِڇائن جو واتاورڻ ڦهليل ويو آهي. ”نئين ڪوتا“ اِنهيءَ اوشواس ۽ ملهن جي ٽٽڻ واري يگ جي سرشٽي آهي، سڪ، غير واسطيداري يا اختلاف ۽ انتر ورود جي وچ ۾ آتم گيان جي ايماندار ڪوشش آهي.

زندگيءَ جي هر سرحد تي، سماجي، اخلاقي، تهذيبي، تواريخ ۽ مذهبي بدلاءُ ٿئي ٿو ۽ باشعور، هوشمند رچناڪار، اُنهن ڪان متاثر ٿيڻ ڪان مجبور آهي، جو اِهي زندگيءَ جي روزاني ڪاريه ۾ ته اثرانداز ٿين ٿيون، پر ليکڪ جي ذهني روش ۾ به تبديل آڻين ٿيون. اِها ذهني تبديل ئي ليکڪ جي موضوع ۽ طرز بيان ۾ اُڀري ٿي.

جديد هر اِتفاق حادثي، حالت، چاهي اُهي آفاقي هجن يا انفرادِي، هڪ نئين نگاهه سان ڏسي ادبي تجربو ڪري ٿو. اِها تبديلي ليکڪ جي فهم، فڪر ۽ فن جو حصو ٿئي ٿي ۽ پوءِ هوُ خود کي جديد سڏائڻ جي هٺ تي آهي ته محض لفظ گهڙيندو. ڪنهن به هڪ سادي سودي جذبي جي پرشش ڪندو. اُن ۾ معنوي تهه نه هوندا، يعني معنيٰ آخريني نه هوندِي. صرف جملن جو سينگار هوندو.

انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي ته سيپتا جي وڪاس سان ڪوتا جي گراوٽ ٿيندي آهي. اِها چوڻي چاهي سورهن آنا سچ نه به هجي، پر اِها حقيقت آهي ته جيئن جيئن اِنساني زندگي ڏکي ۽ مشيني ٿيندي پيئي وڃي، تيئن تيئن ڪويءَ جي جوابدارِي ڏکي ٻڻجندِي پيئي وڃي. ڪوتا سرشٽيءَ سان دلي سنبنڌ جوڙڻ جي پرڪريا (ڪارروائي) آهي. اِها سرشٽي (۽ ڪويءَ جو من به) جيترِي اوکي ٻڻجندِي ويندي، سنبنڌ جوڙڻ جو ڪم به اوترو ئي مشڪل ٿيندو ويندو. اڄ جو شخص چاهي مڪمل طور ٻُڌِي وادِي نه به هجي ته به هو ٻُڌيءَ جي قبضي ۾ آيل ضرورِي آهي. ”نئين ڪوتا“ جو وڏو مسئلو اِنهيءَ ٻوڌڪتا کي جذب ڪري ڪوملتا سان اظهارڻ جو آهي. ٻڌيءَ جو تياڳ ڪرڻ هن لاءِ ممڪن ڪونهي. ٻين لفظن ۾ اِئين ڪٿي چئجي ته اڄ جي ڪويءَ اڳيان ٻٽِي ڏکيائي آهي. پهرين اِها ته جيڪو واتاورڻ هن کي مليو آهي، اُهو هنجو ڇاتل سڇاتل ماحول نه آهي. هوُ پاڻ کي اُن ۾ غير ضرورِي پيو سمجهي. ٻِي اِها ته هوُ پنهنجي ماحول کي جنهن نموني سمجهي سگهي ٿو، پنهنجو سنبنڌ اُن سان جوڙي سگهي ٿو، اِن احساس کي اظهار ڪرڻ لاءِ ڀاشا جو اُن وٽ اڀاو آهي. نئين ڪوتا ۾ اڻجاڻائيءَ يا ڏکيائيءَ جو اِهوئي مکيه سبب آهي.

نئين ڪوِتا

وياپڪ ارٿ ۾ ڪوتا هميشه نئين هوندي آهي، جا هر وقت نئون آنند، نئين انڀوتي ۽ نئين معنيٰ عطا ڪندي آهي؛ اهڙيءَ طرح جيئن هر پريات پاڻ سان نئين روشني ۽ نئين چمڪ کڻي ايندي آهي. عام طرح هر يگ پنهنجي ڪوتا کي نئين ڪوٺيندو آهي، ليڪن وقت سان اُن جي نواڻ گسي ويندي آهي ۽ پوءِ وڃي بچندي آهي صرف ڪوتا! اڄ جو پريوگ اڳتي هلي پرمپرا بڻيو آهي، اِنڪري ڪنهن خاص پرورتيءَ کي ڌيان ۾ رکي ڪوتا کي ”نئين ڪوتا“ جي ليبل لڳائڻ، مان سمجهان ٿو غير ضروري آهي. نئين ڪوتا اندر پراڻين ڪوين جون به ڪيتريون ڪوتائون شامل آهن ته نون ڪوين جون به ڪوتائون اچي وڃن ٿيون.

شاعريءَ جي اِتهاس تي جي نظر ڊوڙائبي ته پتو پوندو ته سماج ۽ وقت جي حالتن انوسار اُنجي موضوع توڙي بناوت ۾ سدائين تبديلي ايندي رهي آهي. اُتان ئي ”نئين ڪوتا“جي شروعات سمجهڻ کپي. ”نئين ڪوتا“ ۾ وزن جي پرمپراگت پريوگ جو وروڌ ڪيو ويو آهي. نئين ڪوتا جي سمرٿڪن جو اِهو زوردار دليل آهي ته ”نئين ڪوتا“ پرمپراگت ڪوتا جي ڪٽر پابنديءَ کان ڪويءَ جي پهرين حاصل ڪيل آزادي آهي. نين حالت مان پيدا ٿيل سمجھ ۽ ويچار جي وسعت کي ماپائڻ لاءِ جڏهن پرمپراگت ڪوتا ناڪافي لڳي ته ”نئين ڪوتا“ جي صنف اُسري. مطلب ته جذيت هڪ اضافي چيز آهي.

اڄ جو يگ ڏکيائن جو يگ آهي. اڄ وشو مانو جي زندگيءَ ۾ بکراءُ اچي ويو آهي. اڄ جو شخص سماجڪ، آرٿڪ، راجنيتڪ آڌارن تي انيڪ ٽولين ۾ ورهائجي ويو آهي. ليڪن اِن کان به وڌيڪ خوفائتي اِستٿي اِها آهي جو اِهي ٽوليون صرف ٻاهرين جيون تائين ئي محدود ناهن. خود شخص جي شخصيت ئي ٽڪرا ٿي ويئي آهي، اُنجون طاقتون ورهائجي ويون آهن. اِنجو انترجڳت ايڪتا ۾ ڪونهي. اڄ هرديه ۽ بڌيءَ جي ميل ۾ وٿي اچي ويئي آهي. اِهوئي زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو مذاق آهي.

اِها غير واسطيداري يا غير مناسبت وگيان جي سوغات آهي. وگيان بڌيءَ کي وڌائي، هرديه کي جڙ بڻائي ڇڏيو آهي. اِن اسانجي تمام پراڻن وشواسن کي ڏوڙي ڇڏيو آهي. آرٿڪ جيون جون مشڪلاتون وڌي ويون آهن. نتيجي طور اڄ

فرق اچي ويو تہ پوءِ ڇندن جي پراڻي پازيب اُنجو ڪيترو وقت ساٿ ڏيندي؟ مشهور نقاد ٽي. ايس. اليٽ هڪ هنڌ لکيو آهي: رومانٽڪ يگ جي ڇندن ڪي ڪومل آواز ۽ سمنڊ جي ڌيمي سنگيت مان پريرڻا ملندي هئي، پر اڄ جي ڪويءَ جا ڪن، چمنيءَ جي ڪهري گهگهوءَ، ريل جي تيز سيٽيءَ ۽ فاير برگيڊ جي تکي سائرن کان پريشان آهن.

اڄ جو ڪوي جڏهن ڪوتا ۾ يٿارٿ جيوَن چترڻ لاءِ بيچين آهي تہ پوءِ هوُ چاهيندي بہ ڪوتا ۾ سنگيتميہ لئہ ڪيئن آڻي سگهندو؟ جڏهن زندگيءَ مان ئي ڇند ٽٽي پيا آهن تہ پوءِ ڪوتا ۾ ڇندن جو موهہ غير قدرتي نہ ٿيندو تہ بيو ڇا ٿيندو؟ اِن ڪري اڄ جو ڪوي ڇندن جو اِستعمال پرمپراگت روپ ۾ نہ ڪري، ضرورت انوسار ڪرڻ چاهي ٿو. اُن جو زور انيوتيءَ جي سچائيءَ ۽ اظهار جي ايمانداريءَ تي وڌيڪ آهي.

نئين ڪوتا ۾ نثر تي زور جي پنيرائي نہ ڪندي بہ اِئين چئي سگهجي ٿو تہ مکت ڇند لکڻ، بحر وزن تي ڪوتا لکڻ کان وڌيڪ ڏکيو آهي، جيئن بنا پردي جي ناٽڪ ڪري ڏيکارڻ. جنهن ڇندن جو اڀياس نہ ڪيو آهي، جيڪو ڇندن جي ضابطي مان نہ گذريو آهي، اُن کي مکت ڪوتا يا مکت ڇند لکڻ جو حق ئي ڪونهي. پڪاسو چترڪلا جو شاستريہ گيان حاصل ڪرڻ بعد ئي رنگن ۽ ريکائن جا بي تُڪا لڳڻ وارا تجربا شروع ڪيا هئا. هنديءَ ۾ جيڪڏهن نرالا ڇندن جي بنڌن کي پهريون دفعو ٽوڙيو تہ اسان کي اهو هرگز وسارڻ نہ گهرجي تہ هنديءَ ۾ ڏکي ۾ ڏکين ڇندن جو استعمال بہ هن تمام ڪاميابيءَ سان ڪيو آهي. اُن جي اُبتڙ نئين ڪوتا جي ڪوين ۾ اهڙي قسم جي تعليم ۽ انتظام جو اڀاءُ آهي. اِئين پيو لڳي تہ گويا ڇندن جي بنڌن کان ڇوٽڪاري ڪوتا جي مندر جا دروازا اُنهن سيني لاءِ کولي ڇڏيا، جن کي هيلتائين اندر اچڻ جي اِجازت نہ هئي. اِنڪري اڄ نئين ڪوتا جي نالي ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي ڪوتائون ملن ٿيون، جن کي ڏسي اکيون پلي دوکو کائي وڃن، ليڪن هرديہ اُنهن کي هرگز قبول نٿو ڪري. ڪوتا نئين هجي چاهي پراڻي، سڀ کان اڳہ ڪوتا هئڻ گهرجي. نون ڪوين لاءِ بزرگن جي اِها جائز شڪايت آهي تہ اُنهن هر ڪچي پڪي انيوتي اُلٽي سِڌي بوليءَ ۾ پري، پاڻکن جي اُلجهن وڌائي آهي. ڪويءَ جي ڪوتا کي ڪويءَ جي پڌرنامي ذريعي سمجهيو وڃي، اِها صحيح اِسٿتي ڪونهي.

نئين ڪوتا جي ڏکيائي، لفظن يا ڪلپنا جي ڏکيائيءَ تائين محدود ڪانهي. اِها اِنڪان وڌيڪ وياپڪ ۽ گنڀير آهي، ڇوته اُها حوالي جي ڏکيائي آهي. زندگيءَ کي ڏسڻ جو نظريو نئين ڪوتا جو نه آدرشي آهي ۽ نه روماني. اڄ يٿارٿ جو زور اڳ کان وڌيڪ آهي. نئين ڪويءَ جو چوڻ آهي ته ”نئين ڪوتا“ جو رس وٺڻ لاءِ خاص مانسڪ سنسڪار ۽ ٻُڌيءَ جي ضرورت آهي.

خيال آفريني يعني فڪر ۽ نُڪتا، جي اڳي ممڪن نه هئا يا اُهي علامتون جن ۾ اُهي عناصر ته هئا جيئن T.V. Anting, Fax ۽ ٻيون ڪئين اُهي سهوليتون جي اڄ جي ٽيڪنالاجي وگيان اسان آڏو رکيون آهن يا رشتن ۾ بدلاءُ ۽ روش، جي اڳين اسان جي سوچ کان ٻه دور هيون، تن ڏياون يا مجبورين کان آشنا ٿئي ٿو.

نئون ڪوي جڏهن پنهنجي اوکن احساسن کي اظهارڻ لاءِ ماڌيم جي تلاش ڪرڻ لڳي ٿو ته اُن کي محسوس ٿو ٿئي ته جيڪا ڀاشا/محاورو اُن کي ورثي ۾ مليو آهي، اُهو گهٽي دور تائين اُن جو ساٿ نٿو ڏئي. نون حوالن ۽ انڀوتين جي اظهار لاءِ ڀاشا ۾ هڪ قسم جي لچڪ Flexibility گهربل آهي. نئين ڪويءَ نئين قسم جون تشبيهون ۽ علامتون ڪتب آنديون آهن. نوان نوان لفظ ٻه اُنهن گهڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

”نئين ڪوتا“ جي ٻن پرورتين خاص ڌيان ڇڪايو آهي. پهرين پرورتي آهي يٿارٿ تي زور. اڄ جو ڪوي زندگيءَ جي اُنهن ڪٺور وارداتن سان گهيريل آهي، جن مان ڪيس ڇوٽڪارو ملڻ ممڪن ناهي. اڄ جو ڪوي زندگيءَ جي يٿارٿ سان سنگهرش ڪندي، اُن ۾ پاڻ کي اِسٿاپت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اِن ڪري اُن جي ڀاشا، اُن جي تشبيهن، علامتن وغيره ۾ کهراڻ اُڀري آئي آهي.

نئين ڪوتا جي ٻي پرورتي آهي طنز، جا اختلافن مان اُڀرندي آهي. اڄ جي زندگي اختلافن سان ڀرپور آهي. اڄ جو اِنسان بي ميل زندگي جيئڻ لاءِ مجبور آهي، اِن ڪري طنز نئين ڪويءَ جي گويا جيوَن درشٽي بڻجي ويئي آهي. يٿارٿ تي زور ڏيڻ سبب نئين ڪوتا جي ڀاشا ۾ تيزيءَ سان بدلاءُ ايندو ويو آهي.

چندن جو بنڌن ٽٽڻ لڳو آهي. ڀاشا اِشارن کان وڌيڪ ڪم وٺڻ لڳي آهي. هوءَ عڪس Images جي ٻوليءَ ۾ ٻولڻ لڳي آهي. جڏهن نئين ڪويءَ جو ماحول بدليو ته اُن جو نظريو ٻه بدلجي ويو. اُنجي ڀاشا ۾ فرق اچي ويو ۽ جڏهن ڀاشا ۾

اَمر شهيد هيمُون ڪالاڻي



امر شهيد هيمون ڪالاڻيءَ ڀارت جي آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ پنهنجي جيون جي آهوتي ڏيئي ويرگتي پراپت ڪئي.

هيمون ڪالاڻيءَ جو جنم سنڌ جي سکر شهر ۾، تاريخ ٢٣ مارچ ١٩٢٣ع تي پيسومل جي گهر ۾ ٿيو. سندس ماتا جو نالو جيٺي ٻائي هو. ڪالاڻي ڪٽنب آزاديءَ جي هلچل ۾ اڳرو هو. ننڍپڻ کان ئي هي ٻيڊپو بهادر نوجوان ڀارت ماتا کي غلاميءَ جي زنجيرن مان آزاد ڪرائڻ لاءِ سوچيندو رهندو هو.

٢٩ آگسٽ ١٩٤٢ع جي سونهري ڏينهن تي راشٽرپتي مهاتما گانڌيءَ ڀارت ڇوڙو جي نالي آزاديءَ جو آندولن چالو ڪيو، جنهن ۾ لکين ڪروڙين ڀارتواسين ڀاڱ ورتو. ڌاري انگريزي سرڪار ديش جي اعليٰ اڳوانن کي پڪڙي جيلن ۾ وڌو ۽ جلد ئي آزاديءَ جي هيءَ هلچل ديش ۾ جوالامکيءَ وانگر پکڙجي ويئي.

هيمون ڪالاڻي اُن وقت سکر جي تلڪ هاءِ اِسڪول ۾ مئٽرڪ پڙهندو هو. سندس دل ۾ ڪرانتيءَ جي آگ ڀڙڪي اُٿي. هن نوجوانن کي ڪٺو ڪري ”سوراج سئنا“ ۾ شامل ڪيو ۽ اِنقلابين جي هڪ لڙاڪو ٽولي ٺاهي، جيڪي ڏينهن رات پاڻ ۾ ملي پيا رٿون رٿيندا هئا ته ڪيئن ديش کي ڌاري انگريز سرڪار جي چنبي مان ڇڏائي، ڀارت ماتا کي آزاد ڪجي. هڪ ڏينهن سوراج سئنا جي اِنقلابين کي اِها دل ڏڙڪائيندڙ خبر ملي ته آزاديءَ جي آندولن کي ڪُچلڻ لاءِ، هٿيار بند انگريز ملٽريءَ جي هڪ اِسپيشل گاڏي روهڙيءَ کان چالو ٿيندي جيڪا سکر کان لنگهي بلوچستان پرانت جي ڪوئٽيا شهر ڏانهن ويندي، جتي بادشاه خان جي خدائي خدمتگارن جي هلچل کي ڪُچل ڪندي.

يڪدم اِنقلابي ٽوليءَ جي ميٽنگ سڏائي اِهو اهم فيصلو ڪيو ويو ته ڪيئن به ڪري اِنهيءَ ظالم انگريز سرڪار جي ملٽريءَ جي گاڏيءَ کي اِتي سکر ۾ ڪيرائي خلاص ڪجي، اڳتي وڌڻ ئي نه ڏجي ۽ اُنهيءَ فرنگين جي فوج جو سارو منصوبو مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏجي. اُنهيءَ فيصلي کي عملي جامو پهرائڻ جي اهم

نئين ڪوتا لاءِ هڪ ٻي شڪايت آهي ته اُها اصولي طور ته سماجڪ جوابداريءَ کي قبول ڪري ٿي، پر وهنوارڪ طور شخصي ڪنٺا ۽ سيڪس سان واسطو رکندڙ ڳالهين جي گهيري ۾ ئي گهٽو ٿي گهمي. هوءَ مال جي انيڪتا جي بدران رومال ۾ ئي سميٽجندي ٿي رهي. جيڪڏهن نئين ڪوتا صرف اڄاتل عڪس ۽ شلپ جي نواڻ تائين ئي محدود رهي ته پوءِ نئين ڪوتا مان اسان کي نراشا ئي پلئه پوندي.

جديد جي اوائلي دور ۾، سٺين انين ڏهاڪي ۾، جديت جي ڪن شاعرن ذهني ايمانداريِ/ڏيکه ويکه کان مڪت ٿي رچنائون لکيون پر پوءِ ڪي موضوع بطور فئشن ٿي پيا: جيئڻ اڪيلائي، تنهائي، لوٽ کسوٽ، سياسي فريب، بيگانگي وغيره.

۽ اهڙيءَ طرح نئين ڪوتا ۾ جملن جي آرائش، بنا جذبي ۽ احساس جي شدت سان اسان جي آڏو آئي ۽ لڳو ته صدت جهڙي سولي رچنا ٻي ڪانهي. اِها نقليت هئي، اِها اڄ به نقليت آهي.

توکي ۾ نئين ڪوتا جون تقاضائون – اڄ جي وقت جون، هولناڪ نظارا يا خوش گوار واقعا، تن کي نئين ذهني روَش سان پرکي، اُن جي احساس/اثر کي پنهنجو ادبي اظهار عطا ڪري. پنهنجي پوريءَ هوشمنديءَ سان ۽ بيدار ذهن سان، پنهنجي ادبي تجربي کي ڦهلائي پڙهندڙن آڏو آڻي. بدليل قدرن جي ترجماني ڪري ۽ هر فئشن کان چاهي اُهو موضوع سان وابسته هجي، چاهي اسلوب سان، چاهي زبان جي زيبڪاريءَ سان، اُن کان پاڻ بچائي. ظاهر آهي ته اُن لاءِ سنجيدگيءَ ۽ گهري اڀياس ۽ ديد ۽ دل جي ضرورت آهي.

پروفيسر جڳديش ايس. لڇاڻي
۷۰۱، راجيوَ اپارٽمينٽ، گول ميدان،
اُلهاس نگر – ۱.
فون: ۷۰۱۰۳.

چوڪرو انگريز سرڪار سان ٽڪر ڪائي، اِها ڳالهہ شرمناڪ آهي. هن هيمون ڪالاڻيءَ کي عمر قيد جي سزا مان ڦيرائي ڦاسيءَ جي سزا منظور ڪئي، ظالم رچرڊسن جي گهاتڪ فيصلي جي ديش ڀر ۾ نِندا ٿي، سنڌ جي سيني ٻُزرگن اڳوانن اُن خلاف تحرڪ هلايو، پر ٿيو ڪجهہ بہ ڪين. بي رحم رچرڊسن پنهنجي هوڏ تي قائم رهيو.

٢١ جنوري ١٩٤٣ع جو اِتهاسڪ ڏينهن هو، جنهن ڏينهن تي هن وير سپوت کي ڦاسيءَ جي سيج تي سُمهڻو پيو. ڦاسيءَ جي ڏينهن صبح جو سندس وزن ڪيو ويو تہ ٢ پائونڊ پاڻ وڌيڪ! ڦاسيءَ کان اڳ هن اِهائي اِڇا ظاهر ڪئي تہ شل مان وري ڀيهر ڀارت ديش ۾ ٿي جنم وٺان ۽ انگريز سرڪار جي غلاميءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڀارت ماتا جي چرنن ۾ سِر ڀيٽ ڪريان! اِئين مشڪندي هيمونءَ پاڻ ٿي پنهنجي ڳچيءَ ۾ ڦندو وڌو ۽ بُلند آواز سان نعرا هنيا... 'اِنقلاب زنده آباد....' 'ڀارت ماتا ڪي جئہ....' جلاد پوءِ هيمونءَ جي پيرن هيٺان تختو ڪڍي ورتو. اهڙي ويرگتيءَ جي شهادت ڏسي خود ڦاسيءَ واري ڪوٺڙيءَ جون ديواريون بہ ڏڪي ويون!

هيمُون ڪالاڻيءَ جي شهيدِيءَ جو ورق ڀارت جي آزاديءَ جي اِتهاس ۾ سونن اکرن ۾ لکيو ويندو. سنڌي جاتيءَ کي هيمون ڪالاڻيءَ جي شهادت تي سدا ناز رهندو.

ڪنعيو ناگپال
١١- دتا اپارٽمينٽس، ''اي''، چوٿون ماڙ،
رام ڪرشن مشن روڊ، کار ممبئِي – ٤٠٠٠٥٢

ڪرشن جو چڪر هجي، جوش وارو جا بجا،
ڌنش ارجن جو هجي ۽ ڀيم جي هٿ ۾ گدا،
آگ جا استر هجن ۽ باهہ جا ڀالا هجن،
دُشمن جو ڪن ڀيا تنُ بدنُ سِرَ کان جُدا.

جوابداريِ، ديش تان مريِ مٽڻ واري بي ٻپي دلير بهادر هيمون ڪالاڻيءَ پاڻ تي کنئي.

۲۲ آڪٽوبر ۱۹۴۲ع جي رات جو هيمون ڪالاڻي ٻين ٻن سورهيه جوانن کي پاڻ سان وٺي هٿيار ڪٽي، ڌاريِ سرڪار کي جڙ کان اُکوڙڻ لاءِ هي خطرناڪ ڪاريه ڪرڻ لاءِ نڪري پيو. هڪ ڪاريِ ڪاريِ رات، ٻيو چوڌاريِ سناٽو، پر هنن بانڪن بهادرن جون دليون فولاد جيان مضبوط! چپ چاپ هوُ ريل جي پٽن تائين پهچِي ويا ۽ خبرداريءَ سان پٽن جون فش پليٽون اُکوڙڻ جي ڪم ۾ لڳِي ويا. پر بدقسمتيءَ سان آسپاس گشت ڪندڙ ريلوي پوليس وارن جي مٿن نظر پئجِي ويئي ۽ اُهي باز جيان مٿس اچِي ڪڙڪيا. ٻنهي ساٿين کي هيمونءَ ڀڄائي ڇڏيو ۽ پاڻ هماليه جبل جيان اڏول سينو تاڻي پوليس اڳيان بيٺو رهيو ۽ اُن طرح رنگين هٿين پڪڙيو ويو.

ٻئي ڏينهن ۲۳ آڪٽوبر ۱۹۴۲ع تي هيمون ڪالاڻيءَ جي گرفتاريءَ جو سماچار سنڌ ۽ هنڌ ۾ وڄ جيان چوڌاريِ پکڙجِي ويو. هيمونءَ کي پڪڙي جيل ۾ وڌو ويو ۽ سندس گهر جي تلاشيِ ورتي ويئي، جتان پوليس کي انگريز حڪومت خلاف ڪيترا ڪاغذات، پليٽون ۽ ٻيو سامان مليو.

جيل ۾ هيمونءَ کي سهڻ کان ٻاهر عذاب ڏنا ويا، پر هن وير بهادر اِنقلابي ٽوليءَ جي ساٿين جي نالن ڏيڻ کان صاف اِنڪار ڪيو. هو دِلير ماتر ڀوميءَ جي آزاديءَ صدقي سڀ سوُر خوشيءَ سان سهندو رهيو. مُنهن مان اُف به ڪين ڪڍيائين ۽ نڪي وريِ معافيِ وٺڻ جِي طلب ڪيائين.

نيٺ مارشل ڪورٽ ۾ مٿس ديش دروهيءَ جي اِلزام هيٺ مقدمو هلايو ويو، جتي شيردل هيمون ڪالاڻيءَ، سردار ڀڳت سنگهه جيان بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي صاف چئي ڏنو ته مون جيڪي ديش جي آزاديءَ خاطر ڪيو آهي، اُهو بلڪل برابر ڪيو آهي ۽ جي موقعو ملي ته ٻيهر به مان جيڪر اِئين ڪريان! اُن تي جج ڪاوڙ ۾ اچي ويو ۽ هيمونءَ کي عمر قيد جي سزا ڏني. اُن سزا جو هيمونءَ تي ڪوبه اثر ڪونه پيو، پاڻ سندس چهرو چانديءَ جيان چمڪڻ لڳو. جڏهن اِنهيءَ مارشل ڪورٽ جي آرڊر جي ڪاپِي حيدرآباد سنڌ جي هيڊ آفيس جي مارشل ڪمانڊر رچرڊسن کي پهتيِ ته هوُ غصي ۾ پرجِي ويو. چيائين ته هڪ رواجي

ڊاڪٽر چوئٿرام انگريز سرڪار جي غلامي ڪرڻ نٿي چاهي ۽ انگريز سرڪار جي جنگ ۾ مدد ڪرڻ جي خلاف هو. اِن ڪري ڊاڪٽر چوئٿرام، سرڪار وٽان مليل اسڪالرشپ جا سڀ پئسا واپس ڪري، نوڪريءَ تان استعيفا ڏني، جنهن ۾ آچاريہ ڪرپالاڻيءَ ڪيس مدد ڪئي.

سنڌ جي عوام کي جاڳرت ڪري، آزاديءَ جي آندولن ۾ ڀهرو وٺڻ لاءِ ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻيءَ ئي وڏ ۾ وڏ ڪوشش ورتي ۽ اُن ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. جيڪي مشهور معروف انقلابي ۽ قومي نيتا ڊاڪٽر گدواڻيءَ جي قربائتي نينڊ قبول فرمائي سنڌ جي زمين تي اچي ڪري قومي ۽ آزادي هلچل کي زور وٺايو. اُهي ناميرا نيتائون اِجهو هي هئا: شري راش بهاري گهوش، سڀاش چندر بوس، لالا لجپتراءِ، بال گنگاڌر تلڪ، بپن چندر پال، پنڊت مدن موهن مالويہ، مهاتما گانڌي، پنڊت جواهر لعل نهرو ۽ ولڀ ڀائي پٽيل وغيره.

مهاتما گانڌي جڏهن سن ١٩١٥ع ۾ سنڌ ۾ آيو هو تہ حيدرآباد ۾ سندس شاندار مرحبا ڪئي ويئي هئي. مهاتما گانڌي ڊاڪٽر چوئٿرام جي نهٺائي، نماڻائي، ڪم ڪرڻ جي لگن، ديش لاءِ پريم جي ڀاونا ڏسي بيحد متاثر ٿيو هو.

ڊاڪٽر چوئٿرام اعليٰ شخصيت جو مالڪ هو، اِن ڪري کيس ڪم ڪندڙن جي کوٽ نہ هوندي هئي. هن پنهنجي ملنسار سڀاءَ ۽ نشڪام شيوا ڪاريہ سان ڪيترن نوجوانن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو ۽ ڪيترن ڪم ڪندڙن کي قومي هلچل ۾ ڀاڱہ وٺڻ لاءِ آماده ڪيو.

سنڌ جي راڄنيتيءَ ۾ ترمورتيءَ جو وڏو يوگدان رهيو هو. اِها ترمورتي هئي: ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي، ڄئرامداس دولترام ۽ پروفيسر گهنشيام.

ڊاڪٽر چوئٿرام سنڌ جي سيني ضلعن ۾ ڪانگريس ڪاميٽيون برپا ڪيون ۽ ڪانگريس پارٽيءَ طرفان مهاتما گانڌيءَ جي اڳوانيءَ هيٺ ديش جي آزاديءَ جي آندولن ۾ سنڌ جا نوجوان اُتساهہ ۽ اُمنگ سان آزاديءَ جي يڌ ۾ ٽپي پيا ۽ سوراڄ جو سنيهو چوطرف ڦهلايو.

ڊاڪٽر چوئٿرام کي سندس ڌرمي، پنگتي ۽ قومي ڪمن لاءِ اٿاهہ پئسو ڏانويرن وٽان ملندو هو، ڇوجو کين ڄاڻ هئي تہ ڊاڪٽر چوئٿرام اِهي پئسا ديش شيوا ۾ سڄايا ڪندو. ڊاڪٽر چوئٿرام ايمانداري، صداقت ۽ قربانيءَ جو پتلو هو.

ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي

هندستان جي آزاديءَ جي آندولن ۾ جن مهان شخصيتن سرگرم ڀرو ورتو، پنهنجو لاثاني يوگدان ڏنو، ديش کي انگريزن جي غلاميءَ کان نجات ڏيارائي آزاد ڪرايو، تن ۾ هڪ سنڌ جو سپوت، نشڪام شيواڌاري، هڏڏوکي ڪم ڪندڙ، هردلعزيز، ديش تان قربان ويندڙ ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻيءَ جو نالو قابل ذڪر آهي.

ڊاڪٽر چوئٿرام جو جنم ڊسمبر ١٨٨٩ع ۾ حيدرآباد جي گدواڻي گهٽيءَ ۾ ٿيو هو. هن ۾ ننڍي هوندي کان ئي شيوا ڀاو سمايل هو. جڏهن پرائمري اسڪول ۾ پڙهندو هو ۽ اسڪول جي ڪنهن ٻار کي لکڻ لاءِ قلم نه هوندو هو ته پنهنجي قلم مان ٿورو ٽڪر ڀڃي ڪيس ڏيندو هو. گهر ۾ ڪائي شيءِ کائڻ لاءِ ملندي هيس ته اُها به دوستن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. ڇي، ”ونڊ ورهاءِ سک پاءِ.“

اِن ڪري وڏي هوندي سندس زندگيءَ جو مقصد بڻجي پيو ٻين جي لاءِ جيئڻ، ٻين جي سار سنڀال لهڻ، عوام جي سک لاءِ اُدم ڪرڻ ۽ دکين جا درد لاهڻ.

وديارٿي جيوَن ۾ ديش ۾ دکي حالتون ڏسي سندس دل کي ٺيس پهتي ۽ انگريزن جي راڄ جي خلاف ٻين وديارٿين کي انگريزن جي ظلمن کان واقف ڪندو هو.

مئٽرڪ اِمتحان پاس ڪري دادو ضلع جي ٻوبڪ ڳوٺ ۾ ڪجهه وقت لاءِ ماستري به ڪيائين. اُن عرصي ۾ ٻارن ۾ چريتر ۽ اخلاق وڌائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪيائين. وري جڏهن ڪيس ميڊيڪل اسڪول مان اسڪالرشپ ملي ته ڊاڪٽري سکيا وٺڻ شروع ڪيائين. ساڻ قومي هلچل ۾ سرگرم ڀرو وٺڻ لڳو. قومي هلچل دوران سندس پهرين ملاقات آچاريه ڪرپالاڻيءَ سان ٿي. ڊاڪٽري اِمتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ ڪيس ڪجهه وقت سرڪاري نوڪري ڪرڻي پيئي. اسپتال ۾ مريضن جي ديکڀال سٺي نموني ڪندو هو. ڳوٺ جي ڀرواڙيءَ ۾ ڪو سڏ ٿيندو هوس ته چوئٿرام هڪدم دوائن جي بئگ کڻي بيمارن کي ڏسڻ ويندو هو، جنهن ڪري سندس چوڌاري ناموس ٿي ويئي. اُن وچ ۾ جنگ لڳي ۽ انگريز سرڪار ڊاڪٽرن کي عربستان پئي موڪليو، جنهن ۾ ڊاڪٽر چوئٿرام جو به نالو هو.

اسيمبليءَ تي چونڊجي آيو. ڊاڪٽر چوئٿرام اسيمبليءَ ۾ مکيه مسئلا کڻندو هو ۽ انهن کي هل ڪرڻ لاءِ سجهاو پڻ ڏيندو هو. ڊاڪٽر چوئٿرام غريبن جو همدرد ۽ نسوارٿي ڪم ڪندڙ هو. جنهن جي ڪري عوام ۾ مقبول ٿيندو ويو. ظلم جي خلاف زوردار آواز بلند ڪندو هو،ان ڪري سنڌ جي عوام کيس ''سنڌ جو گجندڙ شير'' جو خطاب ڏنو.

سنه ١٩٤٢ع ۾ مهاتما گانڌيءَ ''ڪئٽ انديا'' جو نعرو هنيو ۽ ''ڪرو يا مرو'' هلچل شروع ٿي ويئي. ديش آزاد ڪنداسين يا ديش جي مٿان مري مٽجي قربان ٿي ويندا سين. ڊاڪٽر چوئٿرام سنڌ ۾ ''ڪرو يا مرو'' هلچل تيزيءَ سان هلائي. جنهن ڪري کيس ڪيترو وقت جيل ۾ رهڻو پيو. ليڪن ''ڪرو يا مرو'' هلچل ڪامياب ويئي. انگريزن کي جهڪڻو پيو. انگريزن هندستان ١٥ آگسٽ ١٩٤٧ تي آزاد ته ڪيو، پر اها آزادي ديش جي ورهاڱي جي روپ ۾ ڏني ويئي. هندستان جو ورهاڱو ڪيو ويو. مسلم گهڻائيءَ واريون ايراضيون گڏي پاڪستان ٺاهيو ويو ۽ سنڌ پاڪستان ۾ هلي ويئي. ان وقت ڊاڪٽر چوئٿرام ورهاڱي جي سخت مخالفت ڪئي، پر ڪانگريس ورڪنگ ڪاميٽي گهڻائيءَ سان ورهاڱو قبول ڪيو هو.

ڊاڪٽر چوئٿرام جي ڪوشش سان ئي سنڌ مان لڏيندڙن کي مدد ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. لکن جي تعداد ۾ سنڌي هندو ۽ سِک هندستان اچڻ لڳا. سنڌي نرواسين کي ڪئمپن ۾ رهايو ويو.ڪاڏي جو بندوبست سرڪار طرفان ڪيو ويو هو. ڊاڪٽر چوئٿرام ڪليم ۾ سنڌين کي هٿ سرڪار کان جڳهيون وٺي ڏنيون.

چوئٿرام سنه ١٩٥٢ع ۾ ٽاڻي تڪ مان لوڪ سڀا جو ميمبر چونڊجي ويو. عام جنتا لاءِ سدائين سندس در کليو پيو هوندو هو. جيڪو به وٽس ايندو هو ته اُن سان سڪ ۽ پيار سان ملندو هو. اُنجا مسئلا چڱيءَ طرح سمجهندو هو ۽ اُنهنکي سلجهائڻ جي دل وَ جان سان ڪوشش ڪندو هو.اجايا دلاسا ڪنهنکي به نه ڏيندو هو.

اهڙو لاڪيڻو لعل، قومي ڪاريه ڪرتا، سماج سڌارڪ، سچو ديش ڀڳت، جنتا ۾ جناردن پسڻ وارو، ديش شيوا ۾ پاڻ ارپڻ ڪرڻ وارو نشڪام شيواڌاري ۽ سوتنترتا سيناني ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي ١٢ سيپٽمبر ١٩٧٧ع تي پرلوڪ پڌاريو.

ڊاڪٽر شيام ٻنيجا ''بيقرار''

٣، سن شائين اپارٽمينٽس، ٽيون ماڙ،
بئنڪ آف بڙودا جي پرسان، اُلهاس نگر - ٤٢١٠٠١.

ڊاڪٽر چوئٿرام هندستان جي آزاديءَ لاءِ ڪيترا دفعا جيل ۾ ويو. جيل ۾ انگريزن جي طرفان راڄنيتي قيدين کي جيڪي تڪليفون هيون، تن خلاف هن جيل ۾ به هلچل هلائي، بک هڙتال به ڪئي. سن ١٩٣١ع ۾ ڪانگريس جو ڪليل اِجلاس سنڌ جي ڪراچي شهر ۾ ڊاڪٽر چوئٿرام جي مدد سان ٿي سگهيو هو، جنهن ۾ سڄي هندستان مان هزارين ڊيليگيٽن ڀاڱو ورتو هو. اُنهن ڏينهن ۾ سردار ڀڳت سنگهه ۽ ٻين کي ڦاسيءَ جي سزا ڏني ويئي هئي، جنهن سبب شانت واتاورڻ ۾ ڊاڪٽر چوئٿرام آجيان ڪاميٽيءَ جي چيئرمئن جي حيثيت ۾ تقرير ڪندي چيو هو ته سردار ڀڳت سنگهه ۽ سندس ساٿين کي ڦاسيءَ چاڙهڻ جي دکدائڪ واقعي جي ڪري سڄي هندستان جي جنتا اُن گنڀير دک ۾ شامل آهي. اِن ڪري ڪوبه اڊمبر نه ڪري سادگيءَ سان هي اِجلاس ڪري رهيا آهيون. ڪراچي اِجلاس جو چونڊيل پريزيڊنٽ سردار ولڀ ڀائي پٽيل هو.

ڊاڪٽر چوئٿرام سنڌ کان ٻاهر جتي جتي ويندو هو، اُتي آزاديءَ جي هلچل تيزيءَ سان هلائيندو هو. جنهنڪري کيس بمبئيءَ ۾ به نظربند ڪيو ويو هو. ستياگره هلچل جي دوران الله آباد ويو ته اُتي به کيس نئني جيل ۾ نظربند رکيو ويو. اُتي سندس پهرين ملاقات پنڊت جواهرلعل نهروءَ سان ٿي هئي.

ڊاڪٽر چوئٿرام شعر وَ شاعريءَ جو به شائق هو. جيل ۾ رهندي هن سنڌيءَ ۾ ڪيترا شعر قلمبند ڪيا. جيل ۾ وقتي وندر وروندر جي خيال کان راڄنيتي قيدي پاڻ ۾ مشاعرو به ڪندا هئا.

راڄنيتي ڳالهين ڪانسواءِ ڪٿي به سنڌي سماج ۾ ڪا برائي ڏسندو هو ته اُن جي اوگهڙ ڪندو هو. ڏيتي ليتيءَ جي خلاف پرچار ڪندو هو. ڪٿي ٻوڏ پوندي هئي يا ڏڪار پوندو هو ته هڪدم مصيبت ۾ ماريلن جي سهائتا ڪاريه ۾ لڳي ويندو هو. سن ١٩٣٥ع ۾ ڪوئٽيا ۾ دل کي ڪنبائيندڙ زلزلو ٿيو. اُن زلزلي ۾ هزارين ماڻهو اجل جو شڪار بڻيا هئا. هزارين بي گهر ٿي ويا هئا. ڊاڪٽر چوئٿرام پنهنجي ساٿين سان ڪوئيٽا ۾ وڃي ڪري دکي، بيمار ۽ بي اجهي ماڻهن جي جيڪا لاثاني شيوا ڪئي، اها وسرڻ جي نه آهي. ڊاڪٽر چوئٿرام خلق جي شيوا ۾ خالق پسندو هو. دکي اِنسانن جي.شيوا ڪرڻ ۾ کيس آنند محسوس ٿيندو هو.

سن ١٩٣٦ع ۾ سنڌ، بمبئي پرانت کان الڳ ڪئي ويئي ۽ سنڌ کي الڳ اسيمبلي ڏني ويئي. اسيمبلي چونڊن ۾ ڊاڪٽر چوئٿرام تمام گهٽائيءَ سان سنڌ

ڏچ ڏاڏاڻين ڏيهه جي، منجهان ولڙن واس،
مُيائي جياس، جي وڃي مَڙهُه ملير ڏي.

يعني هي عمر ميان! وطن لاءِ واجهائيندي جي مان تنهنجي ڪوٽ ۾ مري وڃان ته منهنجو لاش ڳهت ۾ گهت ماڙوئڙن جي حوالي ڪج ته پنهنجي پياري وطن ۾ مقامياڻي ٿيان ۽ ڏاڏاڻي ڏيهه ۽ ولڙين جو واس نصيب ٿئيم. جي اِئين ٿيو ته ڇڙڪ موت بعد به مون کي جيوت نصيب ٿي.

شاهه صاحب جي هيٺئين بيت جي سٽ سٽ تان هوند صدقي وڃجي:

واجهائي وطن کي، ساري ساهه ڏيان؛
هي سِر ساڻيهه سامهون، مهجو نج ميان؛
مقامياڻي مارئين، وڃي ٿِر ٿيان؛
ميائي جيان، جي وڃي مڙهه ملير ڏي.

”لاش وطن وڃي پهچي ته هُوند اُتي جيئري ٿي پوان.“ ڪهڙو نه نازڪ خيال ۽ ڪيڏي بيحد اُڪير پرِي آس ۽ اپار اُمنگ پرِي عقيدت! شاهه جي رسالي جو سُر مارئي ته سچو وطن پرستيءَ سان پريو پيو آهي ۽ اُن ۾ مارُوئڙن جي پاڇين، جهنگلي ميون ۽ جهوپڙين جو ذڪر ڪيل آهي.

هڪ بيت ۾ مارئي پنهنجي اِبلاڪا ظاهر ڪري ٿي:

واجهائي وطن کي، ساري ڏيان ساهه؛
بُت مهجو بند ۾، قيد م ڪريجاهه؛
پِر ڏيهياڻيءَ پِريءَ ري، ڏار م ڌريجاهه؛
ٿذي وسائجانءِ ٿرن جي، متي مُٺيءَ مٺاهه؛
جي پويون ٿئي پساهه، ته نجاءِ مڙهه ملير ڏي.

شاهه صاحب شاهه جي رسالي ۾ سنڌ، سنڌ جي شين، سنڌِي ماڻهن، سنڌ جي حالتن، ڳالهين، رواجن جو ئي ذڪر ڪيو آهي. ڪلام ۾ ڪم آندل تشبيهون ۽ اِستعارا سڀئي جيوت ۽ سنڌِي ماحول جي پيدائش آهن. سندس نظر ۾ پنهنجي پياري وطن جي خاڪ به سندس لاءِ وڏي وٽ ۽ ڪٿوري مثل آهي.

”سنڌي جا ساڻيه، ڪهه ڪٿُورِي پانيان.“

شاهہ جي رسالي ۾ سِنڌ

”شاهہ جو رسالو“ پستڪ ۾ شاهہ عبداللطيف جون رچنائون شعر ۾ ڏنل آهن. اُن ۾ جيڪي لوڪ ڪهاڻيون عمر مارئي، سسئي پنهون، سهڻي ميهار، مومل مينڌرو وغيرهہ جون ڏنل آهن، تن ۾ سنڌ جي درياءَ، ڏونگرن ۽ واريءَ جي پٽن جو اهڙو تہ دل پذير چتر چٽيل آهي، جو هوبهو اکيان اچيو بيهي. ڀلا شاهہ جهڙو اعليٰ شاعر پنهنجين رچنائن ۾ پنهنجي وطن سنڌ کي ڪيئن ٿو وساري سگهي!

شاهہ عبداللطيف جي شخصيت نهايت شاندار هئي. هو درويش هو تہ هڪ يگانو شاعر بہ هو. شاهہ شاهي سيلاني هو تہ قدرت جو چترڪار بہ. غريبن جو غم گسار هو تہ سنڌ جو شيدائي پڻ. زندگيءَ جو رازدان هو تہ روحانيت جو بحر بہ. سنڌ جو راڪو دعاگو هو تہ سنڌيت جي آرزن ۽ خواهشن جو آلاپ پڻ. شاهہ جي شخصيت جا ڪيترائي پهلو آهن.

شاهہ صاحب جي مهما ڳائيندي شري پرسرام ”ضيا“ ٺيڪ ئي چيو آهي:

ياڳ اُن پٽ جا ڀلا، جنهن کي وسايو پٽ ڏٺي؛
رِشڪ جنت هڪ بيابان کي بڻايو پٽ ڏٺي؛
شاعريءَ جو باغ برپٽ ۾ لڳايو پٽ ڏٺي؛
ڇپي ڇپي کي سڳنڌيءَ سان سجايو پٽ ڏٺي؛
معرفت جي مَي جا مٽ ڪٽي عبداللطيف؛
عشق جي ميخاني جو ساقي بڻي عبداللطيف.

شاهہ صاحب کي سنڌ جي لاءِ بيحد پيار هو تہ اڄ سنڌ ۽ سنڌين کي بہ مٿس ناز آهي. هو زبردست وطن دوست هو. سنڌڙيءَ جي هر شيءِ ۽ هر ڳالهہ سان کي محبت جوُن ميخوُن لڳل هئس. جيئن پاڻ چيو اٿس:

”جئن ڳنڍيوُن منجهہ ڳنڊير، تئن مون من ماروئڙن سين.“

وطن جي حب ۾ مارئيءَ کان ٿو چوائي:

واجهائي وطن کي آئون جي هِت مُياس،
گور مهجي سومرا، ڪج پهنوارن پاس،

سگر ساهيڙين سين، ساڙيه منجهہ سٽينديِ،
اُتا مينهن ملير ۾، ڏاڍا ڏيہ ڏونديِ،
عمر اُنهين ڏيہ جا، ڪوڏر ڦوٽ ڪرينديِ،
گولون گولاڙن جون، جهپي ساڻ جهپينديِ،
ڪوڪڙ ڪنديرن ۾، ڦوڪيو ڦڪ پرينديِ،
عيدن براڊن تي، ڪہ مانڌاڻو ڪينديِ،
پُسي ڪائي پيٽ ۾، ڏونرا ڏڻ آن ڏينديِ.

ويچارا ڳوٺاڻا سي بہ سنڌ جا! تن لاءِ ساوڻ جهڙي ٻي آسروندِ ۽ سڪدائي مند ڪهڙي؟ ٿرُ تہ هو ورياسو ملڪ، جنهنجو گذر هڪ پوک تي، ٻيو مال تي. ٻنهي لاءِ مينهن ضروري، ڇو تہ ٿر ۾ نکو درياءُ، نکو واهہ. پاڻي تمام هيٺ کوهن ۾، سو بہ ٻاڙو يا کارو. اونهاري ۾ تہ وقتي اُهو بہ سکيو وڃي! انکري سنڌ ۾ ٿر، ڪاڇي ۽ ڪوهستان جي رهاکن کي خاص ساوڻ ۾ اُڀ ۾ اکيون وجهي وهڻو پوندو آهي. سُر سارنگ ۾ شاهہ برسات کي اهميت جو رنگ ڏيئي، غريب هارين ۽ مالدارن جي آسن انديشن جو دردي رنگ چٽيو آهي:-

سارنگ سار لهيج، الله لڳ اُجين جي،
پاڻي پوڄ پٽن ۾، ارزان ان ڪريج،
وطن وسائيج، تہ سنگهارن سک ٿئي.

برسات جو نظارو شاهہ ڪهڙو نہ دلڪش چٽيو آهي. چوي ٿو:-

اڄ رسيلا رنگ، بادل ڪديا ٻرجن سين،
ساز سارنگيون سرندا، وڄائي برچنگ،
صراحيون سارنگ، پلٽيون رات پڌام تي.

شاهہ جي شعر ۾ سک سوز گهٽو آهي، سُر سارنگ بہ ان خوبيءَ کان خالي ناهي. هن هڪ ئي سُر ۾ شاهہ قدرت ۽ قادر، غريبن جي ڏک ۽ درد، پنهنجي اندر جي اُلفت ۽ اُڪير جي پٽاڙ ڪئي آهي تہ ان سان گڏ حب الوطن ۽ عالمگير خيرخواهيءَ ۾ بہ ڪين گهٽايو اٿس.

سنڌي ساهتيہ ۾ سنڌ جا سڀ کان وڌيڪ دلڪش نظارا ۽ چٽ چورينڊڙ نصيحتون وري بہ شاهہ ۾ آهن. شاهہ هڪ ڏک سان ڳوٺاڻن جي شبد ۽ ڳوٺاڻن جي ڪلام کي شعر جي اُتاهينءَ پدويءَ تي پهچايو آهي. لوک گيتن ۾ بہ ٿر کي ياد ڪيو اٿس:-

شاهہ صاحب مارئيءَ جي رڳ رڳ مان سيل ۽ وطني حب جو آلاپ ٿو آلاپي. سچ تہ ھوُ ڪمال ڪري چڪو آهي. اهڙو محب الوطن شاعر شايد دنيا ۾ مشڪل ڪو ملندو.

شاهہ صاحب ۽ ٻين ديشن جي شاعرن ۾ اِهوئي فرق آهي، جيڪو سنڌ جي ڀوميءَ ۽ ٻين ڀوُمين جي وچ ۾ آهي. شاهہ جي بيتن ۾ نہ آهي ملٽن وارو نرڪ ۽ سرڳ ۽ نہ ڪرڪيتر جي لڙائيءَ ۽ گيتا جو گيان. شاهہ صاحب رامائڻ جي ڪويءَ وانگر نہ اوتارِي پرش جو چتر ٿو چٽي، نہ اِنساني طبيعت جو انگ شيڪسپيئر وانگر کولي ٿو ڏيکاري ۽ نڪِي فردوسيءَ وانگر سورما ۽ پهلوان ٿو پيش ڪري.

شاهہ صاحب جي بيتن جو روپ سادو آهي. قدرت جي سادي روپ جيئان قدرت جي ڪرشمن وانگر شاهہ ۾ بہ نخرو ۽ ناز ڪونهي. شاهہ جا سوُرما ۽ سوُرميون ڳوناٺيون صورتون آهن. ميهار ۽ مهاڻا، چارڻ ۽ ماروُ، ڌوٻِي ۽ جت، ڪٿي ڪٿي سوڍا ۽ سردار، سومرا ۽ ڄام پر اُهي بہ ڳوناٺا ۽ سادہ لوح مورتون آهن. ڪنهن ۾ بہ رامائڻ ۽ مهاڀارت، شاهنام ۽ اِليڊ، هئمليٽ ۽ فائوسٽ ۾ آيل مکيہ ويس ڌارين جو نڙڪو پڙڪو ڪونهي، ڏوُمُ ۽ زور ڪونهي. شهرين ۽ درٻارين جو مڪر ۽ فَنُ ڪونهي.

شاهہ صاحب ۽ ٻين سنڌِي شاعرن ۾ وڏو تفاوت هيِ آهي تہ لات ساڳِي آهي پر بات ساڳِي ناهي. شاهہ جي هڪ هڪ بيت ۾ سنڌ ۽ سنڌيت جو عڪس نمودار آهي. شاهہ جي رسالي پڙهندي سنڌ جا ڪورِي ۽ ڪلال، صراف ۽ وڻجارا، ڪامورا ۽ ڪمدار، ميهار ۽ ماروُ، جت ۽ سردار، مهاڻا ۽ گاڏير، چارڻ ۽ ناچوُ اکين اڳيان اچيو بيهن. شاهہ جي ڪهاڻين ٻڌندي، سنڌ جو درياءُ، ڍنڍون، سنڌ جا ڏونگر ۽ پٽون، سنڌ جا ڪوٽ ۽ پڪا من کي ٿا موهين. جنهن کي سنڌ ۽ سنڌيت جو ديدار ڪرڻو آهي، تنهن کي لاشڪ شاهہ جي در تي اچڻو پوندو. شاهہ صاحب جا بيت مثال طور ڏسو:

ڄُرن ڄُڪن چت ۾، رهيا اندر روُح؛
اُنِي ويڙا اُڪرِي، ماروُ مٿي موہ؛
ويرون ولوڙڻ جون، ساريان گهڻو صبوُح؛
وَڙُ سي ڪارا ڪوُہ، سنجهيم جي ساڙيهہ جا.

— — — — —

ساري....ڊئڊ

....هلو....هري....هلو....مان ڏرمون....انڊيا مان....بئنگلور مان....تو ڳالهان..
"A Bad News for you" اوهانجي ماتا ممتا ديوي اڄ ڪلاڪ ٿيو ....سرڳواس ٿي آهي.... جيئن حڪم ڪريو....حال اسين مرتڪ سرير اسپتال مان گهر ڏانهن ڪڍائي وڃي رهيا آهيون....اوهان جلد پهچو....''

''هلو....او.... ڏرمون Very Sorry ....اسين ڪوشش ڪريون ٿا. اسانجي اچڻ تائين انتم سنسڪار روڪجو....مان هين پائرن سان ڪانٽيڪٽ ڪري فون تي احوال ڏيان ٿو....''

''هلو....ڊيئر سرلا....هينئر انڊيا مان رِنگ ٿي آهي....مدر هن دنيا ۾ ڪونہ رهي آهي. تون ۽ پيٽرسن جلد تيار ٿيو....مان اول ئي ڪانفرنس ڪوٺائي وينو آهيان، ڏسان ٿو هين برڊرس کي فون ڪري...تنهنجي ۽ پيٽرسن جي فلائيٽ ٽڪيٽ بوڪ ٿي ويئي آهي....''

''او ....هلو....ساري هري....اوهان اڪيلا ڇو ڪين ٿا ٿي اچو...''

''او...نو...پيٽرکي هڪ دفعو انڊيا ڏسڻ ڏيو...گهمڻ ڏيو...هن انڊيا ڏٺيئي ڪونہ آهي...هي فرسٽ چانس اٿس...هلو...توهان تيار ٿيو مان اچي رهيو آهيان گهر....''

''هلو....ڏرمون....ساري! مان ڪونہ ٿو اچي سگهان....سرلا ۽ پيٽرسن انتم سنسڪار لاءِ اچي رهيا آهن....توهان کي مسٽر جئہ ديپ، اسانجو ايجنٽ....چاليهہ هزار ڊالرن جي برابر انڊين ڪرنسي پهچائي ويو هوندو....''

''هلو....هري....ها، اها رقم تہ پهچي چڪي آهي. اسان کي ٻڌايو تہ توهان ڪيڏي مهل پهچندا،جيئن ماٽن ۽ عزيزن کي انتم ڪريا ۽ سر لاءِ ٻڌائي سگهون.''

''هلو....هري! ڇئين بجہ شام جو پهچندا....'' ''ٺيڪ آهي....اسين سر ڪٽڻ جو ٽائيم شام جو پنج بجہ ٻڌايون ٿا....'' ''او ڪي...''

''هلو.... ڊيئر هري، اسين برابر ڇئين بجہ ڏاران بئنگلور پهچي وياسين، جئہ ديپ ايئر پورٽ تي آيل هو....اسين.... هلو.... پهچي وياسين....پر پيٽر کي جٽيو پاٽل ڪونہ هو، جنهن ڪري داديءَ جي سنسڪار ۾ هين عزيزن ڪانڌين جو ڪنڌو ڏنو ۽ انتم سنسڪار پورو ٿيو. هتي سيني شڪايت پئي ڪئي تہ ڇئني پٽن مان ڪوبہ داديءَ جي انتم ڪاريہ ڪرم ۾ نہ اچي سگهيو.... داديءَ لاسٽ ۾ اسان سيني کي ڏاڍو گهڻو ياد ٿي ڪيو.... هلو.... پيٽر کي هٽ موڊ نٿو لڳي....فرسٽ

بر وُٺا، ٻر وُٺا، وُٺئون ترايون،
پره جو پٽن تي، ڪن ولوڙا وايون،
مُند تي مندل منڊئا، تاڙي کي توار،
هارين هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار،
اڄ پڻ مُهجي يار وسڻ جا وس ڪيا.

شاه شاحب داور جي درگاه مان هن سٽن ۾ سنڌ لاءِ ڪهڙي نه عجيب معني پريل دعا پني آهي:-

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار،
دوس مٺا دلدار! عالم کي آباد ڪرين!

شاه جي رسالي ۾ شاه ۽ سنڌ کي هڪ ٻئي کان جدا ڪري نٿو سگهجي، اُهي تاڃيءَ پيٽي مليل ۽ کير نير سمان هڪ آهن.

ديپ چندر بيلاڻي
نواب ڪا بيڙا، اجمير.

هجن پرَ اُڏامي وڃان، هڪوار ”موهن“،
ڏسان پيونءَ، پنهنجي جي، آ ڪهڙي حالت.

مارئِي ۽ عمر هندوُ هئا

اسان جا سنڌِي ساهتيڪار اِنعام اوارڊ ته هينئر گهٽيئي ٿا حاصل ڪن، ليڪن اُن مطابق ڪوجنا جو ڪم گهٽ ٿا ڪن. پڙهيل پڙهايل رٽيل رٽايل ڳالهه ڪي ئي سچ سمجهي اُن جو پُڇ پڪڙي پيا هلن، پنهنجيءَ بڌِيءَ سان ڪوج گهٽ ٿا ڪن. اسين پنهنجِي پنِي پاڻ ٿپيون ٿا ته سنڌِيءَ ۾ ڀارت ۾ چڱو ساهتيه نڪري ٿو، پر ڪهڙو ساهتيه نڪري ٿو، اُن جي اوک ڊوک اسين گهٽ ٿا ڪريون.

مارئِي ۽ عمر جو قصو شاهه عبداللطيف کان اڳ به مشهور هو. جن سٽن سورمين تي شاهه صاحب ست سُر لکيا آهن، اُهي ست ئي لوڪ ڪٿائون اڳ ۾ ئي هلندڙ هيون، جن ڪي هن پنهنجي ڪاويه ۾ شريڪ ڪيو.

عمر ڪير مارئِي ڪير– عمر ڪير هئو، مارئِي ڪير هئِي، اِن تي ڪڏهن به ڪنهن ساهتيڪار ڪوجنا ڪونه ڪئي آهي. هندوُ ڪنيا مارئِيءَ کي اسان جي ساهتيڪارن مسلمان ڪري ڇڏيو آهي. اهڙِيءَ ريت عمر امر ڪوٽ جو بادشاهه نه پر راجا هو، ليڪن ساهتيڪارن اُن کي مسلمان بادشاهه ڪري ڇڏيو.

عمر ۽ مارئِيءَ جي ڌرم بابت ويچار ڪرڻ کان اڳ اسان کي اُن هنڌ جي حالت جو اڀياس ڪرڻ کپي، جتي هوُ ٿيا آهن. اُن وقت جو حساب لڳائڻ کپي، جنهن وقت هوُ ٿيا هئا.

عمر مارئِيءَ جو قصو پنج سوَ سالن کان وڌيڪ پراڻو آهي. جنهن ٿر جي علائقي جي اِها ڪهاڻِي آهي، اُن ٿر ۾ هن وقت پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ به سنڌ جي ٿر علائقي ۾ هندن جِي گهڻائي آهي. سنه ١٩٧١ع وارِي لڙائِيءَ وقت هڪ لک سنڌِي هندو ڀارت ۾ اُن علائقي مان لڏي آيل آهن، پوءِ به اُتي هندن جِي گهڻائِي آهي. امر ڪوٽ ۾ اڄ به راڻي جو راڄ آهي. امر ڪوٽ جو راڻو چندر سنگهه پاڪستان جي نئشنل اسيمبلِيءَ جو ميمبر ۽ ڪئبينيٽ منترِي ٿِي رهيو آهي.

جڏهن هن وقت ٿر ڪيتر جي آبادِيءَ جِي اِها حالت آهي، تڏهن پنج سوَ سال اڳ اُتي هندن جِي آبادِي سوَ سيڪڙو نه ته نوانوي سيڪڙو ضرور هوندِي. ايتري وڏِي آبادِيءَ ۾ ملير جي ڳوٺن ۾ ته سوَ سيڪڙو هندوُ ئي هيا، اُن حساب مطابق مارئي هندوُ ئي هئِي.

ٽائيم اِنڊيا ڏسي هڪو ڀڪو ٿي ويو آهي.... داديءَ جو اهڙو اگني سنسڪار ٻه ڀيريون دفعو ڏٺائين، جنهن پڻ هن جي دل تي برو اثر پيدا ڪيو اٿس. هن کي هيءَ رسم جڻ اصل وٺي ئي ڪونه رهي هئي. اسان کي اڳ ئي اِنڊيا جي اِنهن رسمن رواجن کان واقف ڪرڻ کپندو هو. مون ڪيس هي گهر ۽ اُهو پلنگ پڻ ڏيکاريو، جتي سندس برٿ ٿيو هو.... ”هڪ پوٽو داديءَ جو پهتو، پر اُهو ٻه هن جو آخر ڪانڌي بڻجي ڪونه سگهيو...“ سڀ بار بار اِها ڳالهه ڪري منهنجو ٻه سر ٿي ڪائي رهيا آهن....“

” هلو... سرلا... ڊيئر... ڇا ڪريان... يو. ايس. اي. ۾ لائيف ڪيتري نه فاسٽ آهي... هت جڻ سڀ پنهنجي زندگيءَ جي گاڏِي اسي نوي جي رفتار سان ڊوڙائي رهيا آهن، ڪير بريڪ ڏئي ته سيني لاءِ خطرو... هلو... توکي ڇاڻ آهي مان ڊائريڪٽرس جي ڪانفرنس سڏائي هئي، اگر اُها ڪئنسل ڪريان ها ته سچو سال ڪمپني لاس ۾ هلي ها... هلو... برادرس راجو، نرمل، ڪرپال پڻ پنهنجين گهٽين مشغولين ۾ هئا، مشڪل سان اُنهن سان فون تي ڪانٽيڪٽ ٿيو. هنن ٻه ڏاڍو افسوس ظاهر ڪيو... هرهڪ هڪدم حصي جا ڏهه ڏهه هزار ڊالر مون ڏانهن موڪلي ڏنا ۽ سياڻي رات سڀ اِنڊيا گيسٽ هائوس ۾ گڏجي فيمليءَ سان عزاز پرسي ڪنداسين ۽ اُتي ئي ڊنر ڪنداسين...هلو ماتا جون چار تصويرون ڪٽي اچجانءِ... هاڻي فون سن پيٽر کي ڏينس... ته حال احوال ڪريانس....“

”هلو... My dear Son (انگلش ۾) وري توکي اِنڊيا ۾ ڪونه موڪلبو. توکي باءِ چانس هاليڊيز هئا ۽ آءِ ته بيحد بزي هوس... هڪ دفعو اِنڊيا چڱيءَ طرح ڏسي اچ... تاج محل، مندر، گنگا نديِ، ممبئي ۽ ٻيو جيڪي ڪجھ وٺي ڏسي گهمي اچ... جئہ ديپ توهان جو بندوبست ڪندو... گوٽا پڻ گهمي اچجانءِ... وري خبر نه آهي ڪڏهن اهڙو چانس ملي...“

”هلو... ڊئڊ... ساري... هت آدمي ڏاڍو گهٽو ٿا ڳالهائن... ڪجھ سمجھ ۾ ڪونه ٿو اچي... مون کي پيٽر نه بلڪ الائي ڇو؟ پوٽو... پوٽو پيا ٿا چون...“ مونکي ڇو ٿا ڀاڪر پائن؟....سڀ مٽي تي هٿ ٿا گهمائن....سمجھ ۾ نٿو اچي.... هلو....گهر ۾ ڪامن باٿ روم آهي....هت ٻي دنيا آهي....مونکي ڪجھ نٿو وڻي....اسين بس هفتي اندر ئي واپس ايندا سين....ساري ڊئڊ ساري فار انڊيا....“

”هلو....هلو....سن....“ ۽ لائين ڪٽجي ويئي...

(امريڪا ۾ رهندڙ هڪ رسيپشن گرل جي بيان موجب ڪهاڻي)

هندوُجا نند ”آنند“
۴۰۲، نالندا پئلس،
الهاس نگر- ۴۲۱۰۰۱.

ائين ڪونهي ته ڪو صرف شري جٿرامداس دولترام ئي عمر جي بجاءِ همير ٿو لکي، پر خود شاهه عبداللطيف ڀٽائي گهوٽ پنهنجي رچنا ۾ سر مارئي ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي همير نالو ڪتب آندو آهي. مثال طور سر مارئي داستان ۲، بيت ۱۰ ۾ لکي ٿو:

مارو جي مهاڙ رءِ اندر ناهه اُڪير،

ههڙو حال همير وٺي شال ويڙهين وڃان.

هن بيت ۾ مارئيءَ عمر کي همير ڪري ڪوٺيو آهي. اهڙيءَ ريت ٻيا مثال به ڏسو:

داستان ۴، بيت ۱:

ڪڏي ته ڪاڻ لهي هتان ٿهي همير.

داستان ٦، بيت ٦:

ٿوري گهٽي ڏينهڙين ويندس هٿ همير.

داستان ٦، بيت ۳۴:

هميراڻا هٿڙا مهري ڪين مڇيندي.

داستان ۱۰، بيت ۱:

همير نئون هاڻ، مهت لهنديءَ مارئي.

ابيات متفرقه - بيت ۱:

هاجو ڪيو همير باالله نئي ٿو بند ۾.

ابيات متفرقه - بيت ۵:

هيمراڻا هٿڙا ڪين مڇيندس مُور.

ابيات متفرقه - بيت ۷:

هاري هميرن جا جيڪس ڪاڏءِ ڪيڻ.

سنڌوءِ مخزن جي نومبر ڊسمبر ۱۹۵۷ع واري انڪ ۾ شري روچيرام گنگارام سڌائي جو صفحه ۵۷ کان ۶۲ تائين هڪ ليک ڇپيو آهي ”عمر مارئيءَ جي قصي تي نئين روشنيِ“ جنهن ۾ هن لکيو آهي ته مارئيءَ جو جنم ميراڏي جي ڪک مان ٿيو هو. اُها ميراڏي ڪڇ جي راڻي هئي. پالڻو سنڌس پالينڌڙ پيءُ جو نانو هو. هوءَ ڪڇ جي راجا ڄام ڦل جي ڌيءَ هئي ۽ سنڌس ڏاڏو به ڪڇ جو راجا سوڙ هو. مارئيءَ جي ماءُ ميراڏي هڪ واڍي جوالي جي ڌيءَ هئي، جنهن سان راجا ڄام ڦل لائون لڌيون ۽ مارئيءَ جو جنم ٿيو. محلاتن جي منصوبن سبب مارئيءَ کي بچائڻ لاءِ هوءَ ڪيس ٿر وٺي ويئي، جتي پالڻي مارئيءَ کي پاليو. اُهو سڄو ليک هندو پُومي ساپتاهڪ اجمير جي ۱۹۹۵.۸.۲ع واري انڪ ۾ ڇپيو ويو آهي. ڪڇ ۾ اِها ڪهاڻي پرچلت آهي. گجراتي ساهتيه ۾ به هلي ٿي.

مارئيءَ جي ڪيت سان شادي ٿيل هئي، ڪيت ئي پنهنجي بهادريءَ سان عمر کي مارئيءَ کي بند مان ڪڍڻ لاءِ مجبور ڪيو.

عمر ڪنهن به مسلمان خاندان مان ڪونه هو، بلڪ هو سُومرو راجپوت هندو هو. نالي جي اُچارڻ ۾ پهرئين اکر ”ع“ ۽ ”اَ“ جي هير ڦير ٿيل آهي. مونکي هن جو صحيح نالو امرسنگهه لڳي ٿو. امر کي عمر ساهتيڪارن بڻايو آهي. هڪ ٻيو به سوال ٿو اُٿي ته عمر جيڪڏهن مسلمان بادشاهه هو ته ڪهڙي خاندان مان هو، هن جي خاندان ٿر مان ڪهڙي سال قبضو ڪيو، ڪهڙو گهراڻو هلايو، هي اُن گهراڻي جو ڪهڙو نمبر بادشاهه هو. هن کان پوءِ ٻيا ڪهڙا مسلمان بادشاهه ٿيا؟ اُنهن جو راڄ ڪڏهن ختم ٿيو؟ هندن جو راڄ وري ڪڏهن ۽ ڪيئن قائم ٿيو. اِنهن سيني ڳالهين تي اِتهاسڪ روشني ڪنهن به ليکڪ ساهتيه ۾ ڪونه وڌي آهي. اِنهيءَ وشيه تي کوج ٿيڻ کپي.

سرڳواسي شري جئرامداس دولترام پڻ سنڌوءَ جي نومبر ڊسمبر ۱۹۵۷ع واري پرچي جي صفحه پهرئين تي هڪ ليک لکيو آهي ”عمر ڪين همير“ اُن ليک ۾ ودوان ليکڪ ”عمر مارئيءَ جي لاءِ سندن صحيح هندو نالا همير ۽ جاسل“ ڪري ٻڌايا آهن. مارو هڪ ذات هئي، اِن ڪري جاسل کي مارئي ڪري سڏيو ويو آهي. اَمر ڪوٽ جو راجا همير سُومرو هو ٻڌائي ٿو. اِهو ليک هندو پُومي ساپتاهڪ اجمير ۾ وري ڇپيو آهي.

هِنگلاج ماتا

پُراڻن ۾ هڪ ڪٿا هن ريت آهي. پاروتيءَ جي پيءُ دڪش هڪ يگيہ ڪرايو، جنهن ۾ هُن پنهنجي نياڻي شوَ کي ڪونہ گهرايو. پاروتيءَ کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ هوءَ پنهنجي پيءُ کي سمجهائڻ لاءِ يگيہ جي اِستان تي ويئي. اُتي هن ڏٺو تہ پِٽس يگيہ ۾ سڀني ديوتائن جو حصو ڪڍيو، پر شوَ جو حصو ڪونہ ڪڍيو. اِهو ڏسي پاروتي تپي باهہ ٿي ويئي ۽ پدر ڪاليءَ جو روپ ڌارڻ ڪري پنهنجي پتا کي سروَناش جو سِراپ ڏنو. اُن کان پوءِ هن يگيہ جي اگنيءَ ۾ پنهنجو پاڻ کي جلائي ڇڏيو. شنڪر ڀڳوان کي جڏهن اِن ڳالهہ جي خبر پيئي تہ هن پنهنجا گڻ موڪلي يگيہ ٽيڙ ڪونہ ڏنو ۽ پاروتيءَ جو لاش کلهي تي رکي تنهي لوڪن ۾ تانڊوَ نرتيہ ڪري گهمڻ لڳو. تنهي لوڪن جي رهواسين کي اچي ڏپ لڳو تہ ڪٿي پرليہ نہ اچي وڃي، اِن ڪري سڀ وشنو ڀڳوان وٽ وينتي ڪرڻ ويا. وشنو ڀڳوان پنهنجي سدرشن چڪر سان پاروتيءَ جي انگن کي ڪاٽڻ شروع ڪيو. اُهي انگ جتي بہ ڪِرندا ويا، اُنهن اِستانن تي اچ شڪتي پيٺ آهن. پاروتيءَ جو شيش هنگلاج ۾ ڪِريو هو، اِن ڪري اُن کي بہ شڪتي پيٺ مڃيو ويندو آهي. چاڪاڻ تہ هنگلاج ۾ پاروتيءَ جو شيش ڪِريو هو، اِن ڪري هنگلاج شڪتي پيٺ سڀني پيٺن ۾ اُتم ليکيو ويندو آهي. هنگلاج ماتا جو شڪتي پيٺ (مندر) ڪراچيءَ جي اُتر اولهہ ۾ ١٤٤ ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي. شڪتي پيٺ جي ڏکڻ ۾ ١٢ ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي سمنڊ آهي.

جهڙيءَ طرح ڪانگڙا ۾ جوالامکي، ڪاشيءَ ۾ وشالا ڪٽي، مالوا ۾ ڪالڪا، ونڌيا چل ۾ اشٽڀجا، آسام ۾ ڪاماکيا، نيپال ۾ گهيشوري، پرياگ ۾ للتا، بنگال ۾ سندري، تاملناڊوءَ ۾ ڪنيا ڪماري، گجرات ۾ امباديوي ۽ ڪانچيءَ ۾ ڪاماشري ۽ گيا ۾ منگلا ديويءَ جي نالن سان ماتا جي پوڄا ٿيندي آهي؛ تهڙيءَ طرح سنڌ، بلوچستان وغيره علائقن ۾ هنگلاج ماتا جي پوڄا ٿيندي آهي. هنگلاج ماتا جي پوڄا هندوُ ئي نہ، پر مسلمان بہ ڪندا آهن. مسلمان کيس ناني چوندا آهن ۽ اُن جي تيرٿ ياترا کي نانيءَ جو حج چيو ويندو آهي. خان عبدل غفار خان آزاديءَ جي لڙائيءَ جي شروعات هنگلاج ماتا جي مندر وٽان ڪئي.

هنگلاج جي ياترا ٻين ڌرمي تيرٿن جي ياترائن کان وڌيڪ تڪليف واري آهي. تنهن هوندي بہ ماتا جا پوڄاري ڪشٽ ڪشالا سهي وقت بہ وقت اُها ياترا

ابيات متفرقه - بيت ٣٥:

تنين رءِ همير گهنگهر گهاريان ڏينهڙا.

ابيات متفرقه - بيت ٣٦:

ڏنيون لس لطيف چئي هنئڙي کي همير.

هڪ ٻي ڳالهه جا مون شاهه جي رسالي ۾ ڏٺي آهي، اُها آهي ته شاه لطيف پنهنجي رچنا ۾ ''امرڪوٽ'' اکر ڪم آندو آهي.، نه ڪِ ''عمر ڪوٽ.''

مون هڪ ويچار مٿي ڏنو آهي، جنهن تي ڪوجنا ڪرڻ ڪپي ڪوجنيڪن کي ۽ سچو اِتهاس اڳيان آڻڻ ڪپي. اسان کي خبر هئڻ ڪپي ته شاهه جي سنن سُورمين ۾ ٿي هندو لوڪ ڪٿائون آهن. شاهه جي مٿان هندو فلاسافيءَ جو وڏو اثر ٿو نظر اچي.

ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي
ٻي. اي.، ايل. ايل. ٻي. (وڪيل)
پوسٽ باڪس نمبر ٨٩، اجمير - ٣٠٥٠٠١.

ٻن روٽين مان
هڪ شخص جو
پيٽ پرجندو آهي،
مگر هڪ گيت مان
هزارين ماڻهن جي
اُسات لهندي آهي.
(موهن ڪلپنا)

آهي، اُتي ياترِي ويهي ساهہ پٽيندا آهن. اڪثر ياترا رات جي وِچڙي ۾ ڪبي آهي. وقتي ڏينهن رات بہ هلڻو پوندو آهي.

ڪجهہ ڏينهن ياترا ڪرڻ کان پوءِ پريان هڪ دونهون اوڀاريندڙ جبل نظر ايندو آهي، جنهن جي چوڌارِي نديون نديون ٽڪريون آهن. اُن کي چندر ڪوپ سواميءَ جو جبل چون. اُن پهاڙ تي وڃي چندر ڪوپ سواميءَ جي پوڄا ڪرڻ کان پوءِ اڳتي جي ياترا ڪري سگهبي آهي. شام ڌاري پهاڙ جي هيٺان پهچي اُتي رات گذاري، صبوح جو سويل مٿي چڙهڻ شروع ڪبو آهي. مٿي چڙهڻ ۾ ڏيڍ ڪلاڪ کن لڳِي ويندو آهي. رات ۾ ڇڙيدار چندر ڪوپ سواميءَ لاءِ روٽ تيار ڪرائيندو آهي. روٽ تيار ڪرڻ جو نمونو بہ انوکو آهي. ڇڙيدار نئون ڪپڙو ڪڍِي ڏيندو آهي، جنهن کي چار ياترِي چئن ڪندن کان جهليندا آهن. ٻيا سڀ ياترِي اُن ۾ اَٽو، گيهہ، ڳڙ يا کنڊ وجهندا ويندا آهن. اُن کان پوءِ ڇڙيدار چادر پائي ڪپڙو جهليندڙ ياترين جي پنج پيرا پرڪرما ڏيئي، ڪپڙي ۾ اَٽو ڳوهڻ شروع ڪندو آهي. ڇڙيدار جو چوڻ هوندو آهي تہ ڪپڙو هيٺ زمين سان نہ لڳڻ ڪپي. روٽ تيار ڪري ڪائين سان ڍڪي رکڻو پوندو آهي ۽ صبوح جو پاڻ سان گڏ جبل تي کڻِي وڃڻو پوندو آهي.

مٿي پهچي ڇڙيدار ڇڙيءَ کي زمين ۾ کُپائي پوڄا ڪندو آهي ۽ پوءِ منتر جاپ ڪندي، روٽ چندر سواميءَ ڏانهن اُڇليندو آهي. هاڻي اچو تہ ڏسون تہ اِهو چندر ڪوپ سوامِي ڪير آهي؟ دراصل چندر ڪوپ سوامِي جبل جي چوٽيءَ تي ڏيڍ سو کن والن جي گرم ۽ آلي مٽيءَ جي هڪ گول ڏٻڻ آهي، جنهن مان دونهان نڪرندا رهندا آهن ۽ گرم گرم مٽِي مٽي اُڏامندِي رهندِي آهي. اُن مٽيءَ مان جبل جي چوڌارِي نديون نديون ٽڪريون ٺهِي ويون آهن. مٽِيءَ جا ايڏا تہ وڏا ٻُدبدا نڪرندا آهن، جو هوند فروٽ جا وڏا ٽوڪرا بہ نندا لڳن. هزارين سالن کان چندر ڪوپ سواميءَ جي ڏٻڻ جِي مٽِي ٽهڪندِي ۽ اُڏامندِي رهي ٿِي، پر اُن ۾ ڪوبہ فرق ڪونہ آيو آهي. جڏهن ڇڙيدار روٽ چندر ڪوپ سواميءَ يعني ڏٻڻ ڏانهن اُڇليندو آهي تہ اُها ڏٻڻ اُن کي ڳرڪائي ويندِي آهي. آخر ۾ ڇڙيدار چلم ۾ گانجو ڀري ناريل سان گڏ اُڇليندو آهي، اُهو بہ ڏٻڻ ڳِيهي ويندِي آهي. اُن کان پوءِ ياترين جو وارو ايندو آهي. هرهڪ ياترِي زور زور سان چِلائي چندر ڪوپ سواميءَ کي پنهنجو نالو، پيءُ جو نالو، گوتر ۽ شهر جو نالو ٻُڌائيندو آهي. پوءِ

ڪندا رهن ٿا. ياترا لاءِ گائيڊ ڪٺڻ وڏيڪ سٺو ٿيندو آهي. ان سان ياترا ڪجهه سولي ٿي پوندي آهي. گائيڊ کي ڇڙيدار (پروهت) چيو ويندو آهي.

ڪراچيءَ کان ڇهه ميل کن پري ”هاو“ نالي نديءَ وهي ٿي. ڪراچيءَ مان پوڄا جو سامان ۽ هڪ موتين جي مالها خريد ڪري، هاو نديءَ ڏانهن وڃڻو پوندو آهي، جتان ياترا شروع ٿيندي آهي. ڪراچيءَ مان جيڪا موتين جي مالها وٺبي آهي، ان کي ”هنگلاج جو سونگڙو“ چوندا آهن. ”هاو“ نديءَ جي ڪناري تي ڇڙيدار ملي ويندا آهن، انهن ڇڙيدارن وٽ ڪنهن جهنگلي وڻ جو ترشول نما ڏنڊو هوندو آهي، جنهنکي ڇڙي چوندا آهن. ڇڙيءَ کي جهنڊو لڳائي ان کي گيڙو، پيلي ۽ ڳاڙهي ڪپڙي سان ڍڪي ان جي پوڄا ڪئي ويندي آهي. اِها ڇڙي آخر تائين سندن هٿ ۾ هوندي آهي. ڇڙيءَ جي پوڄا ڪرڻ بعد ”هنگلاج ماتا جي جئه“ جا نعرا لڳائيندي ياترا شروع ڪئي ويندي آهي. ياترا شروع ڪرڻ کان اڳ ياترين کي گيڙو رنگ جو ڪپڙو ڏيئي قسم کڻايو ويندو آهي ته هرهڪ ياتري ياترا پوري ڪري واپس هن جڳهه تي پهچڻ تائين سنياس ڌرم جو پالن ڪندا ۽ دل مان حسد، وير ۽ ننڍا جهڳڙا برا ويچار ڪڍي ڇڏيندا. ياترا شروع ڪرڻ وقت هرهڪ ياتريءَ کي هاو نديءَ مان پاڻيءَ جي هڪ گهگهي ڀري کڻڻي پوندي آهي. ڇڙيدار هرهڪ ياتريءَ کي اهو تاڪيد ڪندو آهي ته هوُ پنهنجي گهگهيءَ جو پاڻي ٻئي ڪنهن کي نه پيئاري، چاهي اهو سندس ڪهڙو به ويجهو عزيز ڇو نه هجي.

چون ٿا ته هڪ ڀيري چيلي پنهنجي گهگهيءَ جو پاڻي پنهنجي گروءَ کي پيئاريو، جڏهن سندس گهگهي خالي ٿي ۽ ڪيس اُڃ لڳي ته گروءَ ڪيس پنهنجي گهگهيءَ مان هڪ ڦڙو پاڻيءَ جو به ڪونه ڏنو، ڪيس ڏپ لڳو ته متان سندس گهگهي خالي ٿي وڃي. پاڻي نه ملڻ ڪري چيلو ڦٿڪي ڦٿڪي مري ويو پر گروءَ کي ڪو ڏک ڪونه ٿيو. ڀڳوان جي ليلا عجيب آهي. ٿوريءَ دير کانپوءِ گروءَ جي پاڻ مرادو گهگهي ڀڄي پيئي. اُن به اُڃ ۾ تڙڦي تڙڦي پراڻ تياڳيا. اُن جڳهه تي اڄ به گرو چيلي جي نالن جا به پٿر لڳل آهن.

رڻ پٽ جي اها تيرٿ ياترا اهڙي ته اٽانگي آهي جو رستي تي ورلو ڪٿي کوهه ملندو آهي. جيڪڏهن کوهه ملندو به آهي ته ان جي مٿان هڪ چوڪيدار ويٺو هوندو آهي جيڪو هڪ ڦلڪو وٺڻ کانپوءِ ئي پاڻي پرڻ ڏيندو آهي. ياترا ٻاهه جو سمنڊ پار ڪرڻ جهڙي پوائتي آهي. جتي به پاڻي يا رهڻ جي جڳهه ملندي

پسگردائي يا پرياوَرڻ

اج ڪلهہ سائنس ترقِي ڪري ڪماليت جي درجي تي پهتِي آهي، جنهن لاءِ اسان کي ناز آهي. اجا بہ ايجادن ۽ نين ڪوجنائن جو سلسلو جاريِ آهي. هڪ طرف عام ۽ آسائش جي وسيلن ۾ اِضافو ٿِي رهيو آهي، ٻئي طرف مشڪلاتون ۽ پيچيدا مسئلا پيدا ٿِي رهيا آهن. اِنهن مسئلن ۾ هڪ اهم اسم پسگردائِيءَ يا پرياورڻ جو ٿِي رهيو آهي.

اُپاءَ: انتر راشٽريہ ليول تي پسگردائِيءَ جي سار سنڀال، سلامتِيءَ ۽ سڌاري بابت ويچارن ۽ خيالن جِي ڏي وٺ ڪري بحث مباحثو هلِي رهيو آهي. واتاورڻ کي سڌارڻ ۽ پرياورڻ جي سنڀال لاءِ قاعدا ۽ قانون ٺاهيا ويا آهن. اُن جي بچاءَ ڪرڻ لاءِ عام کي سجاڳہ ڪيو پيو وڃي. متحد جمائت طرفان سيني ملڪن کي هن هلچل ۾ ڀهرو وٺڻ لاءِ چيو پيو وڃي. الڳ الڳ ملڪن ۾ سرڪاريِ سطح تي بہ قاعدا ۽ قانون ٺاهي قدم کنيا پيا وڃن. خاص اِنهيءَ مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ الڳ الڳ کاتا کوليا ويا آهن. اسان جي ديش ڀارت ۾ پڻ اِنهيءَ لاءِ هڪ ڌار محڪمو کوليو ويو آهي ۽ نگرانِيءَ واسطي وزير مقرر ڪيو ويو آهي.

عام جو فرض: حقيقت ۾ پسگردائِي يا پرياورڻ جِي حفاظت ۽ سڌاري جو لاڳاپو عام پبلڪ سان آهي. سيني پراڻين سان اِهو جڙيل آهي. سيني ساهوارن جو وجود بہ صاف ۽ سڌريل پسگردائِيءَ تي مدار رکي ٿو. تنهن ڪري اسان جو فرض آهي تہ اِنهيءَ اهم مسئلي ڏانهن ڌيان ڏيون ۽ اِنهيءَ هلچل ۾ شامل ٿِي عام ڀلائِيءَ جي ڪمن ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيون. سنڌ جي مشهور شاعر سائين ڪشنچند کترِي ”بيوَس“ جن بہ فرمايو آهي تہ :

”دنيا ۾ خلق خدمت کان نہ ڀانيوُن بندگِي بهتر.“

در اصل اِن مقصد ۾ اسانجي پريوارن جِي ڀلائِي بہ سمايل آهي. اِنسان يا ٻيا ساهوارا بہ تڏهن ڪم ڪري سگهندا، جڏهن هوُ سلامت، تندرست ۽ سگهارا هوندا. پر اِهو منحصر آهي صفائِيءَ تي.

آرام ۽ آسائش لاءِ ڪوجنائون: اسان پنهنجي سک ۽ سهوليت لاءِ ايجادوُن ڪري ريل گاڏيون، موٽرون، هوائِي جهاز، ٽيليفون، فئڪس، پيجر، ٽيليوزن ۽

پنهنجا پاپ ٻڌائڻ شروع ڪندو آهي. پاپ ٻڌائڻ ڪان پوءِ اِهو وچن ڏيندو آهي تہ اڳتي هوُ ڪنهن بہ پاپ ڪرم جي ويجهو ڪونہ ويندو. آخر ۾ روٽ ۽ پوڄا جو سامان چندر ڪوپ سواميءَ ڏانهن اُڇلايو ويندو آهي. جيڪو ياترِي ڪوُڙ ڳالهائيندو آهي، اُن جو روٽ ۽ پوڄا جو سامان چندر ڪوپ سوامِي سويڪار ڪونہ ڪندو آهي. اُن وقت ڏيڻ مان ٻُدٻُدا نڪرڻ بند ٿِي ويندا آهن. اهڙي ياترِيءَ کي مٽيءَ جا پِتر هٿِي واپس موڪليو ويندو آهي.

چندر ڪوپ جبل تان هيٺ لهڻ ڪان پوءِ هنگلاج ماتا جي مندر تائين پهچندي پنج ڇهہ ڏينهن لڳِي ويندا آهن. پنجين ڏينهن شام ڌاري آخرين ڳوٺ ايندو آهي. اُن ڳوٺ جا سڀ گهر ڪاٺ جا آهن. اُن ڳوٺ ڪان ڇئن پنجن ڪلاڪن جي پنڌ تي ”اگهور ندي“ آهي، اُها پار ڪري ڪجهہ وقت هلڻ بعد هنگلاج ماتا جي مندر وٽ پهچبو آهي. مندر پهاڙ تي آهي. اُتي ئي هنگلاج ماتا جي غفا آهي. غفا جو منهن ۵۰ - ۶۰ فوٽ وڏو آهي. اُن مان لنگهڻ ڪان پوءِ غفا جي آخر ۾ هڪ ٿلهي تي ٻرندڙ ڏيئو نظر ايندو آهي. انڌڪار هئڻ سبب ڏيئي جي روشني وڏو سهارو بڻجندِي آهي. ڇڙيدار اُن ٿلهي تي وڇايل ڳاڙهي ڪپڙي تي پوڄا جي سامگرِي رکِي ميٽبٽيون ٻارڻ لاءِ چوندو آهي. ٿلهي جي هڪ پاسي هڪ دروازو آهي، ٻئي پاسي ٻيو دروازو آهي. هڪ دروازي مان ڪنڌ جهڪائي، گوڏا کوڙي اندر گِهڙڻو پوندو آهي ۽ پوءِ درشن ڪري ٻئي پاسي واري دروازي ڪان ٻاهر نڪرِي اچبو آهي. اوهان کي شايد عجب لڳندو تہ اُتي مندر ۾ هنگلاج ماتا جِي ڪا مورتِي رکيل ڪانهي پر هڪ انب نُما وڏو پٿر رکيل آهي، جنهن کي ماتا جو سروپ سمجهِي هزارين سالن ڪان پوڄا ڪئِي وينديِ آهي. اِئين درشن ڪري ياترِي ڪرتارٿ ٿِي ويندا آهن ۽ پاپن ڪان مڪت ٿِي پنهنجن گهرن ڏانهن موٽِي ويندا آهن.

ڪيمن يوُ. موُلاٽي
اي - نئون، ۱۴/۱۳۴،
ٻئراڳڙهہ ڀوپال - ۴۶۲۰۳۰.

تنهن ڪري اِنهن سڀني جو ميزان پورو هوندو ته پسگردائي ٺيڪ رهندي. جي آدم وڌندو ته بئلنس بگڙجندو. تنهن ڪري آدمشماريءَ تي ڪنٽرول يا ضابطو رکڻ ضروري آهي. اِنهيءَ لاءِ اهڙا اُپاءَ وٺڻ گهرجن جو ميزان ۾ خاص فرق نه پوي.

اڄ ڪلهه ماڻهن کي خالص شيون ۽ شڌ کاڌو حاصل نٿو ٿئي، ڇاڪاڻ ته اِنهن کي پيدا ڪرڻ ۾ ڌيان نه آهي شڌ هوا ۽ نه صاف پاڻي ملي ٿو. تنهن ڪري اِن ڳالهه خاص ويچار لهڻو.

قدرت پنهنجي ڪائنات جي پنڊار ۾ ڪئين نعمتون بخشيون آهن. تن مان ڪي تمام ضروري آهن، جن تي ساهوارن جو بنياد آهي. جهڙوڪ: هوا، باهه، پاڻي ۽ کاڌو. اِنهن جي اُپت کپت جي طريقن تي ڌيان ڏيڻ به ضروري آهي. ساڳئي وقت اِهي ظابطي هيٺ به هئڻ گهرجن. اِنهيءَ بابت ٿورو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو:

پاڻي: اِنسان جي جياپي ۽ تندرستيءَ لاءِ پاڻي اهم جڳهه والاري ٿو. پاڻيءَ کان سواءِ جيئڻ مشڪل آهي. پاڻيءَ جا پنڊار حاصل ڪرڻ لاءِ نديون، نهرون، تلاءَ ۽ کوهه وجود ۾ آيا. پر اِنهن سڀني کي پرڻ جو وسيلو آهي برسات ۽ برسات جو آڌار آهي وڻڪار. پر اڄ ڪلهه جهنگلن ۽ وڻن ٽڻن کي وڍي ميدان صاف ڪري اُتي شهر آباد ڪيا پيا وڃن ۽ ڪارخانا کوليا وڃن ٿا. تنهن ڪري لازمي ٿي پيو آهي ته ميدانن، جبلن جي چوطرف ۽ رستن، گهرن، عام جڳهين، اسڪولن ۽ ڪارخانن جي آسپاس وڻ ٽڻ پوکيا وڃن. نوان جهنگل ٺاهيا وڃن، جيئن برسات جام پوي. اِنهيءَ سان گڏوگڏ پاڻيءَ جي کپت تي به ڪنٽرول ڪرڻ گهرجي. تنهن کانسواءِ کني ۽ ڪتب آندل پاڻيءَ کي صاف ڪري وري اُن کي ضرورت واري جڳهه تي ڪم آڻجي. اهڙيءَ طرح پاڻيءَ جو بچاءُ به ٿي ويندو ۽ گندي پاڻيءَ سبب پيدا ٿيندڙ بيمارين تي به روڪ پوندي.

هوا: هوا به اِنسان لاءِ اهڙي ضروري آهي، جهڙو پاڻي. پاڻيءَ کان سواءِ ماڻهو ڪجهه دير زنده رهي سگهي ٿو، ليڪن هوا کان سواءِ جيئڻ مشڪل آهي. گنديءَ هوا سبب دم گهٽجندو آهي، تنهن ڪري هوا به صاف ۽ خالص هئڻ گهرجي. تازي ۽ شڌ هوا سان ماڻهو تندرست رهي ٿو. ليڪن اڄ ڪلهه بيشمار موٽر گاڏين ۽ بي انداز ڪارخانن سبب خاص ڪري شهرن جو ماحول گهٽيل ٿي پيو آهي. چئني طرف دونهون ئي دونهون نظر اچي ٿو ۽ اُن سان گڏ ڪن ڦاڙيندڙ

ڪمپيوٽر وغيره تيار ڪيا آهن ۽ اِنهن لاءِ ڪارخانا کوليا ويا آهن. اڄ سوين سُکن جو سامان ۽ اُنهن جي ذريعن هوندي به ماڻهو پاڻ کي سُکي محسوس نٿو ڪري، ڇاڪاڻ ته اِنهن گاڏين، موٽرن ۽ ڪارخانن وغيره مان اهڙو دونهون نڪري ٿو، جيڪو آبهوا کي خراب ڪري ٿو. اِنهيءَ کان سواءِ اسانجي آدمشماري به وڌندي رهي ٿي. اِن ڪري شهرن ۾ ماڻهو ٻوساٽ ۾ رهن ٿا. گهٽي پبلڪ سبب ڪچرو ۽ گند به گهڻو ٿئي ٿو. گهٽين ۽ نالين ۾ پرجڻ سبب اِهو ڪچرو ۽ گندو پاڻي رستن ۽ بازارين ۾ پکڙجي ٿو. اهڙيءَ طرح گندگي ڦهلجي ٿي ۽ آبهوا خراب ٿئي ٿي ۽ پرياورڻ تي اثر پوي ٿو.

پرياورڻ کي بگاڙيندڙ ٻيا ڪارڻ: قدرتي طور پسگردائي صاف ۽ پاڪ آهي. اُن کي ناهڻ ۽ ڊاهڻ وارا اسين خود آهيون. خاص ڪري گذريل سَو کن سالن کان دنيا جا ماڻهو پسگردائيءَ کي خراب ڪري رهيا آهيون. اِهو سڀ حالتن جي تقاضا ڪري ٿي رهيو آهي. جيئن جيئن آدمشماري وڌندي، تيئن تيئن اِنسان جون گهرجون به وڌنديون. گهرجن جي پورتيءَ لاءِ ڪارخانا پوڻ لڳا ۽ شهر جي آبادي به ويئي وڌندي. آمدرفت لاءِ شاهي رستا ٺهڻ لڳا، ڪارخانن ۽ رستن لاءِ زمين جي گهرج سبب جهنگل ۽ وڻ ٽڻ ڪٽجڻ لڳا ۽ رستن تي موٽرون، بسون ۽ ٽرڪون هلڻ لڳيون. جهنگلن ۽ وڻن ٽڻن جي ڪٽجڻ ڪري برسات گهٽ پوڻ لڳي ۽ صحتمند هوا گهٽ ٿيڻ لڳي. گاڏين مان دونهون نڪرڻ ڪري هوا غليظ ٿيڻ لڳي. آبهوا جي بگڙڻ ڪري اسان جي صحت تي اثر پيو ۽ بيماريون وڌيون آهن.

ڪائنات ۽ پرڪرتي: ايجادن جو سلسلو ته جاري رهندو ايندو. اڃا ته شروعات آهي. ڪائنات جي پردي ۾ پرڪرتي رهسيه سان پري پيئي آهي. اِنهيءَ جي مثان لائجي ڪيترا پردا پيل آهن. اِن باري ۾ اسان کي اڃا ڪافي ڪجهه ڪرڻو آهي. لکل رهسيه جا پردا کولي نوان راز معلوم ڪرڻا آهن. پر اِن لاءِ سٺي پرياورڻ جي ضرورت آهي. پرياورڻ هڪ وسيع وشيه آهي، اُن کي سمجهڻ ۽ قائم رکڻ هڪ مکيه مسئلو آهي. ڇاڪاڻ ته اُن جي دائري ۾ لڳ ڀڳ سموري پرڪرتي اچي وڃي ٿي. پرياورڻ کي صاف سٺرو رکڻ جو ڪم ته اِنسان ئي ڪري سگهندو. باقي ڪم قدرت ڪندي رهندي.

پسگردائي يا پرياورڻ جو صفت: زمين، پاڻي، هوا، وڻ ٽڻ، پکي پسون ۽ ماڻهو اِنهن سڀني جي هئڻ، ملائڻ ۽ سنبند جوڙڻ سان پسگردائي ٺهي ٿي.

سُهڻي ميهارُ

لوڪ ساهتيہ ـ لوڪ ڪٿائون، لوڪ گيت ادب جو املهہ خزانو آهن. سنڌي ادب ۾ ڪٿائن کي زباني روايتن مان سهيڙي قلمبند ڪري شعر جي روپ ۾ عوام تائين پهچائڻ جو سهرو اسان جي سنڌ جي عظيم شاعر شاهہ عبداللطيف کي آهي. شاهہ سنڌي شاعري جو آفتاب، تهذيب جو روح، شعر جي آتما، سنڌي ادب جو لاثاني گوهر، سنڌ جو شيڪسپيئر، سُورمن ۽ سُورمين جو شاعر؛ جنهن سهڻي ۽ سسئي، مُومل ۽ مارئي، لئلا ۽ نُوري، سورٺ ۽ راءِ ڏياچ جي قربانين جا قصا عوام اڳيان آڻي، پٿر بہ پگهري ڇڏيا. سندس سُورمي، سُهڻي ۽ ميهار جي قربانيءَ جو مثال اِتهاس ۾ ورلي ئي ملندو. ڪيترين عشق ڪمايو، پر هڪ عورت ٿي ڪري سُهڻيءَ ميهار سان عشق نڀايو، اهڙو مثال حقيقي توڙي مجازي، فطني توڙي سياسي عشق جي راهہ ۾ مشڪل ملندو. عورت جي همٿ ۽ بهادريءَ سان پنهنجي محبوب سان ملڻ ماٽ ٿيڻ، اونداهي رات ۾ بہ درياهہ جي دهشت، هيبت ناڪ هلاچن، ڪُنن جي ڪڙڪن لهرن جي لُڏ ۾ جتي واڳُو ۽ سيسر پيا وراڪا ڏين، سُهڻي محبت جي مجسم مُورت گهڙو هٿ ۾ ڪٽي پرينءَ جي پيار ۾ پختي پنهنجي محبوب ميهر سان ملڻ ويندي هئي. درياهہ ۾ سندس دلبر هو دلو، جنهن سان تري هُن پار پهچي ويندي هئي. سُهڻيءَ جي لوڪ ڪٿا سُٽي رُوح ريلا ٿو ڏئي، دل دهلجي ٿي وڃي، نيڻ نيسارا ٿا نائين. شاهہ جي سُهڻي، صورت ۾ چا پر سيرت ۾ بہ سُهڻي هئي. جائي سا ڪنيار جي، پر حسن جي بي نظير، ڪنيار جي جائي. پٽس جهڙا سُهڻا ٿانوَ گهڙيا تهڙي سهڻي بہ جڻ گهاڙت تان گهڙيائين. بس امبيءَ جو قل هئي. جهڙي نفيس ۽ نازڪ تہ سندس لڇڻ بہ ڪنهن وڏگهراڻي خوبصورت جا ٿيا.

> ڀيُون سپيئي ماءُ پيءُ جايـُون،
> پر هيءَ عشق (حسن) جي جائي.

ڪي چون ٿا تہ سُهڻي سنڌ ۾ شهدادپور جي پر ۾ جائي ۽ ڪي چون ٿا تہ شاهہ جهان بادشاهہ جي ڏينهن ۾ تُلا ڪنيار جي گهر پنجاب ۾ جائي. ڪن جو وري چوڻ آهي تہ سُهڻيءَ جي ڳوٺ پر چناب ندي وهندي هئي، چوتہ پنجاب ۾ جائي هئي. ڪٿي بہ جائي، پر پلي جائي سُهڻي.

گوڙ ۽ آواز. تنهن ڪري ضروري آهي ته موٽر گاڏين ۽ ڪارخانن جي صفائيءَ تي ڌيان ڏنو وڃي ۽ اهڙا اوزار ڪم ۾ آڻجن، جي وڌندڙ دونهين تي روڪ وجهن، خوفناڪ آواز کي گهٽائن ۽ دٻائن. وڻڪار سان به هوا سڌرندي آهي، تنهن ڪري هوا کي صاف رکڻ لاءِ به وڻ ٽڻ ضروري آهن.

زمين جو اُپيوگ: اڄ ڪلهه ڏٺو ويو آهي ته ڪارخانا ۽ جڳهيون روڪي زمين تي ٺاهيا وڃن ٿا. اِها زمين کيتيءَ جي لائق آهي، جنهن تي اناج، ڀاڄيون، ميوا ۽ ٻيون شيون پيدا ڪري اِنسان پنهنجي لاءِ کاڌو خوراڪ ميسر ڪري سگهي ٿو ۽ هوا به شڌ رهندي. تنهن ڪري ڪارخانا اهڙي هنڌ لڳايا وڃن، جتي زمين کيتيءَ جي لائق نه هجي. اهڙي نموني بيڪار يا اڻ اُپجائو زمين به ڪم ۾ اچي ويندي ۽ شهرن ۾ وڌندڙ آدمشماريءَ جو دٻاءُ به گهٽجڻ لڳندو.

سرڪاري قدم ۽ پبلڪ جو سهيوگ: پرياورڻ جي سنڀال ۽ بچاءَ لاءِ سرڪار طرفان هر ڏس ۾ ڪم ڪيو پيو وڃي ۽ قاعدا قانون پاس ڪيا پيا وڃن. خاص ڪري هوا ۽ پاڻيءَ جي سنڀال لاءِ الڳ قانون پاس ڪيا آهن. جيئن ته:

1. The Air (Prevention and Control of Pollution) Act, 1981.
2. The Water (Prevention and Control of Pollution) Act, 1974.

اِنهيءَ کان سواءِ جهنگلن جو بچاءَ لاءِ، نئشنل پارڪن جي سنڀال لاءِ به نيم ٺاهيا آهن. پرياورڻ سکيا جي باري ۾ پڻ قدم کنيا پيا وڃن، جيئن عام کي پسگردائيءَ جي مهتوَ جي ڄاڻ ملي ۽ سڄاڳي پيدا ٿئي. ليڪن اِهي ڪم ۽ اُديش، بنا پبلڪ جي سهيوگ جي پورا ٿي ڪونه سگهندا. تنهن ڪري اسان جو فرض آهي ته اِنهن نيمن جي پوئواري ڪريون ۽ سرڪاري هلچل ۾ ڀرپور وٺون. ڇاڪاڻ ته سرڪار ۽ پبلڪ هڪ ئي گاڏيءَ جا ٻه ڦيٿا آهن. جيڪڏهن ٻئي ڦيٿا گڏ هلندا ته سڦلتا ملندي ۽ نتيجا بهتر ملندا. سنسار ۾ سک ۽ امن ايندو. پرياورڻ کي بگاڙڻ ۾ اِنسان جيڪي غلطيون ڪيون آهن، اُنهن جو نتيجو اسين لوڙي رهيا آهيون. هاڻ اسان جو فرض ٿو بڻجي ته سڄاڳ ٿيون. آبهوا کي وڌيڪ خراب ٿيڻ کان بچايون، جيئن ايندڙ پيڙهي اسان جو اولاد اسان کي دعائون ڏئي. ٻيءَ حالت ۾ ممڪن آهي ته هوُ اسان کي پٽين. تنهنڪري اچو ته هاڻ پسگردائيءَ جي سنڀال ۽ بچاءُ ڪريون، جنهن ۾ سمايل آهي اسانجي ڀلائي ۽ اسانجي ٻارن جي حفاظت.

ياد رکڻ گهرجي ته جيڪو ڪليٽڪاري آهي، اُهوئي آچرڻ ڌرم آهي.

نارائڻ کتري ”راهي“
١٥٣/١، مانسرووَر، جئپور.

پلا خون ڪستوري ڪا ڳجهي رهي؟ اُهو عشق کهڙو جو وڇوڙو نہ ڏسي! سندن للات ۾ ڪو لڪيل هو وڇوڙو. ٽُلا ٻيو وسيلو نہ ڏسي سهڻيءَ جي شادي ڏم سان ڪرائي ميهار کي لوڏي ڪڍي ڇڏيائين. ويچاريءَ گهڻا ئي واڪا ڪيا تہ منهنجو ناتو ميهر سان جنمن ڪان آهي، پر اهو منهنجي للات قلم ڪياڙيءَ نہ وهي. ميهر بہ تلا جو گهر ڇڏي اچي اجبسين جي مڙهيءَ ۾ رهيو. درياہ جي پرينءَ پر دونهين دکائي. اوتارو اڏي اچي ويٺو. سندس هاڪ هنڌين ماڳين پکڙجي ويئي.

هوڏانهن سُهڻي- جنهن کي سک ساهڙ جي، پورن متي پور. مينهن ۽ ميهار کي پيئي راتيان ڏينهان سنڀاري. ڏم سان سندس ڪين ٿي پيئي. ڏم بہ ڪيس ڏهہ ڏهہ طعنا ڏيندو هو. سُهڻيءَ کي اهي اقرار ياد هئا جيڪي ميهر سان ڪيائين تہ جيئنداسين بہ گڏ تہ مرنداسين بہ گڏ!

دل جو لٿي قرار ڪري، بي قرار وئين،
دل ۾ دکي ٿو درد جو، دونهون هري هري.
ڪڪرن جي ڪارونيار ۾، غائب پي اوچائي،
ڪيئن چندبِ بن چڪور جي، پل پي سري سري.
صدقي وڃان سڄڻ سؤ وار تنهنجي نانو تان،
هڪوار مون ڏي جي اچين، پيرا پري پري.

سُهڻي اهو سوچي رهي هئي تہ ڪيس ساهيڙين اچي ٻڌايو تہ ڪو جوڳي آيو آهي، هل تہ سندس درشن ڪري اچون. سُهڻي سرتين سان هلي، ٻنهي هڪ ٻئي کي سڃاتو ازل جو نينهن هون. اڄ سُهڻيءَ دعا ڏٺيءَ در قبول پيئي. آءٌ تہ تنهنجي آهيان. ڏم سان زوريءَ نڪاح هيس.

سُهڻيءَ روز رات آڌي رات جو روح رچنديون ڪرڻ جو قول ڪيو. درياهہ جي ڪناري رات جو ڏم پنگ جي نشي ۾ چُور ٿي اچي ڪرندو هو. سُهڻي ۽ ميهار جون روز رات جو ملاقاتون ٿينديون هيون. پر قضا کي اجا بہ ڪو قهر ڪرڻو هو. ميهر کي ٽنگ ۾ زخم ٿي پيو. ڪمزور ٿي پيو هو، ان ڪري درياهہ دنگي اچي نٿي سگهيو. سُهڻيءَ چيس تہ هاڻي مان تو وٽ رات جو درياهہ تري ايينديس. توکي منهنجو قسم! تون نہ اچجانءِ. مان روز رات جو توسان ملڻ ايينديس.

جنکي اُسات عشق جي، سي واهڙ پانئين وڪڙي،
سندو ڏهہ ڏهڪائي، هڏهين ڪونهي هن کي،

سُهڻيءَ جو جنم شب قدا جي سڳورِي رات جو ٿيو. بخارا جو هڪ سوداگر هو عليِ بيگ جنهن کي پيريءَ ۾ پٽ ڄائو عزت بيگ، جنهن جو نالو ساهڙ به هو. هن جو جنم به شب قدا جي سڳورِي رات جو ٿيو هو. هڪ سهڻي من موهڻي ته بيو ساهڙ منٺار. شاهه جهان شان شوڪت جو ڪوڏيو، تنهن عاليشان عمارتون، بلند منارا، دلڪش ۽ راحت بخش باغ بوستان رچي، دنيا جي مجازي شوقينن کي هندستان جو هڪوارِيءَ سئر ڪرڻ لاءِ اُتاولو ڪري ڇڏيائين. سو بُخارا جي واپارِيءَ مرزا عليءَ جي سڪيلڌي پٽ جي به دل سرڪي، سو عمدو قافلو تيار ڪرائي، قيمتي مال جي نظردارِيءَ ڪاڻ اعتبار جوڳا نوڪر سنيرائي اچِي سهڻيءَ جي ملڪ پهتو. تُلا سُهڻيءَ جي پنا جو نالو هاڪارو، نِکر جا سُهڻا ٿانوَ نزاڪت ڀريا، نفيس ۽ سُهڻا، سڊول ۽ روغني جلوو. مرزا به اُهي ٿانوَ خريدڻ جو خيال ڪيو، خوب ٿانوَ خريد ڪيائين، پئسن چڪائڻ مهل سندس نظر وڃي سُهڻيءَ تي پيئي ته بُت بڻجي بيهي رهيو. سُهڻيءَ چڱيءَ چستائيءَ سان پئي پيءُ کي ڏنڌي ۾ واهر ڪئي. بس پوءِ ته روز خريدارِيءَ جي بهاني دڪان تي اچِي وهندو هو. سُهڻيءَ سان مختصر ملاقاتون پيار ۾ بدلجي ويون. قرض ڪڍي به ٿانوَ ڳنهندو ويو، وطن ورڻ جي ڪين ڪيائين. اوڙر نه چُڪائي سگهيو ته تُلا ڪيس مال چارڻ ۽ کير ڏهڻ جي سوکي ڪِرت ڏني. ڪيس ڪهڙِي ڪل ته سندس املهه ماڻڪ ڏِيءَ جي دل ڪسي پاڻ وٽ رکِي آهي ۽ اُن جي مست محبت ۾ هن وٽ ميهار ٿي ٿو بيهي. سُهڻي ۽ ساهڙ جي محبت جو پيچ پختو ٿيندو ويو. ميهار رهندو ڪنيار جي گهر پر ”دست به ڪار، دل به يار“، محبت ۾ ميهار پئي قسم قسم جون ڪاريون، ڪنڊيون، ڪڪيون، ڪڏهن بيلن جا چاهڪ چرن، ڪڏهن پاڻيءَ جا تار ترن، ميهار جي سڏ تي پيبون ڪرَ ڪڻ ته سُهڻيءَ کي ساهڙ جي مينهن سان به صحبت ٿي ويئي چوي:

مينهوُن اُن ميهار جون الله سڀ بچن،
وَڃون جي ڪيرن ۾ سدائين سهن،
مينهوُن اُن ميهار جون الله سڀ جيئن،
ڪاريون، ڪنڊيون، ڪڪيون، وارا ڪيو وهن،
جُوءِ جا جانارن جِي، بيلا بهه بهه ڪن.

سُهڻيءَ کي سندس ساهيڙيءَ ٿي چوي:

متان ڳهڙي سُهڻي، اڄ درياهه ۾ دم.

اِهو دلو پڪي چڙهُ، متان نه ٻُڏي وڃين. اڄ اُونداهين رات، سانوڻ جو مهينو. اونداهي ۾ هيو ڦوڪيل درياهه. هئڙي وير جو تارون به تنگ ٿي پون.

سُهڻي ٿي چوي:

بادل برسي، ڦوڪيل درياهه کونهي ٻيڙيءَ پوُر،
وڃان ته ٻوڙي ماري درياهه، رهان ته سيني ۾ سوُر.

ڪچو ساڻ ڪهي، پڪو پڇي نه سُهڻي،
لنگهيو لُڙ لطيف چئي، وچارن وهي.

سا ڪيئن نينهن نهي؟ جنهن کي نينهن نڌو ڪٽي،
سڪ تنهنجي سُپرين، جئن تران تئن تار،
تو نهين رهيو روح ۾، تون ئي اکيان ٻهار.

نيٺ سُهڻي سِر جو سانگو نه ڪري، سير ۾ ڪچو گهڙو کڻي ٽپي پيئي. ڪِلي پيئي، تِرڙي پيئي چوي:

سُهڻي سِر جو سانگو ڇڏي، پئه سير ۾ ڪاهي ضرور،
مُئينءَ ته تينءَ قربان پِرينءَ تان،
رَسينءَ ته هوت صفور.

ترندي پيئي وڃي. گگن جو گهمسان وڌندو ويو ته وڃي. بادلن جو شور، پاڻيءَ جو زور. دلو به ذيري ذيري ڪِسڪي ساٿ ڇڏي ويس.

گهڙو ڀڳو ته گهوريو، پڇي تان مَ گهڙي،
محبتي ميهار سين اٿم جيءَ جڙي.

اي رب! هاڻي توتي اٿيئي. نفيس نينگر تنهنجي، ٻانهن ۾ ٻل ڪيترو جو هيءَ سٽ سهي سگهي؟

سُهڻي روز دلو ڪٺي درياهہ تي اچي خاوند پروسي، الله جي آسري اچي ميهر سان ملندي هئي ۽ صبوح ڪان ڳهڻو اڳ گهر پهچي سمهي رهندي هئي. پلا جن کي عشق جي آگ اندر ۾، تن کي ڪير روڪيندو.

وهہ تک، واهڙ تک، جت نينهن، تک نرالي،
جن کي عشق عميق جو، خلوت خيالي،
وارئين سي، والي! هينئڙو جن هٿ ڪيو.

ڪجهہ ڏينهن اِئين هلندو رهيو. آخر ڏم کي ۽ سندس نراڻن کي بہ خبر پئجي ويئي تہ سُهڻي روز دلو ڪٺي رات جو ڦُهن پر ميهر سان ملڻ تي وڃي. سيني ملي ڪري محبت جو گلو گهٽڻ جي سَٽ سَٽي. رات جو اُهو پڪو گهڙو ڪڍي اُنجي جاءِ تي ڪچو دلو رکي آيا. سباجهي سهڻيءَ کي اِن جي ڪَل ڪانہ پيئي تہ اچ مون سان ويساهہ گهاتي ٿي آهي. اُن رات اونداهي رات هئي. مند بہ ڦري ويئي، آسمان ۾ بادل ۽ پاڻيءَ جي وهڪ ۾ تک. پاڻيءَ جي دهشت ڏسي هيانوَ هپائجي ٿي ويو. هيبتناڪ هلاچو. ڪُنن جا ڪڙڪا لهرن ۽ لُڙ هو. واڳهوُ ۽ سيسر پيا وراڪا ڏين. پرينءَ پر ميهار بيمار.

دهشت دم درياءَ ۾، جت سناٽا سيسار،
بيحد باگو بحر ۾، هيبت ناڪ هزار،
نکو سنڌو سير جو، مپ نہ ملاحن،
درندا درياهہ ۾، واڪا ڪيو ورن،
سچا پيڙا پار ۾، هليا هيٺ وجن،
ڪو جو قهر ڪُنن ۾، ويا ڪين ورن.

سهڻيءَ دلو ڪنيو، درياهہ کي ڏنو. جڻ تہ اچ ڪيس قدرت بہ پئي جهليو. سهڻي مَ وڃ! مَ وڃ! اهڙي خوفناڪ قدرتي قهر وقت بہ سهڻيءَ کي ميهر جا سڏ پئي بڌڻ ۾ آيا. سندس سک جو اونهو عميق ڪيس رهڻ نہ ڏئي. سوچڻ لڳي:

ڳهڙيا سي چڙهيا، اِئين اٿيئي،
مئي متي مهراڻ ۾، پئہ تپو ڏيئي،
تہ ميهارمليئي، سنيوڙو سيٽاهہ سين.

ڪي تران ڪي تار مون، ڪي سگهان ڪي سگهہ،
آڏو ڏيہہ مَ لڳ، مون هيڪليءَ وَلها!

هٽي هٽي ٻئي ماندا ٿي پيا. محبت جي موَ ۾ نيٺ ٻئي پروان درياهہ جي ٿيا.

گهڙو پڳو منڍ مئي، وسيلا ويا.

تنهن ڪان پوءِ:
بس ساهڙ، سُهڻي ۽ سائر سڀ هڪ ٿي ويا.

ساهڙ سا سُهڻي، سائر پڻ سوئي،
آهي نجو ئي ڳجهہ ڳجهاندر ڳالهڙي.

شاعر چوي ٿو تہ سُهڻي جيسين جيئري هئي، تيسين ڪڏهن بہ ڪڪ ٿي ويهي نہ رهي. سُهڻيءَ کي سمنڊ نہ ٻوڙيو، نہ ڪنهن نهر يا ڍنڍ. مُئي ڪان پوءِ بہ اڪين ۾ محبوب ملڻ جي اُڪير رکي، ميهار ڏانهن لُڙهندي ويئي.

جان هئي جيئري، ويئي نہ ويساند،
سائر ٻوڙي سهڻي، نہ ڍوري نہ ڍنڍ،
اڪين منجهہ اُڪنڊ، مُيائي ميهار ڏي.

شاهہ صاحب هن ۾ ساهڙ، سُهڻي ۽ سائر، سُهڻي آهي طالب جنهن کي ڏم قبول نہ ڪيو. ڏم آهي نفس هن دنيا جي چڪ سُهڻيءَ کي ڏم مان ڪٽائي پئدا ٿي. ميهار ساهڙ سان، محبوب مرشد سان اُن جي محبت آهي. جن کي عشق عميق جو، سي خلون خيالي. اهڙا طالب مرد خدا جا آهن جن کي رند ٿو چئجي. درياهہ طلسم مايا. دلو آهي سنساري موهہ. سُهڻيءَ دلو ڇڏيو تہ ميهر اچي سائي ٿيس. پوءِ سُهڻي ۽ ميهار گڏ جيئا، گڏ مئا بہ هئا، بہ پريمي آخر ملي هڪ ٿيا.

ڊاڪٽر سشيلا موٽواڻي
سشيلا سدن، الور گيٽ، اجمير.

هڪڙا جرڪا ۽ سيسار، اورار نه پرار، ويچاري وهه وچ ۾!
سڪيءَ ڏنيءَ سُپرين، هيو مڙيو ئي تار،
تون هڻ ڪيم نهار، ٻڏندن سين ٻاجهون ڪري.

نيٺ ٻيو ڪو وسيلو نه ڏسي وٺي دانهون ڪيائين، درد مان ته من ڪو ميهر دانهن ٻڌي.

ويچاريءَ وڏيون ڪيون، دانهون منجهه درياهه،
پر ٻانهن چڏيو، ويس سيئي واهه.

ميهار کي هيانءُ ڦاڙي سڏ ڪيائين:

موت محب پانهون، تا ڪن تڪي آهيان.

هُن پار ميهار وڏي اِنتظار سان سهڻيءَ جِي راهه تڪي رهيو هو. هن کي به موسم ڏسي شڪ پيو ته سُهڻيءَ جو ڇا حال هوندو. سندس دل جي ڌڙڪن وڌي ويئي. سهڻي انجام جِي پوري چو دير ڪيائين. پاڻ به لاچار تنگ جي سُور جو هلاڪ هو. ميهر ماندو ٿِي واهڙ يعني درياهه کي چوڻ لڳو:

واهڙ وهين ٿَم شال، سڪي پيلا ٽپون ٽئين.

پر درياهه چو ٿو ٻڌي. سُهڻيءَ جو سڏ ٻڌِي ميهار به وٺِي واڪا ڪيا ته آهي ڪو ملاح، آهي ڪا مڪڙِي، اڙي يارو ڪا واهر ڪريو.

اُپو تڙ ميهار، ملاحن سڏ ڪري،
آءُ پڻ وجهان هٿڙا، اوهين پڻ وجهو چار،
ادا اُنهيءَ پار جا، ميڙي اچو مڏ.

ميهار جا آواز ٻڌِي ملاحن چيو ته ميهر! اڄ هن ظلمات جي رات جو درياهه جو ظلم ڪير جهلي سگهندو؟

نيٺ ميهر سُهڻيءَ جا سڏ سَهي نه سَگهيو ۽ وٺي درياهه ۾ ٽپو ڏنائين. سُهڻيءَ ڏانهن ترندو وڃي، سُرندو وڃي. سُهڻِي به اڃِي وچ سير ۾ پهتِي هئِي. ميهار به اڃِي سامهون ٿيس، اڃِي ٿو چيلهه کان پڪڙيس، پر اينرو بار گهلي نه سگهيو. سُهڻيءَ چيو:

اسان جي اُن اعليٰ سڀيتا جو ڳڻ آهي، ''ڏيو ۽ سکي ٿيو''. سنڌي سڀيتا اسان کي سيکاريو آهي تہ ڏک سهي بہ ٻين کي سک ڏجي.

اچو تہ اهڙي اعليٰ سنسڪرتيءَ تي هڪ نظر وراءيون:

آريہ قوم جڏهن هن زمين تي قدم رکيو، تڏهن سنڌ جي واريءَ کي ''سنڌو'' نالي سان سڏڻ لڳا. سنڌوءَ جي معني آهي ''درياهہ.'' سنڌو نديءَ هن ايراضيءَ جي وڏي وهندڙ ندي آهي، اِن ڪري اُن کي ''سنڌو'' ۽ بعد ۾ ''سپت سنڌو'' جي نالي سان سڏڻ لڳا. جيئن تہ آريہ قوم جا پاڙيسري ايراني هئا، جن وري ''س'' جو اُچار بدلائي ''هہ'' ڪيو ۽ سنڌ کي هند ڪوٺيو ويو. يونانين وري ''س'' کي ''اند'' سڏيو، جو وري رومين جي زماني ۾ اند مان اِنڊيا ٿيو. جيڪو هاڻي انگريزيءَ ۾ اِنڊيا سڏجي ٿو ۽ اِئين سنڌ تي هند نالو پيو. اڄ اسين سنڌ جا چاول هند ۾ رهون ٿا. اسان کي فخر آهي تہ هند نالو سنڌ تان پيل آهي. رگ ويد ۾ ''سپت سنڌو'' يعني ستن ندين ٻارو ملڪ ڪري سڏيو ويو آهي.

قديم سنڌ جا رهاڪو ڪول، منڊ ۽ سنٿال هئا، جن کي عراق مان آيل دراوڙن حڪالي ڪڍيو. موئن جي دڙي مان مليل لاشن مان اِها ڄاڻ پوي ٿي تہ لاش ڪول، سنٿال ۽ دراوڙي ماڻهن جا هئا. سنڌ تي پهرين سوريہ ونشي راجائن ۽ پوءِ چندر ونشي راجائن جي حڪومت هئي.

اِتهاس ٻڌائي ٿو تہ ڀڳوان رامچندر جي اولاد مان راجا بليڪا جي پٽن عيسوي سنہ کان يارهن سوَ سال اڳ الور تي حڪومت ڪئي. اُن کان پوءِ چندر ونشي راجائن دکن کان گجرات، سنڌ، بلوچستان ۽ قابل تائين حڪومتون قائم ڪيون. آريہ جي مختلف خاندان سنڌ جي مختلف حصن تي حڪومتون پئي ڪيون. يادوَ خاندان جي حڪومت گجرات، سنڌ ۽ اولهہ مڪران تائين هئي. يادوَ خاندان سنڌ تي حڪومت ڪندو هو، جن جي حڪمرانن کي ''راءِ'' جي لقب سان سڏيندا هئا. اُنهيءَ خاندان جي راجائن کي ''مذهبي پيشوا'' بہ ڪري سڏيو ويندو هو. سنڌ جي قديم اِتهاس جي ڄاڻ اسان کي مڪمل طور نٿي ملي، پر اُن جون ڪي جهلڪون عيسوي سنہ کان پنج هزار ورهيہ اڳ موئن جي دڙي ۽ هڙپا جي دڙن مان ملن ٿيون. جن جي سڀيتا کي سنسار ۾ جهوني ۾ جهوني سڀيتا نهرايو ويو. سنڌ جي سڀيتا جي ڄاڻ اسان کي سنڌ ۾ دبيل دڙن جي کوٽائيءَ مان پئي آهي. موئن جو دڙو، ڪارڙي، لوهور، ونجهوت، رني ڪوٽ، چمبوءَ جو دڙو وغيره

سنڌين جي ساک - تواريخي پس منظر ۾

جنم ڀومي سرڳ کان به مهان ٿيندي آهي. اسان کي پنهنجي سونهاري، پياري سنڌ ڇڏي ورهيه ٿي ويا آهن، پر اڄ به اُها اسان کان وساريندي وسري نٿي. اڄ اسين اڻانگين حالتن مان گذري رهيا آهيون، اسان جي وجود لاءِ ڪافي خطرا پيدا ٿي چڪا آهن. اهڙين اڻانگين حالتن ۾ به سنڌ جي سڪ اِنساني سيني ۾ زنده آهي. اسين جڏهن به پنهنجي هستيءَ جي، وجود جي ڳالهه ڪريون ٿا، تڏهن اسان جو من اُداميِ سنڌ پهچي ٿو وڃي. اسان اُهي گل آهيون، جن کي پنهنجي زمين مان اُکوڙي، ٻيءَ زمين ۾ لڳايو ويو آهي. اسان جون جڙون اڄ به سنڌ ۾ پيل آهن، اسان جي دل ۽ دماغ اڄ به سنڌ جي يادگيرين سان ڇوليون ماري رهيو آهي.

لڳو ٿي درد جي درياهه ۾ ۽ هاڻي پئسي ڪمائڻ جي لالچ ۾ سنڌيت جو درياهه جيڪو اُڇلون ڏيئي رهيو هو، گيان ۽ يادگيريون ميسارجي وينديون، پر ورهاڱي جي درد ۾ اُن پاڻ وڏيڪ اُيرڪو ڪاڙو آهي.

سنڌين کي اڄ به ياد پوي ٿو:

''ڀَن عمر پنهنجون ماڙيون، بنگلا، منهنجو ملڪ ته آهي ملير،
ساهه ته سانگين لاءِ سڪي ٿو، توڙي تو وٽ آهي سرير،
منهنجا مارو ڪٿي ۽ ملير ڪٿي؟ آندو هاءِ ڇڪي تقدير ڪٿي؟
آهي موت کان به وڌ پنهنجو ملڪ ڇڏڻ،
جن کان ديس ويو، تن جو کهڙو جيئڻ.''

هڪ حقيقت اِها به آهي ته جڏهن يُورپ، اولهه ايشيا جا رهاڪو اڻ سڌريل ۽ جهالت ۾ هئا، تڏهن سنڌي لوڪ ادب ۽ ٻين علمن ۾ بلنديءَ تي هئا. اسانجا ويد گيان وگيان جو خزانو آهن. ويدن ۾ روحاني گيان سان گڏ ٻين علمن جو ذڪر پڻ ڪيل آهي، جنهن ۾ حساب، سنگيت، حڪمت، فوجي وغيره ڳالهين جي ڄاڻ ميسر ٿيل آهي. جنهن جي آڌار تي چئِي سگهجي ٿو ته قديم سنڌي جڳت جا گرو هئا.

ويدن ۾ سنڌو نديءَ جو ذڪر بار بار ٿيل آهي، ڇاڪاڻ ته اعليٰ ويدڪ آريه سڀيتا جي شروعات اُن نديءَ جي ڪناري رهندڙن رشين منين ۽ تپسين ڪئي.

سنڌو سڀيتا ڪي ڪسين جي جوڙجڪ ۾ اُنهن ڪشادين ڪسين ناهڻ جو ٻه ٻين ملڪن کان وڌيڪ فخر آهي. جيڪي برسات جي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ ڪشادي ڍنگ تي ناهيون ويئون آهن.

موئن جي دڙي مان جي مٽيءَ جا ٻاسڻ مليا آهن، اُنهن جي خوبصورتيءَ ۽ ڪاريگريءَ دنيا جي پراچين وگيانين کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي.

ڪلڪتي جي مشهور ''ماڊرن رويو'' مخزن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته ''موئن جي دڙي مان نڪتل رنگين نقش ٿيل مٽيءَ جا ٻاسڻ دنيا جي سڀيتا جي اِتهاس ۾ بلڪل اوچا ثابت ٿين ٿا.''

موئن جو دڙو اينڊ اِنڊين سِولائيزيشن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر مئڪيءَ ڄاڻايو آهي ته خود مصر ۾ رومن زماني کان اڳ اهڙا مٽيءَ جا برتن نامعلوم هئا.

موئن جي دڙي مان مليل سنهيءَ ڪل وارا ٿانوَ، جن کي ''ڪاغذِي ٿانوَ'' سڏيو وڃي ٿو، اُهي ڪاريگريءَ ۽ ٻيهڪ جو عمدو مثال آهن. اُهي هندستان ۾ ٿِي ڪنهن ٻه هنڌ نه لڌا ويا آهن. ٿانوَن کان وڌيڪ ڪاريگرِي موئن جي دڙي مان لڌل مُهرن مان نظر اچي ٿِي.

موئن جي دڙي مان جيڪو سوٽِي ڪپڙو مليو آهي، سو نهايت ئِي نفيس ۽ سهڻو آهي.

رگ ويد ۾ سنڌ ديش کي ''سوادن'' جو لقب ڏنل آهي، جنهن جِي معنيٰ آهي سٺو ڪپڙو تيار ڪندڙ ملڪ. پراچين ٻيبيلونيا ۽ مصر ۾ سنڌ جي سوٽِي ململ کي ''سنڌو'' نالي سان سڏيو ويندو هو.

مسٽر ليسن ڄاڻائي ٿو ته پراچين مصر نواسِي پارت ۾ ٿهيل رنگن ۾ پنهنجا ڪپڙا رڱيندا هئا ۽ پنهنجن لاشن کي سنڌ جي ململ ۾ ويڙهيندا هئا. اُن سمي ۾ رواجِي اُٺت سان گڏ زرِي پرت جو ٻه عاليشان ڪم ٿيندو هو.

سنڌ آبزرور اخبار لکيو آهي ته: ''موئن جي دڙي مان لڌل پنجن هزارن سالن جي جهوني ڪٽڪ جِي تپاس ڪري ڏٺو ويو آهي ته اُها ڪٽڪ جِي جنس نهايت عاليشان ثابت ٿِي. اُها جنس پوکي ڏٺو ويو ته هڪ ئِي سلي مان نوَ شاخون ڦٽِي نڪتيون ۽ اُنهن مان پيدا ٿيل ڪٽڪ تمام اوچي درجي جِي هئِي.''

ڪنڌرن مان ڄاڻ پوي ٿي تہ ڪنهن زماني ۾ هتي عاليشان محلات هئا ۽ سڌريو سڀيہ قوم واسو ڪنديِ هئي.

سنڌو سنسڪرتيءَ جا اُهڃاڻ اسان کي ڪڇ ۽ گجرات ۾ بہ ملن ٿا. خاص ڪري ... ۾ وڏيڪ ملن ٿا. لوٿل، ڌوڌيا، دسبل پر، سور ڪوٽڙا، لاکا پر، لوٽا، وسٽي، پرپاس وغيره مکيہ آهن.

سنڌ اڄ بہ دنيا ۾ ڪيترين ڳالهين ڪري مشهور آهي.

دنيا جو سڀ کان وڏو ڪوٽ ”رني ڪوٽ“، دنيا ۾ وڏي ۾ وڏي ڍنڍ ”منڇر“، وڏي ۾ وڏو قبرستان ”مڪلي“ سنڌ ۾ ئي آهي. دنيا جي وڏين ندين ۾ سنڌو نديِ سترهين نمبر تي آهي. دنيا ۾ سڀ کان پهرين قران جو ترجمو سنڌيءَ ۾ سنڌ ۾ ئيِ ٿيو آهي ۽ دنيا جو سڀ کان قديم يادگار ”موئن جو دڙو“ بہ سنڌ ۾ ئيِ آهي.

موئن جي دڙي جو معائنو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ اُن شهر ۾ عوام لاءِ شاهيِ پڪا تلاءَ، عاليشان گهر، پاڻيِ نيڪال ڪرڻ لاءِ ناليون، پڪا رستا، گهرن جيِ اڏاوت، رهڻ لاءِ جدا جدا ڪوٺيون ۽ لڏل شيون، مهرون ۽ اُنهن تي چٽيل نشانيون بڌائين ٿيون تہ هتي اوچ سڀيتا، علم وارا ۽ هنرمند ماڻهو رهندا هئا. جيڪي ڪلا ڪاريگريءَ ۾ ماهر هئا. موئن جي دڙي دنيا کي تعجب ۾ وجهيِ ڇڏيو آهي.

پروفيسر چلڊي جو چوڻ آهي تہ:

”سنڌو سڀيتا اُنهيءَ زماني ۾ ايجپٽ ۽ سميرين سڀيتا کان وڏيڪ پکڙيل هئيِ.“

اِتهاس اِهو ثابت ڪيو آهي تہ سنڌ واسيِ اٽڪل ڇهہ هزار سال اڳ پنهنجن پاڙيسريِ ملڪن سان وڻج واپار ڪندا هئا ۽ هوُ پاڻ سان گڏ سنڌ جا جوڙيل ٿانوَ ۽ برتڻ ڪٽيِ ويندا هئا.

اسان اڳ ۾ چئيِ آيا آهيون تہ موئن جي دڙي جون عمارتون، بزاريون ڪافيِ ڪشاديون هيون. اُن مانَ ظاهر ٿئي ٿو تہ اُتان جا رهواسيِ عمارتون جوڙڻ ۽ اڏاوت جا ماهر هئا ۽ اڏاوت جي ڪم مٿان حڪومت جيِ ڪافيِ نظرداريِ رکيِ ويندي هونديِ. اُتان جي مڪانن جيِ صفائيِ ۽ سادگيِ ڏسيِ بہ حيرانيِ وٺي ٿيِ.

هئا ۽ ميري ٽيڻ کان پوءِ اُڇلائي ڇڏيندا هئا ۽ ٻيو سومرِي عورت هڪ دفعو ويم کنديِ هئي تہ سومرا اُن جي ويجهو نہ ويندا هئا. ڇڇ نامي ۾ ڄاڄايل آهي تہ هڪ سومرِي ڏاڍِي چتر ۽ چالاڪ هئيِ، وريِ سومري سردار جيِ هن سان دل بہ ڏاڍِي هئيِ. ويم کان پوءِ ڏنائين تہ سندس مڙس کانئس نفرت پيو ڪري ۽ ٻين سومرين ڏانهن پيو تکي. سو سندس دل وراڻڻ لاءِ هن چا ڪيو جو اُن جا ميرا ڪپڙا ڌوئاري، چمڪائي رکي ڇڏيائين ۽ ضرورت وقت هن کي پائڻ لاءِ ڏنائين. سومرو سردار ڪپڙا پائي خوش ٿيندو ويو ۽ جڏهن واپس موٽيو تہ ڪپڙن جي ڏاڍِي تعريف ڪيائين ۽ پڇيائين تہ هيِ ڪپڙا تو ڪٿان گهرايا؟ زال هن کي سموريِ ڳالهہ ٻڌائي ۽ چيائين تہ ”جيئن ڪپڙا ڌوئڻ کان پوءِ صاف، سٿرا ۽ چمڪيلا ٿيِ سگهن ٿا، اهڙِيءَ طرح عورت بہ ويم ڪرڻ کان پوءِ ڪجهہ ڏينهن بعد صاف ۽ پاڪ رهي ٿيِ.“ سومري سردار پنهنجيِ غلطيِ محسوس ڪئيِ ۽ اِهي ٻئِي رسمون سدا لاءِ بند ٿيون.

سومرن جي يگ جا عشقيِ داستان عمر مارئيِ، ليلا چنيسر، مومل مينڌرو اڄ بہ ياد ڪيا وڃن ٿا. اُهي پڻ پارسيِ ۽ ٻين پارتيِ ڀاشائن ۾ قلم بند ڪيل آهن. اِهي روماني داستان اسان جي سنڌي لوڪ ادب جو قيمتيِ سرمايو آهن. اڄ بہ مارئيِءَ جو ست، ليلا جو پڇتاءُ، مومل جيِ محبت ۽ دودي جيِ بهادريِ سنڌيِ تهذيب جو ورثو سڏيو وڃي ٿيِ.

عربيِ اکرن کي سنڌيِ ادب ۽ زبان ۾ استعمال ڪرڻ جو سهرو بہ سومرن مٿان آهي. اِن ڪري ئيِ اڳتي هليِ سنڌيِ صورتخطيِءَ کي عربيِ اکرن جي لپيءَ ۾ تيار ڪيو ويو. جيڪا هاڻي سنڌِي لپِي سڏجي ٿيِ. نہ تہ تہ اُن وقت پڻ ڪوشش اِها هئيِ تہ سنڌيِ صورتخطيِ ديوناگريِءَ ۾ تيار ڪئيِ وڃي.

سمن جي دور ۾ سنڌيِ زبان ۽ سنڌيِ شاعريِءَ جي بيان جي قوت کي ترقي مليِ، ٻوليِءَ جو سرمايو وسيع ٿيو. سمن جي يگ ۾ ڄام تماچيِءَ جي دور کان ارغونن گهراڻي تائين ستن شهيدن جون جيڪي اڳڪٿيون مليون آهن، جن کي ساموئي يا ماموئي ستن بيتن نالي پڻ سڏيو وڃي ٿو. هيءُ بيت سنڌِي ادب ۾ آڳاٽي حيثيت رکن ٿا. هنن بيتن مان ڄاڻ پوي ٿي تہ عربيِ زبان ۽ پارسيِ زبان جي سرڪاري حيثيت ۽ دهليِ سلطنت جي اثر هوندي بہ سنڌِي ٻوليِءَ ترقيءَ جون منزلون طئہ ڪيون. سنڌيِ شاعريِ اُن وقت علم عروض جي قاعدن کان

موئن جي دڙي جي پوشاڪ، اوزار، زيورات، زيورن جي گهڙائيءِ وغيره ۾ پڻ ڪافي هوشيار ۽ ماهر هئا.

راءِ بهادر ڪي. اين. ڊيڪشت، ڊائريڪٽر جنرل آف آرڪيالاجيءِ اِن انڊيا چوي ٿو ته سنڌو نديءَ جي ڪنڌِرن مان جيڪي برتن لڌا ويا آهن، سي پراچين وستو وگيان جا زبردست بنياد آهن.

اسان جي سنڌو سڀيتا جيڪا ڏارين ملڪن جي سڀيتا جو بنياد آهي، اسين اهڙي اعليٰ سڀيتا جا وارثدار آهيون، اِها ڪا گهٽ ڳالهه نه آهي. جنهن لاءِ اسان کي پنهنجو پاڻ تي فخر ٿيڻ گهرجي.

اسان اڳ ۾ ڄاڻايو آهي ته سنڌ جا حڪمران راءِ هئا. راءِ سهاسي ٻئين جي وزير رام پنهنجي ڪم ۾ مدد ڪرڻ لاءِ پنهنجو هڪ منشي چچ رکيو هو، جو ذات جو برهمڻ هو، جنهن کي چار ئي ويد برزبان ياد هوندا هئا. هن رام جو وشواس حاصل ڪيو ۽ راجا جي محل تائين پهتو. راجا هن جي عقلمنديءَ کان ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ ڪيس وڏو عهدو ڏنائين. راجا جي راڻي سهنديءَ جڏهن چچ کي ڏٺو، تڏهن هوءَ مٿس موهت ٿي پيئي ۽ هن سان دوستي رکڻ چاهي. پر چچ ناجائز تعلقات رکڻ کان نابري واري پنهنجي چريتروان هجڻ جو ثبوت ڏنو. آخر ۾ راجا جو موت ٿيو، هو بي سنتان هو. پوءِ راڻيءَ چچ سان شادي ڪئي ۽ هو تخت تي ويٺو. اِن ريت برهمڻن جي حڪومت شروع ٿي. اُن سمي ۾ سنڌ جي برهمڻن جو درجو اُتم هو.

عربن جي ڏينهن ۾ سنڌ مان گهڻائي پنڊت ۽ وئديہ بغداد ويا، جن اُتي وڃي نجوم، طب، ادب ۽ اخلاق تي ڪيترائي ڪتاب نه صرف عربيءَ ۾ لکيا، پر ڪيترائي سنسڪرت جا ڪتاب عربيءَ ۾ پڻ ترجمو ڪيا.

اُنهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ سرڪاري ٻولي عربي هئي، پر وري به سنڌ جي عوامي زبان سنڌي هئي. اُها ايتري ته مقبول هئي، جو ٻاهران ايندڙ ماڻهو به اُها سکڻ ضروري سمجهندا هئا.

سومرن جون ڏالون ڪيتريون نه عقلمند هيون، اِن ڳالهه جو ثبوت هن ڳالهه مان ملي ٿو ته سومرا جيڪي اصل ۾ راجپوت هئا، بعد ۾ هنن اسلام اختيار ڪيو اُنهن ۾ به خراب روايتون هيون. هڪ ته هو نئون ڪپڙو صرف هڪ دفعو پائيندا

انگريز واپاري بيان ڪن ٿا تہ سنڌ ۾ ڪاڌي پيتي جي شين جو انداز ڪافي هو، وري سستائي بہ جام هئي. ڪُڪڙ ڇئن پئسن ۾، رڍ هڪ رپئي ۾ وڪامندي هئي. شري لوڪرام ڏوڏيجا بہ ڄاڻائي ٿو تہ سنڌ واهہ تي غريبن لاءِ لنگر لڳو پيو هوندو هو. دڪاندار ڏاڍيءَ صفائيءَ سان دانگيءَ جي روٽيءَ ۾ لوڻ مرچ، بصر، ڏاڙهون وجهي ٽڪر ٽڪر ڪري ڏيندا هئا، چٽڻي جدا.

هڪ ٻيو انگريز ڄاڻائي ٿو تہ سنڌ ۾ اناج تمام گهڻو پيدا ٿئي ٿو. هتي چوپايو مال جام هجڻ ڪري گيهہ بہ جام آهي.

سر رابرٽ شرلي ڄاڻائي ٿو تہ هندستان ۾ واپار ڪرڻ لاءِ گهٽي ۾ گهڻو فائدو سنڌ مان ٿئي ٿو، ڇو جو مغل حڪومت کان وٺي سنڌ شاهوڪار ۾ شاهوڪار ملڪ آهي. سنڌ جي مهمان نوازي بہ ساراهہ جوڳي آهي. اسين سنڌي مهمان کي پڳوان سمجهندا آهيون ۽ جڏهن بہ ڪو مهمان ايندو آهي تہ پاڻ کي وڏياڳي محسوس ڪندا آهيون. دل بہ بهار بهار ٿي ويندي آهي. اُن جو مثال هن ريت آهي تہ جڏهن نادرشاهہ سنڌ کي لٽڻ لاءِ ڪاهہ ڪئي ۽ پنج لک سولجر وٺي آيو، اُن وقت ٺٽي جي حاڪم ميان نور محمد ڪلهوڙي سندس خدمت ۾ پلاءَ جون ديگيون ۽ ٻيا طعام موڪليا. هن دشمن کي جڏهن شيون پهتيون، تڏهن نادرشاهہ عجب ۾ پئجي ويو. ميان نور محمد هن ڏانهن سنديش موڪليو تہ توهين اسانجي ديش ۾ پڌاريا آهيو، توهانجي ڪاڌي پيتي جو اِنتظام ڪرڻ اسانجو فرض ۽ هن ملڪ جو دستور آهي. ميان نور محمد هنن جي شهاڻي نموني سان لڳاتار سورهان ڏينهن مهماني ڪئي، ڪنهن بہ شيءِ جي ڪوٽ محسوس ٿيڻ نہ ڏني ۽ اُهو لٽيرو نئڙت ۽ مهمان نوازيءَ جي بدولت سنڌ کي برباد ڪرڻ ۽ لٽڻ ڪانسواءِ واپس موٽي ويو. سنڌ اڄ بہ زرعي، تجارتي ۽ اختصاري لحاظ کان سڪيو ستابو علائقو آهي.

سمن ۾ حب الوطنيءَ جو جذبو ڪافي زور هو. سپهہ‌سالار درياخان ۽ سندس اولاد آخري دم تائين سنڌ لاءِ لڙندا رهيا، پرڏيهي حملاورن جو مقابلو ڪندا رهيا ۽ ديش صدقي قربان ٿي ويا.

اِئين تہ سنڌ تي جهجهو عرصو حڪومت مسلمانن ڪئي. هندو، مسلمانن جي ظلم جو مقابلو ڪندا رهيا. پر ٽالپرن کان اڳ ڪلهوڙن جي دور تائين جيتوڻيڪ سڄي سنڌ تي مسلمانن جي حڪومت هئي، پر لاڙ ۾ اُن عرصي ۾ هندو حاڪم هئا. تعصبي مسلمان هنن کي حقارت سان ڏسندا هئا. جيتوڻيڪ هندن جو

اڻ واقف هئي، پر لفظن جي بندش ۽ بيان جي قوت اُن کي ادبي حيثيت ڏني. ماموئيءَ جا بيت ڏوهيڙي طرز جا آهن. ماموئيءَ جا بيت، اڳڪٿيون ڪچ ۾ مامديه ديو جي پيش گوين جي نالي مشهور آهن. جن کي گجراتيءَ ۾ اگم واڻي سڏيو ويندو آهي. سمن جي دور جو مکيه شاعر قاضي قادر آهي، جنهن جي رچنائن کي سنڌيءَ جي ودوان شري هيري ٺڪر ورهاڱي بعد سهيڙيو آهي.

سمن جي دور ۾ ئي شيخ ابن بطوط سنڌ ۾ سفر ڪري آيو هو. واپس ملڪ وري هن هڪ سفر نامو لکيو، جنهن ۾ سنڌ جي آسودگيءَ، مهمان نوازي، علم ۽ واپار جي چاڻ ڏني هئي. سنڌ جي ٽپال کاتي جي هن ڪافي ساراهه ڪئي آهي. هن لکيو آهي ته ''ملتان ۽ دهليءَ جو رستو پنجاهه ڏينهن جو آهي، پر سنڌ جي خبرچار جا وسيلا ايترا تيز آهن، جو دهليءَ ۽ ملتان جي خبرن جي ڏي وٺ فقط پنجن ڏينهن ۾ ٿئي ٿي.''

ترخان دور ۾ سنڌ جو هڪ درويش راجو فقير ٿي گذريو آهي، هوُ اللهه لوڪ هو. جڏهن ڪوبه معاملو ٿيندو هو ته هيءُ درويش رستي تي بيهي سنڌيءَ ۾ بيت چوندو هو ۽ سندس چيل ڳالهيون پوريون ٿي وينديون هيون.

ڪلهوڙن جي سمي ۾ اسان جو عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي گهوٽ سنڌ جو سداحيات شاعر، عارف ۽ ڪامل پرش ٿي گذريو آهي. شاهه صاحب جو سنيو اِلاهي ذات سان پريل هو. ''شاهه جو رسالو'' تصوف جي رازن جي خزاني سان پرپور آهي. شاهه جو رسالو سنڌي، انگريزي، اُردو، فارسي، گجراتي ٻولين ۾ ملي ٿو. انگريز، اُردو ۽ فارسي ودوانن کان سواءِ دنيراءِ ڪاراڻيءَ پڻ شاهه جي رسالي تي ڪم ڪيو آهي. ڪڇي لوڪ ادب ۾ شاهه جون لوڪ ڪهاڻيون به شامل آهن ۽ اڄ به ڪڇ جي ٻنيءَ ۾ شاهه جو ڪلام گونجي ٿو. ڪڇ جي ئي ودوان لوڙهو لٺي شاهه جو قلمي دستاويز هٿ سان لکيل تيار ڪيا آهن. اڄ به ڏورڙو ٻنيءَ ۾ شاهه جو رسالو هٿ سان لکيل رکيل آهي.

سنڌ جو واپار ڏساورن سان هو. سوٽي ڪپڙو، ريشمي اوني ڪپڙو، ريشمي لونگيون، چمڙي جو سامان دنيا ڀر ۾ هاڪارو هو. سنڌ جي چمڙي کي ''سنڌو'' يا ''دلپسند'' چمڙو سڏيندا هئا. چمڙي کي صاف ڪرڻ لاءِ نهايت ئي هنرمنديءَ کان ڪم ورتو ويندو هو ۽ رڱڻ لاءِ اهڙا مصالح استعمال ڪيا ويندا هئا، جو اِهو چمڙو بسترن جي چادرن، ميزپوشن وانگر ڪم ايندو هو.

لکمي پرساد جي سپاهين کيترن واگهرن کي قيد پڻ ڪيو هو. بعد ۾ اُنهن جي سالار شرطن تي پنهنجا آدمي آزاد ڪرايا.

سيٺ نائون‌مل سدائين پنهنجو سِر اوچو رکندو هو. هندوُ ٿي ڪري بہ هوُ نهايت همٿ وارو هو. پنهنجي ڌرم لاءِ هن کي ڪافِي عزت ۽ اُتساهہ هو. سنجها جي وقت هن جي گهر ٻاهران ڏيئا ٻرندا هئا ۽ هوُ سانجهيءَ جي پرارٿنا ڪندو هو. سيٺ نائون‌مل ميرن جي ڪلهم ڪلا مخالفت هوندي بہ هن انگريزن کي گهربل مدد ڪئي ۽ سامان ميسر ڪري ڏنو. اِن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هوُ ڪيڏو نہ حوصلي وارو اِنسان هو.

سر هينرِي پاٽنجر مدراس جو گورنر لکي ٿو تہ:

منهنجي زماني ۾ جڏهن سنڌ جو ڪاروبار منهنجي هٿ ۾ هو، تڏهن سيٺ نائون‌مل جنهن سرجوشيءَ، قابليت ۽ ديانتارِيءَ سان پنهنجا فرض ادا ڪيا هئا، تنهن ڪان گهڻو متاثر ٿيو هوس ۽ اجا پڻ آهيان. مونکي اِن ڳالهہ تي نهايت خوشي ٿِي آهي تہ سيٺ جي ايمانداريءَ تي جيڪو بي واجب ٽڪو لڳايو ويو هو، سو هاڻي ڌوپي صاف ٿِي ويو.

جڏهن سيٺ نائون‌مل ڪڇ جي سهاراءُ پرٿويراج سان گڏجڻ آيو هو، تڏهن راڻي هن کي ڏاڍِي عزت ڏني هئِي ۽ دربار ۾ پنهنجي تخت جي ويجهو ويٺل پاءُ راڻي رام سنگهہ جي پرسان وهاريو هو. ساڳئي نموني سيٺ نائون‌مل جڏهن پوربندر جِي ملاقات ورتِي هئِي، تڏهن راءُ ڏيسر راءُ صاحب هن جِي ڏاڍِي مانَ ۽ شان سان آجيان ڪئِي ۽ پنهنجي تخت جي پرسان وهاريو. پوربندر ۽ ڪڇ ۾ نائون‌مل سان جيڪو ورتاءُ ڪيو ويو، اِهو ڏيکاري ٿو سنڌين جِي اُن وقت ڪيترِي نہ عزت هئِي. هندن جو ڪاروبار اهڙي نموني هلندو هو، ڄڻڪ ننڍي پئماني تي هنن جِي حڪومت هئِي.

شرِي عالومل ٽيڪمداس پهريون سنڌِي هو، جنهن ممبئِي يونيورسٽيءَ مان بِي. اي. جِي ڊگرِي حاصل ڪئِي هئِي. هن سنڌ ۾ تعليم جي وڪاس لاءِ ڪافِي محنت ڪئِي. هن جي ڪاربہ جو قدر ڪري ڪيس ”راءِ بهادر“ جو خطاب ڏنو ويو هو. ڪمشنر جان جيڪش اُن وقت هن جي تعريف ۾ ڳالهيندي چيو تہ مسٽر عالومل سنڌ ۾ ايڪويهہ ورهيہ جنهن ايمانداريءَ، عقلمنديءَ ۽ سرجوشيءَ سان ڪم

تعداد گهٽبو پئي ويو، تنهن هوندي بہ هندوُ پنهنجي هوشياريءَ، اعليٰ چترائيءَ ۽ تعليم جي ڪري وڻج واپار ۾ اڳرا رهيا.

سيٺ ڀوڄومل، جنهن جا وارثدار اڄ پاڻ کي ڀوڄواڻي سڏائيندا آهن، هڪ جانباز شخص هو ۽ واپار ۾ نہ صرف ناموس ڪڍي هئائين، پر ڪافي دولت بہ ڪٺي ڪئي هئائين. هن جي ڪوٺيءَ جون شاخون وچ ايشيا ۽ هندستان جي گهڻن علائقن ۾ هيون. شڪارپور، حيدرآباد وغيرهہ جي سنڌي ڪوٺين جون شاخون بخارا، سمرقند، ماسڪو، پيٽروگراڊ، تامرهہ ۽ لنڊن جي شهرن تائين مشهور هيون.

سيٺ نائون‌مل جو خاندان غيرمذهبي قومن جي وچ ۾ وڻج واپار پئي ڪيو. سنڌ جو واپار هندن جي هٿ ۾ پئي رهيو آهي ۽ اُهي شروع کان ئي حڪومت جي مالي اِمداد ڪندا هئا ۽ اثردار رهيا.

ڊاڪٽر پرنس هڪ هنڌ لکي ٿو تہ:

ميرن جو ظلم ۽ ڏاڍ سڀ کان زيادهہ سندن تبليغي سرگرمين مان ظاهر ٿئي ٿو. عقل اِن ڳالهہ کان قاصر آهي تہ هندو هن ملڪ ۾ ڇو رهيا پيا آهن. اُن لاءِ صرف هڪ ئي سبب ٿي سگهي ٿو، سو آهي پنهنجي جنم ڀوميءَ لاءِ محبت. اُن وقت مذهب جي آزادي ڪونہ هئي. ڪنهن هندوءَ کان ڪا خطا، غلطي ٿيندي هئي تہ اُن کي جهلي، پڪڙي ڪلمو پڙهايو ويندو هو ۽ طهرائي ڇڏيندا هئا. مندرن ۾ گهنڊ گهڙيال وڄائڻ جي بہ اِجازت نہ هوندي هئي. جيڪي بہ هندوتوَ جون نشانيون هونديون هيون، اُنهن جو ڪلئي عام خاتمو ڪيو ويندو هو، پر تنهن هوندي بہ هندوُ وحشي قومن جي زور ۽ ستم جو مقابلو ڪندا رهيا ۽ جانبازيءَ سان ستم سهندا رهيا.

سيٺ لعلڏاس هڪ هٺو ڪٺو ۽ دلير اِنسان هو. ۱۷۹۳-۹۴ ۾ جڏهن مسلمانن هندن جي مندر تي حملو ڪيو تہ هوَ سڄو مندر ۾ وڃي مورتيون کڻي، بچائي ٻاهر نڪتو. درياٿان مندر ڪراچيءَ ۾ ٿوڙي مسجد ٺاهي ويئي هئي. سنڌين جي جانبازيءَ جو هڪ ٻيو بہ مثال آهي ’’لکمي پرساد‘‘ جهاز. سنڌورقين جو هو. جهاز ملبار کان پوربندر جي ويجهو پهتو، تڏهن واگهرن جهاز تي حملو ڪيو. لکمي پرساد جهاز تي ڪيترائي سپاهي هئا، اُنهن واگهرن تي حملو ڪيو ۽ لڙائيءَ ۾ واگهرن هارايو. واگهر اُن زماني ۾ ننگن وانگر سمنڊ جي ساحل تي ڌاڙا هڻندا هئا ۽ ڪاٺياواڙ ۽ ڪڇ علائقي جي شهرن ۾ لٽ مار ڪندا هئا. هوُ اصل ۾ اوکا جا رهاڪو هئا.

هئا ۽ هنن جو واپار دور دراز ملڪن سان هو، جتان هوُ ناڻي جا انبار ڪٽي ايندا هئا ۽ سنڌ ۾ اڇي سخاوت جا ڪم ڪندا هئا.

شاهه صاحب فرمايو آهي تہ:

سودي خاطر سنبهي، جيڪي ويا جاوا؛
ڪري وڻج واپار، سي سگهو ٿيا ساوا؛
اَڻ ميو ڏن اُتان، سو جو ڪمائين؛
پاڻ تہ ڪائين، پر تن جا پويان پڻ ڪائين.

اڄ بہ دنيا ۾ اهڙو ڪوبہ ملڪ ڪونهي، جتي سنڌين جو ڪاروبار نہ هجي. سنڌ ورقين جو ايمانداري وڏو گڻ آهي. پرائو پئسو کائڻ، بي ايماني ڪرڻ، عظيم گناهه سمجهندا آهن. هوُ جيڪي چوندا، زبان جي پٽ هر حالت ۾ رکندا.

سنڌ جي سنڌي زالن جي سونهن جي ڏاڪ پڻ ڪافي آهي. ڊاڪٽر جيمس برنس سنڌ جي دربار ڪتاب ۾ سنڌي عورتن جي حسن جي ساراهه ڪندي ڄاڻائي ٿو تہ :

”سنڌ جي مائي ڏاڍي حسين هئي. يورپي زالن جهڙو گورو رنگ هئن. سنڌ سنڌي زالن جو نڪ هئي. سنڌ جون ٻيون زالون بہ هندستاني زالن کان وڌيڪ حسين آهن. مون سنڌ ۾ ڪئين ناچڻيون ڏٺيون، جيڪي سچ پچ حسن جون ديويون هيون.“

اسان جي سنڌو ديش ۾ رام ڀڳوان ۽ پانڊون بہ پنهنجا چرن گهمايا هئا. سالواننڊن وڪرمادتيہ جهڙن چڪروتي راجائن بہ هزار سال اڳ سک سلامتي آندي، اُهو پيارو وطن تہ اسان سنڌين جو پوتر تيرٿ اِستان آهي، جنهن ۾ راجا ڏاهرسين ۽ اُن جي ڏيئرن شهادت جو جام پيتو تہ شهيد هيموُن ڪالاڻي ديش صدقي ڦاسيءَ تي لٽڪي ويو.

سنڌ سنتن ۽ درويشن جي ڀوُمي آهي. اسان جي جيتري ماضي روشن آهي، اينترو حال بہ اعليٰ ترين آهي.

اينترا تہ واقعا ۽ ڳالهيون آهن، جو لکڻ ويهجي تہ گرنٿ لکجي وڃن، مون صرف هتي چند مثال ئي پيش ڪيا آهن.

ڪيو، تنهن جهڙو هن صوبي ۾ ملڻ مشڪل آهي. هن ڪي سنڌ جي ماڻهن جي جذبات ۽ گهرجن جي ڄاڻ هئي. ڪوهستان جي خانہ بدوش جڪرين ۾ تعليم جو پکڙجڻ ۽ هن ضلعي جي ابتدائي اسڪولن ۾ ضروري سامان، سکيا، انتظامي سڌارو، ننڍن ٻچن جي نگراني ۽ سنڀال، هنن جي وصوليءَ جو ڪامياب حل، اسڪولي راندين لاءِ هرطرح جي سرجوشي، مطلب تہ سڀ ترقيءَ جون نشانيون عالومل جي جفاڪشيءَ، محنت ۽ دوراندیشيءَ جو نتيجو آهن. مسٽر عالومل هر ڪنهن سان نهايت ئي جوش اخلاقيءَ سان پيش ايندو هو.

۱۷۲۳ ۾ نادرشاهہ مٿرا طرف ڪاهي ويو هو. هنن مذهبي جنونين گهڻا غلام بڻايا ۽ مرد خواهہ زالون قيد ڪيون. نصرخان جي لشڪر مٿرا مان ماڻهو قيد ڪيا. شريمتي تخت ٻائي ڪيولرام پنهنجي پٽي ڪيولرام کي ڪڇ ۽ سنڌ جي علائقن ۾ هنن جون جيڪي ڪوٺيون هيون، اوڏانهن سنديش موڪليو تہ ڪارخاني مان پئسا ڏيئي، مردن عورتن کي آزاد ڪرائين. اُن وقت جي ماڻهن کي ۱۰۰ ڪان ۲۵۰ روپيہ ڏيئي آزاد ڪرايو ويو ۽ تخت ٻائيءَ جي حڪم پٽاندر هنن کي رستي خرچ، خوراڪ ڏيئي گهر ڏانهن موڪليو ويو.

سيٺ نائون مل جا ڪي وڏا هنگلاج ويا هئا، اُتي هنن ڪافي دان پڄ جا ڪاريہ ڪيا. هنن سخاوت ۾ ايڏو تہ نالو ڪڍيو هو، جو پٽ ۽ برهمڻ هنن جي دان جي تعريف جا گيت ڳائيندا هئا.

۱۸۱۲ ۾ هالار، ڪڇ، مارواڙ ۾ سخت ڏکر پيو هو، اناج جي ڪافي اڻاڻ هئي. هتان جا حشام ماڻهو سنڌ ۾ آيا هئا. اُن وقت سيٺ دريانومل ۽ سيٺ لڌنداس وٽ اناج جون ڪوٺيون پريل هيون. هنن ذات پات جي ڀيد ڀاو ڪانسواءِ دان ڪرڻ شروع ڪيو. عزتدار شخص کي رات جو ڏيئا وسائي اناج ڏنو ويندو هو. جيڪي اپاهج ۽ ودوائون هيون، اُنهن کي گهرن ۾ مدد موڪلي ويندي هئي. اُن ڏکر ۾ ڪيترن پنهنجا ٻار وڪيا. هنن سيٺين ڪيترا ٻار خريد ڪري ڪراچيءَ موڪليا، اُتي هنن جي پرورش ۽ خاطرداري ڪئي ويئي ۽ جڏهن هوُ ساماڻا، تڏهن هنن کي آزاد ڪيو ويو. سنڌي سيٺين جا سخاوتن جي ڪاريہ جا اهڙا انيڪ مثال اِتهاس ۾ درج آهن. سنڌ ۾ جيڪي حڪمران هئا، اُنهن جو سکو نہ صرف هنن جي ملڪ ۾ هلندو هو، پر سنڌ جون هُنڊيون، ديش وديش ۾ هلنديون هيون. اِهو ثابت ٿو ڪري تہ سنڌي ڪيترا نہ ايماندار ۽ وشواس پاتر

ساهتي

جڏهن سنڌ مان هندن ١٩٤٧ کان لڏ پلاڻ ڪئي، تڏهن سنڌ ۾ ڪل اَٺ ضلع هئا، اُنهن مان نوابشاهه هڪ هئو. ساهتي نوابشاهه ضلع جو هڪ حصو هئو. نوابشاهه ضلع سنڌ جي وچ تي هئو. اُهو سنڌو نديءَ جي اوير ۾ کابي ڪپر تي هئو. سنڌوُ ندي سنڌ جي وچ مان وَهندي هئي. نوابشاهه ضلع ۾ ٻه ڊويزن هيون. ساهتي، نوشهرو فيروز ۾ هئي، اُن ۾ چار تعلقا هئا- ڪنڊيارو، نوشهرو فيروز، مورو ۽ سڪرنڊ. اصل پڪي ساهتي ڪنڊياري ۽ نوشهري تعلقن کي ئي ليکيو ويندو هو. پوءِ مورو تعلقو به اُن ۾ ليکجڻ لڳو. سرڪاري طرح ساهتي جو نالو ڪنهن ايراضيءَ کي ڏنل نه هئو. ساهتيءَ جو ٽڪر اُتر کان ڏکڻ تائين اٽڪل پنجاهه سٺ ميل ۽ اوير کان اولهه پنجويهه ٽيهه ميل هئو.

پاڳا: ساهتيءَ جا قدرتي ٽي حصا هئا. (١) **اولهه وارو پاڳو** جو سنڌو درياهه لڳ هئو، اُن کي ڪچو چئبو هو، جو ساوڻ جي ڏينهن ۾ جڏهن نديءَ جو پاڻي چڙهندو هو ته هي ٽڪر ٻڏي ويندو هو. اُن پٽي ۾ خانواهڻ، پاڳوديرو، پورٽي، نٽ، منياٽي، جتوئي، ملڪ ۽ دولت پور اچي وڃن ٿا. اُن ايراضيءَ ۾ ڪي ٻيلا به هئا. سياري ۾ پاڻيءَ جي لهه کان پوءِ چٽا، مٽر، تيلي ٻج (سرهه، جانيو، اهر) پوکبا هئا.

(٢) **وچ وارو پاڳو** جو پڪو ليکبو هو، اُن ۾ آبادي واهن ۽ کوهن جي پاڻيءَ تي ٿيندي هئي. جو سنڌ ۾ ايتري برسات نه پوندي هئي. مکيه واهه هئا: نومڪي، داد واهه ۽ سدا واهه. پڇاڙيءَ جي وقت لائڊ-براج جي نهڻ کان پوءِ سنڌ-سڌار واهه نڪتو ته اڳيان واهه ۽ کَڙيا گهٽو ڪري خارج ٿي ويا هئا.

(٣) **وارياسو ٽڪر:** پريا روڊ ۽ پدعيدن ريلوي وارو پٽو.

نالو: هن ٽڪر تي ساهتي نالو اِن ڪري پيو جو اوائليءَ ۾ هڪ مسلم ذات سهتن جي هٿ رهندي هئي. سهتا اصل مارواڙ جا هندو هئا، جي سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ مسلم راڄ ڪري مسلمان ٿي ويا. پر پوءِ هيءَ ذات اهڙي سهتي واري نه رهي ۽ گهٽا سهتا سنڌ جي ٻين پاڳن ۾ تڙي پکڙجي ويا. پوءِ ساهتيءَ جو نالو ساهت سان ڳنڍجي ويو، جو هن ايراضيءَ ۾ پڙهيل طبقو چڱو هو.

شهر ۽ ڳوٺ: ساهتيءَ ۾ اچ جهڙو ڪوبه وڏو شهر نه هئو. ڪنهن به شهر ۾ ڏهن ٻارهن هزارن کان مٿي آدم نه هئو، جنهن ڪري اُتي ڪوبه ميونسپل شهر

اسان سنڌي ٿورئي ڪتئي گهٽيِ برڪت ۾ وشواس رکون ٿا. سچي ڌرتيءَ کي هڪ ڪتنب سمجهون ٿا. بنا پيد پاو، ڇوُت ڇات جي دان ڀيچ ۽ شيوا جا ڪاريہ ڪريون ٿا. هندوُ مسلم ايڪتا ۾ وشواس رکون ٿا. تڏهن تہ مرزا قليچ بيگ لکي ٿو تہ :

هندوُ ۽ مسلمان دلا، هڪڙي ڪنير جا؛
ڳڻجن ٿا گهڻا ٿانوَ، مگر آهي مٽي هڪ.

اسان سدائين چوندا آهيون تہ هندو مسلم جو خير. اللهہ (ڀڳوان) توکي نيڪي ڏئي.

اهڙيِ مهان ڀوُميِ سنڌ کي، جنهن جا اسين سنڌي هندو وارثدار آهيون، جنهن جو خون اسان جي رڳن ۾ وهيِ رهيو آهي، اُن کي ياد ڪرڻ ۽ نمن ڪرڻ اسان جو فرض آهي.

سدائين اسان جيِ سنڌ سرسبز، آباد رهي. اسين سنڌ کي وندي ماترم سان نمن ڪيون ٿا.

جئہ سنڌ ! جيئي سنڌ !!

جيئنو لالواڻي
ا/٣١، نئون ”جيِ“ وارڊ،
ڪبيرنگر، احمدآباد - ٣٨٢٣٤٠.
فون: ٨١٣٣١٢.

جتي بہ سنڌيِ گڏجو،
پاڻ ۾ سدائين سنڌيِءَ ۾ ڳالهايو

ڪنڊيارو ۽ هالاڻيءَ ۾ هئا. سيڪنڊري اي-وي (انگلو ورناڪيولر) اسڪول گهڻن ئي وڏن ڳوٺن ۾ هئا. پرائيمري سنڌي اِسڪول ته گهڻو ڪري سيني ڳوٺن ۾ هئا.

سماجڪ ۽ پنگتي جيوَن: شهرن ۽ ڳوٺن ۾ پنچاتون هونديون هيون. مُکيءَ جي مڃتا هوندي هئي ۽ شيواڌاري مڙني پرڙي چڱي مدد ڪندا هئا. ديوان ڪوڙيمل چندنمل پنچاتي سرشتي کي زور وٺايو. سڄي ساهتي پرڳڻي جي سينٽرل پنچات ناهي ۽ هڪ بندي به تيار ڪئي ۽ بحال ڪرائي. اُن ۾ پنچاتي نيم، لوازما ۽ شادي مراديءَ تي ڪيتري ڏيتي ليتي تئي درج ٿيل هئا. اُنهن کي پوري عمل ۾ آڻڻ جون هدايتون ڪيل هيون. گهڻو ڪري اُنهن جي پيروي ٿيندي هئي.

جاتيون ۽ ڌرم: ٻه مکيه جاتيون هيون، هندو ۽ مسلمان. ٻڌ يا جئن، پارسي يا ڪرشچن اينترا ڪونه هوندا هئا. هندو ۽ مسلمانن ۾ وير وروڌ ڪونه هوندو هئو، ٻئي ذاتيون پاڻ ۾ منڻ محبت ۾ هلنديون هيون. پڇاڙيءَ جي وقت ۾ مسلم-ليگ جي هلچل ڪري دلين ۾ ڦيرو اچڻ لڳو هو، خاص ڪري سنڌ جو ممبئي پرانت کان جدا ٿيڻ تي. هن حصي جي آدمشماري ڇڊي هئي. سڄي ساهتيءَ جي هندن جي ڳڻت لک کن مس هئي. هندو وڌيڪ پڙهيل ۽ پئسي پنجر ۾ مسلمانن کان سبر هئا.

پوشاڪ: مسلمان مرد مٿي تي پٽڪو يا ترڪي ٽوپي، بدن تي ڊگهو چولو ۽ سلوار اوڍيندا هئا. پيرن ۾ گهڻو ڪري جُتي ئي هوندي هين. مزور ماڻهو ۽ هاري ناري ته پيري اُگهاڙي ئي هوندا هئا. مسلم زالون، سعدن ۽ وڏن گهرن جون، گهڻو ڪري ٻاهر نه نڪرنديون هيون. ٻاهر نڪرنديون ته برقو پائي، جنهن ۾ مٿي کان وٺي پيرن تائين ڍڪيون پيبون هونديون، اکين وٽ جاري لڳل هئي، ڏسڻ هلڻ لاءِ. گهر ۾ مٿي تي پوتي، بدن تي ڊگهو گهاگهرو ۽ سلوار هوندي هين. هيٺين گهرن واريون مسلم زالون پوتي، خميس ۽ سلوار پهرينديون هيون. پيرن ۾ سپاتو چمڙي جو. مزور زالون پيري اُگهاڙيون.

هندو مرد گهڻو ڪري پريا مڙس، هن صديءَ جي اڳياڙيءَ ۾ گهڻو ڪري مسلم مردن جهڙي پوشاڪ پهريندا هئا. مٿي تي ترڪي ٽوپيءَ بجاءِ ڪپڙي جي پرت پريل ٽوپڙي پائيندا هئا. مسافريءَ ۾ پٽڪو لڳائيندا هئا. پر پوءِ ٻئين ٽئين ڏهاڪي ۾ هندو مردن انگريزي ڊريس اَپنائي. واپاري ۽ دڪاندار هندو پٽلون يا

ڪونہ هئو. نوٽيفائيڊ ايراضيءَ ۽ سئنيٽري ڪاميٽيءَ وارا شهر ۽ ڳوٺ هئا. بجلي گهر بہ رڳو ٺاروشاهہ شهر ۾ پچاڙيءَ وقت پيو. شهرن ۾ نوشهرو، پريا، ٺاروشاهہ، ڪنديارو ۽ مورو ليکجن. وڏيرڙا ڳوٺ هئا: محراب پور، ڪوٽڙي، هالاڻي، ڀلاڻي، خانواهڻ، محبت ديرو جتوئي، ڍپرو (درٻيلو)، ڀاڳو ديرو، نٽ، دليپوٽا، منياڻي، پڊعيدن، ڏيپارجا، پورٽي، جتوئي، دولت پور، ٽملڪ، سڌوجا، ڪاهي راهو لاڪا. باقي ننڍا ننڍا ڳوٺ تہ ڇڱائي هئا، جي ڦٽندا ويا ۽ اُنهن جا هندوُ رهاڪو سلامتيءَ ۽ مٽي مائٽيءَ جي خيال کان اچي شهرن ۽ وڏڙن ڳوٺن ۾ رهيا.

آبهوا: ساهتي پرڳڻي جي آبهوا موافق ۽ صحت بخش هئي. سياري ۾ سيءُ بہ چڱو پوندو هئو، جو ڪن ڏينهن تي رات جو پاڻي جمي برف ٿي ويندو هئو ۽ اونهاري ۾ ڪي ڏينهن چڱا گرم ٿيندا هئا، جو ٽيمپريچر چاليهہ ڊگري تي بہ پهچي ويندو هئو. سال ۾ **چار رُتيون** هيون: سيارو (نويمبر - فبروري)، بهار-بسنت (مارچ - اپريل)، اونهارو (ميءِ - آگسٽ) ۽ سرءُ (سيپٽمبر - آڪٽوبر) هن موسم ۾ ٽپاولي ٿيندي هئي.

تعليم: ساهتيءَ ۾ حيدرآباد کان سواءِ، سنڌ جي ٻين پاڳن جي ڀيٽ ۾ تعليم-يافتہ آدمي وڌيڪ هوندا هئا. هاءِ ۽ سيڪنڊري اِسڪولن ۾ انگريزيءَ ۽ سنڌيءَ جي سکيا ملندي هئي. پرائيمري اِسڪولن ۾ عربي سنڌيءَ ۾ ئي پڙهائي ٿيندي هئي. ڪي ملان مکتب بہ هئا، جن ۾ رڳو مسلم شاگرد قران شريف جي پڙهائي ڪندا هئا. ڪي پائيبند هندو وري دڪانن تي ويهي، دڪان هلائڻ جو ڪم سِکندا هئا تہ ڪي هٽڪائي اکرن (ڦريل ديوناگري آيوٽا) ۾ سنڌي لکڻ پڙهڻ ڪندا هئا. هٽڪائي اکرن جي ڇپائي نہ ٿيندي هئي، باقي واپاري ۽ گهرو لکپڙهہ اُن ۾ چڱي هلندي هئي. هندوُ زالون ۽ ڇوڪريون گرمکي سکنديون هيون، اُن ۾ خط پڙ لکنديون هيون تہ گرٿاڻي بہ پڙهنديون هيون. پوءِ شهرن ۽ وڏن ڳوٺن ۾ ڇوڪرين لاءِ بہ شالائون نڪتيون، جن ۾ عربي سنڌي ۽ انگريزي پڙهائي ٿيندي هئي.

سنڌ مان لڏ پلاڻ وقت ساهتيءَ جون ڪي ٿوريون ڇوڪريون ئي هيون، جن مئٽرڪ پاس ڪئي ۽ ڪي گرئجوئيٽ بہ هيون، اُهي ٻاهر وڏن شهرن ۾ رهيون ۽ پڙهيون هيون.

ساهتيءَ ۾ هاءِ اِسڪول نوشهرو فيروز (مدرسو)، ٺاروشاهہ، پريا، منياڻي،

ڏڻ وار: ڏياري، دسهڙو، تڏڙي، گوگڙو، جنم اَشٽمي، تيجڙي، هولي، گروُ نانڪ جو جنم ڏينهن، پهرين زور شور ۽ هُلَ-هنگامي سان ملهايا ويندا هئا، پر پوءِ انگريزي وديا وڌڻ ڪري اِنهن ڏڻن جي ملهائڻ ۾ ڍرائي اچي ويئي.

رانديون: اِتي ڏڪر، ڪٻتي، ملهه، ڪُشتي، ونجوتي، لِڪ ڇپ، لاڏا، ناچ گانو بہ موقع سمي پيا ٿيندا رهندا هئا. پٽي چوپڙ بہ ٿيندي هئي. پوءِ ڪرڪيٽ، فوٽ بال ۽ والي بال بہ شروع ٿيا.

ڏنڌا هُنر: هن ايراضيءَ ۾ ڪو وڏو ڪارخانو يا ڪاڻ ڪونہ هئا. پڙهيل مرد سرڪاري يا خانگي نوڪري ڪندا هئا، جن کي ڪامورا ڪوٺبو هو. هندوُ يا پائيبند دڪان ۽ واپار ڪندا هئا. ٿورا کي آڏاڻا هوندا هئا، جتي انگوڇا، ڪيس، چادروُن ۽ ٻيو کهُرو ڪپڙو (جوڙيون) نهنديون هيون. هي ڪم مسلم ڪامگار ئي ڪندا هئا. مسلمان گهڻو ڪري مزوري ۽ هاريءَ جو ڪم ڪندا هئا. پر هوُ محنتي هاري نہ هئا. پڇاڙيءَ ۾ جڏهن سکر براج ڪري سنڌ سڌار وڏو واهہ هن ايراضيءَ مان وَهيو تہ ڪيترا پنجابي هاري اچي زمينون خريد ڪري جوُئر ٻاجهريءَ سان گڏ ڪٽڪ، ساريون، ڪپهہ، ڪمند وغيرهہ بہ پوکيندا هئا ۽ چڱو ڪمائيندا هئا ۽ سنڌي هارين کي مزور ڪري وَهائيندا هئا.

نـاروشاهہ جون نارنگيون، پرين جا پيڙا، هالاڻيءَ جا ٻيهہ، خانواهڻ جا انگوڇا- ڪيس مشهور هئا. ڏيپارجي جي پاسي وري لٻاڻا سِڪ ڪاٺ جون ڦٽيون ڦٽوتا ۽ سيون ٺاهيندا هئا.

آمدرفت جا واهڻ: ساهتيءَ ۾ ريلوي گاڏيءَ جو سرشتو ١٩٣٠ کان شروع ٿيو. اُن کان اڳ وهٽ هئا: گڏهہ، گهوڙو (ٻَگي ٽانگو)، اُٺ (ڪجائو، مهري ۽ لاڏو اُٺ)، ٻيل گاڏيون. پڇاڙيءَ جي وقت بس سروس بہ شروع ٿي ۽ شاهوڪار ماڻهن وٽ موٽرڪارون بہ هيون.

آزادي هلچل: ساهتيءَ هن ڏس ۾ چڱو پاڻ موکيو. ڪراچي حيدرآباد کان پوءِ ساهتيءَ جو يوگدان سٺو رهيو. هالاڻي ۽ نوشهرو بہ مکيہ مرڪز هئا، هن هلچل جا. پهريون جس شري تولارام ٻالاڻيءَ کي هئو، پر هي پيارو جوانيءَ ۾ ئي جل- سماڌي وٺي مالڪ ڏي موٽي ويو. هُن کان پوءِ پروفيسر ايسرداس واڌوُمل رائسنگهاڻيءَ ۽ پائي سچانند ڦيرومل ٽانواڻيءَ، هالاڻيءَ ۾ هن هلچل کي زور وٺايو. اُن ۾ سندن

سوٽ بدران ڌوتي پائيندا هئا. سيئيون ٻاهر وڃڻ وقت اچي پڳڙي پهريندا هئا مٿي تي.

هندو زالون گهر ۾ مٿي تي رئو يا پوتي ململ يا وائل جي، بدن تي گهاگهرو، پڙو يا سٿڻ، جنهن جا پاچا پرت سان پريندیون هيون. ننديون نيٽيون سلڪ يا ريشم جي پٽلون پائينديون هيون. وڏور زالون جڏهن ٻاهر وينديون هيون ته اچي هرڪ جي چادر چاڙهينديون هيون، جا مٿي کان پيرن تائين ڍڪي ڇڏينديون هيون. هڪ اک وٽ رڳو اکڙي ڇڏينديون هيون ڏسڻ لاءِ. عذر ۾ ٻاڙهو پڙو ڪارن ٽڪڙن سان پهرينديون هيون. ساڙهيءَ جو اجا اهڙو رواج نه پيو هو، جو زالون مردن کان منهن ڍڪينديون هيون، پڙدي جو رواج هئو. پڇاڙيءَ وقت ننڍين نيٽين ساڙهي پائڻ شروع ڪئي.

زيوَر: سون هوندو هو سستو ته اوائليءَ ۾- هن صديءَ جي پهرين ڏهاڪن ۾- زالون پاڻ کي زيورن سان جهنجهي ڇڏينديون هيون. ڪنن ۾ والا، جهومڪ، ٻگن وغيره، نڪ ۾ نٿ ياقوت سان، ڳچيءَ ۾ لاڪيٽ، لُڪڙي، هڪ به بيو هار، ٻانهن ۾ عاج جي ٻانهي ۽ آڱرين ۾ به چار مُنديون هڪ هڪ هٿ ۾، پيرن ۾ آڱيوٺيون. پر پوءِ ١٩٢٠ کان مهاتما گانڌيءَ جي هلچل شروع ٿيڻ تي زيورن جو واهپو گهٽجي ويو. عاج جي ٻانهيءَ بجاءِ تي يا پنج چوڙيون سون جون هڪ هڪ ٻانهن تي، ڪن ۾ هلڪي والي، نڪ ۾ هيري جي ڦُلي ۽ هٿن ۾ ٻه ٽي مُنديون.

ڪٽنبي جيوَن: گهر جي وڏي يا وڏيءَ جو روب هوندو هو. زالون، ٻار ٻچا هنن کي مان عزت ڏيندا هئا. زالون وڏڙن مردن کان منهن ڍڪينديون هيون. وڏور چوڪريون گهرن کان ٻاهر نه نڪرنديون هيون. اِهي رواج اڳئين مسلم راڄن ڪري ئي پئي هلندا آيا. زالن جي زندگي به گهرو ڪمن ڪارين ۾ ويندي هئي. سارو گهر جو ڪم هنن کي ئي ڪرڻو پوندو هو، جو نوڪر يا نوڪرياڻيون رکڻ جو اهڙو رواج ڪونه هئو. پاڻي ڀرڻ لاءِ مسلم مايون هونديون هيون ۽ ڪُتر ڪرڻ لاءِ مسلم مرد. گهر جي ٻُهاري پائڻ، صفائي ڪرڻ، اَٽو پيهڻ، ڪپڙا ڌوئڻ، اَن صاف ڪرڻ، رنڌڻي جو سارو ڪم ڪرڻ، پاپڙ، وَڙيون، سيون، مُربا ۽ ڪٽاڻيون ٺاهڻ جو سارو ڪم زالن کي ئي ڪرڻو پوندو هئو. بجلي بتيون ڪونه هونديون هيون ته بتين کي صاف ڪرڻ ۽ ٺاهڻ جو ڪم به هو ئي ڪنديون هيون. ڏڌ ولوڙڻ جو ڪم به اُنهن تي هوندو هو.

چاھہ جي آتم ڪٿا

سنڌي ماڻھو مون کي چاھہ چوندا آھن. اڄڪلھہ اِن کي بہ ڦيرائي مون کي چانھہ چيو ويندو آھي. ڪي سنڌي ليڪڪ تہ مون کي چاءِ يا چانءِ بہ چوندا آھن ۽ چوندا ھئا. سُک. نالي ۾ ڦيرڦار ٿي تہ ڪھڙي چنتا آھي. نالي ۾ رکيو بہ ڇا آھي؟ پر اوھان کي خبر آھي تہ منھنجو اباڻو يا اصلوڪو نالو ”ٽِي“ آھي؟ ”ٽي“ انگريزي لفظ ڪونہ آھي، پر آھي چيني لفظ، جو مون کي جنم-ھنڌ چين ۾ ڏنو ٿي مليو ۽ جو اڄ سڄي دنيا ۾ ورتايو ٿو وڃي. پر ڀارت ۾ منھنجو نالو ڦيرايو ويو آھي. اِھا ڳالھہ ڪا مون کي پسند تہ ڪونہ آھي پر مان ڪُڇنديس تہ بہ نالو ڦرندو ڪونہ، ڇوتہ چانھہ نالو ڪافي وقت کان وٺي ڀارت ۾ مروج ٿي ويو آھي.

اڄڪلھہ دنيا ۾ جيڪي بہ پيچ چالو آھن، اُنھن سڀني مان آسانيءَ سان ملندڙ پيچ مان آھيان. مان سڀني جي پياري، دلاري ۽ لاڏلي آھيان. راجا ھجي يا رنڪ، ٻار خواھہ ٻڍو، نر توڙي ناري، مزور چاھي زميندار، دڪاندار چاھي گماشتو، زبردست توڙي بالادست سڀ مون کي چاھين ٿا. ھرھڪ منھنجي عزت ٿو ڪري. جيتري عزت مون کي ملي ٿي، اوتري عزت پنگتي چاھي راڄنيتي مدبرن کي بہ نٿي ملي؛ ڇوتہ اُنھن مان گھڻن جو روب (رعب) ۽ ستا (طاقت-اِختياري) ڇئن ڏينھن جو چٽڪو ھوندو آھي. اڄ ھوُ طاقت ۾ آھن، سڀاڻي سندن مڃتا ٽئي ٿي، پر سڀاڻي سندن طاقت ۽ ھستي زمين دوز ٿي سگھي ٿي. پر بول ھميشھہ بالا آھي.

مان سڀني جي پياري آھيان، ڇوتہ منھنجي اِستعمال سان ٿڪل تن ۽ من ۾ ڦڙتي اچي ٿي، ملول منھن ٽڙن ٿا، دماغ چڱيءَ طرح سوچي سگھي ٿو. پيئندڙ جي سرير ۾ نئين جان ڦوڪيان ٿي، مان اِنسان لاءِ سنجيونيءَ مثل آھيان.

دنيا ۾ ڪيترائي منھنجا اھڙا شائق بہ آھن، جي اُٿڻ سان منھنجي مرحبا ڪندا آھن. جي مان حاضر نہ ھوندي آھيان تہ سندن رعب پارو سٺين آسمان تي چڙھي ويندو آھي يا سندن منھن ملول ٿي ويندا آھن. ۽ ڪي تہ منھنجيءَ حاضريءَ جو اِنتظار ڪرڻ لاءِ وري سُمھي پوندا آھن يا اُٿڻ ۾ پيا گيسر ڪندا آھن ۽ پيا پيچ پيچ ڪندا آھن تہ منھنجي تيار ٿي اچڻ ۾ اجا گھڻي دير آھي. اڳ چيو ويندو ھو تہ انگريزن جي حڪومت تان سج لھي ئي ڪين. پر ڀائي، دنيا جي گردش آھي. اڄ انگريزن جي حڪومت وڃي ٿي سُسندي، پر منھنجي حُڪومت وڃي ٿي

شاگرد نيوندرام وشنداس ۽ ناناڻي پائرن هنن کي ساٿ ڏنو. ڪاڪو ايسرداس پوءِ وچي سماجڪ، پنگتي ۽ وديا جي ڪارين کي لڳو. باقي ڪاڪو سچانند ته توڙ تائين هليو. هن جي سڄي فئملي هن هلچل ۾ آئي ۽ جيل ياترا به ڪئي.

نوشهري ۾ شري کيمچند ۽ کيسومل بالاڻين چڱيءَ طرح اڏو پڪو جهليو، جن کي شري پريداس برهمچاريءَ ۽ شري ديپ چندر بيلاڻيءَ ساٿ ڏنو.

ڪنڊياري ۾ هئا پروفيسر هاسانند جادوگر جيڪو ساري سنڌ ۾ ۽ ٻاهر هندستان ۾ دورو ڪري هلهلو مچائيندو هو. پرين ۾ هئو ياءُ مينارام هرومل ڪلڻاڻي.

هن وقت اُنهن آزادي لڙاڪن مان گهڻو ڪري سڀ، سواءِ شري ديپ چندر جي، سرڳواس ٿي ويا آهن.

چيجنداس هاسارام رائسنگهاڻي
٣٦٤، سنڌ ڪارپوريشن هائوسنگ سوسائٽي لميٽيڊ،
اونڌ، پوُنا - ٤١١٠٠٧.

سلوڪ

پانڌ به خالي، جهول به خالي آئون اياڳي نار،
دولهه او دادلا منهنجي عيبن ڏي نه نهار،
پاڻ تارڻ وارا تار ٿي لهرن ۾ لڙهندي وتان.

آهي. مون کي پَٽڻ جي ڪم ۾ خبرداري نہ رکي وڃي تہ ٻين ٻوٽن کي ڇيهو رسڻ جو هرڪو اِمڪان آهي. تنهن ڪري مون کي پَٽڻ لاءِ ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن کي خاص تعليم ڏني ويندِي آهي.

ٻوٽي مان الڳ ٿيڻ تي مان ڪارخاني ۾ آندِي ويندِي آهيان، اُتي مون کي سڪائي، ڪيترين ئِي مشينن وسيلي ڇاهيو ڇپيو ويندو آهي. پوءِ مون کيْ قسمين قسمين پئڪيٽن، دٻن ۽ ڪوکن ۾ بند ڪري دنيا جي هر حصي ڏانهن آگبوٽن ۽ ريل گاڏين ۽ ٽرڪن وسيلي موڪليو ويندو آهي. اِن نموني مون کي اِنسان ذات جي خذمت ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويندو آهي.

دنيا جو هرهڪ پِراڻي ۽ هرهڪ وستو گڻن ۽ دوشن سان ڀريل آهي. مون ۾ بہ کي اوگڻ آهن. مون ۾ ٻين گڻن سان گڏوگڏ هڪ اِهو بہ گڻ آهي جو مان هرهنڌ ۽ هر وقت بلڪل آسانيءَ سان ميسر ٿي سگهان ٿِي. اوهان پنهنجن دوستن ۽ مهمانن کي منهنجيءَ شيوا سان سهنجائيءَ سان، ٿورن پئسن خرچڻ سان راضي ڪري سگهو ٿا، سندن سواگت ڪري سگهو ٿا. مون ۾ اِهو اوگڻ آهي جو پيئندڙن کي مان جوش ۾ آڻيان ٿيْ. سندن رت جي جزن کي جوش ۾ آڻيان ٿِي، اِن ڪري سندن رت جي جزن جي سپاويڪ گڻن کي ناس ڪريان ٿِي. هاضمي ۽ عضون تي بہ منهنجو خراب اثر ٿئي ٿو. جهڙيءَ طرح هرهڪ چيز جو حد کان وڌيڪ واهپو نقصانڪار ٿيندو آهي، ساڳيءَ طرح منهنجو حد کان وڌيڪ اِستعمال ڪندڙن کي ڪافِي ضرر رسائيندِي آهيان، اِن ڪري منهنجي اُپيوگ ۾ پورائيءَ کان ڪم وٺڻ لازمِي آهي.

نوٽ: چانهہ، چاهِہ ٻئي برابر آهن.

پيداش ۽ پيدائش ٻئي برابر آهن.

جتي بہ سڌارو واڌارو، ڪاٽ ڪوُٽ ضروري سمجهيو، ڪري سگهو ٿا.

ڇُئن لال آهوُجا

احمدآباد.

وڌنديِ. سچ تہ چوويهن ڪلاڪن ۾ هڪ بہ اهڙو سيڪنڊ ڪونهي، جنهن ۾ منهنجو واهپو نہ ٿيندو هجي.

گهرن، دڪانن، هوٽلن، ڌرمشالائن، آفيسن، مندرن، مَٺن، مَڙهين، موٽرن، رڪشائن، گاڏين، سئنيمائن، جهوپڙين، محلاتن، ميٽنگن، مجلسن، پارٽين، سيمينارن، ليڪ سميلن ۽ مشاعرن ۾ مان حاضر هونديِ آهيان، شيوا ڪرڻ لاءِ هردم تيار!

انگريز دنيا ۾ گهڻين ڳالهين ۾ اڳيرو آهن ۽ جن ڳالهين ۾ اڳتي نہ آهن، اُنهن ڳالهين ۾ اڳتي ٿيڻ لاءِ هوُ تن توڙ محنت ڪري رهيا آهن، اِن ڪري مان سندن خاص پياريِ آهيان. مان ڪين چستيءَ ۾ آٽيان ٿي، منهنجو ساڻن گود لاڳاپو آهي. اِن ڪري ڪي شخص اِها ڳُل ڪندا آهن جو انگلنڊ ڪي منهنجيِ ماتر ڀوُميِ سمجهندا آهن.

منهنجو سفر بہ ڇگو ئيِ لنبو آهي. مان چين مان جپان ويس، اُتان يورپ جي ڀِن ڀِن ديشن ۾ قدم رکيم. سترهين صديِءَ ۾ مان يورپ پهتس، مان اُتان جي رهواسين لاءِ اجنبيِ هيس. اوهان کي ٻڌيِ تعجب لڳندو تہ جڏهن سترهينءَ صديِءَ ۾ چين جي هڪ ايلچيءَ منهنجو هڪ ڀُڙيڪو اِنگلنڊ جي مهاراڻيءَ کي ڏنو تہ مهاراڻيءَ منهنجن پنن کي ڪاڙهيو تہ سهين، پر پاڻيِ ڦٽو ڪري ڇڏيائين ۽ ٻچيل ڦوڳ ۾ ڪنڊ وجهيِ، اُهو روٽيءَ سان ڪاڌائين!! پر جلديِ انگريزن منهنجو قدر ڪيو. منهنجيِ گڻن کي پرکي، مون کي پنهنجو بڻايائون، منهنجو برابر نموني اِستعمال ڪيائون.

مون هندستان ۾ ۱۷۸۰ع ۾ قدم رکيو. ايسٽ اِنڊيا ڪمپنيءَ جي معرفت مان پارت آيس. منهنجا ٻوٽا پهريائين ڪلڪتي ۾، پوءِ هماليہ جي ڪمايون ايراضيءَ ۾ ۽ پوءِ آسام ۾ ۽ ٻين ايراضين ۾ پوکيا ويا. دنيا ۾ جيترو منهنجو ڪاپو آهي، اُن جو گهڻو حصو پيدائش ڀارت، شريلنڪا ۽ چين ۾ ٿئي ٿي.

منهنجيِ فصل لاءِ گهميل آبهوا ۽ ٽڪرائيِ زمين کپي. پاڻيِ جي منهنجين پاڙن وٽ رهجيِ وجي تہ منهنجيِ ستياناس ٿيِ ويندي آهي. منهنجو ٻوٽو چاليهن کان پنجاهہ فوٽن تائين اُتانهون ٿيِ سگهندو آهي. پر جيئن تہ مون کي بار بار ڪٽيو ويندو آهي، اِن ڪري منهنجو قد ٽن چئن فوٽن کان وڌو ٿيِ ڪين سگهندو

پان، تماڪ، شراب، چانهه، نٽ شٽ يا فئشن خلاف زبردست پرچار ڪندو رهيو. ڏيتي ليتي، ماس خوريءَ خلاف ساهتيہ ڇپايائين.

پروفيسر هاسانند اعليٰ قسم جو جادوگر ۽ جادوءَ جو اُستاد هو. انيڪ قسمن جا عجب ۾ وجهندڙ جادوءَ جا کيل ڪندو هو. ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا. هڪ ڀيري ريل گاڏيءَ ۾ مسافري ڪري وهيو هو، ٽڪيٽ چيڪر ٽڪيٽون چيڪ ڪرڻ آيو. عجب جي حد ٿي نہ رهي، جو ٽڪيٽ ڪنهن بہ مسافر وٽان نڪري ٿي ڪونہ، جيتوڻيڪ سڀني ٽڪيٽون خريد بہ ڪيون هيون. پر هاسانند سڀني جون ٽڪيٽون پنهنجي کيسي مان ڪڍي ٽي-ٽيءَ کي ڏنيون.

هڪ ڀيري هڪ جادوءَ جو کيل پئي ڪيائين. هڪ درشڪ کي سڏ ڪيائين. سندس ئي رومال ۾ سندس ئي سوني منڊي سندس هٿان ڳنڍ ڏيئي ٻڌايائين، ڪانئس ئي رومال مٿي ڦٽي ڪرايائين تہ ڳنڍ کُلي ويئي ۽ سيڪنڊ جي اندر منڊي غائب! ويچارو ماڻهو تہ هڪو ٻڪو ۽ اُداس ٿي پيو ۽ هاسانند جادوگر کان منڊي گهرڻ لڳو. تنهن تي هاسانند جادوگر کيس چيو تہ تو پنهنجي منڊي پاڻ گم ڪئي آهي، مون توکان ڪونہ ورتي هئي. چڱو هاڻي هي صوف جيڪو تنهنجي سامهون ئي آٽي اڳ ۾ ميز تي رکيو هو، سو ڪٽي بہ ٽڪر ڪر. جيئن ئي صوف ڪٽيائين تہ منڊي صوف مان نڪري آئي، همراهہ ڏاڍو خوش ٿيو.

هاسانند جادوگر چوندو هو تہ خوش رهو ۽ خوشي ورهايو. جادوءَ جي لڪڙيءَ سان روپين جي برسات وسائيندو هو. کيس روپين جو راڄا ڪري چوندا هئا. چاهي ها تہ جادوگريءَ مان لکين روپيہ ڪما ڪري بنگلو، موٽر ۽ سُک آرام جا ساڌن وٺي ها، پر اِئين ڪونہ ڪيائين ۽ پنهنجي ڪمائي ديش شيوا ۽ سماج شيوا ۾ خرچ ڪيائين. ويدن جي چوڻ موجب ”ڏن ٻن هٿن سان ڪمايو ۽ هزار هٿن سان خرچ ڪريو“، اِن تي عمل ڪيائين. پئسا ميڙڻ جي سخت خلاف هو، چوندو هو تہ ميڙڻ ڪم آهي پنڱين جو.

ڏيتي ليتيءَ جو بہ سندر مثال سماج جي اڳيان پيش ڪيائين. کيس هڪ ئي ڌيءُ هئي، اُن کي پرڻائڻ وقت ڏاجي يا ڏيتي ليتيءَ ۾ فقط چلهو، چوخو، چڪلو ۽ چني (هڪ وڳو) ۽ گيتا ڏيئي اعليٰ مثال قائم ڪيو. سندس ڌيءُ سرڳواس ٿي تہ اُن جي ياد ۾ ”لڪشمي ساهتيہ منڊل“ برپا ڪيائين.

سِنڌ جو سپوُت پروفيسر هاسانند

سونهاري سنڌ جي گود مان جنم وٺندڙ انيڪ لاڪيٽا لعل آهن، جن سنڌ ۽ هند جو نالو روشن ڪيو. پروفيسر هاسانند جادوگر جو نالو به سنڌ جي اِتهاس ۾ سونهرِي اکرن ۾ لکيل آهي.

سندن جنم ساهتيءَ جي ڪنڊياري (نوابشاهه ۾) سيٺ چاندومل ڀمڀاڻيءَ جي گهر سنه ١٨٩٦ع جي ڏيارِيءَ تي ٿيو. ڏيارِيءَ تي هڪ نئون ڏيئو روشن ٿيو ۽ اِئين ڏيکارِي ڏئي رهيو هو ته هي ڏيئو اِنساني ديهه ڌارڻ ڪري آيو آهي ۽ ديش توڙي سماج جي گهڻن ئي حصن ۾ پنهنجِي روشنِي ڦهلائيندو.

هوُ هڪ سچو ديش ڀڳت، سماج سڌارڪ، نشڪام شيواڌارِي، ڪلمڪ ۽ فصيح زبان، سرل سڀاو وارو، سادگِيءَ جو پتلو، لاطمع اِنسان، پڪو آريه سماجِي، آزادِيءَ جو پروانو، اعليٰ اديب، عمدو شاعر، ليکڪ ۽ جادوءَ جو اُستاد هو. جهڙو تخلص هوس ”هاسل“، تهڙو ئِي ماڻهن کي کلائيندو به خوب هو.

آزادِيءَ جي هلچل ۾ ڪيس جيل به وڃڻو پيو، جتي سنو ڪاڌو نه ملڻ سبب سندس هڪ ڪِڊنِي بيڪار ٿِي ويئِي. هوُ کاڌِيءَ جِي پوشاڪ ۽ کادِيءَ جِي ٽوپِي پهريندو هو. نشي کان بچڻ لاءِ سماج ۾ سڄاڳِي آڻيندو هو. شراب ته ڇڏيو، پر پاڻ چانهه ۽ تماڪ کان به پري هو. هندوُ ڌرم جو حامِي ۽ وڏوا وواهه جو پرچارڪ هو.

ساهتيه جڳت ۾ به سندس نالو وڏِيءَ عزت سان ورتو ويندو آهي. هن پنهنجي ڀڳڙِي ٻولِيءَ سان سنڌِي ساهتيه جِي خوب شيوا ڪئِي. سندس ڪافِي ڪتاب اڄ به گهڻا مشهور آهن، جيئن ته ٽپ چڙهيو تماڪ ۽ ڇوڇِيءَ لڳِي چانهه، سنيما جا گهاتڪ نتيجا، چور چيلا ناڪر نڳ، ٥٢ اڪرِي ٻوڏ، فئشن ڪين ڦاهو وغيره. سندس لکڻين جو تجنيس حرفِيءَ جو ڪافِي ڪمال آهي ۽ اُنهن ۾ سماج سڌار توڙي آتمڪ سڌار جا ڪيترائِي نقطا اُڀرِي اچن ٿا. ڪيس جادوءَ جو اُستاد ڪري ڇيو ويو آهي. ديش وديش ۾ هن ڪيترائي عجيب و غريب جادوءَ جا کيل ڪيا ۽ پنهنجو نالو ڪمايو.

١٩٣٧ع ۾ سنڌ ۾ جواهرلعل نهروءَ به سندس جادوئي جلوو ڏٺو ۽ احمدآباد جي گانڌِي آشرم ۾ مهاتما گانڌِي به جادو ڏسِي بيحد خوش ٿيو ۽ هٿ جو لکيل پرماڻ پتر ڏنائينس.

هوُ هڪ سچو سماجوادِي اِنسان هو. سنر سالن جي عمر تائين هن سنڌِي سماج ۽ ڀارت ماتا جي شيوا ڪري پنهنجو جيون سڦل بڻايو.

سندس ديهانت سبب پيدا ٿيل خال پرجڻ مشڪل آهي.

پرنسيپال موتيلعل بٺاڻِي ۽ شرِي نٿومل جي ڪوشش سان ”هاسانند يادگار منڊل“ طرفان چونڊ سماج شيوڪن کي هر سال اِنعام ڏنو ويندو آهي. اُلهاس نگر جو شاعر موتِي-مسڪين پڻ ساهتيہ ۽ ڪئسيٽ ذريعي پروفيسر هاسانند جادوگر جِي ياد تازِي ڪئي آهي.

اهڙي مهاپرش ۽ لاکيڻي لال کي شت شت پرنام.

راجيندر ڀي. واسواڻي

ڊِي-٦٠/٩٧٠، ڪرشنانگر،
احمدآباد-٣٨٢٣٤٦.

پـارت جـي آزاديءَ خـاطـر گـهوري آيـا سنڌ سنڌِي،
جوڙي وينا ساري جڳ سان هاڻي پنهنجي جنڌ سنڌِي،
ماڻهو منهنجي ملڪ متيءَ جا ”ڍولڻ“ آهن ڍول سنڌِي،
ماڪيءَ مصريءَ کان ڀي منڙا، ٻولين ٻهوگڻ ٻول سنڌِي.

پنهنجي ماتر ڀاشا سنڌي ۽ عربي لپيءَ سان پيار هوس. سنڌي ٻوليءَ جو شبد ڀنڊار بہ اڪٿ هوس. هن جهڙي ٻهہ گهٽي ٻولي اڄ ڏينهن تائين ٻئي ڪنهن بہ ليکڪ يا اديب ڪونہ لکي آهي.

سندس پوئلڳ هئي شانتي ديوي. هوءَ بہ هڪ اعليٰ شڪتي هئي ۽ پروفيسر هاسانند جادوگر جي نقش قدمن تي هلندي، هن بہ سماج سڌار ۽ تعليم جي ڪيتر ۾ سٺا ڪم ڪيا. سندس واڻيءَ ۾ هاسانند جهڙي واڻيءَ جو ۽ سرسوتيءَ ديويءَ جو واس هو.

مان اٽڪل اٺن سالن جو هوس، اُن وقت آريہ سماج ڪبيرنگر جي ساليانی جلسي جي موقع تي پروفيسر هاسانند جادوگر بہ آيل هو ۽ سندس رهڻ جو بندوبست اسان جي گهر هو. جلسي ۾ جادوءَ ۽ تقرير سان خلق کي خوب وندرايائين ۽ سماج سڌار بابت ڳالهايائين. پروگرام پورو ٿيڻ بعد جڏهن گهر آيو ۽ رات جي ماني کائي بس ڪيائين تہ اسان گهر جا سڀ ٻار ورائي وياسونس تہ اسان کي اجا بہ ڪي جادوءَ جا کيل ڏيکاريو. بس چوڻ جي دير هئي. مون کان هڪ ٽڪي جو سڪو هٿ ۾ ورتائين. هٿ بند ڪري ۽ يڪدم کوليائين تہ سڪو غائب. وري سڪو ڪنهنجي نڪ مان پٽي ڪڍيائين تہ ڪنهنجي ڪن مان. مون ٻيهر اُهو سڪو گم ڪرڻ لاءِ چيومانس. هن ڀيري سندس چالاڪي پڪڙي ورتم، سندس ساڄي هٿ جي ڏسٽي آڱر ۽ وچين آڱر جي پاڙ وٽ ٻنهي آڱرين جي چمڙي ڳنڍيل هئي ۽ اُتي هڪ ننڍڙي ٿيلهيءَ وانگر جڳهہ ٺهيل هئي، پر ڪمال جي ڳالهہ اِها هئي جو سڪو اُن ٿيلهيءَ ۾ وجهڻ (لڪائڻ) يا ڪڍڻ ۾ اهڙي تہ ڦڙتي ۽ هٿ جي صفائي هئي، جو ڪهڙي ڳالهہ ڪجي. وري روپئي جو سڪو سچو ئي ثابت ڏيکاريائين. پوءِ آڱر سان زور ڏنائين تہ روپئي ۾ آر پار ٽنگ ٿي ويو ۽ اُن مان آڱر پڻ ڪڍي ڏيکاريائين ٽنگ مان آڱر ڪڍيائين تہ يڪدم ٽنگ غائب ۽ روپيو سچو ٿي ويو. ڪجهہ رومال ۽ تاس جي پتن جا بہ عجيب و غريب کيل ڪري ڏيکاريائين ۽ چيائين تہ جاد صرف هٿ جي چالاڪي يا نظر جو دوکو آهي.

اهڙي ڪامل ڪلاونت ۽ مايہ ناز ڪلاڪار، ڪرم يوگي ۽ مهاپرش جو ديهانت ٢٨ آڪٽوبر ١٩٦٦ ۾ پٽيل نگر دهليءَ ۾ ٿيو. اهڙي خدا ترس ۽ لاطمع اِنسان جي ڪوٽ جي کيسي مان اُن وقت فقط ٢٦ روپيہ ۽ ڪجهہ پئسا نڪتا ۽ اِهائي سندس ملڪيت هئي.

مهاڀارت جو هڪ مکيه ڪِردار آهي سنڌو راڄ جئدرٿ. هُو ڪورون جو پيٽڙيو هو. تنهن وقت جي سنڌ پرڳڻي جو سورويز راجا هو. ڪروکيتر جي يڌ ۾ ارجن هن کي ماريو هو. سنڌ ۾ جئدرٿ جا وارث سئنڌو ليکيا ويندا هئا يعني سنڌ جا. عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ بعد ائين صديءَ ۾ هُو سوراشٽر ۾ آيا ۽ موربيءَ ۾ پنهنجو راڄ برپا ڪيائون. جئدرٿ جو اپيرنش ٿيندي اُتي هُو ڇيٺوا چوائجڻ لڳا. هنن پنهنجي راڄ جو وستار ڪيو. سنہ ١٣١٣ع ۾ سنڌ جي ڄام بامڻيءَ سندن راڄڌاني گهمليءَ تي حملو ڪري گهمليءَ جو ناس ڪيو. اڄ بہ گهمليءَ جا اُهي کنڊهر موجود آهن. اُن بعد ڇيٺوا پوربندر طرف هليا ويا ۽ ”راڻا“ راڄ گهراڻي نالي مشهور ٿيا.

مهاڀارت جي هڪ گهٽنا عالم آشڪار آهي. پانڊون جي بنواس جي مُدت پوري ٿيڻ تي هئي. لکل پانڊون کي ظاهر ڪرڻ جي مُراد سان دريوڌن، راجا ورات مٿان حملو ڪيو. ارجن پاڻ کي ظاهر ڪرڻ بنا جنگ ڪئي. اِن گهٽنا سان هڪ ڏند ڪٿا جڙيل آهي. ڪورون کي ورات مٿان حملو ڪرڻ لاءِ بهانو ڳولهڻو هو، اُن لاءِ ورات جون ڳانيون ڀڄائڻ جو سوچيو ويو، پر ڪتري ڳانين جا رکوالا هوندا آهن، اُن سبب کرڻ هڪ رستو ڳولهي لڌو. هن هڪ لٺ زور سان زمين ۾ کُپائي ۽ ڌرتي ماتا کان هڪ مضبوط پرش پئدا ڪرڻ جي گهر ڪئي. اُن پرش کي ورات جون ڳانيون چورائي ۽ ڀڄائڻ جو حڪم ڏنو ويو. اُهو پرش لٺ مان پئدا ٿيو هو يعني ڪاٺيءَ مان. ڪاشت يا لڪڙيءَ لاءِ اڄ بہ سنڌي اکر ڪاٺ ڪم آندو ويندو آهي. دريوڌن اُن ڪاٺ پرش کي سندس ڪيل شيوا عيوض سنڌ ۽ ڪڇ جي سرحد تي آيل پاور ايراضِي پيٽا ڪئي. اُن ڪاٺ پرش سنڌ جي هڪ آهر ڪنيا سان وواهہ رچايو. اُن جا وارث ڪاٺي چيا ويا. تواريخي لحاظ کان بہ ڏسجي تہ سڪندر ڀارت تي حملو ڪيو، تن ڏينهن ۾ ڪاٺائين ذات جي ماڻهن سندس زبردست مقابلو ڪيو ۽ کيس سنڌ مان تڙي ڪڍيو. ڪاٺائين اُچار ڀيد آهي، اُهي ڪاٺي هئا.

ڪڇ ۾ راکو ڦولاڻيءَ جو راڄ هو، تن ڏينهن ۾ ڪاٺين جي سردار واموجيءَ، ڦولاڻيءَ سامهون بغاوت ڪئي. ڦولاڻيءَ کين ڀڄائي ڪڍيو. هُو سنڌ-ڪڇ مان سوراشٽر ۾ آيا ۽ ٿانگڙه ۾ راڄ قائم ڪيائون. بعد ۾ ڄام ابڙي بہ باقي رهيل ڪاٺين کي هڪلائي ڪڍيو. پندرهين صديءَ تائين سمورا ڪاٺي سنڌ جي سرحد تان سوراشٽر ۾ هليا آيا. اُتي پنهنجي طاقت جو جوهر ڏيکاري مُولي، چوٽيلا، جيتپور، جسوڻ

سنڌ، ڪڇ، ڪاٺياواڙ جا تواريخي ۽ تهذيبي ناتا

گل چنو گرنار جو، ڏيکي ويٺا ڏئار،
ٻائيون، ڏائيون، ٻانيون، پٽي ڪٽين پاڙ.

يارهين صديءَ جو هي دوهو سنڌي نه بلڪ گجراتي چارڻي ساهتيہ جو حصو آهي.

گجرات پرڳڻي جا مکيہ ٽي حصا آهن، گجرات، ڪڇ ۽ سوراشٽر. سوراشٽر جو قديمي نالو سُراشٽر آهي. آزاديءَ بعد ١٩٥٠ع کان سوراشٽر الڳ پرڳڻو ٿيو ۽ سندس نالو سوراشٽر رکيو ويو. بعد ۾ اُهو گجرات سان ملايو ويو. تواريخ جي وچولي دؤر کان وٺي آزاديءَ تائين سوراشٽر جي ايراضيءَ کي ڪاٺياواڙ نالي سان ڄاتو ويندو هو. اُن ۾ وسندڙن کي ڪاٺياواڙي سڏيو ويندو هو.

ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ گجرات پرانت جو حصو آهن ته سنڌ، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جو پاڻ ۾ تواريخي، تهذيبي ۽ ٻوليءَ جو سنٻنڌ رهيو آهي. سنڌ جي موئن جو دڙو مان حاصل ٿيل شين ۽ ڪڇ ڪاٺياواڙ جي هڙپن ڪوٽاين مان حاصل ٿيل شين ۾ سمانتا رهي آهي. اِهي کنڊهري حاصلاتون ثابت ٿيون ڪن ته قديمي زماني کان وٺي سنڌ، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي تهذيب ۾ سمانتا رهي آهي. شاهہ صاحب جي ڪٿائن جا ڪردار سنڌي به آهن ته ڪڇي به. ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي لوڪ ڪٿائن ۾ به سنڌ جو حوالو يا سنڌي ڪردار نمايان ٿيندا رهيا آهن. سنڌ جي سماچامن، ڪاٺياواڙ ۾ ڄاڙيجا ٿي ڪري راڄ ڪيو ته مکواڻن، جهالا ٻنهي راڄ ڪيو. مهاڀارت جي جئدرٿ جا وارث جيٺوا چوايا ته جڙاسما ۽ راڻا به سنڌ مان ڪاٺياواڙ ۾ آيا. دانوير ڪَرڻ پيدا ڪيل ڪاٺي به ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ ۾ ڦهليا، ته بعد ۾ مسلم ٿيل سنڌ جا سما، سومرا، سنگهار، ميمڻ، کوجا ۽ مياڻا، اڄ به گجراتي اُچارن سان سنڌي ٻولي ٻوليندا رهن ٿا. گجرات پر ۾ ڦهليل چکل ۽ گجراتي ٻنهي چکل ناگر ۽ لوهاڻا به پنهنجو سنڌ جو ورثو اڃا به ياد ڪندا رهن ٿا. سترهين صديءَ ۾ سوراشٽر جي ڄامنگر ۾ ٿي چکل سوامي پراڻ ناٿ، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڀڳتي پد رچيا هئا ته ڪڇ جي دادا ميڪرڻ به سنڌيءَ جي اُپ ڀاشا ڪڇيءَ ۾ سنڌي ساکيون چيون هيون. اِئين سنڌ خواهہ گجرات ۽ سنڌي خواهہ گجراتيءَ جو پاڻ ۾ گهرو لاڳاپو رهيو آهي.

اُن ايراضيءَ جي حاڪم ديدا تماچيءَ کي ماري بدلو ورتو. اُنان جي ڪائين، چاوڙن ۽ جيٺوائن کي هارائي؛ ڌرول، ناگنا بندر ۽ ٻين ڪيترين ايراضين هٿ ڪيون. سنه ۱۵۴۳ع ۾ شوانگر نالي نئون نگر برپا ڪيو، جيڪو هاڻ جام نگر نالي مشهور آهي.

اِن سوپ دوران، جام راول سان تنهن وقت جو مشهور سنت ڪوِي ايسرداس بہ گڏ رهيو هو. اُن بعد مڌيہ ڪالين جو مشهور سنت ڪوِي، جنهن جا سنڌيءَ ۾ لکيل ٦٠٠ بيت هٿ لڳا آهن، اُهو سوامي پراڻ ناٿ بہ، جام راول جي پٽ جام ستاجيءَ جي دؤر ۾ جام نگر ۾ ٿي ويو. اِن مان اِها ڳالهہ بہ ثابت ٿئي ٿي تہ سورهين-سترهين صديءَ ۾ ڪاٺياواڙ جي هن علائقي ۾ سنڌي ٻولي بہ واهپي ۾ هئي.

سنڌ جا سما، جن کي ڪڇ ۾ جاڙيجا چيو ويو، اُنهن جام نگر ۾ راڄ-گادي برپا ڪرڻ بعد آسپاس جون ايراضيون هٿ ڪرڻ شروع ڪيون. اوکا، دوارڪا، ڪنيالي ڪان وٺي هنن موربي، گونڊل، ڪاٺياواڙ قبضي ۾ ڪيا. جام وڀاجيءَ سردار قبضي ڪيو. سرڌار راجڪوٽ ايراضيءَ کان ويهہ ميل پري آهي. راجڪوٽ جي موجوده ايراضي ٿي تنهن وقت هڪ ٻيلو هو. اُهو ٻيلو ۽ زمين، راجوُ نالي هڪ سنڌيءَ جي هئي. وڀاجي ۽ راجوُ دوست هئا. ٻيلي هڪ ڳوٺ جو روپ اختيار ڪيو هو. راجوءَ جي چالاڻي بعد، پنهنجي دوست جي ياد ۾، وڀاجيءَ اُن ڳوٺ جو نالو راجڪوٽ رکيو. سندس پوٽو باماڻ جي ۱٦٩٤ع ۾ سرڌار ڇڏي اچي راجڪوٽ رهڻ لڳو. رفتہ رفتہ راجڪوٽ جي اهميت وڌندي ويئي، قلع جوڙايو ويو. اڳتي هلي، راجڪوٽ سڄي سوراشٽر جو مکيہ مرڪز بڻجي پيو ۽ سوراشٽر جي راڄڌاني پڻ. راجوُ سنڌيءَ جي زمين تي راجڪوٽ شهر برپا ٿيل آهي.

سنڌ جي سمن، جاڙيجا نالي، آزاديءَ تائين سوراشٽر جي هن ايراضيءَ مٿان راڄ ڪيو ۽ جام نگر، راجڪوٽ ۽ گونڊل جهڙا سهڻا شهر جوڙيا.

يارهين صديءَ ۾ سنڌ ۾ هڪ ٻلوان راجا همير سومرو ٿي ويو. تن ڏينهن ۾ نگرپارڪر جي ڪيرنتي ڳڙه ۾ قيصر نالي راجا هو. همير ۽ قيصر جا پاڻ ۾ اختلاف ٿي پيا. همير سورمي، ڪيرنتي ڳڙه تي حملو ڪيو. مڪواڻو قيصر پنهنجن ستن پٽن سميت مارجي ويو. سندس هڪ پٽ هرپال مڪواڻا سنڌ کان ڀڄي وڃي

۾ ٻيون ڪيتريون ايراضيون قبضي ڪيون. مرهٽن جو راڄ گجرات تائين ڦهلجڻ لڳو. جيئن ته سوراسٽر جي وڏيءَ ايراضيءَ مٿان ڪاٺين جو راڄ هلندڙ هو، هنن هن سڄي پرڳڻي جو نالو ڪاٺياواڙ رکي ڇڏيو. هيل تائين اِهو ڪاٺياواڙ نالو مشهور آهي.

سوراشٽر جي ونٿليءَ ۾ وارا گهراڻي جو راڄ هو. وارا راجپوت سنڌ مان آيل هئا ۽ ولڀي پور وسائي هئائون. تن ڏينهن ۾ نالندا ۽ تڪششلا جيان ولڀي پور به اهم وديا ڌام هو. ڌارين جي حملي سبب ولڀيءَ جو ناس ٿيڻ بعد وارا راجپوتن وڃي ونٿلي وسائي. سندن نسل ۾ وارا رام نالي هڪ راجا هو، ڪيس ڪو اولاد ڪونه هو. سندس ڀيڻ سنڌ جي سما سردار سان پرڻيل هئي، جنهن کي چندر چُڙا نالي هڪ پٽ هو. تواريخي حوالن موجب پنهنجو ڪو اولاد نه هئڻ سبب، وارا رام پنهنجي گادي پنهنجي ڀاڻيجي چندر چُڙا کي سونپي ڏني. سورٺ ايراضيءَ ۾ پنهنجي نئين گاديءَ جي ياد ۾، هن پاڻ کي، چُڙا سان گڏ سما جوڙي ڪري، چُڙاسما چوائڻ شروع ڪيو. چاڪاڻ ته اصل ۾ هُو سنڌ جو سما هو. هن سنه ٨٧٥ع ۾ ونٿليءَ جي گادي سنڀالي، اُن بعد سوراشٽر ۾ وسيل سندس نسل جا ماڻهو چڙاسما نالي ڄاتا ويا. سندس پوين سورٺ ضلع جون ڪيتريون ايراضيون هٿ ڪيون. بعد ۾ جهوناڳڙه جو قلع جوڙائي راڄڌاني قيرائي جهوناڳڙه ڪئي. اُن خاندان ۾ ٿي راءِ ڏياچ نالي راجا ٿيو. جنهن جي ”ٻيجل راءِ ڏياچ“ نالي هڪ لوڪ ڪٿا پڻ مشهور آهي. اِن سنڌي لوڪ ڪٿا جو واسطو سوراشٽر جي سورٺ ايراضيءَ سان رهيو آهي.

سنڌ جي سما راڄ گهراڻي جي جام لاکي ڪڇ جو لاکيار ويڙار پرڳڻو قبضي ڪيو هو ۽ اُتي راڄ گادي برپا ڪئي هئي. جام لاکو ۽ سندس ڀاءُ لکيڌر ٻئي ڄاڙا ڄاول هئا، اُن سبب هُو سما بجاءِ ڪڇ ۾ ڄاڙيجا چوايا. سندن گهراڻي ۾ جام راول نالي طاقتور راجا پيدا ٿيو.

جام راول جي سوٽ همير جي ڌيءَ گجرات جي سلطان محمد ٻيڙي سان پرڻيل هئي. همير چالاڪي ڪري، ديدا تماچيءَ تي چڙهائي ڪري، راول جي پيءُ لاکاجيءَ جو خون ڪرايو. جام راول، همير جو خون ڪري بدلو ورتو. اُن سبب سلطان جي لشڪر راول تي ڪاهه ڪئي. راول ڪڇ ڇڏي ڪاٺياواڙ طرف هليو. سنه ١٥١٩ع ۾ جام راول نولکيءَ پرسان اچي ديرو ڄمايو، ڪجهه ڳوٺ قبضي ڪيا.